ڪاويہ چنتن - من جو منٿن

ڀڳتي ڪاويہ



ڊاڪٽر ديال ''آشا''

ديال آشا پنهنجي گيت رچنائن کي سنگيت سان سنواريندو آهي. تڏهن ته سندس ڪاويہ شڪتيءَ جو پرياو پڙهندڙن چاهي ٻڌندڙن تي ظاهر ظهور پوندو ڏسجي پسجي ٿو. آشا کي نشڪام سيوا ياونا ۽ ڀڳت هردو قدرتي ڏات طور مليو آهي. جنهن ڪري من جي پيار واري دل ڇلڪندي رهي ٿي.

هوندراج دکايل

هندواسي ۴ جون واري پرچي ۾ هڪ آڌياتمڪ ''چنتن'' ڪويتا پڙهيم ته اُنجي سلاست، رواني ويچارڌارا دل ۾ پهچي ويون ۽ سوچڻ لڳس ته اهڙي سٺي ڪويتا ڪنهن لکي هوندي. ڪويتا جي هيٺان يا مٿان ڪو به نالو ڪونہ لکيل هو پر آخرين مصراع ۾ آشا لفظ پڙهيم ته خاطري ٿي ويئي ته هيءَ رچنا ديال آشا جي ئي ٿي سگهي ٿي، خوب مزو آيو شل سدائين خوش رهو. سنيهہ ۽ سنمان سان سدائين گڏ.

هري دلگير (۷ جون ۲۰۰۰)

ڪاويه چنتن - من جو منٿن

(پڳتي ڪاويه)

رچيتا :
ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميجا ”آشا“
ايم.اي.، پي ايڇ.ڊي.، ڊي لٽ

سوامي شانتي پرڪاش نواس
ناج ڏام مارگ
اُلهاسنگر ٥٠٠ ٤٢١
پهريون ونو ڇاپو عربي سنڌيءَ ۾
نومبر ٢٠١٧

پيتا : ٤٠٠ روپيا

پرڪاشڪ
Mohit Kishinchand Ahuja
Block C/49, Kurla Camp Road
Ulhasnagar : 421004

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي آسيس

مان ڪير جو لکي ڏيان؟ تون ديال آشا!
ڪر ديا هن مسڪين تي
تنهنجي راڳ ۾ تو ڳائي اِڪ روح جنهنجو آواز آهه!
آشا! ٻڌي تنهنجا اکر ماکيءَ کان مٺا،
ٿين دُک دوُر : ڪليش سڀ وناشا!
وڃين ٿو! وري موٽ، جلدي موٽ!
دل ساري توکي ساري، آهين ڪير؟ پيارا منهنجا گهوٽ
اچي ڏي دکي دلين کي دلاسو! ڏيان ڇا توکي؟
پايان توکي حليمي هار!
آسيس پئي توتي چمڪي! اُٿلِ ستل پارت کي!
ڏيئي نينهن نرمل نهار!
پٽي : ۱۹٦۴-۰۱-۲۰

आशीर्वाद
स्वामी विद्यानंदजी महाराज

साहित्य सिन्धोरधिकानि रत्ना, न्यादाय भाषा शुचि सिन्धु देशात्।
ग्रन्थो दयालु कवि प्रणीत: सदा समाजस्य हिताय भूयात्।।
सिन्धी भाषा महारत्नं, हिन्दी भाषाऽऽमयायुतम्।
भारतांगण सौलभ्यात् लोक मौलिषु राजते।।

سادر سمرپت

آد شڪتي ديوي سرسوتي ماتا
ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج
پوجيه ستگرو بابا ڪيشوداس مهاراج
دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي صاحب
سوامي ليلاشاهه مهاراج
ستگرو سوامي سروانند مهاراج
ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج
پوجنيه دادا جشن واسواڻي صاحب
پوجيه بابا وڏا ڀڳت ٿهليارام صاحب
شاعر پرسرام ضيا صاحب
راشٽريه ڪوي هوندراج دکايل صاحب
شاعر هري دلگير صاحب
ماتا ڀاري ٻائي ڪوٽومل ڏاميجا
ڀاڀي سدوري ٻائي وشنداس ڏاميجا
پوجيه پتا شري ڪوٽومل ڏاميجا
پوجيه ڪاڪا شري وشنداس ڏاميجا
پوجيه دادا لعلچند ماکيجا
جي ڪمل چرنن ۾
جنهنجي آسيس،
پريرڻا ۽ پرڀاوَ داس تي آهي.
پياري پتني لاجونتيءَ جي ياد ۾

ڊاڪٽر ديال ”آشا“

ٻه پشپ

پوڄنيه دادا جشن واسواڻي

ڀارت جي جدا جدا ڀولين ۾ صدين کان ڀڳتي ڪاويه ڌارا پرواهت ٿيندي رهي آهي. اُن ڳنگا ڌارا هزارين تتل دلين کي سيتل ڪيو آهي. اشانت هردين کي شانتي پردان ڪئي آهي. ڀڳتي ڪاويه پياري پريوءَ جي پراپتي لاءِ ٻه مارگ درشن ڪري ٿو ته وهنوار لاءِ ٻه راهه روشن ڪري ٿو. انڪري ڀڳتي ڪاويه جي دائمي اهميت آهي.

پياري ديال آشا ڪيترن ئي ڀڳت ڪوين جي ڪاويه جو اڀياس ڪيو آهي. ڪن سنت ڪوين جي چرڻن ۾ رهيو آهي، ڪيترن سنتن ڀڳتن جا جيون چرتر لکيا اٿائين. اُنهن جي واڻي، ويچارن ۽ آچار کان پرڀاوت ٿي پياري ديال ڀڳتي ڪاويه جو سرجن ڪيو آهي. سندس ڪيترا گيت پياسي دل جي پڪار آهن. سندس دل ۾ پياري پريوءَ لاءِ اُڪير آهي، ستگرن لاءِ سڪ ۽ ڇڪ آهي، اُن ورهه وڇان هي پيارو گيت ٿاهي ٿو ۽ ڳائي ٿو. اُنهن گيتن ۾ درد ۽ سوز آهي. سندس دل ۾ آهي درد مندا ڪا دردا!

پياري ديال جو سؤڀاڳيه آهي جو هن پياري گرديو ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي، پنهنجي ستگروُ سوامي شانتي پرڪاش مهاراڄن ۽ ٻين سنتن ستپرشن جي پيار جون پيالون پيتيون آهن. اُنهن جي سڪيائن جي سُرهاڻ دوارا لوڪن کي سڳنڌت ڪري ٿو. هن پياري جي دل درويشي آهي. سنسار ۾ رهي ٿو پر سنساري ڪين آهي، پروڙ پاتي اٿائين ته هيءَ جيون ۽ جيون جون بخشيشون آهن آمانت ڏکي

جئہ شري ڪرشڻ　　　ॐ　　　شري ستنام ساکي

آسيس

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

پياري ديال آشا کي پرماتما درد واري دل ڏني آهي. اِن درد وچان ئي دکين دريدرن جي شيوا ڪري ٿو، تہ ڪاويہ رچنا بہ ڪري ٿو؛ پريوُءَ جي پياس وچان گيت لکي ٿو ۽ ڳائي ٿو.

هن پياري نارد ڀڳتي سوُتر سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو ڪري اُتم ڪم ڪيو آهي. سندس ڀڄن سندس هرديہ جي پياس جي پيدائش آهن. سندس دل ۾ اِشٽ جي درشن جي اُڪير آهي. هن پياري ڪيترا نہ پستڪ لکيا آهن. کيس اُنهن مان ڪن پستڪن تي انعام پڻ پراپت ٿيا آهن.

پيارو ديال اسانجو ٻالڪ آهي، جڏهن بہ کيس مان سنمان ملندا آهن تہ داس کي ڏاڍي پرسنتا ٿيندي آهي. هن پياري تي سنڌي جاتيءَ کي فخر آهي. پرماتما کي پرارٿنا آهي تہ هن پياري کي ڪڏهن بہ ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکاري. کيس سٺي صحت ۽ شڪتي بخشي، جو هوُ جاتيءَ ۽ ساهتيہ جا گهڙا ڀريندو رهي.

شپ ڪامنائون

سوامي ديو پرڪاش مهاراج

دل جو دلارو ديال آشا، اندر اُجارو ستگرو مهاراجن جو پيارو آهي. سندس دل ۾ غريبن دريدرن لاءِ درد آهي. اندر ۾ اونهي اُڪير آهي سنتن جي سيوا جي، پريوُ پسڻ جي پياس آهي. ستگر سوامي شانتي پرڪاش مهاراج هئا پريم ڀڳتي جا ساگر، اُنهن جي چرڻن ۾ رهي پياري ڀاءُ ديال آشا سندن پريم پاتو ۽ چڱو ڪجهه ڄاتو. اُها ڄاڻ وري هن پياري ڦهلائي، ستگرو مهاراجن جي جيوني ۽ واڻي ڦاهي ڇپائي، پريم جي جوت جڳائي، هن پياري پنهنجي مڌر آواز ۾ ڪيتريون ڪيسٽ سيڊيون ڀريون آهن، جن کي ٻڌڻ سان پرماتما پسڻ جي پياس جاڳندي، سنتن ستگرن ۾ پريتي وڌندي. پرسنتا آهي جو پياري ديال آشا جو ڀڳتي ڪاويه سنگرهه ’ڪاويه چنتن - من جو منٿن‘ پرڪاشت ٿي رهيو آهي، جنهنجي پڙهڻ سان پاٺڪن جي دلين ۾ پرماتما ۽ ستگرن لاءِ پياس پيدا ٿيندي. شل سدا هن پياري تي پرماتما ۽ ستگر مهاراجن جي آسيس ٿيندي رهندي.

دنيا جي شيوا واسطي. پنهنجو ڪيترو وقت دکين دريدرن، پکين، پسن جي سيوا ۾ سڪارتو ڪنو آهي، ڪيترائي پستڪ لکيا اٿائين. ڪيترائي خلق خذمت جا ڪاريہ ڪري رهيو آهي. سندس دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد، همدردي آهي. انُهن جا ٻوڙها اکُهي ٿو پر پهرين پاڻ ٻوڙها ڳاڙي ٿو.

مونکي خوشي آهي جو پياري ديال جي ڀڳتي ڪاويہ جو سنگرهہ 'ڪاويہ چنتن - من جو منٿن' پرڪاشت ٿي رهيو آهي. سندس اِهي گيت سندس دل جي اوُنهائيءَ مان ڦٽي نڪتا آهن. اهي گيت پياسي دلين ۾ وڌيڪ پياس پئدا ڪندا. پياري ديال آشا جي هڪ ئي پياس آهي تہ جيون پياري پريوُءَ جي سمرڻ ۾ پريوُءَ جي ڀڳل روُپن دکين، دريدرن، پکين، پسن جي سيوا ۾ سڦل ٿئي. هن سندر پستڪ تي ۽ پياري ديال تي پياري پريوُءَ، پياري گرديو ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي، ستگر سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پين سنتن ستپرشن جي آسيس چمڪندي رهي.

٢٧ دادا مهايگہ — ١٠ ساڌو واسواڻي پٿ،

١٦ جنوري، ٢٠٠٣ — پُڻي - ٠٠١ ١١ ٤١١

پيشِ لفظ

هري دلگير

اهڙا به ڪي علم عروض جا عالم شاعر هئا جن سنڌيءَ جي مهاڪوي ڪشنچند بيوس جي شاعريءَ تي خوب خندو ڪيو ۽ اعلان ڪيو ته هوُ شاعر ئي نه آهي ۽ جي آهي ته ڪچو ڦڪو شاعر آهي. هڪ شاعر، پورو ڪتاب ڪڍيو جنهن ۾ بيوس ۽ بيوس سڪول جي شاعرن کي لوئڻ ئي موُل مقصد هو. حسد جي آگ ۾ پاڇرجي ڪنهن لکيو ته بيوس سڪٽو گهڙو، وڇي گهٽو، هن جي ڪلام ۾ نه شفتگي آهي نه رنگيني وغيره پيو به الائي ڇا ڪاجهه ڪوڙ لنويو ويو. پر اتهاس گواهه آهي ته اُنهن خندو ڪندڙن جي شاعري تاريخ جو وساريل ورق بڻجي ويئي آهي. پر بيوس جو شعر اڄ به اڳوڻي آب تاب سان چمڪي رهيو آهي ته روح کي راحت ڏيئي رهيو آهي.

جيڪي شاعر فقط اکرن جي اوجهڙ ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا، يا علم عروض يا ڇند وديا جو توتارو وڄائي، پنهنجو پاڻ کي، پاڻ ئي شاعريءَ جي شهنشاهيءَ جي خطابن سان نوازي رهيا آهن، ٿوري وقت کان پوءِ اتهاس اُنهن جي رچنائن کي گند جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيندو، اُن ۾ مونکي ذرو شڪ نه آهي. جي شاعريءَ ۾ اُمنگ اُڇل ۽ اُڏام نه آهي، جي شاعريءَ ۾ فقط دماغي ڪلابازيون آهن ۽ جي شاعري ڪافين ۽ رديفن جو جهنجهٽ ئي آهي ته اِها ڪوتا

شري ستنام ساکي

سنديش

سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج

ڪاويه ڪلا، قدرت جي انسان کي هڪ اڻ ملهه دين آهي. قدرت جو سچو اسرار ڪويتا جو ئي هڪ روُپ آهي. جهرنن جي ڪل ڪل، چنڊ جي چانڊڻ، برسات جون بوندون بسنت جون ساوڪون، سڀ قدرت جون ڪوتائون آهن. اُنهن ڪوتائن جو لکڻ وارو پاڻ پريوُ پرماتما آهي. اهڙي طرح انسان جو من جڏهن انترمکي ٿيندو آهي، ڀاونائن جي اونهي سمنڊ ۾ ٽٻيون هڻندو آهي، تڏهن اُن گهرائيءَ مان ڪوتائن روُپي لال موتي نڪرندا آهن.

’ڪاويه چنتن - من جو منٿن‘ ڪاويه پستڪ ۾ ودوان ليکڪ ڊا. ديال ’آشا‘ ڪاويه چنتن دوارا پنهنجي ڀاونائن کي پرگهٽ ڪيو آهي. ستگر سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پياري ديال ’آشا‘ تي وشيش ڪرپا رهي. اُنهن جي آسيس سان هن ڪاويه ساڌنا ڪئي آهي. پرم پتا پرماتما ۽ پوجيه ستگرو مهاراجن جي ڪرپا سان هيءَ ڪرتي پاٺڪن کي پريوُءَ جي راهه ۾ ڇڪيندي، وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ سونهپ ڪندي.

امراپوُر استان، جئپور

پائڻ پرينءَ جو مانُ.
هار بہ اُن جي، جيت بہ اُن جي،
غم پڻ اُن جو، خوشي پڻ اُن جي،
ويرڻ آهي ميءَ چڪتان،
منهنجا راس ڪندو ڪر پاڻ،
اديون آهيان آءٌ اڻ ڄاڻ!

هائو ڪوي ديال اڻ ڄاڻ آهي، ٻي لٽ ۽ پي ايڇ.ڊي جو ڊبل ڊاڪٽر آهي، تڏهن بہ هوُ پاڻ کي اڻ ڄاڻ ٿو سمجهي. اُن اڻ ڄاڻائيءَ جي ڪري پنهنجي نياز ۽ نوڙت جي ڪري جتي هوُ وڃي ٿو اُتي سنمان پائي ٿو. ڪي نام نهاد - عالم هن جي شاعريءَ کي خندو ڪن، پر هُن جي ليکي آنند منگل آهي. ڇو تہ :

ڄاڻين تہ بہ نہ ڄاڻ، اي در اهوجهن جو،
اُن در سي ئي اگهيا، جن نہ ڄاڻيون پاڻ،
ريجهائو راڄاڻ، آهي اهوجهن جو (شاهہ).

رانول راڄا کي دماغي دليل نہ ريجهائي سگهندا، ڪيس ريجهائي سگهندي دل جي پياس. جتي پيار يا عشق جي مستي هوندي اُتان عقل يا دماغ دوُر ڪسڪڻ جي ڪوشش ڪندو تڏهن تہ درياخان شاعر لکيو آهي :

آيو عشق اگهڻ، لاٿيون درد ڏڇون،
تنهنتي عقل ڇيو ماٺي پيچ تہ پڇون.

ائين برابر آهي تہ ڪوي ديال جيڪي لکيو آهي، اُن ۾ نئين ڳالهہ ڪانهي. پر جي اُنهو وڃي ڏسبو تہ ظاهر ٿيندو تہ ڪنهن بہ شاعر، اديب يا ليکڪ کا بہ اهڙي نئين ڳالهہ نہ ڇئي آهي، جا اڳي ڪنهن بہ يا ڪڏهن بہ نہ ڇئي هجي. هر انسان جي ويچارن جون

قائم نہ رهي سگهندي. ڪوي بيوس لکيو آهي :

نظم مغزي ڪوٽ ڪوٽان، شعر پلٽان پلٽ دل!

ڪاغذي گل ڇا لڳي ۽ ڇا لڳي بيوس گلاب!

شاعري دماغ کان وڌيڪ دل جي چيز آهي. جيڪو آواز قلب جي ڪوُڪ، ساهہ جو سڏڪو يا روح جي رڙ آهي تہ اُن کي بيشڪ شاعريءَ جو خطاب ڏيئي سگهجي ٿو.

ڊا. ديال آشا جي قلم جيترو ڪجهہ لکيو آهي، اوترو مان نٿو سمجهان تہ ٻئي ڪنهن بہ سنڌي اديب ڀارت ۾ لکيو هوندو! ڪيترا نہ انعام اڪرام ۽ يونيورسٽيءَ جون ڊگريون هن وٽ آهن. پر اُن هوندي بہ سنڌيءَ جا ڪي نام نهاد عالم ۽ اديب پاڻ کي وڏو ۽ هن کي گهٽ سمجهندا آهن. ديال آشا جي شاعريءَ ۾ علم اروض جون ڪي گهٽ وڌايون ضرور آهن، پر اُن هوندي بہ مان محسوس ڪريان ٿو تہ هن وٽ شاعري دل آهي ۽ جيڪو آواز دل کي چيري ٻاهر نڪري ٿو، اُن ۾ ئي اثر ٿيندو آهي. شاعر محمد اقبال لکيو آهي.

دل سي جو بات نڪلتي هئہ، اثر پرواز رکتي هئہ.

ڊا. ديال آشا جي شاعري بہ دل جي چيز آهي ۽ نہ دماغ جي ڪوٽ ڪوٽان. هن ڪتاب ۾ هوُ ڀڳت ڪويءَ جي روُپ ۾ اُڀري بيٺو آهي.

سائينءَ سان جن لنوَ آ لاتي،
پنهنجي آد ذات سڃاتي،
سي ماڻن سدا سهاڳ،

ٻوڙي ڪڏ تائين، وغيرھ. تنھن کان سواءِ شاھ جي سهڻين سورمين ليلا، مومل، سسئيءَ کي ٻه هنن دوهن ۾ گھمندو ڦرندو ڏسون ٿا.
هن پستڪ ۾ انڪل ٢٢٨ صفحا آهن. پڪتي ڀاوَ سان ڇل ڇل ڪندڙ، گيان جي گفتن سان ڀرپور ٻ ڀيون ڪوتائون، پڪتي رس ۾ ڀنل آهن ٻ ڪيترن پريمين جي پياس ٻجهي سگھندي، اهڙي اُميد اٿم.

١٧ منتر، وارڊ ٣ اي
آديپور (ڪڇ) ٣٧٠٢٠٥

تاريخ : ١٦، نومبر ٢٠٠٢
(سائين ليلاشاھ جي ورسي)

مدرڪ : امپريشن
٢١٢ الائيڊ انڊسٽريل اسٽيٽ،
ماهيم، ممبئي - ٤٠٠٠١٦
فون : ٩٨٢٠٨٨٣٨٠٧
ڊي.ٽي.پي. : شويارام لالچنداڻي
ڪوَر : آنندرام لالچنداڻي
e : anandrl1975@gmail.com

لهرون بنا ويزا بنا پاسپورٽ، جتي ڪٿي پيون گهمنديون آهن. جنهن انسان جيڪا لهر پڪڙي، اُها اُن جي ٿي ويئي. پر انداز بيان نرالو ٿيندو آهي. ڪوي ديال جي بيان جو انداز سرل، سڌو ۽ سادو آهي. بنا ڪنهن وروڪڙ ۽ گول مال گهوماٽيون کان سواءِ.

ديال آشا جي دوهن منهنجو خاص ڌيان ڇڪايو آهي. ماترائن ۽ ڇند جي حساب سان بہ هي دوها لڳيڀڳ ٺهڪيل ڦهڪيل آهن. جيئن سامي صاحب ويدن جي واٽيءَ کي پنهنجن سلوڪن ۾ سمائي ڇڏيو آهي، تيئن ڪوي ديال، ڪبير ۽ تلسيءَ جي دوهن جو نچوڙ ملائي، سنڌين کي اُنهن جو سواد وٺائي ٿو. اُهي دوها ڪويءَ جي سرل ۽ سلوٽيءَ ڀاشا ۾ لکيل آهن.

دان ڪرڻ سان ڌن وڌي، وديا ڏيڻ سان گيان،
پاڻي ڪٽي نہ کوهہ مان، ڏيندو رهہ انسان.

ڪيترا دوها ياد ڪرڻ جهڙا ۽ محفلين ۾ ورائي چوڻ جهڙا آهن. اڪيلائيءَ ۾ ويهي گنگنائڻ جهڙا آهن. ٻارڙن منڊلين ۾ رنگہ جمائي سگهن ٿا. درسي ڪتابن جي بہ سونهن وڌائي سگهن ٿا. آڌي رات اُٿي، امرت ويلي جو آنند ماڻڻ کي ساڌن سنتن وڏي اهميت ڏني آهي. شاهہ صاحب تہ اڌ رات جو اُٿي چنتن ڪرڻ تي مفتون آهي. تڏهن تہ هوُ لکي ٿو تہ آڌيءَ عبدل لطيف چئي روئي ريجهائن راڻُ يا سلطاني سهاڳہ ننڊن ڪندي نہ ملي.ڪوي ديال آشا بہ امرت ويلي جا گڻ ڳائي ٿو.

امرت ويلي ٿي وسي، امرت جي برسات،
پياس بجهائڻ جي گهرين، ڇڏ بستر اڌ رات.

هنن دوهن ۾ اصطلاحي ٻولي بہ ڪاريگريءَ سان ڪتب آندي ويئي آهي. جيئن تہ ڪم لٿو ٻڪڻ وسريو. ڏوڏن تي ڏوڏا پڃڻ. ڪوڙو

فهرست

سرسوتي وندنا



١. سرسوتي ماتا ودیا جو دان ڏي،
مان پڙهي ودوان ٿيان سو گيان ڏي.
٢. وندنا توکي کريان مان وار وار،
تون ودیا جي آهين ديوي نمسڪار.
٣. ويڻا وادني ماتا تنهنجي جئہ جئڪار،
هنس تي آهين سدائين تون سوار.
٤. تو ڪئي آسيس جنهن تي سو ڦليو،
جڳت ۾ نالو سندس روشن ٿيو.
٥. نيم سان ماتا کريان تنهنجو ڌيان،
پريم شرڌا سان مان ڳايان تنهنجو گان.
٦. هر ڪلا ماتا تنهنجو وردان آ،
”آشا“ تي پڻ تنهنجو ئي احسان آ.

ديوي ماتا جي وندنا

١. ديوي ماتا جڳ جي ماتا منهنجي ٻي سا ماتا آ،
آد شڪتي جڳدمبا مئيا جڳ جي سائي داتا آ.

٢. ڪيڏي ڪرپا آ ماتا جي جنهنجو ڪوئي آر نہ پار،
تنهن کي ڪيئن وساريان مان قدم قدم تي لهي ٿي سار.

٣. عقل علم سڀ آهي اُنهيءَ جو مان اگياني آهيان ٻار،
ماءُ جيئان ٿي ڪري پالنا مونکي ڪري ٿي، ڪيڏو پيار.

٤. جيڪي آهيان ديا اُنهيءَ جي داس تي ڪيڏا سندس احسان،
گيت رچيان ٿو مان ڳايان ٿو آهي ڪلا تہ سندس وردان.

٥. نالو منهنجو شڪتي هنجي لوڪ ساراهن ٿا ودوان،
جيڪي لکان ٿو جيڪي چوان ٿو آهہ سمورو سندس ئي گيان.

٦. سرسوتي ۽ درگا لڪشمي آهن جنهن جا روُپ انيڪ،
ڌيان ڪري جو ماتا جو ٿو جڳ ۾ بڻجي سوئي نيڪ.

٧. شرڌا سان جو ڪري اُستتي ڪارج ٿين ٿا تنهن جا راس،
ڏيندي ديوي درشن اُن کي جنهن جو اُن ۾ اٽل وشواس.

٨. دنيا جي ڀوَ ساگر مان نئيا ماتا پار لڳائيندي،
”آشا“ کي آشا تہ اها ئي نيت تہ پنهنجو بڻائيندي.

٩. تن من جا دک دوُر ڪري عرض اوس تہ اگهائيندي،
درلڀ درشن ڏيئي ماتا نيت تہ آس پڄائيندي.

مهر جا مهراڻ

۱. مهر جا مهراڻ مالڪ مهر ڪر مون تي سدا،
ڏير جي مون منجهه مدايون ڪين ڏس سي تون ڪدا.

۲. ڪين گهرجن ڪي پدارٿ يا حڪومت جو نشو،
روح جي راحت ڪپي رهان رنگ تنهنجي ۾ رتو.

۳. سڪ سچي سائين سدا سيني اندر پيدا تون ڪر،
ڪاڻ موتين جي جا تو وٺ دل منهنجي تن ساڻُ پر.

۴. راهه روشن ڏي سدا، اوندهه ڪڍي تون دور ڪر،
رنگ پنهنجي ۾ رڱي مونکي ڏٺي منظور ڪر.

۵. ٻاجهه ڪر جيئن ڪين ڦاسان آنءُ مايا جار ۾،
گل ڪنول وانگر سدا سائين رهان سنسار ۾.

۶. ڪين ٻيو آهي وسيلو پار پهچائي جو مون،
ڪشتي ''آشا'' جي بچائي پار پهچائيندين تون.

ويچار - ۱

پريوُ آهين دين ديال، قدم قدم تي لهين سنڀال،
ڪيڏي ڪرپا تنهنجي آهي، سُبڌي صحت ڏي جڳپال.

چنتن

ڪير اندر ۾ وينو آهي،
ڏس پيارا تون جهاتي پائي.
١. ڪير ڏسي ٿو سئر ڪري ٿو،
ڪير ٻڌي ٿو ڪير سُڻائي.
٢. اوَ چيتن من هوندي ٻي،
ٿو چيتن من جا راز ٻڌائي.
٣. ندرا ۾ اکڙيون بند آهن،
ڪير پسي ٿو، ڪير پسائي.
٤. ڪين سڃاڻي سگهندين تيسين،
جيسين اهم جو پردو آهي
٥. سپنن جو سنسار سندر آ،
پر تن جي ڪا هستي ناهي.
٦. من مايا جي اُتپتي آهي،
باندر وانگر نچي نچائي.
٧. پنجن تتن جو پتلو آهي،
پاڻ کي ڪيڏو پيو پڌائي.
٨. راجا هُجي ڪو رنڪ هُجي ڪو،
موت سڀن کي مٽيءَ ملائي.
٩. سُئي ٻہ هڪڙي ڪٽي نہ سگهندو،
ڪيڏا ٿو ماندائڻ منڊائي.
١٠. داٿو پاٿي ڪڏهہ ڪٽي ٿو،
پتو نہ پوندو ڪنهنکي آهي.
١١. ٻين کي ڏئي پربوڌ ٿو ڪيڏا،
پاڻ هيئن سان ڪين هنڊائي.

پڳوان شنڪر مهاديو

بم بم بم مهاديو توُن ڀولاناٿ ڀنڊاري،
جئہ جئہ جئہ شو شنڪر مهما تنهنجي نياري.

١. دشٽ وڏي ويا پرگهٽ ٿي ڪر تانڊو نرتيہ هاٽي،
ڀسماسُر کي ڀسم ڪيو تو، دشٽن جو توُن سنهاري.

٢. بدن تي پنهنجي ڀڀوُت لڳائي اَڪ ڌتوُرا کائين،
گلي ۾ مالها نانگن جي، بئل تي تُنهنجي سواري.

٣. شرڌا سان جو ڌيان ڌيائي چار پدارٿ سوئي پائي،
تل ڦل تي تون راضي ٿين ٿو، ڀڳتن جا هتڪاري.

٤. پرواهت ڪرين گنگاڌارا، مستڪ سونهين چندرما،
سڏن توکي ڪئلاش پتي پر تنهنجي دنيا ساري.

٥. ويد ڀي تنهنجي مهما ڳائن، جوڳي جوڳہ ڪمائن،
اُما پتي ڪر آسيس توُن ''**آشا**'' تي هڪواري.

ويچار - ٢

گيان ۽ وئراڳہ جت، موهہ جو واسو نہ تت،
رام جنهنجي آهہ من ۾، ڪام جو واسو نہ اُت.

مھرباني

اوھانجي اسان تي وڏي مھرباني،
ٻڌايو اوھان ئي تہ رستو روحاني.
١.جڳ ۾ جا جيڏا آکيءَ جا طبيب،
اوھان جي عنايت وساريان نہ جاني.
٢.اٿي پھر تصور اوھان جو ڪريان،
پيو نور چمڪي اوھان ۾ نوراني.
٣.اوھان عشق محبت جا اوتار آھيو،
اوھان جي آ صورت سبحاني.
٤.اوھان درد منھنجي جا درمان آھيو،
اوھان منھنجي جيون جا آھيو شاني.
٥.سدائين مان سک جي سمرڻي پيو سوريان،
نڪي مال اسباب گھرجي جھاني.
٦.پورب ۽ پڇم وڃو ٿا جاباڻ،
اوھان سڀ ڪيو ٿا ٻڌجي سياڻي.
٧.سڀھان ڪين لاھي مان ھڪڙو بہ ٿورو،
توڙي ''آھا'' گذري سڄي زندگاني.

ويچار - ٣

جڳت ۾ ڪندو رھہ سڀني سان پيار
وڃ دل ڀين جي، بڻي غم گسار
وڻڻ دل ڀين جي تہ آھي ثواب
دکائڻ نہ ڪنھنکي، دکائڻ آ پاپ.

١٢. ٻين کي سمجھائڻ آ سؤلو،
پنھنجي من کي نا سمجھائي.
١٣. ڪيڏو بانورُ ڪيڏي مان مان،
جيوَ جي ھستي ڪجھہ پي ناھي.
١۴. مايا سلجھيل من اُلجھائي،
تنھن کي ڪير اچي سلجھائي.
١۵. ڪتي مھاڻي ڪتي رشي ھو،
ڪامُ جيوَ کي انڌو بڻائي.
١٦. سونو ھرڻ تو ڪيئن نہ ھرڪائي،
پان جي تڪ تيا ڳي پنڍُلائي.
١٧. گياني ڏياني پيا ڪِري،
توبھہ در سائينءَ جي آھي.
١٨. مرگہ ٻاھر تو ڪيڏو پٽڪي،
ڪستوُري نابيءَ ۾ آھي.
١٩. بازيگر جي بازي سڀ آ،
گڏين کي پيو ڪيئن نچائي.
٢٠. پريوءَ جو سڀ آھي پسارو،
ليلا ليلاڌر جي سڀ آھي.
٢١. ماتا پتا ستگر جي ڪرپا،
جيوَ جي روشن راھہ بڻائي.
٢٢. ھيرا، لال، جواھر اندر،
سوئي پسي جو، جوت جڳائي.
٢٣. جيڪو اندر سوئي ٻاھر،
وشوَ ۾ والي وياپڪ آھي.
٢۴. ''آشا'' ست چت آنند روُپ،
سُرت شبد سان ڏسج ملائي.

دوها

۱. ستگر جي ڪرپا بنا، ڪين ملي ڀڳوان،
جنهن تي ڪرپا رام جي، ستگر ملي سُجان.

۲. ستگر جي ڪرپا بنا، ملي نہ آتم گيان،
ستگر جي شيوا ڪري بڻاج، سچو ڏنوان.

۳. شيوا مان ميوا ملن، ڀڄرين پاڻُ وڃاءِ،
جن سيويا تن پائيا، واٽي اها هنداءِ.

۴. داسن جو ٿيي داس ٿي، جڳت ڪان ٿي اُداس،
گروُ منتر جو جاپ جپ، سڦلا ڪر تون سواس.

۵. امرت ويلي ٿي وسي، امرت جي برسات،
پياس ٻُجهائڻ جي گهرين، بستر ڇڏ اڌ رات.

۶. امرت ويلي جو اُٿي، گڻ گوبند جا ڳاءِ،
امرت ويلو املهہ آ، سستيءَ ۾ نہ وڃاءِ.

۷. امرت ويلي اُٿڻ سان، تنهنجو کلندو ڀاڳہ،
سُشوپتيءَ جي سيج تي، ماڻيندين تہ سهاڳہ.

۸. من وچن ۽ ڪرم سان، سڀ کي سک پهچاءِ،
سک ڏيڻ سان سک ملي، جيون سڦل بڻاءِ.

۹. ڀاڳن وارا جڳت ۾، جپن هريءَ جو نام،
رهندي وچ سنسار ۾، پائن سي وشرام.

لکہ احسان

تنهنجا لکہ مون تي احسان،
کيئن لاهيان سي ڀڳوان.

۱. دين ديالو داتا آهين،
سڀ سان سائين پال پلائين،
کين تو جهڙو آ مهربان،
تنهنجا لکہ مون تي احسان.

۲. وڙ والي تنهنجا کين وساريان،
لائق ناهيان هنجون هاريان.
منا منهنجو رکيو تو مان،
تنهنجا لکہ مون تي احسان.

۳. توڙ تائين شل نينهن نڀايان،
پريتم ٻيو ڪجهہ کين کي چاهيان.
ڏي تون پريما ڀڳتي دان،
تنهنجا لکہ مون تي احسان.

۴. کين ڏسين تو ڏوهہ ڏنگايون،
بخشين تو تون ڏول ڏلايون.
آهين پريو تون کمياوان،
تنهنجا لکہ مون تي احسان.

۵. "آها" ڏني تو مانش ديهي،
جنهن ۾ ڏنئہ سک سنهنج سپيئي،
پر سمجهي کو کو انسان،
تنهنجا لکہ مون تي احسان.

۲۰. موهہ نہ رکہ کنھن ۾ متا، دکہ جو کارڻ موهہ،
رکيو جن پي موهہ آ، تن سان ٿيو آ ٻوهہ.

۲۱. من مايا جي اُتپتي، مايا جيئن چنچل،
من تي کر اعتبار نا، کيئن نہ ڦري پل پل.

۲۲. ندي ٻجهائي پياس جيئن، تون پي پياس ٻجهاءِ،
اُجڙ دليون آباد کر، برپٽ باغ بڻاءِ.

۲۳. کسو هلي يا کو پکو، سڀ سان توڙ نياءِ،
جهڙي جنهنجي ڀاونا، تهڙو ئي ڦل پاءِ.

۲۴. هرکو پوُرو پاڻ ۾، اهڙو لڳو تہ واءُ،
کليگہ جي آهي هوا، پاڇي نہ ڀائو ڀاءُ.

۲۵. تو لاءِ روئي راڌڪا، کرشڻ جلدي آءُ،
گوپين سان گڏ راس کر، مکڻ اچي تون کاءُ.

۲۶. شيام شيام راڌا رٽي، ٿي راڌا کرشڻ روُپ،
راڌائون کرشن کئين، ليلا راس انوُپ.

۲۷. وئرٿ واد وِواد ۾، جيون کين وڃاءِ،
کم اچي تہ پرلوڪ جا، پوُنجي سچي کماءِ.

۲۸. کوئي نہ کنهنجو گهٽگهرو، مطلب جو آ پيارُ،
کنهن لاءِ کوڙ کمائين تون، جهوٺو جڳ وهنوار.

۲۹. جڳ سارو فاني اٿي، کنهن ۾ رک نا موُهہ،
ٿوري جيئڻ واسطي، کنهن سان کر نا ٻوهہ.

۱۰. ومڪُ رهن جي نام کان، جيون تن بيڪار،
نينهن لڳائن نام سان، تن جي جئڻ جئڻ ڪار.

۱۱. جنهن تي مهر ڪري گروُ، ڏئي نام جو دان،
نام نتِڍي جو گڏ ڪري، سوئي سچو ڏنوان.

۱۲. سائين سڀ ۾ ٿو وسي، ڪنهن سان رکڻ نا وير،
بُرو هلي يا ڪو ڀلو، سڀ جو گهر توُن خيرُ.

۱۳. ٻاڙو ڪنهن سان ٻول نا، سڀ سان منڙو ٻول،
پريوُ توکي موٽ ۾ ڏيندو، منڙو ٽول.

۱۴. جن جي ڪنڌ ۾ آ ڪلي، تن نہ ملي ڀڳوان،
جي چاهين پريوُ ملي، آڪڙُ ڇڏ ايمان.

۱۵. ديا ڪري جو سڀنِ تي، تنهن تي راضي رام،
جنهن تي راضي رام آ، سو پائي مڪتي ڌام.

۱۶. جن لاءِ ڪوڙ ڪمائين، ڪرين سدائين پاپ،
جيئري ڏين ٿا ڏنپ سي، ڪيڏا ڏين سنتاپ.

۱۷. مطلب جا ماڻهو هتي، مطلب جو وهنوار،
ڪم لٿو وسريو ڊکڻُ، مطلب جو آ پيار.

۱۸. سمرڻ، سيوا، سادگي، همدردي ۽ پيار،
چمڪن گڻ جنهن ۾ اهي چمڪي سو چوُڌار.

۱۹. جنهن تي ڪرپا رام جي، لڳي نہ ڪوسو واءُ،
ونگو نہ تنهن جو وارُ ٿئي، ڪٿي دنيا مان داءُ.

۱۴۰. سُئي سمهي سياج تي، ٿي پنهل ڪان ڌار،
ڏونگر ڏوريندي رهي، ڪارڻ هوءَ پتار.

۱۴۱. جوڻ اُتم آ منشيہ جي، پر ٿي پيو راڪاسُ،
مانوَ مانوَ جو هتي، پيو تہ ڪائي ماس.

۱۴۲. مالڪ کي توُن ياد ڪر، ڪنهنجي ڪيج نہ ڪاڻ،
تون نا اڪيلو آهين، صاحب تو سان ساڻ.

۱۴۳. سوارٿ جا سڀ متر ٿي، ڪو بہ نہ ڪنهنجو يارُ،
ڪم پرين کي چم پرين، مطلب جو سنسار.

۱۴۴. غم ڪائڻ مردانگي، ڪس ۾ تہ آهي جسُ،
تيسو ڪينو ڪين ڪر، اُن مان تہ لڳندءِ ڪسُ.

۱۴۵. ڪروڌ ڪرڻ سان ٿو ٿئي، تن من جو نقصان،
ٻئي جي پي دل ٿي دکي، وئرٿ پاڇ ۾ دان.

۱۴۶. پوُل پلئيبا هي جڳت، ڪين پلج توُن يار،
مايا جي هن چار مان، نڪرڻ آ دشوار.

۱۴۷. عهدي مايا سونهن جو، ڇڏ ڪوڙو ايمان،
هٿ پي هلندءِ ڪين ڪي، سوچ ذرا نادان.

۱۴۸. پاڪارن ٿيون پڪريون، ٿيون ڪُڪڙيون ڪساجن،
مردن جا ڪائين ٿڪر، نرڪ سڌو سي وڃن.

۱۴۹. معصومن تي ڪهل ڪيو، سڀ گووند جا پار،
ڪائيندا سنتان کي، مالڪ ڏيندو مار.

۳۰. ڪنهن کي ڪين رنجاءِ تون، سڀ ۾ آهي رام،
لوڪن کي ڏي پيار تون، تن ۾ آ گهنشيام.

۳۱. دک سک جيون ۾ ائين، جيئن ڏينهن ۽ رات،
ڪڏهن ڌرتيءَ تي سوڪ، ڪڏهن وسي برسات.

۳۲. ديا بنا انسان آ، ڇڙ تہ پسوءَ سمان،
ديا ڌرم جو مُول آ، ويدن جو فرمان.

۳۳. جتِ سنتوش ۽ شانتي، سو گهر سرڳہ سمان،
جت ڪِل ڪِل ڪروڌ آ، سو گهر نرڪ جهان.

۳۴. بندا چنتا ڇو ٿو ڪرين، راکو آ ڀڳوان،
سو سار لهي ٿو سڀ جي، جوڙيو جنهن تہ جهان.

۳۵. ڪنهن سان رکُ نا وير توُن، سڀ کي ڪر تون پيار،
وير مان ڪجهہ نہ وٺيندين، اهو اُتم ويچار.

۳۶. جنهن جي دل ۾ پيار آ، سوئي آ انسان،
نفرت جنهن جي نبض ۾، سو آهي شيطان.

۳۷. هِرکي ليلا هار تي، ڪيئن نہ وڃايو ڪنتُ،
توُن پي ريجهي رسن ۾، پلجي وئين ڀڳونت.

۳۸. قدم قدم تي ڪاڪ آ، ڪٽج سنيالي پير،
راڻي وانگر رمز سان، هلندو ڪو نرُ شيرُ.

۳۹. موُمل سوُمل سان سُتي، تہ رُسي ويو راڻو،
روئي درد فراق ۾، ڪنهن سان ڪري ماڻو.

٦٠.ياڳن سان پيارا ملي، ٿو سنتن جو ستسنگ،
امرت جي ورکا ٿئي، چڙهي رام جو رنگ.

٦١.رنگ چڙهي جنهن رام جو، ڏسي تہ سڀ ۾ رام،
جيون تنهن جو رام ميہ، پائي سو سک ڌام.

٦٢.امرت ويلي توُن اُٿي، جپ پريوُ جو نام،
چنتن کر چنتا ڇڏي، توکي ملندو رام.

٦٣.آڻ ماڇي جڳهڙا ڇتا. ڇوٽي اها هنباءِ،
آپو ۾ توُن هٺ ڇڏي، شانتي سک کي پاءِ.

٦٤.هرڻ جيئن رڃ ۾ رُلي، جيون کين وڃاءِ،
ترشنا تياڳي جڳت جي پريوُ کي پرچاءِ.

٦٥. واليءَ توسان وڙ کري، جيون ڏنو امول،
ست کرمن جي پوک کر، ملندءَ آنند ٽول.

٦٦. جيکي ڏيو تنهن ۾ پلو، صبر شکر ۾ رهہ،
غم ۾ پيي مسکاءِ تون، ماٺ ۾ پيارا سهہ.

٦٧.ماٺ جو ميوو مٺڙو، کاڏو آهہ جن جن،
اڳي پوءِ تہ اُنهن جي، لوک ٿا جئہ جئہ کن.

٦٨.شرڌا ادب پريم سان، کري ٿو جو شيوا،
کٽي آسيس وڏن جي، ملن تنهن کي ميوا.

٦٩.جتِ ايکو آنند تتي، پريم جي جوت ٻري،
ايکي ۾ ئي ٻل ٻُڌي، آئي وپدا ٽري.

۵۰. دان ڪرڻ سان ڌن وڌي، وديا ڏيڻ سان گيان،
ڪوهه مان پاڻي نه ڪٽي، وچ ڏيندو انسان.

۵۱.من جو ڪري جو اَنت ٿو، سو ئي سنت سُجان،
رهي پلي هوُ جڳت ۾، جل ۾ ڪمل سمان.

۵۲.سکي رهڻ جي تون گهرين، سڀ کي سک پهچاءِ،
غير ڪيي تونُ اندر مان، سک جي جوت جڳاءِ.

۵۳.سدا وچن وهنوار سان، سڀ کي فيض رساءِ،
وڙ ڪندو والي تو سان، راهه اِها اپناءِ.

۵۴.حسد ايرکا مان ٿئي، تن من جو نقصان،
پيار ڏيڻ سان پاڻ خوش، پرسن ٿئي ڀڳوان.

۵۵.غم کائي جيڪو هلي، تنهن جو جڳت ۾ جسُ،
ڏوڏي تي ڏوڏو پچي، تنهن کي لڳي ٿي ڪسُ.

۵۶.گلا تِ مُنهين ترار آ، ڪنهنجي گلا نه ڪرِ.
ڪين پٽر اُجِلاءِ تون، گلن سان دامن ڀرِ.

۵۷.سچ سائينءَ کي ٿو وڻي، سڀ سان سچ ڳالهاءِ،
ڪوڙو بوڙي ڪڏ تائين، سچو ڏٽيءَ کي پاءِ.

۵۸.روحاني شڪتي وڌي، ٻولي سدا جو سچ.
وڏڙن جي چوٽي اِها، آ سچ ته بيتو نچ.

۵۹.سواسن جا هيرا املهه، وئرٿ ڪين وڃاءِ،
سمرڻ ۾ سڦلا ڪري، گڻ گوبند جا ڳاءِ.

٨٠.ستگر ۾ ڀڳوان جا، سدا مڃج احسان،
سار لهن ٿا سڀن جي، آهن هوُ مهربان.

٨١.ڏڏن جو ڏاتار آ، ڏڏ ٿي توُن تہ گذار،
سياٽپ هلندي کين کي، داتا جي دربار.

٨٢.جيڪي ٿيو تنهن ۾ ڀلو، گذريءَ کي تہ وسار،
آئيندھ جو خيال ڇڏ، حال ۾ ٿي هوشيار.

٨٣.آگ ايرکا جي تکي، ٿي تن من جلائي،
اُن کان پاڻ بچاءِ تون، ٿي شانتي وچائي.

٨٤.دنيا جي وهنوار ۾، ''آشا'' دک ئي دک،
پرڀوُءَ جي وٽ شرڻ تون، چاهين سچو جي سک.

٨٥.ڪنهن ۾ اُميد نہ رکہ توُن، مطلب جا سڀ يار،
آس رکج هڪ الک ۾، سدا لهي جو سار.

٨٦.گُهر گُهر ڪنهن کان کين ڪي، پاڻ آهي پينار،
گهرٽو ٿئي گهر رام کان، رام سچو داتار.

٨٧.رام وڏو داتار آ، ڏيئي ڪري نہ پچار،
ساري جڳ کي ٿو ڏئي، آهہ سخي سردار.

٨٨.سارو جڳہ آهي دکي، سکي هريءَ جو داس،
هريءَ جي وٽ شرڻ تون، رکُ شرڌا وشواس.

٨٩.ڪي ڪي ماٺهو محبتي، جن جي من ۾ پيار،
سُهڻا ٿوهہ تہ پٽن تي، خلقيا خلقڻ هار.

٧٠.سڀ سان جڳ ۾ پيار ڪر، سڀ ۾ پريو پاڻ،
ڪنهن کي ڪين ستاءِ تون، سڀ ۾ مالڪ چاڻ.

٧١.سڪ ۾ ٿيندي آهه چڪ، رام گهمايا پير،
رام کاڌا شبريءَ جا، جوٺا جوٺا بير.

٧٢.اُٿندي وهندي ياد ڪر، تون پريوُ جو نام،
رام ڪڏهن نه وسار تون، رام سکن جو ڌام.

٧٣.آهي خالق خلق ۾، خلق جي ڪر خدمت،
سڀ ۾ ساڪي سم ڏسي، سڀ سان ڪر محبت.

٧٤.ڪنول رهي جيئن جل ۾، جل کان سدا اليپ،
رهڄ سدا سنسار ۾، تيئن تہ تون نرليپ.

٧٥.ٿيي ڏني جن اندر ۾، سي ٿيا مالا مال،
سڏونٌ ڪندڙ سڪندا رهيا، ڪين مليو تن لال.

٧٦.چئن ڏينهن جو چٽڪو، آ جوڀن جواني،
جيئن جل جا بدبُدا، تيئن هي جڳہ فاني.

٧٧.رهڄ سدا سنتوش ۾، جي تون ڀلو چاهين،
ٿوري جيئڻ واسطي، ٿو ناحق ننڊ ڦٽائين.

٧٨.اکيون ستگر لاءِ ٿيون، راتيون ڏينهن سڪن،
اندر منهنجي اُڪير آ، شل پريتم هت اچن.

٧٩.اچ تون منهنجي اڱڻ ۾، ڪريان توکي ياد،
ساجن تنهنجي اچڻ سان، دلڙي ٿيندي شاد.

١٠٠.جي چاهين پريوُ ملي، چڏ توُن هوڏ ۽ هٺُ،
''آشا'' من کي مار توُن، واٽ ڪميا جي وٺُ.

١٠١.ڦرنن کان فارغ ٿي، نام سان ورتي جوڙ،
چت جي شانتي جي ڪپي، من مايا کان موڙ.

١٠٢.پوُرن گُر جي وچن ۾، رکُ شرڌا وشواس،
تنهن جي ديا سان ٿيندو، سڀ ڪم تنهنجو راس.

١٠٣.ماتا پتا وڏڙن جي، ڪريو سدا سيوا،
تن جي آگيا ۾ رهو، ڏٺي ڏيندوَ ميوا.

١٠٤.جي چاهيو تن من سکي، تہ سڀ کي ڪيو سکي،
کک جو پيي رنڄ نا ڪٿو، نہ تہ کک بہ ڪندو دکي.

١٠٥.سک ڏيڻ سان سک ملي، سڀ کي سک پهچاءِ،
قدرت جو قانون آ، ''آشا'' سکيا هنداءِ.

١٠٦.عيب نہ ڪنهنجا کول توُن، پنهنجا عيب توُن ڏس،
مينهن چوي ٿي گانءِ کي، ڪارو پاڇ پنهنجو پسُ.

١٠٧.راکو سڀ جو رام آ، رام سکن جو ڌام،
رام شرڻ جيڪو وٺي، پوُرن تنهنجا ڪام.

١٠٨.پريوُ جو رنگہ جنهن لڳي، ڀاڳيوان انسان،
پاڻ تري تاري پيا، ''آشا'' سو گڻوان.

١٠٩.پرشارٿ آسيس سان، مشڪل ڪم آسان،
مدد ڪري جو پاڻ کي، مدد ڪري ڀڳوان.

۹۰.ڀي جي پڳہ ۾ هٺ وجهي، ڪر نہ ڪڏهن اپمان،
جو بہ ڪري اپمان ٿو، تنهنجو ٿي نقصان.

۹۱.آئي ڪي آدرُ ڏجي، سمجهي تنهن ڀڳوان،
در پيهي جيڪو اچي، تنهن کي ڏج سنمان.

۹۲.ٻئي کي ڏي سنمان جو، تنهن جو ٿئي سنمان،
ملي اوٽ جي موٽ ٿي، ٿئي جڳت ۾ شان.

۹۳.رشتو رکہ توُن رام سان، ٻيا سڀ رشتا ٽوڙ،
مايا کان منهن موڙ تون، نام سان ناتو جوڙ.

۹۴.جي چاهين پريوُ ملي، تہ هر هر هنجوُن هار،
سڪ سان سڏڙا کيس ڪرِ، اٿئي پهر پڪار.

۹۵.وير ورود ڇڏي ڪري، سڀ سان ڪر توُن پيار،
من جي شانتي جي ڪپي، ڪر اهڙو وهنوار.

۹۶.دکہ جو ڪارڻ آ اِڇا، دنيوي اڇائون ڇڏ،
پريوُ جي هڪ چاهہ رکُہ، من مالڪ سان ڳڏ.

۹۷.من مايا جي اُتپتي، مايا جيئن چنچل،
من کي وس ۾ جو ڪري، سو سوُروير سبل.

۹۸.سمرڻ سيوا دان ۾، دير نہ ڪر انسان،
تن جوين ويندو هليو، ويندين تون شمشان.

۹۹.سڀ کي ڏي جو مانُ ٿو، پاڻ رهي نرمان،
جڳہ جڳہ تنهن جي جڳت ۾، اوُچو تنهن جو شانُ.

۱۲۰.والي توسان وڙ ڪندو، واليءَ ڪي ڏي واڳ،
ست ڪرمن جي پوڪ ڪر، ڪلندءِ ''آشا'' ڀاڳ.

۱۲۱.چُپ ڪر چپ نہ چور تون، گونگو ٿي تہ گذار،
سڪي ٿيڻ جي توُن ڪُهرين، سائين ڪي تون سار.

۱۲۲.ڪڏهن نہ ڪر وستارُ توُن، ٿيندين ڏايو دکي،
راضي رهہ رب جي ڏني، ٿيندين ''آشا'' سکي.

۱۲۳.لوڪن جي احسان کان، ڪڻ خاوند احسان،
ڏئي پاچار ڪين ڪري، اهڙو آ مهربان.

۱۲۴.ڪنهن اڳيان هٿ ڪين ٽنگ، سدا ڏئي داتار،
ڏاتر کان ڳُهر توُن سدا، جيڪو پري پنبدار.

۱۲۵.جوش وڃائي هوش ٿو، ڪڏهن نہ جوش توُن ڪر،
رتُ جو داپ وڌي وڃي، دل ۾ ڌيرج ڌر.

۱۲۶.پيارا ڪنهنجي ڀاڳہ سان، ڪڏهن توُن ريس نہ ڪر،
پرشارٿ ست ڪرم سان، ڪلندءِ ''آشا'' مقدر.

۱۲۷.اهم ويو ايڏو وڌي، دکو بہ سماجهي سيرُ،
پاڻ صحيح ٻئي کي غلط ڪين ٻڌي ٿو ڪير.

۱۲۸.اهڙن کان توُن رهہ پري، جيڪي هٽن ٿا ڏنگہ،
ستپرشن جو تہ سنگ ڪر، لڳئي رام جو رنگ.

۱۲۹.ٻوڙا ٻڌندءِ ڪين ڪي، چپ ڪر چَپ نہ چور،
گونگو ٿي تہ گذار تون، نام سمرٽي سورِ.

١١٠.ڪنهن سان ڪين ڦتاءِ تون، سڀ سان توڙ نڀاءِ،
جيڪي ڪن تنهنجو بُرو، تن سان ڀال ڀلاءِ.

١١١.نفرت جي اوندهہ وڌي، سک جي جوت جڳاءِ،
ڪلفت جو ڪچرو ڪيي، من کي صاف بڻاءِ.

١١٢.ويٺي کوهہ ڪٽي وڃن، اُٺ کو ڀوُٽو ڀار،
محنت ڪش انسان لاءِ، ڪاجهہ ڀي نا دشوار.

١١٣.ڪين اُتي پير پاءِ تون، جتي نہ آدار ڀاءُ،
کهڙو ڀي کاڌو ملي، ڪين ڪڏهن توُن کاءُ.

١١٤.پئسي پدارٿ پد لاءِ، ڪر نہ عمر برباد،
سيوا سمرڻ تونُ ڪري، جيون ڪر توُن شاد.

١١٥.مايا ميڙين هٿن سان، هٿ بہ نہ هلنديءِ ساڻ،
سندر ڪايا رکہ ٿيندي، ڇا تي توکي ماڻ.

١١٦.لالچ آهي بُري بلا، ڪڏهن نہ لالچ ڪر،
جن بہ لالچ آ ڪئي، ٿيا سي خاڪ بسر.

١١٧.پاپ ڪرم ڪان رهُہ پري، ڀڳوت جو ڀؤ ڌار،
ڀوڳيندين ڦل پاپ جو، ڏاڍي رب سرڪار.

١١٨.تنهنجي هڪ هڪ ڪرم جو، جنهن وٽ آهہ حساب،
ست ڪرمن جو ڦل آ سک، پاپ جو ڦل عذاب.

١١٩.وسُ نہ ڪنهنجو ٿو هلي، بندو آهي بيوس،
واليءَ جو وس ٿو هلي، بندو ''آشا'' پروس.

١١٤٠. پريوءَ جو چنتن ڪر، ڪنهنجي ڪر نہ پڇار،
جي ڪري پيو ڪو پڇار، تون ڪر ڪن لاٿار.

١١٤١. مايا جي پرپنچ ۾، وسري ويو ڀڳوان،
منش جيون جنهن ڏنو، تنهن جو مڃ احسان.

١١٤٢. والي توکي وجهہ ڏنا، سي وجهہ ڪين وڃاءِ،
ست ڪرمن ۾ سڦل ڪر، نام جو ڌن ڪماءِ.

١١٤٣. سائينءَ کي ڪر ياد توُن، سائين لهندءِ سار،
پريوءَ ۾ وشواس رکُہ، ڪڏهن نہ ٿيندءِ هار.

١١٤٤. ويرٿ واد وواد ۾، ڪين توُن وقت وڃاءِ،
سواسن جي پوُنجي املهہ، سمرڻ سڦل بڻاءِ.

١١٤٥. حسد ايرکا مان ٿئي، تن من ڌن نقصان،
پيار ڪميا جنهن جي اندر، پائي جت ڪٿ مانُ.

١١٤٦. ٻين کي ڏين اُپديش ٿا، پاڻ عمل ڪن ڪين،
ٻين تي اثر ڪيئن ٿئي، پيا تہ وڃائن بين.

١١٤٧. چپي چٿي ڳالهاءِ تون، خام لفظ نہ ٻول،
ڪنهنجي ڪر دل نا دکي، پهرين پاڻ ٽتول.

١١٤٨. منهن جا مٺا ملوُڪڙا، منهن تي مُرڪ مُدام،
سانپ سوين سيني اندر، دل ۾ زهر تمام.

١١٤٩. سدا سڌانتن تي هلج، من کي ڪري اڏول،
پرلوين جي وس ٿئي، ٿيءُ نہ ڊانوان ڊول.

۱۳۰.وس ۾ تنهنجي ڪين ڪجهہ، ڏي ڏاتر ڪي ڏور،
پرشارٿ تون ڪر پلي، رهج اِچا ڪان دوُر.

۱۳۱.سڪ ۾ ٿيندي آهہ چڪ، سڪ سانسائين سار،
محب منو تنهنجي اڳڻ، اچي ڏيندو ديدار.

۱۳۲.پريما ڀڳتي راهہ ۾، ڪر ارپڻ توُن پاڻ،
خيال خوُديءَ جو ختم ڪر، پريوُ توسان ساڻُ.

۱۳۳.جي چاهين پريوُ ملي، رکُہ شرڌا وشواس،
سڪ سان ڪيس پڪار توُن، ٿي داسن جو داس.

۱۳۴.پيار رکي هرديہ اندر، ڪر پريوُءَ ڪي ياد،
پاڻ اچي پريوُ ڪندو، دل جي بستي شاد.

۱۳۵.ڪرٽو جو ٿي هاڻ ڪر، پوءِ ڪندين پڇتاءُ،
دان ڌرم ست ڪرم ڪر، ڪٿج دنيا مان داءُ.

۱۳۶.ڪروڌ ڪرڻ سان ٿو ٿئي، تن من ڌن نقصان،
رت جو داب وڌي وجي، من جو ٽٽي ميزان.

۱۳۷.ڪايا ڪنچن ڪامني، جڳهڙي جو بنياد،
تن سان رکيو جن موهہ آ، سي تہ ٿيا برباد.

۱۳۸.ڪايا مايا جو متا، چڏ ڪوڙو ايمان،
جادو جو سپ کيل ٿي، فاني سارو جهان.

۱۳۹.پوڳيندين ڦل پاپ جو، ڀڳوت جو پئہُ ڌار،
هرگز ڇٽي نہ سگهندين، ڏادي رب سرڪار.

١٦٠.رهندي وچ سنسار ۾، سائينءَ کي ڪر ياد،
خذمت ڪر تون خلق جي، ڏٽي ڪندءِ آباد.

١٦١.کارو پاڻي سمنڊ جو، ڪين ٻجهائي پياس،
ٻاڙو ٻولڻ پيي تيئن، ''آشا'' ڪري نراس.

١٦٢.تڪڙ تہ ڪم شيطان جو، ڪڏهن تون تڪڙ نہ ڪر،
ڌيرج سان ڪم راس ٿئي، سدا تون ڌيرج ڌر.

١٦٣.ڪين ڪنن جو ٿي ڪچو، من ۾ ڪجھ ويچار،
ٻولڙين جي چوڻ تي، ڪين ڪج اعتبار.

١٦٤.جو جيئي ٻين لاءِ سدا، تنهن جو جڳت ۾ جس،
ڪٿي آسيس دکين جي، لڳندي نہ تنهن کي ڪس.

١٦٥.ڪنول رهي جيئن جل ۾، جل کان سدا اليپ،
رهج بندا سنسار ۾، تيئن تون تہ نرليپ.

١٦٦.پريو وس آ پريم جي، سڪ سان تنهن سرچاءِ،
''آشا'' ٻنل اکين سان، راڻي کي ريجھاءِ.

١٦٧.منڙا ماڻهو تہ من جا، شال جُڳہ جُڳہ جيئن،
اهڙن جي ديدار سان، سدائين نيڻ ٺرن.

١٦٨.ڪي ڪي ماڻهو محبتي، جن جي دل ۾ پيار،
سهڻا ٿوهہ پٽن تي، خلقيا خلقڻهار.

١٦٩.جيڪي ڏاتر ٿي ڏنو، سو تون ونڊ ورهاءِ،
ونڊڻ ۾ ملندءِ خوشي، اها سکيا هنڊاءِ.

١٥٠.ننڍڙن ڪرڻ سان نا ملي، محب متو منتار،
ننڍ ۾ پيي جنهن جاڳہ آ، تنهنکي ملي پيتارُ.

١٥١.جنهن جي دل ۾ درد آ، سو آهي انسان،
درد بنا انسان آ، چڙ تہ پسوُنءَ سمان.

١٥٢.غم جي ڍڪ پيئڻ سان، ماڻهوُ ٿئي بيمار،
دکہ تہ ونڍڻ سان تو ٿئي، دل جو هلڪو بارُ.

١٥٣.ٿوري جيئڻ لاءِ توُن، پئي لاءِ ڪڏوُن نہ ڪوٺ،
تو لاءِ پيي ڪڏ تيار آ، اوٺ جي ملي موٺ.

١٥٤. سواس وجايئہ ڪيڏا، سمهين ساري رات،
سستي ڇڏي ڪر سمرڻ، جاڳي توُن پريات.

١٥٥.چغلي ڪنهنجي ڪين هڻ، چوُچي ڪين لڳاءِ،
پلو ڪندو رهہ سڀن جو، ڪير ۾ ڪنڊ ملاءِ.

١٥٦.گيارس ورت رکي ڪري، رکي موُن اُپواس،
''آشا'' گروُ منتر جپي، دکڙا تنهن جا ناس.

١٥٧.جي توُن چاهين سڦلتا، ڪر محنت توُن يار،
محنت سان سڀ ڪاجهہ ملي، برپٺ ٿئي گلزار.

١٥٨.ننڊ نہ ڪر نادان توُن، جاڳہ پيارا جاڳہ،
جاڳي جاڳي نام جپ، کلندو تنهنجو ڀاڳہ.

١٥٩.داتا دؤلت آ ڏني، خوب ڪيو پڄ دان،
دان ڪرڻ سان ڏن وڌي، ٿئي جڳت ۾ شان.

١٨٠.پوکاڄ پوک پريم جي، ملئي محبت موٽ،
محبت مينهن تہ وسائي، نينهن سندا ٿو نوٽ.

١٨١.جنهن تي ڪرپا رام جي، لڳي نہ ڪوسو واءُ،
لهرون لوڏا پل اچن، ڪٿي دنيا مان داءُ.

١٨٢.بلب ڪڏهن بہ فيوز ٿئي، ڪنهنکي خبر نہ آهہ،
ڪال ڪڏهن ڪڙڪي اچي، ڪنهنکي پيي ڪل ناهہ.

١٨٣.اياڻن جو تہ اللهہ آ، اياڻو ٿي تہ گذار،
سياڻپ ڪنهنجي نا هلي، داتا جي دربار.

١٨٤.ڏڏ ٿي رهہ تون ڏيهہ ۾، ڏڏن جو ڏاتار،
نوُري نماڻيءَ کي ڪيو، ڄام تماچي پيار.

١٨٥.تڪڙي ڪٿي اندا گلر، ڪڏهن توُن تڪڙ نہ ڪر،
سوچي ويچاري کڻ قدم، تہ ساري تنهنجي سرِ.

١٨٦.جنهن تي عنايت رب جي، ڪين تنهنکي لوڏو،
ساري سر تنهن جي سدا، ڪونہ ايندو اوڏو.

١٨٧.سواس وڃايئہ ڪيڏا، سمهين ساري رات،
سستي ڇڏي ڪر سمرڻ، جاڳي توُن پريات.

١٨٨.من ۾ ڪر آراڌنا، پڪو رکي وشواس،
ساڌڪ ڪر توُن ساڌنا، سڀ ڪم تنهنجا راس.

١٩٨.ڀڳوت جو چنتن توُن ڪر، ڪنهنجي ڪر نہ پڇار،
اُٿندي وهندي اي بندا! ڪر سائينءَ جي سار.

١٧٠.رنگ ۾ پوي ڪيئن ينگ تو، ڇاڻي ڇاڻهار،
پھ پڇائي تو بندو، پروس آ لاچارُ.

١٧١.ڪن پرڻ وڏو پاپ آ، ڪين ڪنهنجا ڪن پر،
خوف خُدا جو رکُ بندا! توُن ڪم ڪسو نا ڪر.

١٧٢.ڪني آگر ڪني پلي، ٿي ڦهلائي زهر،
ٻچڙن جو يي سنگ تيئن، ڪري ٿو خاڪ بسر.

١٧٣.هُش ۾ خوش ٿي ڪين توُن، ڪين اُبهرو ٿيءُ،
ڌيرج سان ڪم راس ٿئي، ڌيرج سان توُن جيءُ.

١٧٤.نشٺا جنهنجي نام ۾، نام سدا رکپال،
دروپديءَ جي لڄ رکي، شيام سندر گوپال.

١٧٥.جنهن تي ڪرپا رام جي، ونگو نہ ٿيندو وار،
ڪيڏا پي ويري هجن، ”آشا“ سندس جئڪار.

١٧٦.اوٽ ورتي جن الکہ جي، بيڙا تن جا پار،
پل سرءُ جي مند هجي، تہ بہ هوُ باغ بهار.

١٧٧.زر زمين زن چڱي، پر جهڳڙي جو بنياد،
تن ۾ رکيو جن موھ، سي تہ ٿيا برباد.

١٧٨.سياڻپ هلندي ڪين ڪي، ڏادي رب سرڪار،
ڏڏن جو ڏاتار آ، ڏڏ ٿي توُن تہ گذار.

١٧٩.حسد ايرڪا مان ٿئي، تن من جو نقصان،
دل ڪشادي رکہ سدا، تنهن ۾ تنهنجو شان.

۲۰۰.سائينءَ ڪيڏا سڪ ڏنا، تنهن جا مڃ احسان،
شڪر شڪر ڪر تون سدا، جيڪي ڪري پڳوان.

۲۰۱.من وچن ۽ ڪرم سان، سڀ ڪي سڪ پهچاءِ،
سمرڻ سيوا ۾ سدا، جيون سڦل بڻاءِ.

۲۰۲.ٿوري جيئڻ واسطي، ڪر نہ ڪڏهن ڪُتو ڪم،
صاحب جي سرڪار وٽ، ڪين ڇڏيندو جم.

۲۰۳.ننڊ نہ ڪر نادان تون، پرهہ ڦٽيءَ جو جاڳُ،
جاڳي رب کي ياد ڪر، ماڻين تون تہ سهاڳُ.

۲۰۴.ڪلجڳہ جي آهي هوا، ياءُ ياءُ سان وير،
ڪلفت ڪيڏي آ وڌي، ڪيڏو من ۾ غير.

۲۰۵.ڇا تہ ڪڏي انسان ٿو، آهي مٽيءَ جو ڍير،
دُکو بہ ''آشا'' ڪين کي پاڻ پڏائي سير.

۲۰۶.''آشا'' سوارٿ کي ڇڏي، سڀ جو ڀلو تون ڪر،
ڀلي ڪرڻ سان ٿئي ڀلو، ۽ ساري تنهنجي سر.

۲۰۷.چنتا چتا سمان آ، ڪڏهن نہ چنتا ڪر،
چنتن ڪر هڪ رام جو، خوشين سان دامن ڀر.

۲۰۸.سياڻپ هلندي ڪين کي ڏاڍي رب سرڪار،
ڏڏن جو ڏاتار آ، ڏڏ ٿي تون تہ گذار.

۲۰۹.جيڪا رضا رب جي، تون تنهن تي راضي رهہ،
سالڪ هردم صبر ڪر، ڪنهنکي ڪاجهہ نہ چئہ.

١٩٠.سائينءَ کي سارينديون، سائين لهندءِ سار،
ڏيندين واڳ واليءَ کي، ڪڏهن نہ ٿيندءِ هار.

١٩١. اکڙيءَ کي تہ سگهي ڪيو، جن جي نينهن نهار،
دوُر هوندي پيي ويجهو، تن من تِن جي تار.

١٩٢.جن بن ساعت نا سري، ڪئن ويا سال سري!
رڳ رڳ ۾ ٿيي سارڀان، من اڇن محب وري!

١٩٣.ڀيون سڀُ ڳالهيون وسار، سائينءَ کي نہ وسار،
دنيا جي درياهہ مان، ”آشا“ ٿيندين پار.

١٩٤.ڏيکاري ڏيئوُ تہ سي، پرٽائن پنهجو سان،
کوٺ جنين جي اندر ۾، پاسو ڪيو تن ڪان.

١٩٥.ڏسي ڏکہ ڏولاوا ٿو، منهنجو تہ ڏيل ڏري،
حاجت ڪنهنجي ڪين ڪي، سدا رب رحم ڪري.

١٩٦.ڪوڙ ڳالهائڻ پاپ آ، ڪڏهن نہ ڪوُڙ ڳالهاءِ،
آتمڪ شڪتي گهٽجي، سنتن سکيا هنداءِ.

١٩٧.جو جيئي ٻين لاءِ سدا، تنهن جو جڳت ۾ جسُ،
ڪٿي آسيس دکين جي، لڳندي نہ تنهنکي ڪس.

١٩٨.ڪنهن سان ڪين ڦٿاءِ توُن، سڀ سان توڙ نياءِ،
ڀلو هلي يا ڪو بُرو، توُن سڀ کي گلي لڳاءِ.

١٩٩.”آشا“ تياڳيي آسرا، شرڻ رام جي آءُ،
رام اون تنهنجي ڪندو، لڳي نہ ڪوسو واءُ.

مريادا پرشوتم ڀڳوان شري رام

جڳہ جي پيڙا آيو مٽائڻ جنم ورتي رگھونندن رام،
ستيہ سنيھہ مريادا جو پريوُ پاڻ ڪٽي آيو پيغام.

١. ڌرم ڪرم جي ٻيڙي ٻڏي ٿي، رام ڪناري تنهن کي لڳايو،
ترشرا، تاڙڪا، ماريچ، سُباھو، ڪردوشڻ کي مٽيءَ ملايو،
راوڻ، ڪنڀڪرڻ کي ماري، ستيہ ڌرم جو جھنڊو جھولايو،
پاپين جي بس پاڙ پٽڻ لءِ، ھن جوٽيو ھو سنگرام،
جڳہ جي پيڙا آيو مٽائڻ جنم ورتي رگھونندن رام.

٢. رام جي نام ۾ آھي، شڪتي، پٿر پيي پاڻيءَ ۾ ترن،
منزل مقصد تي سي پھچن، اچن جي رام شرن،
زھر کي امرت رام بڻائي، ٿا ڪشٽ ڪليش ھرن،
روم روم ۾ رام آ جن جي، ٿا پائن سي وشرام،
جڳہ جي پيڙا آيو مٽائڻ جنم ورتي رگھونندن رام.

٣. اڄ بہ ديش ۾ راوڻ ڪيڏا ڪردوشڻ اڪيچار،
رام راڄ ڪيئن ايندو تيسين، جيسين اتياچار،
باغ ۾ **”آشا“** ايندي بھاري، جڏھن رام ورتي ايندو اوتار،
سک جو ھرڪو ساھہ پٽيندو، رام آھي سکڌام،
جڳہ جي پيڙا آيو مٽائڻ جنم ورتي رگھونندن رام.

۲۱۰.چڙهي خوشامد لوڪ جي، ڪر خلق جي خدمت،
خدا خلق ۾ ٿو وسي، خلق سان ڪر محبت.

۲۱۱.جنهنکي پوناجي نام جي، سفر تنهن جو سهڻجو،
جنهن کي زر زمين آ، سفر تنهن جو اهڻجو.

۲۱۲.ڪارو پاڻي سمنڊ جو، ڪنهنکي ڪين وڻي،
ٻاڙو جو ٻولي تنهن جو، ڪو متر ڪين بڻي.

۲۱۳.سنتن جي درشن سان، من ٿي باغ بهار،
پريم جو اوتار سي، ڏين سين کي پيار.

۲۱۴.جنهنجي دل ۾ عشق آ، سو خوش نصيب آ،
سو "آشا" فرشتو آ، خدا جي قريب آ.

۲۱۵.حاسد حسد ڪرڻ سان، ڪجهه ڪين کي ورندو،
کوٽي کڏون ٻين لاءِ، پاڻ کڏ ۾ ڪرندو.

۲۱۷.ساڌڪ ڪر تون ساڌنا، پريوُ پري نه چاڻ،
"آشا" ڪر آراڌنا، صاحب توسان ساڻ.

۲۱۸. جنهن تي ڪرپا رام جي، تنهن جو جڳ ۾ شان،
سوريءَ مان ڪنڊو ٿئي، مشڪل ٿي آسان.

۲۱۰. ويرٿ واد وواد ۾ جيون ڪين وڃاءِ،
ڪم اچي پرلوڪ جا، پوناجي سچي ڪماءِ.

۲۲۰. دک جو ڪارڻ موهه آ، رک نه ڪنهن ۾ موهه،
"آشا" سچ جي وات وٺ، ڪنهن سان ڪرنا ڌوهه.

ڀڳوان شري ڪرشن

ڪرشن مُراري برج بھاري،
چڪر سدرشن ڌاري آن ۽ ٻلھاري.

۱. نند يشودا جي اکين جو تارو،
راڌا جي جيون جو جيئارو،
گانين گوپين جو توُن سھارو،
مرليءَ جنھنجي مست ڪيو جڳ.
مور مڪٽ پيتامبر ڌاري،
ڪرشن مُراري برج بھاري.

۲. مھاڀارت جي لڳي لڙائي،
ارجن کي تڏھن گيتا ٻڌائي،
سچ جي ٻيڙي پار پڄائي،
ڌرم ڪرم جو جھنڊو جھوُلايو،
ھئين دشتن جو تون سنھاري،
ڪرشن مُراري برج بھاري.

۳. ڌرتيءَ تي جڏھن پاپ وڌي ٿو،
تڏھن وٺي اوتار اچين ٿو،
جنتا جا اچي ڪشٽ ڪٽين ٿو،
سورھن ڪلا تون سمپورڻ سوامي،
”آشا“ ڀڳتن جو تون ھتڪاري،
ڪرشن مُراري برج بھاري.

سنتن تان ٻلهار

سنتن تان ٻلهار وڃان مان،
سنتن تان ٻلهار.

١. هت پيءِ جئہ کن هُت پيءِ جئہ کن،
جت ڪٿ ڪن جئڪار، وڃان مان سنتن .....

٢. سنبھہ نمرتا سچ جي سي صورت،
ڏين سيني کي پيار، ، وڃان مان سنتن .....

٣. اگيانين کي گيان ڏئي هوُ،
کولين موکش دوار، وڃان مان سنتن .....

٤. پرڀوُ جو اوتار اٿي سي،
ڪن سين جو اُڌار، وڃان مان سنتن .....

٥. جيڪو اچي ٿو شرڻ اُنهن جي،
ڪن تنهن جو ٻيڙو پار، وڃان مان سنتن .....

٦. ڪام، ڪروڌ، موهہ، لوڀ نہ جن ۾،
ڪوئي ڪونہ وڪار، وڃان مان سنتن .....

٧. ''آشا'' تن جو آهي آياري،
پائي تن کي حُب جا هار، وڃان مان سنتن .....

ويچار - ۴

ڏٺي تنهنجي لهندو سدائين سنپار،
ڪڏهن ڪين تنهنکي توُن پيارا وسار.

رام نام ڳايو

ڳڻ رام نام جا ڳايو،
ڪيو مانش جنم سڄايو.
١. رتن امولڪ مانش ديهي،
اهڙو رتن نہ ڪپ ۾ گنوايو.
٢. ست ڪرمن لءِ جنم مليو هي،
سو ويرٿ ڪين وڃايو.
٣. هي جڳ سپنو، ساپيا ناهي،
تنهن سان چو تا نينهن لڳايو.
٤. طلسم ئي طلسم چؤڌاري،
متان پلجي دل اٽڪايو!
٥. رام جو سمرڻ سهج سماڌي،
تنهن دواران مڪتي پايو.
٦. نيڻن جي گنگا جل سان،
من مندر کي صاف بڻايو.
٧. صاف مندر ۾ موهن براجي،
تنهن کي پريم جا پشپ چڙهيو.
٨. چاهہ جو چندن ڌوپ ڌيان جو،
توهان ديپ ديا جو جڳايو.
٩. منهن پنهنجو مايا کان موڙي،
هڪ رانول کي ريجهايو.
١٠. گُر منتر سان سُرتِ ملائي،
”آهه“ آتم آنند پايو.

جگدمبا ديوي ماتا کي پرارٿنا

پنهنجو ڏيہ درشن تون ماتا پساءِ،
آهيان ٻار تنهنجو تون سيني لڳاءِ.

١. سڪل ٿوٽ منهنجي دل جي آ بستي،
پنهنجي مهر جو تون مينهڙو وساءِ.

٢. تري ڪين ڇاڙان مان اٽنارون آهيان،
پنهنجي ٻاجهہ ٻانهن ڪناري لڳاءِ.

٣. رڪان ڪهڙي پيتا نہ منهنجو ڪي آهہ،
ٻہ ٿي لڙڪ ماتا! اچي تون اگهاءِ.

٤. نہ عهدو نہ اقبال مونکي ڪين گهرجي،
ڪمل چرن ڏيايان، تون پنهنجو بڻاءِ.

٥. لڪين سواس ويرت وڇايا اٿم،
هاڻ من مندر ۾ تون جوتي جڳاءِ.

٦. جنهن تي تنهنجي ڪرپا ڪلي پاڻہ تنهن جو،
چاهيان تنهنجي ڪرپا، ڏي چرنن ۾ جاءِ.

٧. ڪيئي جنم گذريا نہ ٿي پياس پوري،
تون درشن ڏيئي پياس منهنجي ٻجهاءِ.

٨. ”آشا“ تنهنجي در جو تہ آهي ٻڪاري،
ڏيئي پيار پنهنجو تون ڏکڙا مٽاءِ.

گروُ پوُڄا

گُر پوڄا جو ڏينهن مهان،
اچو پريمي گروُءَ دواري.

١. شرڌا رکي اچ جو هٿ ايندو،
ڪارج سڌ پڪ تنهن جو ٿيندو،
رکي اچي جو ٿو وشواس،
ستگروُ بگڙيل پاڳ سنواري،
اچو پريمي گروُءَ دواري.

٢. گُروُ گيان جو آهي داتا،
گُرو ايشور آهي وڌاتا،
گُرمکہ گُروءَ جو ڪر توُن ڌيان،
گُروُ اگيان جي اوندهہ ٽاري،
اچو پريمي گروُءَ دواري.

٣. ستگروُ آهي شاهن شاهہ،
گروُ تہ ڪامل آهي ملاح،
مايا جي ڀوَساگر مان،
جيون ٻيڙو ستگروُ تاري،
اچو پريمي گروُءَ دواري.

٤. اچو گُرن جا گڻ اچ ڳايوُن،
هار چندن جا تن کي پايوُن،
ڪرپا جا آهن ڀنڊار،
تن تان ''آشا'' سڀ ڪجهہ واري،
اچو پريمي گروُءَ دواري.

ڪرپا

ڪرپا ڪپي تنهنجي ڪرتار،
بندو سدائين بيوس آهي.

١. قدم قدم تي ڪرپا تنهنجي،
ڪانهي حاجت هتڙي ڪنهنجي،
عقل ۽ طاقت ڪين هلي،
تون آهين سڀ جو آڌار،
ڪرپا ڪپي تنهنجي ڪرتار.

٢. جنهن تي تنهنجي ڪرپا آهي،
تنهن کي سگهندو ڪين ڪو ڏاهي،
پورائيءَ ۾ تون پال ڪرين،
آهين ڏڏن جو تون ڏاتار،
ڪرپا ڪپي تنهنجي ڪرتار.

٣. گونگا ٻالهائن ٻوڙها ٻڌن ٿا،
پرگيا چڪشوُ پيي ڪيئن نہ ڏسن ٿا!
جن تي تنهنجي رحمت آ،
لنگڙا ڪن پروت پيي پار،
ڪرپا ڪپي تنهنجي ڪرتار.

٤. جنهن تي مهر جو هتڙو ڌرين ٿو،
سوُريءَ مان تون ڪنڊو ڪرين ٿو،
جيو جو ”آشا“ سيمت گيان،
تنهنجي ليلا اپرمپار،
ڪرپا ڪپي تنهنجي ڪرتار.

سچو سک

١.ڏٺيءَ جي آ ڪيڏي اسان تي عنايت،
لھيسار سائين ٿو ساعت بہ ساعت.
٢.ڪرڻ گھرجي جنھنجي سدائين عبادت،
بندو بي شڪر آ ڪري ٿو شڪايت.
٣.ڪرڻ ڪين گھرجي امانت ۾ خيانت،
سزا ڏيندو سائين، ڏيکاريوُن ديانت.
٤.عقل، علم، اقبال، اسبابُ زر،
ڏني آھي ڏاتار، ڏڪين ڪي سڪي ڪر.
٥.توُن عيشن ۾ ويرٿ ٿو مايا وڃائين،
خوشامد جي صدقي ڇو لڪ ٿو لٽائين.
٦.ھي مسڪين محتاج ٿي روُپ رب جو،
ڏسي تن ۾ سائين، ڀلو ڪر توُن سڀ جو.
٧.دنيا مان وٺيو ڪنھن نہ توُن ڪجھہ وٺيندين،
جڏھن ڪال آيو نہ ڪوڏي ڪا نيندين.
٨.رکيو موھہ جن سي ڏاڍا دکي ٿيا،
وئراڳي ۽ گياني، سدائين سکي ٿيا.
٩.سوارٿ جو سارو ھي سنسار آھي،
لٿو ڪم، ڊکڻ وسريو، وھنوار آھي.

شڪر آ ڏٽيءِ جو

شڪر آ ڏٽيءِ جو سوين سڪ ڏنائين،
نہ لائق مان آهيان، مون لائق ڪيائين.

۱.عقل علم سڀ آ سندس ئي امانت،
سندس ڪيڏي رحمت آهي عنايت،
تون صاحب سچي جي ثنا چو نہ ڳائين،
شڪر آ ڏٽيءِ جو سوين سڪ ڏنائين.

۲.جهڙو قوت جنهنجو تهڙو تنهنکي ڏئي ٿو،
رذق ڏئي ٿو راذق نہ ڪنهن کي ڇڏي ٿو،
لهي سار سڀ جي سڀاجهو ٿو سائين،
شڪر آ ڏٽيءِ جو سوين سڪ ڏنائين.

۳.الڪ جو تون احسان لاهي نہ سگهندين،
بنا فضل تنهن جي نہ منزل تي رسندين،
متان اهڙي خالق کي ''**آشا**'' پلائين،
شڪر آ ڏٽيءِ جو سوين سڪ ڏنائين.

سچ

سچ جي ٻيڙيءَ چڙھ تون يار!
پوندين تون پوَ ساگر مان پار!

١. سچ تي صاحب آهي راضي،
ڪڏهن نہ ڪنهن ٻي جي موٿاجي،
ڪندو ڪرپا توتي ڪرتار،
سچ جي ٻيڙيءَ چڙھ تون يار!

٢. سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي ٿي،
ڪين ڪڏهن سان ٻڏي ٻڏي ٿي،
تنهنجو راکو ربُ ستار
سچ جي ٻيڙيءَ چڙھ تون يار!

٣. ڪوڙي جي ڏک آ ڪُڏ تائين،
ڪوڙ ڳالهائي، ڇيهو رسائين،
سچ جي ساري سر سدبار،
سچ جي ٻيڙيءَ چڙھ تون يار!

٤. ڪوڙ ڪان هردم ڪري ڪنارو،
سچ جو ”آشا“ وٺ تون سهارو،
صاحب لهندو تنهنجي سار،
سچ جي ٻيڙيءَ چڙھ تون يار!

١٠. توُن جن لاءِ جيءَ کي ڏين ٿو جفائون،
اُهي متر تو لاءِ ٿي پوندا هچائون.

١١. ڏني مان ڏٽيءَ جي سدا ڏيندو رهُہ توُن،
ضرورت مندن سان هميشهہ پيو وهُہ توُن.

١٢. ڪري جو ٻين جي ٿو خدمت سدائين،
ڪري ٿو خدا تنهن تي رحمت سدائين.

١٣. خدا خلقي مخلوق آهي سموُري،
وسي والي سڀ ۾ ٿو ظاهر ظهوري.

١٤. ڏٽيءَ جي ٻچن کي ستائڻ نہ گهرجي،
ڪري ظلم تن تي، رنجائڻ نہ گهرجي.

١٥. جي چاهين سکي ٿيان تہ ٻين کي سکي ڪر،
ڪندو سائين تنهنجي بہ ساري سدا سر.

١٦. نہ تالاب ٿي رهُہ، توُن وهندڙ ندي بڻ،
سُکل پوُنءَ تي ٿي، وسائڻ جو واهڻ.

١٧. بڻج توُن پراڻين، لکن جو سهارو،
سچي سوڀ پائي، ٿي پريوُءَ کي پيارو.

١٨. جڳت ۾ رهو پر، جڳت کان نيارا،
ائين شيام سندر، چوي ٿو پيارا.

١٩. سچو سک پراپت ڪرڻ جي ٿا چاهيو،
تہ ”**آشا**“ اچائون گهتايو متايو.

شري گروُنانڪ صاحب

وٺي اوتار توُن آئين گروُ نانڪ نرهنڪاري،
جڏهن سنسار ۾ اگيان جي اوندهہ هئي ڪاري.

١. سُتل جي لوڪ هئا ننڊ ۾ جڳائڻ تن کي توُن آئين،
سچي جا وات سائينءَ جي ٻڌائڻ تن کي توُن آئين،
ٻڏا وچ سير ۾ جي تي، اُڪارڻ تن کي توُن آئين،
جي ڀٽڪيا ڀرم وهمن ۾ لڳايئہ راهہ سنئين تن کي،
نئين سر گيان جي جوتي اچي دنيا ۾ تو ٻاري،
وٺي اوتار توُن آئين گروُ نانڪ نرهنڪاري.

٢. وڏي فرقيپرستي وئي مٽائڻ تنهن کي توُن آئين،
ٻري تي باهہ ڪيني جي اُجهائڻ تنهن کي توُن آئين،
سچي آنند جا پيالا پيئارڻ تنهن کي توُن آئين،
جي مردهہ ها سي زندهہ ٿيا تنهنجي سنجيونيءَ سان ئي،
مڌر واڻي تنهنجي هرڪو پڙهي شرڌا سان نر ناري،
وٺي اوتار توُن آئين گروُ نانڪ نرهنڪاري.

٣. نماڻن ماڻ توُن آهين شاهن جو شاهہ توُن آهين،
اناٿن ۽ اڌينن جو وسيلو واهہ توُن آهين،
ڪندين مشڪل کي توُن آسان، هيڻن همراهہ توُن آهين،
اُجڙ ٿي دل جي بستي آ اَچي گل ٽيڙ ''**آشا**'' جا،
سڄو سنسار معطر ٿي، وڃان تو تان مان ٻلهاري،
وٺي اوتار توُن آئين گروُ نانڪ نرهنڪاري.

شري گڻيش وندنا

جئہ گڻيش جئہ گڻيش وندنا تنهنجي ڪريون،
وندنا تنهنجي ڪريون، ڌيان ٿا تنهنجو ڌريون.

آهين گڻن جو ايش تون، آهين وگهن وناشڪ،
گوري پتر گجانند تون، آهين سڌي ونايڪ.

رشي مني گياني گُڻي پهرين مهما ٿا ڳائن،
هر ڪاريہ جي آرنڀ ۾ توکي سدا منائن.

پريم شرڌا سان جيڪو گڻ گيت تنهنجا ڳائي،
انئي رِڌيون ۽ سڌيون ”**آشا**“ سو پريمي پائي.

منهنجو ستگروُ

منهنجو ستگرو دين ديال، موُن تي مهر ڪندو منتار.

١. لهرن لوڏن وچ سير مان، ڪندو بيڙو منهنجو پار.

٢. سنيهہ جو ساگر آهي سوامي، آهي ڀڳتيءَ جو ڀنڊار.

٤. درشن ڪئي دک دوُر ٿين ٿا، ٿين سيئي ٿا باغ بهار.

٥. ستگروُ منهنجو سکي سڀاجهو، ”**آشا**“ در تي آ پينار.

ستگر سوامي ٽيئونرام مهاراج

١. سوامي ٽيئونرام ستگر توکي نت پرڻام آ،
وشوَ ساري ۾ ٿيو پرسڌ ته تنهنجو نام آ.

٢. ڀاڳ تنهن پت جا ڀلا ٿيا، تو ڪئي جت ساڌنا،
او تپسوي تيج وارا، تنهنجي سڦل آراڌنا.

٣. سادگي سيوا ديا ۽ پيار جو اوتار تون،
سوامي ٽيئونرام ڀڳتي گيان جو گلزار تون.

٤. تو ڇپايو ڄڳت کي ’ستنام ساکي‘ سنيهه سان،
نام جو سمرڻ ڪندي سي پار پيا سنسار مان.

٥. تو ٺنڊي آدم جي برپٽ کي مٿا آباد ڪيو،
جي اُجڙ دليون هيون تن کي سدائين شاد ڪيو.

٦. تون ڪوِيسر تنهنجي ڪوتا راهه تي روشن ڪري،
جو صدق سان واڻي پڙهي، پاند پالهو تو ڀري.

٧.در تي جي آيا سوالي تن تي رحمت تو ڪئي،
جن کي ڪلفت قلب ۾ تن سان ته اُلفت تو ڪئي.

٨. تون ته آهين چندرما ڪرڻا ته جنهن جا تو پسان،
چاند تنهنجي چاندني چئني ڏسائن ۾ ڏسان.

٩. تو اڏينن جي سدائين سار ستگر تي لڌي،
ڪيرتي ”**آشا**“ ته جڳ ۾ تنهنڪري تنهنجي وڌي.

سوچ پيارا!

آهي فاني سارو جهان،
بندا! ڇاتي ڪرين تون ايمان!

١. ساري دنيا آ مسافرخانو،
تون بہ آهين هت مهمان.

٢. جڳت سمورو آهہ جهميلو،
تنهن ۾ ڇو ٿين تون غلطان.

٣. جادوءَ جي هيءُ نگري آهي،
سپني جو هت سڀ سامان.

٥. جن لءِ ڪوڙ ۽ پاپ ڪمائين،
سي ساڙي ايندءِ شمشان.

٦. موهہ نہ رکہ تون ڪنهن ۾ پيارا،
ڀٽڪائي ٿو موهہ اگيان.

٧. ڪين امانت ۾ ڪر تون خيانت،
جيڪي اٿئي سو ڪر تون دان.

٨. ستگر جي وٽ اوت تون سالڪ،
جيڪو ڏيندو آتم گيان.

٩. پريوءَ کي جو ڪري پراپت،
آهي سوئي سچو ودوان.

١٠. پيار ۾ ”**آشا**“ ڳوڙها ڳاڙج،
اوس ڏيندو درشن ڀڳوان.

دادا ساڌو ٽي.ايل واسواڻي

١. پيارو دادا پيارو دادا سنت سچو سوُنهارو هو،
هن يگ جي هو مهان ويوتي گيان سندو گلزارو هو.
٢. پنجويهن نومبر پيارو دادا سنڌ ۾ ورتي آيو اوتار،
ماتا وران جي ڪُک تي سڦلي پتا ليلارام باغ بهار.
٣. شڪرانا مڃائون پريوءَ جا ڏنو هيو جنهن لاڪيٽو لال،
وريون واڌايون ڏنيون دعائون ٻالڪ جيئي هزارين سال.
٤. چئني ٿاهيندي برهمڻ آکيو ٻالڪ هيءُ ته نرالو آ،
ٿانور نالو سندس رکان ٿو هنجي اندر اُجالو آ.
٥. روشن راهه ڪندو هي جڳ جي ٿيندو رهبر روحاني،
مکڙو سندس ڪيئن مشڪي ٿو ۽ چمڪي سندس ٿي پيشاني.
٦. وڏو ٿيو جيئن عمر ۾ لکڻ پڙهڻ ۾ ٿيو هوشيار،
سانت ايڪانت ۾ ويهي ڪندو هو پياري پريوءَ جو ويچار.
٧. قابل پروفيسر ٿيو دادا، آدرشي اُستاد هيو،
ٻڌي سندس وياکيان سکيائون هرڪو ئي ته متاثر ٿيو.
٨. پرنسيپال جي پد تي هوندي ڪيڏو دادا هو نرمان،
پاڻ ڪندو هو امڙ جي خدمت توڙي هو اعليٰ ودوان.
٩. وويڪانند جيئن ويو وديش ۾ رشين جو پيغام کڻي،
نام جي ورکا آيو وسائي امرت جو هوُ جام کڻي.
١٠. ميران وديا هلچل دوارا دادا ڏنو سنديش نئون،
ميران وديا مندر کولي رستو ٻڌايو سچو سنئون.

شري ڪرشڻ ڀڳوان

پاپين تي جڏهن ظلم ڪري پاپ ڪمايو،
ڀڳوان تڏهن جنم وٺي جيل ۾ آيو.

۱. ڪيئن خوش ٿي پکين خوب مٺيون ٻوليون ٿي ٻوليون،
جمنا به خوشيءَ ۾ ٿي ماريون پريم جون ڇوليون،
گوپين ۽ يشودا ڏنيون گهنشيام کي لوليون،
آڪاش ۾ ديون ڪٽي مرڏنگ پئي ڳايو.

۲. چت چور ڪرشڻ پريم جي تو ٻنسي وڄائي،
گوپين ۽ گوالن جي مٺا دل تو لڀائي،
جادوءُ هو تنهنجي ٻنسيءَ ۾ سيني جي گواهي،
گوپين جي گهرن ۾ تو وڃي مکڻ چورايو.

۳. ڪؤرون ۽ پانڊون جي لڳي جڏهن لڙائي،
ارجن کي يڌ کيتر ۾ تو گيتا ٻڌائي،
گيتا جو سُٺي گيان پوءِ ارجن ڪئي چڙهائي،
آخر آ جيت سچ جي، تو ناد وڄايو.

۴. پاپين کي سنگهاري ۽ ڀڳتن کي جيئاري،
پهچائي پار ڪشتي ڪرشن سچ جي ڪناري،
آهين ديالو ڏاڍو تون اوتار آءُ ڌاري،
”**آشا**“ جي ونيه آهي دشتن آ سنايو.

٢٠. سندس اکين ۾ عشق هيو ۽ اکرن ۾ پيي آتش هئي،
ميران جهڙي پڳتي پاونا سندس واڻيءَ ۾ ظاهر ٿِئي.
٢١. ”انجلي“ ”آهيا“ سندس آپاري، پيار جو پيالو پيئاري ويو،
نام جي نؤڪا ۾ هوءُ چاڙهي پوساگر مان تاري ويو.

متيءَ جو ڍير

توُن پاڻ کي سمجهين شير پيارا،
پر آهين متيءَ جو ڍير پيارا.

١. کين توُن هڪڙو ڏُکو بہ آهين!
پر سمجهين پاڻ کي سيرُ پيارا.

٢. سپ ۾ جوت پرڀوُءَ جي جاڳي،
کنهن سان نہ رک توُن وير پيارا.

٣. بُرو هلي کو پلو هلي کو،
کڻ سپ سان چڱو توُن پير پيارا.

٤. رب جي رضا تي راضي رهہ توُن،
اچي امر آڏو نہ کير پيارا.

٥. وير وروڌ مان کجهہ بہ نہ وٺبو،
”آهيا“ سپ جو گهر توُن خير پيارا.

١١. سادگي سيوا سنيھہ ستيہ جو دادا ديپ جڳائي ويو،
پوترتا ۽ پرارٿنا گيان جو مارگہ دادا ٻڌائي ويو.

١٢. دکين، ٻکين ۽ پکين پسن ۾ شيام سندر جو روُپ پسيو،
تن جي شيوا ڪريو پيارا اھڙو دادا ڏس تہ ڏسيو.

١٣. جيوديا جي جوت جڳائي پکين پسُن کي ڏنو جيءَ دان،
سنتن کي تہ سجاڳہ ڪري ڏنو پياري دادا آتم گيان.

١۴. سنڌ مان ھت پوُنا ۾ آيو، محبت جا جت مينھن وسيا،
ميران پومي برج پوُمي ٿي تنھن ۾ دادل رنگہ تہ رچيا.

١۵. ھت برپا ڪيا وديا مندر دادا وديا جو دان ڏنو،
ميران ستسنگہ دواران دادا پريم پريوُءَ جو پانُ ڏنو.

١٦. اسپتالوُن ناري شالائون کولي دادل ڪيو ڪيڏو اُپڪار،
سيني پراڻين جي سيوا ڪئي سيني کي ڏنو دل جو پيار.

١٧. درد ٻين لءِ ھنجي دل ۾ ھمدردي جي ھوُ صورت،
نياز ۽ نوڙت پريم ديا جي پيارو دادا ھو موُرت.

١٨. وڏوائن جا لڙڪ اُگھيائين ڏنئين اناٿن کي تہ پيار،
دکين جا دک دوُر ڪيائين، اڙين جو تہ ٻڌيو آڌار.

١٩. نوُري نماڻيءَ جي تخلص سان دادا ھزارين گيت لکيا،
سمرڻ سيوا پريوُ ڀڳتيءَ جي آھي تن ۾ سندر سکيا.

رضا تي راضي

١. تنهنجي رضا تي راذق راضي رهان سدائين،
احسان ڪيڏا تنهنجا مون تي سدائين سائين!

٢. ڪيڏي سار تون لهين ٿو، ٿورو نہ هڪ بہ لاهيان،
مالڪ مدام سڀ تي مينهن مهر جو وسائين.

٣. منهنجو حال آهي هيٺو ڪک پيي ڪريان نہ پيٺو،
ڪنهنجو نہ وس هلي ٿو، وس وارو والي آهين.

٤. ڏاهن کي ڏک ڏيکاري، آٽي اڳيان ٿو آياٽا،
سياٽپ ڇڏين جي تن سان تون پال ٿو پلائين!

٥. درياهہ ۾ ڪيڏي دهشت، تارون بڏي وجن ٿا،
رحمان تنهنجي رحمت ڪشتي ڪناري لائين.

٦. تڪبر ڇڏي ونن ٿا جي راهہ خاڪساري،
نوريءَ جهڙن کي سائين پٽ راٽي تون بٽائين.

٧. ”**آشا**“ تي ڪر عنايت قدمن تنهنجي جو قائل،
نينهن جي ڪري نوازش ديدارُ تونُ پسائين.

ويچار - ٦

پريوءَ جي ڏني تي سدا راضي رهہ تون،
شڪر آ شڪر آ سدا پيارا چئہ تون.

ڪوي پهلاجرام صاحب

سنڌي ڪوين ۾ هو سرمور سوامي پهلاجرام،
ڏات ڏني ڏاتار هئي هن کي ڪريون سدا پرڻام.

١. ندر ۽ نربيڪ ڪوي پاڪندين جي پاڙ پٽيائين،
سچ چوڻ کان ڪين هُو هٻڪيو ٻوليائين سچ مدام.

٢. سنت سچو وئراڳي هُو هيو رهبر روحاني،
نام سان نينهن جو ناتو ڳنڍي هن پاتو سچو وشرام.

٣. پهلاج پوُري ۾ جوت جڳائي خوب ڪيو پرچار،
سنڌ - هند جي شهر شهر ۾ ڏنو هن پريم جو پيغام.

٤. ڀڳتي ۽ جو ڀنڊار هيو، گيان جو هوُ گلزار،
سچ جي "**آشا**" راهه ڏيکاري سوامي پهلاجرام.

ويچار -٥

دنيا جا رنگ روُپ ڏسي حيران ٿيا،
ناٽڪ جي هن پردي تي مستان ٿيا!
ڪي گياني، ڌياني، وئراڳي، رشي،
موهڻي مايا ۾ ڦلجي غلطان ٿيا!

سنگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

سنگر منهنجو دين ديالو، رام جي راهه ٻڌائي ويو،
منتر ڏئي ستنام ساکي، نام جو جاپُ جپائي ويو

١. سوامي شانتي پرڪاش اسانجو سنت سچو لاثاني هو،
برهم نشٺ ۽ برهم ڌياني، سنگر برهم گياني هو.

٢. سوامي ٽيئونرام هنن ۾ گيان جي جوت جڳائي هئي،
سوامي سروانند جن جي ٻي صورت تن ۾ سمائي هئي.

٣. پريم پرڪاش منڊل جو چندرما جنهن سيتلتا پردان ڪئي،
درشن ڪئي دک دوُر ٿيا ٿي نري رڳه رڳه پريمين جي تہ پئي.

٤. جوڳي جادوُگر هي هو، پريم جي بين وڄائي ويو،
پنهنجي امرت وچنن سان هوُ، منتر مگذ بڻائي ويو.

٥. دکين بکين جي سار لڌي هن، هيڻن جو ٻي حامي هو،
روحاني رمزوُن تہ ٻڌايون، سنگر انترٻامي هو.

٦. جئہ شري ڪرشن جئہ شري ڪرشن ٻولي سدائين مٺي ٻاڻي،
مڏر مڏر مسڪان هئي جنهنجي، مڏر مڏر جنهنجي واڻي.

٧. پريم ديا جو ساگر سوامي، سنگرو جيءَ جو جيئارو هو،
پر اُپڪاري پرم پيارو، لکن دلين جو سهارو هو.

٨. پنهنجي تن کي تسيا ڏيئي، ٻين کي راضي رکندو هو،
سوک ٻوڏ جا پيڙت جيکي، تن جي سار هوُ لهندو هو.

پرين پرديس

پرين ويا پرديس منهنجو ساهہ سانگين کي ساري!
ستين سمندن ساجن منهنجا دل روئي هنجون هاري.
۱. پياس ڪرڻ پياسين جي پوري، ويا وديشن ۾،
سنگرو ٻاجهون نام جو امرت ڪير پِلا ٻيو پيئاري!
۲. وير وڪارن جي آ ڀاري لوڀ موهہ جون لهرون،
دهشت واري هن درياهہ مان ڪير پِلا ٻيو تاري!
۳. ستنام ساکي منتر ڏيئي راهہ ٻتائن سچ جي سيئي،
محب متا محبت جي مورت دل تن کي ڪين وساري!
۴. ”آشا“ تن جي آهہ عنايت روح کي ڏين ٿا جي راحت،
پال ڪيائون هن پوريءَ سان آءُ پيس تن جي پناري!

ڪڏهن ملندين

اُٿي رات آڌيءَ مان تو لءِ پڪاريان،
پڪاري پڪاري هنجون وِنو هاريان.
۱. سنبنڌ توسان جوڙيان ٻيا ناتا مان توڙيان،
مان هڪ پل پيي ساجن نہ توکي وساريان.
۲. ڪمل چرڻ تنهنجا مان ڳوڙهن سان ڌوئي،
پيئان ڳوڙها سي مان، ٻين کي پيئاريان.
۳. دنيا جي نہ ڪا چاهہ آهي منهنجي چت ۾،
صرف تنهنجو ئي مان تہ نالو اُچاريان.
۴. تن جو تنبورو مان ”**آشا**“ وڄايان،
ڪڏهن ملندين راٽا مان تو لئہ نهاريان!

وسري ويو پيڳوان

ڏن جي ڏن ۾ من جي ڏن ۾، توکان وسري ويو پيڳوان،
کھڙي ڪم لاءِ ھتڙي آئين، سوچ ذرا انسان! توکان وسري ويو پيڳوان!

١. ڪائڻ پيئڻ گھمڻ ڦرڻ ۾ سواس ويجاءِ، ننڊون ڪرڻ ۾،
غفلت ڇڏ گينوارا ھاڻي توُن آھين ھت مھمان،
توکان وسري ويو پيڳوان!
توُن سوچ ذرا انسان!

٢. مايا ميڙي ميڙي مري ويا، پاڻ سان ڪوڏي ڪين ڪٽي ويا،
مايا ميڙڻ لاءِ نہ آھي، ھت جس ڪر ڪجھ دان،
توکان وسري ويو پيڳوان!
توُن سوچ ذرا انسان!

٣. ڇا تو آندو ڇا توُن نيندين، دنيا مان ڪجھ ڪين وٺيندين،
جيڪي چمڪي سون نہ جاڻج، آ ڪوڙو جڳ جو شان،
توکان وسري ويو پيڳوان!
توُن سوچ ذرا انسان!

۴. سمرڻ ۾ ڪر سواس سجايا، شيوا ۾ ڪر سڦلي مايا،
عھدي عقل جو ''آشا'' ڇڏ توُن، ڪوڙو ھي ايمان،
توکان وسري ويو پيڳوان!
توُن سوچ ذرا انسان!

٩. پنهنجي سک کي جڳ جي خاطر، هن تہ سدا قربان ڪيو،
پنهنجو چت نرماڻ رکي، هن ٻين جو ٿي سنمان ڪيو.

١٠. سمرڻ سان پنهنجي جيون کي سڦل بڻائڻ وارو هو،
سڀني کي پڻ ساڳي منزل ڏانهن هلائڻ وارو هو.

١١. گيان سندو گلزار سوامي، گيان جي سڳنڌ ڦهلائي ويو،
ڀڄنن ۽ گيتن کي جوڙي، امرت رس برکائي ويو.

١٢. مانس، شراب، ڏيتي ليتيءَ وِرڌ سدا پرچار ڪيو،
ستگر منهنجو سماج سڌارڪ ٻيڙو سماج جو پار ڪيو.

١٣. گئوشالا ۽ ناريشالا اسپتال نرماڻ ڪيو،
سڪرت جا ڪيئي ڪم ڪيا، پر نہ ڪڏهن هن ماڻ ڪيو.

١٤. ٻڍڙن لاءِ ٻڍا آشرم کولي، ٻارن لاءِ وديا مندر،
وڌوائن جي سنڀال ڪئي، بي گهرن کي وٺي ڏيندو هو گهر.

١٥. ٻين جا دک پنهنجا هن سمجهي، دکڙا تن جا دُور ڪيا،
سوين آيا ٿي سوالي در تي، سوال سندن منظور ڪيا.

١. پل پل ياد ڪريان، تن کي ٿو نيڻين نير وهايان ٿو،
منهنجي جيءَ جو جيئارو هو، گيت ورهہ جا ڳايان ٿو.

١٧. ”**آشا**“ جي هو روح جو راڻو، ڪرم يوگي لاثاني هو،
امراپُر مان آيو ڪٽي، امرت جام هي جاني هو.

١٨. اهڙن ستگر سوامي جنکي، داس ڪري پرڻام سدا،
نام پدارٿ ڏيئي سين کي، ڪارج سنگت جا تہ ڪندا.

ستگر مهما

۱. ستگر جي آ ڪرپا جنهن تي،
پرڀوُ ڀي آ پرسن تنهن تي.

۲. جنهن کي ستگر ڪري ٿو پيار،
ونگو نه ٽيندو تنهن جو وارُ.

۳. ستگر ڏي ٿو نام جو دان،
سيوڪ لاءِ سو آ وردان.

۴. شرڌا سان جيڪو شرڻ اچي ٿو،
ستگر تنهن کي پنهنجو ڪري ٿو.

۵. ستگر گيان جي جوت جڳائي،
اوندهه اوديا جي ٿو مٽائي.

۶. ستگر سچ جي راهه بتائي،
شش لوهه کي ٿو سون بڻائي.

۷. ستگر ڀو ساگر مان تاري،
نام جي نؤڪا ۾ هوُ چاڙهي.

۸. ستگر پرڀوُ ساڻ ملائي،
سوهم جو ٿو ناد سُڻائي.

۹. ستگر جنهن تي مهر ڪري ٿو،
تنهن جو هڪدم وارو وري ٿو!

او پريتم!

کير ڀڏي منهنجي بات!
ڪنهن کي منهنجي تات!

١. دير وڏي دلبر درشن ۾،
غم جا بادل ڇانيا من ۾،
ورهه جي وچ چمڪي ڇوڏاري،
وسي نيڻن مان برسات،
کير ڀڏي منهنجي بات!

٢. اکڙين جو مان اڱڻ سجايو،
پلڪن جو مان پلنگ وڇايو،
پر توُن ڪين پرين آئين،
تارا ڳڻندي گذري رات!
کير ڀڏي منهنجي بات!

٣. جل ترڻي جيئن جل لءِ آتي،
سپ پيي چاهي بوُند سواتي،
مان پيي پياسي تيئن پريتم لءِ،
”آشا“ درشن جي فقرات،
کير ڀڏي منهنجي بات!

ويچار - ٧

رک نہ توُن مونکي پرين منهنجا پري،
برهه جي ٿي باهه سيني ۾ ٻري.!

٢١. ستگر آهي دين ديالو،
سد سد آهي هوُ ڪرپالو.
٢٢. ستگر منهنجي روُح جو راڻو،
گياني ڌياني هوُ تہ نماڻو.
٢٣. ستگر جي جيڪو سکيا هندائي،
ڀاڳن وارو سوئي آهي.
٢٤. ستگر جي وٽ شرڻ پيارا،
متجي ويندا سڀ موُنجهارا.
٢٥. ''**آها**'' ستگر جو آياري،
واروُن وار وڃي ٻلهاري.

اچان ڪين آئين شيام

ڪيئن پايان مان وشرام؟
اچان ڪين آئين منهنجا شيام!
١. روئندي روئندي راتيوُن گذرن،
بن بادل منهنجوُن اکڙيون برسن،
اوريان ڪنهن سان حال اندر جو،
اُڳهہ لڙڪ اچي منهنجا گهنشيام،
اچان ڪين آئين منهنجا شيام!
٢. ورهہ ۾ وياڪل ويٺِيَ آهيان،
ڏي ڏيئي دل ڪي ٿي پرچايان،
''**آها**'' جي توُن اڱڻ ۾ ايندين،
تنهنجي چرنن چارئي ڌام،
اچان ڪين آئين منهنجا شيام!

١٠. ستگر ڏي ٿو نام خزانو،
ڏي پرلوڪ لءِ هوُ پروانو.

١١. گروُ منتر جو جاپ جپي جو،
جيون سڦل ڪري ٿو سو.

١٢. گرديو ۾ آ شرڌا جنهن جي،
مشڪل آسان ٿيندي تنهن جي.

١٣. ستگر جي جيڪو ڪري ٿو سيوا،
تنهن کي ملن ٿا منڙا ميوا.

١٤. سوُليءَ مان گروُ ڪنڊو بڻائي،
باهه پنيت مان اچي بچائي.

١٥. ستگر آيل وپدا ٽاري،
ڀوَ ساگر مان پار اُڪاري.

١٦. ستگر جنهنجو راکو آهي،
ڪوئي نہ سگهندو تنهن کي ڊاهي.

١٧. ستگر من جي موُنجهه مٽائي،
ستگر روشن راهه بتائي.

١٨. ڌيان گروُءَ جو جيڪو ڌري ٿو،
تنهن جو پيارا ڀاڳ وري ٿو.

١٩. ستگر آتم گيان ڏئي ٿو،
ستگر نام جو دان ڏئي ٿو.

٢٠. ستگر جي جيڪو مهما ڳائي،
دنيا ۾ سو سوڀ ٿو پائي.

شڪرانا

تنهنجونُ ڀلا ڀلايوُن هرگز نہ مان ڀُلايان،
وڙ ڪيڏا تنهنجا والي، تنهنجي ثنا مان ڳايان.

مخلوُق جو توُن مالڪ ڪيڏي سار پيو لهين تو،
ڪيڏي تنهنجي آ شفقت هڪ تورو ڪين لاهيان.

سالم سريرُ صحت، تنهنجي وڏي آ نعمت،
ڪيڏو ڪيو تو رتيو، لائق نہ جنهنجي آهيان.

تنهنجي رضا تي راذق راضي رهان سدائين،
سڀ ۾ پسان مان توکي، ڪنهنکي غير ڪين ڀانيان.

توئي عقل عطا ڪيو ڏني ڏات شاعريءَ جي،
ڏڏ ڪي ڪيئہ سياڻو مان خوش نصيب آهيان.

ڪريان خلق جي مان خدمت تنهنجي ڪريان عبادت،
”**آشا**“ تي ڪر عنايت، ڏٽي، ڏيان تنهنجو ڏيايان.

ويچار - ٨

ڪجي ڪين ڪنهنجي ڪڏهن عيبجوئي،
نہ عيبن کان آجو ”**آشا**“ آهي ڪوئي.

بندا

بندا چا تي ڪرين ايمان!
آهي فاني هي سارو جهان!

١. کهنبي جو سڀ چٽڪو آهي،
آهي ڪوڙو شان ۽ مانُ!
بندا چا تي ڪرين ايمان!

٢. جڳت سمُورو آهي جهميلو،
تنهن ۾ چو ٿئين غلطان،
بندا چا تي ڪرين ايمان!

٣. دنيا ساري مسافر خانو،
توُن يي آهين هت مهمان،
بندا چا تي ڪرين ايمان!

٤. جادوءَ جي هيءَ نگري آهي،
سپني جو هت سڀ سامان،
بندا چا تي ڪرين ايمان!

٥. جن لاءِ ڪوڙ ۽ پاپ ڪمائين،
سي ته ساڙي ايندءَ شمشان!
بندا چا تي ڪرين ايمان!

٦. موهه نه رکُ توُن ڪنهن ۾ پيارا!
ڪر ياد ”**آشا**“ توُن ڀڳوان!
بندا چا تي ڪرين ايمان!

پيارو دادا جشن واسواڻي

۱. سنڌين جو آ سنت سوُنهارو، دادا جشن پيارو آ،
گيان سندو گلزار آ دادا، ڀڳتيءَ جو تہ ڀنڊارو آ.

۲. دادل شاهہ جو روحاني وارث منهنجي روح جو راڻو آ،
سادي رهڻي اعليٰ کهڻي سد سد هوُ تہ نماڻو آ.

۳. درد آ هنجي دل ۾ ٻين لاءِ، درد تنهين جا دوُر ڪري،
محبت جي مرهم سان تن جا گهاو پيارو هوُ ٿو پري.

۴. ٻين جي پيڙا پنهنجي سمجهي تن جي پيڙا مٽائي ٿو،
لڙڪ اُگهي تن جا هوُ تن کي پنهنجي سيني لڳائي ٿو.

۵. پکين پسن کي پيار ڏئي ٿو، جوت ديا جي جڳائي ٿو،
گگدامن تي کهل ڪري هوُ تن جي جان بچائي ٿو.

٦. پشپن کي پيي پتڙ نہ ڏي هوُ صورت صاحب جي چاڙي،
مڇلين کي جيئدان ڏئي ٿو موُرت مالڪ جي چاڙي.

۷. پنهنجي امرت وچنن سان هوُ تتل دلين کي ٺاري ٿو،
نام جي نؤڪا ۾ هوُ چاڙهي، ڀوَساگر مان تاري ٿو.

۸. درشن سان دک دوُر ٿين ٿا موُنجهارا ٿا متجي وڃن،
چت ڦرنن کان فارغ ٿئي ٿو روُح رهاڻيون جڏهن ٿا ڪن.

۹. مرلي منوهر وانگر دادا پريم جي مُرلي وڄائي ٿو،
ميران ڀومي ورنداون آ، تنهن ۾ راس رچائي ٿو.

۱۰. مرشد محب مڃي دادل لاءِ ڪيڏي شرڌا هن ۾ آ،
دادل تان ٻلهار وڃي ٿو دادا هن جي من ۾ آ.

ستگرو سوامي ٽيوئنرام مهاراج

ڌن ڌن ستگُر ٽيئونرام،
وارُون وار ڪريون پرڻام.
١. ستگر سوامي تُون برهمگياني،
برهم نيشٺي تُون برهم ڌياني،
يوگ وئراڳ ڀڳتيءَ جا ڌام،
ڌن ڌن ستگُر ٽيئونرام.
٢. گرُو نانڪ جيان صورت نماڻي،
امرت جهڙي جن جي واڻي،
پريم جو جن تہ ڏنو پيغام،
ڌن ڌن ستگُر ٽيئونرام.
٣. پريم پرڪاشي منڊل ٺاهي،
اگيانين کي راهہ بتائي،
دکي دلين کي ڏنائون وشرام،
ڌن ڌن ستگُر ٽيئونرام.
٤. ستنام ساکي جپي جپائي،
ڀوَ ساگر مان پار لنگهائي،
پوُرا ڪيائون پريمين جا ڪام،
ڌن ڌن ستگُر ٽيئونرام.
٥. صوُرت جنجي هُئي سبحاني،
چمڪي تن جي ٽي پيشاني،
ڏسي جن کي مليو ''**آها**'' آرام،
ڌن ڌن ستگُر ٽيئونرام.

پريم جو پنٿ

پريم جو آهي پنٿ نرالو،
پريم سان ٿي ٿو اندر اُجالو.
١. پريم ۾ جن جن پاڻ پتوڙيو،
جيءَ جانب سان جن جن جوڙيو،
آهي تن جو جڳ ۾ نالو،
پريم جو آهي پنٿ نرالو!
٢. لوڪ لڄا سڀ لاهي،
ميران هلي گرڌر ڏي ڪاهي،
ميران وانگر ٿي متوالو،
پريم جو آهي پنٿ نرالو!
٣. پريوءَ کي ڪر پاڻ تون ارپڻ،
سواس سواس سان ڪر تون سمرڻ،
پريوُ تنهنجو سدا رکوالو،
پريم جو آهي پنٿ نرالو!
٤. پريم ته آهي امرت ڌارا،
پيئڻ ٿا ڪي ڪي ڀاڳن وارا،
پي ڏس ''آشا'' پريم جو پيالو،
پريم جو آهي پنٿ نرالو!

ويچار - ٩

حياتي اجائي نه پنهنجي وڃاءِ،
اُتي جاڳ پيارا ڏٺيءَ کي ڏياءِ،
ڏني جا امانت توکي ڏٺيءَ آ،
نه ڪر تنهن ۾ خيانت سڦلي بڻاءِ!

١١. ”**انجلي**“ جي تخلص سان دادا ڪيئي گيت رچيا آهن،
درد سوز آ تن گيتن ۾ پريمي پريم سان ڳا ڳائن.
١٢. آهي وڏو ودوان گياني پر نہ ڏيکاري ڏيندو آ،
ڦلن وارو وڻ جھڪيل سدائين نميل سدائين ٿيندو آ.
١٣. سندس نيڻن ۾ نُور نوُراني چمڪي سندس ٿي پيشاني،
پريوُءَ جو ٿو نام جپائي ۽ راهہ ڏيکاري روُحاني!
١٤. جانب جادوُگر هي آهي، دلين تي جادو لڳائي ٿو،
پيار ڏيئي هر ڪنهن کي پنهنجو پل ۾ پنهنجو بڻائي ٿو.
١٥. ”**آشا**“ تي ”**انجلي**“ جي نوازش محب منو آهي منٺار،
ڪين وساري سگھندو ”**آشا**“ پياري دادا جشن جو پيار.

ڪين اُڏام

توُن اُپ ڏي ڪين اُڏام!
پيارا اُپ ڏي ڪين اُڏام!
١. قد ڏس پنهنجو، بُت ڏس پنهنجو،
خاڪ جو پتلو آهي تنهنجو،
تنهنجو آخر مڙهہ مقام.
٢. ڪهڙي باغ جي توُن آهين موُري،
ڇڏ آڪڙ ۽ توُن مغروري،
پوندءَ ڳچيءَ ۾ دام.
٣. مان مان کي توُن مات ڪري ڇڏ،
”**آشا**“ هيئون هوت سان توُن گڏ،
پيارا توُن پائيندين وشرام!

جهوليلال سائين

جهوليلال سائين لعلؤن لال سائين،
اُڏيرالال سائين ٻيڙا ٻني لائين.
۱.ڪڏهن ڪي ڀراٽا جوتيون جڳائن،
پلوَ پريمي پائن پنجڙا ٻه ڳائن،
رکن صدق جيڪي مرادؤن تن پڄائين،
جهوليلال سائين! ٻيڙا ٻني لائين!
۲.سنڌ ۾ تؤن آئين اوتار ڌاري،
ڪيئه رکشا ڌرم جي پاپين کي ماري،
آهين مهربان تؤن پال تو پلائين،
جهوليلال سائين! ٻيڙا ٻني لائين!
۳.آيا جيڪي سوالي ويا سي نه خالي،
ڪيئه وڙ تنين سان وروُڻ ديو والي،
تنهنجو درُ ديا جو کليل آ سدائين،
جهوليلال سائين! ٻيڙا ٻني لائين!
۴.پلوَ پائي "**آشا**" دولهه تنهنجي در تي،
آسيس ڪر ڪا سدا تو سنڌين تي،
ڪير ۾ ڪنڌ تي رهن هوُ سدائين،
جهوليلال سائين! ٻيڙا ٻني لائين!

پلئُه

آءُ اُڏيرالعل تؤن اچي ڪر سُڪار،
مسڪينن جو تي اچي تؤن دولهه مددگار،
رکشا ڪر هندو ڌرم جي، وري وٺي اوتار،
ڪلفت ڪڍي اندر مان ڏيون سيني کي پيار،
مينهن وسائج مهر جو جيئن سکي رهي سنسار،
"**آشا**" عرضدار آ، دولهه تنهنجي در تي.

سچڻ ساريان

روئي روئي هنجوُن مان هاريان،
ويني توکي سچڻ مان ساريان.
١.منهنجي اکڙين کي نہ آرام آ،
ويني واٽ مان تنهنجي نهاريان، روئي .....
٢.ورهين جو هي آهي وڇوڙو،
آنءُ گوُندر ۾ تہ گذاريان، روئي .....
٣.دنيوي لطف بي لطف لڳن ٿا،
کيئن گهوٽ بنا مان گهاريان، روئي .....
٤.توُن مرشد منهنجي سر جو سائين،
تو تان ستگر سڀ ڪجهہ واريان، روئي .....
٥.''آشا'' اٿم توُن ايندين اڱڻ ۾،
ويني باهہ برهہ جي مان ٻاريان، روئي .....

ويچار - ١٠

وڃڄ ويڄن وٽ نہ ٻُکي ڏيني ٻاجهہ جي،
سو در موُر نہ مٽ، جتان دوا دُعا جي ملي.

ويچار - ١١

بانور نہ ڪر توُن پيارا! هتي مهمان ڏينهڙا چار توُن،
ڪر ياد رب کي توُن سدا، سوچي نہ ڪر وهنوار توُن!

منهنجا ستگر

ڪري ياد توکي ستگر تنهنجي مهما ڳائيندس،
تنهنجي مهما ڳائيندس، سکيا تنهنجي هنڊائيندس.

۱. تون گياني ھُئين ڏياني ودوان توُن لاثاني،
تنهنجي گيان جي جوتي مان گهر گهر ۾ جڳائيندس.

۲. ڪجاڻ مهر منهنجا مرشد جپيان نام سدا تنهنجو،
جپي نام تنهنجو ستگر ٻين کي ٻي جپائيندس.

۳. توُن پيار جو ساگر هئين ڪيڏو پيار ڏنئہ پريتم،
جو پيار پيتم تنهنجو سو ٻين کي پيئاريندس.

۴. ھُئين حال محرم دل جو منهنجي سر جو توُن سائين،
لوڪن کي لڪہ ڪھڙي! ڪنهنکي حال ٻڌائيندس.

۵. لڏي سار دکين جي تو، ڏنو پيار پکين کي تو،
ڪندي شيوا تن جي مان جنم سڦلو بڻائيندس.

۶. ڪندي ڏيان تنهنجو ستگر دل ور ور پرجي اچي،
تنهنجي ورهہ ۾ هردم مان نيڻين نيرُ وهائيندس.

۷. ”آشا“ تي ڪجاڻ آسيس توڙ تائين رهجي اچي،
لڳي داغ نہ دامن کي هڪ ڏينهن توکي پائيندس.

اُٿي جاڳ

اُٿي جوڳين وانگر جاڳ،
تہ بندا پائين پرينءَ جو ماڳ.

۱. سسئيءَ وانگر سمهي جي پوندين،
مهل وڃڻ تي رُت پيو روئندين،
توکي ڏسڻو پوندو ڏاڍ،
اُٿي جوڳين وانگر جاڳ،
تہ بندا پائين پرينءَ جو ماڳ.

۲. تن جي تندن کي تارُون بڻائي،
سڄڻ جي سڪ جو ساز وڄائي،
تُون ڳاءِ روحاني راڳ،
اُٿي جوڳين وانگر جاڳ،
تہ بندا پائين پرينءَ جو ماڳ.

۳. سائينءَ سان جن لنوَ آ لاتي،
پنهنجي آدي ذات سڃاتي،
سي ماڻن سدا سهاڳ،
اُٿي جوڳين وانگر جاڳ،
تہ بندا پائين پرينءَ جو ماڳ.

۴. پريوُ جو جي سمرڻ کن ٿا،
”**آشا**“ سين ۾ پرين پسن ٿا،
ويو کلي اُنهن جو ڀاڳ،
اُٿي جوڳين وانگر جاڳ،
تہ بندا پائين پرينءَ جو ماڳ.

نام جي مهما

نام جو امرت جيڪو پيئي ٿو،
سو تہ جُڳان جڳہ پيو جيئي ٿو.

١. نام سان نينهن جو لڳائي ٿو،
دک درد نہ تنهنکي ستائي ٿو.

٢. نام جي شڪتي جنهن کي آهي،
ڪين ڪو سگهندو تنهنکي ڏاهي.

٣. نام جي اُچ بکہ آهي جنهنکي،
چار پدارٿ ملن ٿا تنهنکي.

٤. نام جپي ۽ ٻين کي جپائي،
سو مڪتي پد کي پائي ٿو.

٥. نام جپڻ سان رسنا پوتر،
انتهڪرڻ ٿئي ٿو اوجر.

٦. ڀوساگر مان نام ٿو تاري،
آيل وپدا نام ٿو ٽاري.

٧. نام جپڻ سان نصيب کلي ٿو،
پريوُ پاڻ اچي تہ ملي ٿو.

٨. نام سان هرديہ نرمل ٿئي ٿو،
گنگا جيان من سيتل ٿئي ٿو.

٩. نرمل نرم آ هرديہ جنهنجو،
نام ۾ چت تہ لڳي ٿو تنهن جو.

منهنجا پريتم

منهنجا پريتم مون وٽ آءُ،
توکي ساري منهنجو ساهه.

۱. ويا سال ڪيئي گذري،
ڪڏهن ايندين موٽي وري!
ناهي جيون تي ڪو جتاءُ،
منهنجا پريتم مون وٽ آ!

۲. تنهنجا پل پل پور پون،
رويو رويو نيڻ ٽمن!
ڪر دلبر ڪو ڪهڪاءُ،
منهنجا پريتم مون وٽ آ!

۳. ڪيڏي سار تون لهندو هُئين،
دک سهي نه سگهندو هئين،
پري ڪير وره جو گهاءُ،
منهنجا پريتم مون وٽ آ!

۴. منهنجا مرشد مهر تون ڪر،
منهنجا ڪشٽ ڪليش تون هر!
جيئن لڳي نه ڪوسو واءُ،
منهنجا پريتم مون وٽ آ!

۵. ”**آشا**“ تو لءِ آ ويڳاڻي،
ڳائي سدائين وره جي واڻي،
لڳي وصل سندو ڪو واءُ،
منهنجا پريتم مون وٽ آ!

٢١. نام ئي مڪتيءَ جو آ دوار،
نام ئي آهي سروَ آڌار.

٢٢. نام ئي توسان سنگي ساٿي،
نام ئي ڪاٽي جم جي ڦاسي.

٢٣. نام سان پيارا نينهن لڳاءِ،
انئي پھر توُن نام ڌياءِ.

٢٤. نام جي جوتي اوندھ ٽاري،
ويھ نہ ”آھا“ نام وساري.

٢٥. ستگر کان وٺ نام جو ڏن توُن،
ڪر اڀياس منن چنتن توُن.

٢٦. وئرت توُن ٿو سواس وڃائين،
پنھنجي پيرن تي ڪھاڙي وھائين.

٢٨. هيرن جهڙي املھ ھيءَ ديھي،
نام جپي وڃ پاڻ ۾ پيھي.

٢٩. نام سان لنوَ جي لڳائيندين،
توُن گھٽ گھٽ پريتم پائيندين.

٣٠. ”آھا“ نام انئي پھر ڳائج،
جيون پنھنجو سڦل بڻائج.

١٠. سکھ دنيا جا تي دکدائي،
نام پريوءَ جو آ سکدائي.
١١. نام جپڻ بندا، اُتم کرم آ،
کين وسارڄ هي شريشٽ ڌرم آ.
١٢. جنهنجي رڳ رڳ ۾ آ نام،
سوئي سچو پائي وشرام.
١٣. جيڪو نام جو جاپ جپي ٿو،
موھ جا ٻنڌن سو تہ ڪپي ٿو.
١٤. سڀ ۾ ساڪي سائين ڏسي ٿو،
پکين پسن ۾ پريوُ پسي ٿو.
١٥. دل ۾ هردم ديا ڌري ٿو،
پيار سان تن جي سيوا ڪري ٿو.
١٦. سوئي گياني ڌياني آهي،
جو سيني کي سک پهچائي.
١٧. مايا سان پيارا ناتو توڙ،
نام سان پيارا! ناتو جوڙ!
١٨. نام سکن جو آهي ڌام،
نام جپچ توُن تي نشکام.
١٩. نام ئي جيو کي پار اُکاري،
ڀو ساگر مان نام ئي تاري.
٢٠. نام ئي آهي سکن جو ڌام،
رسنا جپ توُن ور ور رام.

مهر ڪريو

ڪريو مهر ستگر مهروان آهيو،
سچڻ موُن منجهيل کي سئين دڳه لڳايو.

١. ترڻ ڪين ڄاڻان منهنجي دل جا راڻا،
ٻڏل ٻيڙي منهنجي ڪناري لڳايو.

٢. ڪيئي جنم گذريا نه تي پياس پوُري،
ڏيئي نام امرت منهنجي اُڄ ٻجهايو.

٣. اوهان پيار ڪروُڻا جا ينبدار آهيو،
ڏيو بُوند هڪڙي جنم تئي سجايو.

٤. مان وهمن وسوُڙيل آهيان منهنجا مرشد،
اوهان منهنجي من جا موُنجهارا متايو.

٥. نڪي يوڳه ڄاڻان سماڌي لڳائي،
ڏيئي گيان ستگر موُن ساڪي پسايو.

٦. رڪان ڪهڙي پيتا نه منهنجو ڪي آهي،
ٻه تي لڙڪ منهنجا اوهين شل اگهايو.

٧. نه لائق مان آهيان ڪميوُن موُن ۾ ڪيئي.
پنهنجي در جي لائق موُنکي شل بڻايو.

٨. ڪري من ايڪاگر جپيان نام تنهنجو،
منهنجي سُرتي سائين شبد سان ملايو.

٩. اوهان وٽ نه آهي ڪرپا جي ڪمي ڪا،
سنگت جي سوامي ''**آشا**'' اڄ پڄايو.

اڄ آيا

اڄ آيا پرين منهنجي،
پلا تي پاڳ مان پايان.
خوشيءَ جا لڙڪ اکڙين ۾،
چرڻ تن جا تي مان چاهيان!

١. ورهين جو هي وڇوڙو ويو،
وصل واليءَ جو مون سان ٿيو،
پڇو جي سچ مونکان سرتيون،
نصيبن واري مان آهيان.

٢. نڪو آهي سندن ثاني،
نيڻن ۾ نُور نوراني!
کيائون ٻاجھ ٻانهيءَ تي،
سندن ٿورا نہ مان لاهيان.

٣. کيڏي تن جي عنايت آ،
کيڏي تن جي تہ رحمت آ،
"**آشا**" صدقي وڃان تن تان،
مِلي روحڙو مان ريجھايان.

ويچار - ١٢

سنتن جي درشن سان من ٿي باغ بهار،
پريم جو اوتار سي، ڏين سيني کي پيار.

راس ڪندو ڪم پاڻ

منهنجا راس ڪندو ڪم پاڻ،
اديونُ آهيان آنءُ اڻڄاڻ.

١. سد سد آهي هوُ ڪرپالوُ،
مهربان آ دين ديالوُ،
پري نہ پريتم آهي منهنجو،
موُن سان آهي سدائين ساڻ، منهنجا راس .....

٢. صدق رکي جنهن مهل پڪاريان،
ورهہ ۾ ويني هنجوُن هاريان،
لڙڪ اُگهي ڪيئن پيار ڪري ٿو،
لهي سار سڄڻ ٿو پاڻ، منهنجا راس .....

٣. جيڪي ڪري ٿو تنهن ۾ چڱائي،
هر رچنا ۾ رکيل ڀلائي،
راز نہ سمجهي لوڪ اياڻو،
آهي سندس منڊيل مانڊاڻ، منهنجا راس .....

٤. هار ڀي اُنجي جيت ڀي اُنجي،
غم ڀي اُن جو خوشي ڀي اُن جي،
ڪين ڀُلو من تو سمجهي،
آهي وئرٿ هيءَ چڪتاڻ، منهنجا راس .....

٥. ڪين ڏسي ٿو منهنجون ڪچايوُن
معاف ڪري ٿو ''آشا'' مدايوُن،
ڍولڻ ٿي ڍڪي عيب اسانجا،
آهي سڄڻ ستار سُڄاڻ، منهنجا راس .....

غزل

جڳت ساري کي ڪريان پيار،
ڪنهن لاءِ من ۾ ڪين ڌڪار.
١) سڀ ۾ جوت جانب جي آهي،
ڪُل جو خير گهران هروار.
٢) ڪنهن سان عداوت ڪين ڪي آهي،
مون لئہ هرڪو آ دلدار.
٣) ڪنهبي جو چڱڪو آ جيون،
ڪنهن سان ڪين ڪريان تڪرار.
۴) جيڪو سودو جنهن وٽ هوندو،
سوئي ڪندو هوُ واپار.
۵) خوف خُدا جو رکجي هردم،
ڏاڍي صاحب جي سرڪار.
٦) لک ٿورا سائين جا آهن،
صبر شڪر ۾ وقت گذار.
٧) توڪل ترهي چڙهہ تون **”آشا“**،
جيون ٻيڙو ٿيندو پار.

ويچار - ١٣

پيار آهي زندگي، پيار آهي بندگي،
پيار ڏياري ٿو نجات، پيار آ آبيحيات.

واٽُون واجهايان

پريتم! تنهنجي اچڻ لئہ واٽُون ويٺي واجهايان،
واٽُون ويٺي واجهايان اکڙيون ويٺي وڇايان.

١. تنهنجي ورھہ ۾ آهيان ورهين کان مان ويڳاڻي،
روئي روئي هنجوُن هاريان، بند ڪين ٿئي ٿو پاڻي،
دل درد سان ڀريل آ، واساما ويٺي ڳايان،
پريتم! تنهنجي اچڻ لئہ واٽُون ويٺي واجهايان.

٢. جيءَ جا جيئارا جانب تڳان تنهنجي ٿي سهاري،
آھہ ڪاڻ ڪانڌ موُن ۾ آهيان مان تو ڀناري،
تو ڪان سواءِ سپرين، ڪجھہ ڪين ٻيو مان چاهيان،
پريتم! تنهنجي اچڻ لئہ واٽُون ويٺي واجهايان.

٣. اچي لطف ڪين ”**آشا**“ دنيوي مزن مان ساجن،
اقبال عهدو آهي، جنجال موُن لئہ راڄن،
چرنن ۾ تنهنجي ويهي تنهنجو ئي ڏيان ڏيايان،
پريتم! تنهنجي اچڻ لئہ واٽُون ويٺي واجهايان.

ويچار - ١٤

پنهنجن سان ڪر ڪين تون پاسو،
پيار جو پريتم پياسي آهيان،
ڏي ڏي دل کي وصل دلاسو!

ڇڏ چڪتاڻ

ڇڏ من جي تون چڪتاڻ!
سوچ تون آئين هتي ڇا ڪاڻ!

١. هرڻ جيان تون ڊوڙي ڊوڙي،
تون هڪ ڏينهن ڏيندين پراڻ.

٢. ڪيئہ خوشامد ڪيڏن جي تو،
هاڻ ڪيج نہ ڪنهنجي ڪاڻ.

٣. پئسو پدارٿ هت تون ڇڏيندين،
ويندين خالي هٿين تون مساڻ.

٤. تنهنجي اندر ٿي هيرا موتي،
لهہ تون اندر ۾ هيرن کاڻ.

٥. پريو توکان پري نہ آهي،
آهہ سائين سدا تو ساڻ.

٦. نام جو سؤدو سچو سهانگو،
ڪرين ڪوڙا ڏنڌا ڇا ڪاڻ؟

٧. ”آهہ“ سُرتي شبد سان ميلي،
پس پاڻ ۾ پيهي تون پاڻ.

هري اوم جپ

هري اوم جپ توُن هريءَ جا پيارا،
هريءَ جا پيارا نينهن ۾ نيارا.

۱. جپيندين هريءَ کي سدا سکي ٿيندين،
صرف پاڻ سان توُن نام پوُنجي نيندين،
اها پوُنجي توسان انگ سنگ سهارا،
هري اوم جپ توُن هريءَ جا پيارا.

۲. ياڳن سان ملي ٿي توکي منشيہ ديهي،
وئرٿ وڃائج نہ تنهنکي توُن ويهي،
قدر تنهن جو ڪر توُن، گينواري ڇڏ گينوارا.
هري اوم جپ توُن هريءَ جا پيارا.

۳. ''**آشا**'' دنيوي ڳالهيون ڇڏج توُن وساري،
توُن پل پل پريوُءَ کي ڪر ياد پياري،
توُن انترمکي ٿي پيءُ امرت جي ڌارا،
هري اوم جپ توُن هريءَ جا پيارا.

ويچار - ۱۵

ڪين واليءَ کي وسارج توُن بندا!
جو وساري حيف تنهنکي آ ادا!

پريوُ ليلا

پريوُ تنهنجي ليلا اپرم اپار،
وجان توتان سائين مان بلهار.

١. جل ٿل ۾ تو جيوَ اُپائين،
هرڪنهن کي تو روزي رسائين،
لهين ساري جڳت جي سار،
پريوُ تنهنجي ليلا اپرم اپار.

٢. توُن ئي ڪٽي مان ڪيچ اُپائين،
بوُند مان ڪيئن موتي تو بڻائين،
ٿين کاڻ ۾ هيرا لعل هزار،
پريوُ تنهنجي ليلا اپرم اپار.

٣. جيڪي ڪرين تو تنهن ۾ ڀلائي،
جيوَ اڄاڻ تو سمجهي برائي،
آڻي برپت ۾ توُن بهار،
پريوُ تنهنجي ليلا اپرم اپار.

٤. ”**آشا**“ ترشنا تي پٽڪائي،
ترشنڪوءَ وانگر تي لٽڪائي،
ڪٽ مايا جو توُن جار،
پريوُ تنهنجي ليلا اپرم اپار.

ڇا تي ڪرين ايمان

بندا! ڇا تي ڪرين ايمان!
آهين ڏينهن ٻن جو مهمان!

١. ڪوڙي ڪايا آ ڪوڙي مايا،
درخت جي ڇڻ آهي ڇايا،
آهي فاني سارو جهان،
بندا! ڇا تي ڪرين ايمان!

٢. سڪندر قارون پارا لڏي ويا،
شاهي حڪومت هتي ڇڏي ويا،
ڪري خالي محل مڪان،
بندا! ڇا تي ڪرين ايمان!

٣. ڇئن ڏينهن جو ڇتڪو آهي،
سا پيا سمجهين، سا پيا ناهي،
تنهنجي من مت جو خفقان،
بندا! ڇا تي ڪرين ايمان!

٤. نام ڇڏي توُن ڪوڏيون ڪٽين ٿو،
جن لءِ ''آهه'' هڏ توُن هٽين ٿو،
سي تہ ساڙي ايندءِ شمشان،
بندا! ڇا تي ڪرين ايمان!

ويچار - ١٧

ڪين ڪر توُن ماڻ ايڏو زال تي،
ڪين ڪر تڪرار ڏن ۽ مال تي.

پاڻي ڪين ولوڙ

تُون پاڻي ڪين ولوڙ،
من تُون پاڻي ڪين ولوڙ.

١. دنيا جا هي ڏنڊا ڏاڙيون،
ڏوڙ اٿي بنگلا ۽ ماڙيون،
تن کان منهن تُون موڙ،
من تُون پاڻي ڪين ولوڙ.

٢. جڳت سمورو مروُ اسٿل آ،
پياس نہ پوُري ڪري سو جل آ،
تُون مٿو نہ پنهنجو ڦوڙ،
من تُون پاڻي ڪين ولوڙ.

٣. پريوُءَ کي تُون وينين وساري،
دم دم توکي سنڀالي ساري،
تنهن سان ورتي جوڙ،
من تُون پاڻي ڪين ولوڙ.

٤. سائينءَ سان رکہ نينهن جو ناتو،
ميساري ڇڏ سنساري ڪاتو،
”آها“ تُون دنيوي سنبنڌ توڙ،
من تُون پاڻي ڪين ولوڙ.

ويچار - ١٦

جن لاءِ ڪرين ٿو تُون خفا،
”آها“ سي سڀ اٿئي بيوفا.

روح جا راڳا

توُن مون ڏي نهارين مان توڏي نهاريان،
صرف توکي ئي مان اکين ۾ وهاريان.
١.نذر ٿي نپايان توسان نينهن ناتو،
ڳلن ڳوڙها ڳاڙي مان ور ور پڪاريان.
٢.مان لوڪن جي ليکي رهان لوڪ وچ ۾،
مگر تات تنهنجي مان تن ۾ تنواريان.
٣.ڪمل چرن ڏيايان تنهنجو نام ڳايان،
سدائين سواسن سان توکي مان ساريان.
٤.منهنجي روح جا راڳا اها آهه **''آشا''**،
ڪندي ڪار ڪم ڀي نه توکي وساريان.

منهنجا پريتم

تنهنجي تصوير منا منهنجي اکڙين ۾ تري،
تصور ٿو ڪريان تنهنجو جڏهن نير جهري.
١. نينهن واري نظر ساڻ نوازش ٿو ڪرين،
سر ڳه ڏرتيءَ تي جڏهن پاڪر ۾ پرين.
٢. قدمن جي تنهنجي خاڪ اٿئي پهر لڳايان،
اهڙو شل پاڳه سدا منهنجو منا محب وري.
٣. دوُر دوُري ڪري ڪين سگهي دل کي ڪڏهن،
ساهه ۾ توُن سمايل نه موُن کان پل به پري.
٤. **''آشا''** تي عنايت تنهنجي محبوُب رهي،
لنوَ لنوَ ٿي تنبوري جيان وڃي عرض ڪري.

پرين پاڻ کندو ڪم راس

پاڻهين پرين ڪندو اچي ڪم داس جو سمورو،
جنهنجو صدق سچڻ ۾ ڪم ٿيندو تنهن جو پورو.

۱. پرپوُ پاڻ سالڪن جي سڌ سار اچي لهي ٿو،
گهرجوُن پنهنجي ڀڳتن جوُن پوريون اچي ڪري ٿو،
وشواس رکہ واليءَ ۾ ڀڳتيءَ جو ڪڻ تنبورو،
جنهنجو صدق سچڻ ۾ ڪم ٿيندو تنهن جو پورو.

۲. تنهن در تي دير آهي، انڌير ڪين آهي،
بگڙيل جو سانگہ آهي ساجن پاڻ هي بڻائي،
جنهن تي سندس عنايت رهندو نہ ڪم اڌورو،
جنهنجو صدق سچڻ ۾ ڪم ٿيندو تنهن جو پورو.

۳. ''**آشا**'' نہ آس لاهہ، وڻ ويجها ٿي ڏٽيءَ جا،
احسان ڪڻ الکہ جا، ٻيو ڪين ڪڻ ڪي ڪنهنجا،
نيڪين جو نيٺ توکي ملندو اوس اُجوُرو،
جنهنجو صدق سچڻ ۾ ڪم ٿيندو تنهن جو پورو.

ويچار - ۱۸

داتا آهي دين ديال،
هڪ هڪ جي ٿو لهي سنڀال.

۱.۲ اتم مون ۾ ڪيئي ستگر مدايون،
ڏسو ڪين منهنجون مرشد ڪڇايون،
دک درد منهنجو مرشد متايو،
هلنديءَ هلايو! هلنديءَ هلايو!

۱.۳ ڪين آب آڻي ارداس ڪريان،
چرنن اوهان جي سر پنهنجو ڌريان،
''**آشا**'' جي عرضي مرشد اگهايو،
هلنديءَ هلايو! هلنديءَ هلايو!

محب ملن

منهنجا محب منا منثار ملن،
روئي روئي جن لءِ نيڻ سڪن.

۱. دلبر دل جو درد تا چاڻن،
روح رهاڻيون ڪريان مان ساڻن،
محبوب اچي گهڙيون گهر ۾ تڪن،
منهنجا محب منا منثار ملن.

۲. ساجن لءِ مان اکڙيون وڇايان،
ويني ورهه ۾ گنگا يمنا وهايان،
''**آشا**'' من ڪا اچي سي سار لهن،
منهنجا محب منا منثار ملن.

مان آهيان پولي

مان آهيان سڄڻ ڏاڍي پولي،
ڪجاڻ اؤڪيءَ مان توُن سؤلي.

١. در دنيا جا ڪيئي گهميا مان،
آخر تنهنجا چرڻ چميا مان،
ڇو نہ آهيان تنهنجي گولي،
مان آهيان سڄڻ ڏاڍي پولي.

٢. آهيان ڏاڍي عيبن هاڻي،
ميٽ مدايوُن منهنجا ساڻي،
سائين! پريم جي پاراءِ ڇولي،
مان آهيان سڄڻ ڏاڍي پولي.

٣. ''**آشا**'' ڪي پنهنجي گود وهاري،
سڪ جي سنڙي تنهن ڪي پيئاري،
ڏج مهر سندي توُن لولي،
مان آهيان سڄڻ ڏاڍي پولي.

هلنديءَ هلايو

هلنديءَ هلايو! هلنديءَ هلايو!
موتاج مونکي نہ سائين بڻايو!

١. سهڻ جي نہ موُن ۾ رهي آ ڪا شڪتي،
ڪيم ڪين پڳتي نہ جاڻان ڪا يڪتي،
بڏل بيڙي منهنجي ڪناري لڳايو،
هلنديءَ هلايو! هلنديءَ هلايو!

٢. نہ دل ٿي لڳي منهنجي دنيوي ڪمن ۾،
ٿيان مان تہ مالهڻ تنهنجي چمن ۾،
چونڊي پشپ پيارل مان تو لءِ وڇايان،
آلين اکين سا مان ور ور نهاريان.

٣. ڪپي ڪين مايا، نڪي مان مونکي،
نڪي عهدو ”**آھا**“ نڪي شان مونکي،
ڪپي پيار تنهنجو، ٻيو سڀ ڪجھہ وساريان،
آلين اکين سا مان ور ور نهاريان.

پياس

اُتم پياس پريتم! پنهنجي سنگ وهاريو،
ڪري ڪرپا درشٽي تہ ساگر مان تاريو.

١. وڪارن جو طوفان لڳي تيز ٿو پيو،
اوهان ئي اچي اُن آنڌيءَ کي ٽاريو.

٢. اوديا جي اوندھہ اندر ۾ آ راٽا،
اوهان گيان جيوتي اچي تنهن ۾ ٻاريو!

٣. اگهي آهيان ٿيندس سگهي ٻاجھہ سان ئي،
پنهنجي پيار امرت جو پيالو پيئاريو.

۴. ڪمل چرن ڏيايان اها آھہ ”**آھا**“،
سنل آهيان نند ۾ ”**انجلي**“ اُتاريو.

دادي شانتي واسواڻي

مڏر مشڪ واري او شانتي نماڻي!
دادل در تي تنهنجي ڪمائي اگهاڻي.

۱. ڏنئُہ پيار سڀ کي تو پريوُءَ جي پياري،
جپي نام پريوُءَ جو جيون تو تاري،
دادل شاهہ مرشد سدا توسان ساٿي،
مڏر مشڪ واري او شانتي نماڻي!

۲. دنيا جي رسن کان هيو منهن تو موڙيو،
ڏٽيءَ سان ملڻ لءِ تو نينهن ناتو جوڙيو،
سچڻ جي توُن سڪ ۾ سدائين سيباڻي،
مڏر مشڪ واري او شانتي نماڻي!

۳. ڪنول گل جيان تو گذاري حياتي،
انئي پهر لالڻ سان لنوڙي تو لاتي،
پريوُءَ گود ۾ تو وجي موُج ماڻي،
مڏر مشڪ واري او شانتي نماڻي!

ڪڏهن شيام!

آلين اکين سا مان ور ور نهاريان،
ڪڏهن ايندين ڪرشن مان تو لءِ پڪاريان.

۱. وئي ننڊ نيڻن مان آ موڪلائي،
اکين کي اوسيئڙو فقط تنهنجو آهي،
انئي پهر توکي مان رڳہ رڳہ ۾ ساريان،
آلين اکين سا مان ور ور نهاريان.

٢. تنهنجي حڪم سان سڀ ڪجھ ٿئي ٿو،
هڪڙو پن ٻي ڪين ڪي لڏي ٿو،
توُن ئي ساري جڳت جو چالڪ،
تون منهنجو مالڪ، مان تنهنجو ٻالڪ.

٣. توُن ساگر مان تنهنجي ڇولي،
پيار پنهنجي جي ڏي توُن لولي،
"آشا" تنهنجي راهه جو سالڪ،
تو ن منهنجو مالڪ، مان تنهنجو ٻالڪ.

سچڻ ايندا

سچڻ شال ايندا پرين شال ايندا،
پرينءَ جي اچڻ سان ڏک دوُر ٿيندا.

١. اٺئي پهر جن کي اندر ۾ مان ساريان،
سارينديِ سارينديِ هنجوُن ويني هاريان،
محب جلد ملندا نذر کي تہ نيندا،
سچڻ شال ايندا پرين شال ايندا.

٢. سواءِ تن جي منهنجو نہ واهر وسيلو،
مان بيوس اياڻو هلي ڪين حيلو،
اچي موُن ڏکيءَ کي سي ڏڍ پاڻ ڏيندا،
سچڻ شال ايندا پرين شال ايندا.

٣. آهن منهنجا راڻا سچڻ سوُنهن وارا،
سدا ساهہ سيباڻا اکڙين جا تارا.
نبل آهيان "آشا" اچي سي جهپيندا،
سچڻ شال ايندا پرين شال ايندا.

ڪڏهن ڏيندين درشن

١. ڪڏهن ڏيندين درشن تون ڪرشڻ مُراري،
وئي عمر منهنجي ائين گذري ساري.
٢. اتم پياس پريتم ڪرين شل تون پنهنجو،
نہ ڪا طلب بي ڪا، نہ آذار ڪنهنجو.
٣. وري منش چولو، ڪڏهن مونکي ملندو،
ٿيندو تنهنجو درشن، منهنجو ڀاڳہ کلندو.
٤. تنهنجي سڪ جي ساجن، سمرٽي مان سوريان،
اچہ من مندر ۾، توسان حال اوريان.
٥. مڌر مرلي موهن، اچي تون وڄائڄ،
ڪري مڱڌ مونکي، ڇاتيءَ لڳائڄ.
٦. دنيا جي مزن مان، مزو ڪين آيو،
ملين جي تون ”آشا“ کي، تہ جيون سڄايو.

تون منهنجو مالڪ

تون منهنجو مالڪ، مان تنهنجو ٻالڪ،
ساري سرشٽيءَ جو، تون ئي پالڪ.
١. ماتا پتا جيان سار لهين ٿو،
ڏوهہ ڏنگايون ڪين ڏسين ٿو،
تنهنجا وڙ، مان ڪين ڪي لائق،
تون منهنجو مالڪ، مان تنهنجو ٻالڪ.

هري ڀڄن

هري ڀڄن ۾ چت نا لائين!
ويرٿ مانش جنم وڃائين.

ا. دنيا مان تون ڪجهہ ڪين وٺيندين،
سهڪي سهڪي دم تون ڏيندين،
وينو ڪوڙا ڪرم ڪمائين،
هري ڀڄن ۾ چت نا لائين!

٢. سڀا سنبنڌي سات نہ ڏيندءِ،
انت سمي نہ سهائي ٿيندءِ،
تو ناحق پاڻ ڦاسائين،
هري ڀڄن ۾ چت نا لائين!

٣. هيرن جهڙي امولڪ ديهي،
آلس ۾ تو وڃائي ويهي،
وينو وئرٿ سواس وڃائين،
هري ڀڄن ۾ چت نا لائين!

۴. هڪ ڏينهن ”آشا“ هلڻو آهي،
سڀ ڪجهہ هتڙي ڇڏڻو آهي،
چو نہ لنو لالڻ سان لائين،
هري ڀڄن ۾ چت نا لائين!

ويچار - ٢٠

سواسن جا ٿا هيرا وڃايون،
ڪال اچي تو جڏهن ڪنڌ تي،
ڳوڙها ڳاڙي پوءِ پڇتايون.

ورهي سورٺا

١. سڪندي ٿيڙم سال، تو سار نہ لڌي سُپرين،
کهڙا منهنجا حال، آءُ اچي ڏس روبرو۔

٢. روئندي گذري رات، ڏينهن جو پوُر پچايان،
اکڙين مان برسات، سڄڻ سدا وسندي رهي.

٣. ڪنهن سان اوريان اور، مطلب جا ماڻهوُن هتي،
منهنجي من جا مور، سوُر سليان مان توسان.

٤. آهين ڪيڏو نہ دوُر، تہ بہ دل کان دوُر نہ پانيان،
شايد توُن مجبور، نہ تہ سڄڻ ملين اچي سيگهہ ۾.

٥. ويندس جڏهن مري، چا ايندي تڏهن سُپرين،
واپس ويندين وري منهنجي خاڪ ڏسي ڪري.

٦. ڪير ڪري ٻيو پيار، ڪير انگل آرا سهي!
توُن ئي هڪ آڌار، جانب ”**آشا**“ جيءَ جا.

ويچار - ١٩

ڪن جو اچڻ بہ ڪين وڻي ٿو،
ماڻهو مڙئي ماڻهو آهن،
ڪن جو وڃڻ بہ درد ڏئي ٿو.

جيو ديا

جيو ديا جي جوت جڳايو!
پکين پسن کي گلي لڳايو!

١. پرپوءِ جي اؤلاد سڀئي،
ڇُري نہ تن تي هلايو!

٢. منشيہ ديھہ مندر مالڪ جو،
سدا پوتر تنهن کي بڻايو!

٣. جو تو ٻين کي پيڙي ستائي،
پاڳہ پنهنجو تنهن پاڻ ڦٽايو!

٤. ماس ماڻھن جو کاڌو ناهي،
ڇو پاڻ کي پسُون سڏايو!

٥. ديا نہ جنهنجي دل ۾ آهي،
ڏيو جيئڻ تہ تنهن جو اجايو!

٦. پلا مڇيون سنتان درياھہ جي،
تن کي لقمو ڪين بڻايو!

٧. کاڌي جو ٿئي اثر تو من تي،
من جو سک اوهين ڇو ٿا وڃايو؟

٨. زبان جي ٿوري چسڪي خاطر،
ڇو گگدامن جو خون وهايو!

٩. سوارٿ ۾ اوهان انڌا ٿي ڇو،
جيري خاطر ٻڪري کهايو!

١٠. دادا جو پيغام هي **”آهه“**،
سوامي جن جي سکيا هندايو.

ڪنهن سان سليان

ڪنهن سان آنءُ سليان هي سوُر!
سرتيون! ساجن مُئيءَ ڪان دوُر!

۱. اياڻن اڳيان روئڻ اجايو،
ناحق پاڻ تي لوڪ کلايو!
ڪيم وڏو ئي ڇڻ تہ قصور،
ڪنهن سان آنءُ سليان هي سوُر؟

۲. ڦڳڻ ڦولاريو دل نہ ڦولاري،
موُن لئہ خزان آ جڳہ لئہ بهاري!
چاڻ انبن جهليو پيهڻ ٻوُر،
ڪنهن سان آنءُ سليان هي سوُر؟

۳. محبت ڪرڻ ڪو مهڻو ناهي،
پريم تہ پوتر پاوَ ئي آهي،
مونکي لوڪن سمجهو نہ موُر،
ڪنهن سان آنءُ سليان هي سوُر؟

۴. جن کي چاتم ساٿي پنهنجو،
هنڙي ڪين بٽيو ڪو ڪنهنجو،
آهي ٻيڙيءَ جو هي پوُر
ڪنهن سان آنءُ سليان هي سوُر؟

۵. نندڙي ''**آشا**'' ڪين اچي ٿي،
اکڙين مان برسات وسي ٿي،
آهي درد جو هي دستور،
ڪنهن سان آنءُ سليان هي سوُر؟

سوامي ٽيئونرام مهاراج

سوامي ٽيئونرام جئہ جئڪار!
سنڌ ۾ وني آئين اوتار.

١. سنڌڙيءَ جو توُن سنت سونهارو،
ديش وديش ۾ تئين هاڪارو،
چؤڌاري تنهنجي هبڪار،
سوامي ٽيئونرام جئہ جئڪار!

٢. پريم پرڪاشي منڊل ٺاهي،
ستنام ساکي جپي جپائي،
پريم جو تو تہ ڪيو پرچار،
سوامي ٽيئونرام جئہ جئڪار!

٣. گرو نانڪ جيان صوُرت نماڻي،
امرت جهڙي تنهنجي واڻي،
گيان سندو توُن هئين گلزار،
سوامي ٽيئونرام جئہ جئڪار!

٤. سنت سچو توُن هئين لاثاني،
راهہ ڏيکاري تو تہ روحاني،
سنگر تو تان سد ٻلهار،
سوامي ٽيئونرام جئہ جئڪار!

٥. سار لڌي تو دکين ٻکين جي،
سيوا ڪئي تو پسن پکين جي،
”**آشا**“ ڀڳتيءَ جو توُن ڀنڊار،
سوامي ٽيئونرام جئہ جئڪار!

ونيہ

ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکار،
رکہ پاڻ کان نہ ڌار.

١. آهيان اڳہ بہ مان تنهنجي،
آهيان پوءِ بہ مان تنهنجي،
هلي کين کي منهنجي،
اچي منهنجو کڻ بار،
ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکار.

٢. مون ۾ سگهہ کين آهي،
مونکي ڏانوَ بہ تہ ناهي،
وڃان کيڏانهن مان ڪاهي،
آيس تنهنجي مان دوار،
ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکار.

٣. ڪمل چرڻ تنهنجا ڏيايان،
تنهنجو نام ويهي ڳايان،
تارون تن جون وڃائي،
کٽي سک جي ستار،
ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکار.

٤. ''آشا'' تنهنجي آهي داسي،
سدا تو لئہ آ پياسي،
ڪري قياس مون تي قياسي،
پنهنجو پيار تون پيئار،
ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکار.

٢. آئي سرءُ آ ويئي بهاري،
مون لئہ اوندھ جڳہ لئہ ڏياري،
لڳو آهي ڪوسو واءُ،
منهنجا جانب جلدي آءُ!

٣. مطلب جي آهي دنياداري،
جوئي **''آها''** جڳہ جي ياري،
آهي تنهنجو سچو بس ناءُ،
منهنجا جانب جلدي آءُ!

منهنجو ستگروُ

منهنجو ستگر دين ديالو آ، جو نام جو جاپ جپائي ٿو،
ڪيڏي چوراسي جي چڪر منجهان، هوُ جيون مڪت بڻائي ٿو.

١. دنيا جي درياھ ۾ ٿي ڪشتي ٻڏي،
گروُ ڪشتي پار لڳائي ٿو، منهنجو ستگر .....

٢. اگيان جي اوندھ ڏاڍي آ،
گرو گيان جي راھ ٻنائي ٿو، منهنجو ستگر .....

٣. ڪنهن کي تن جو دک، ڪنهن کي من جو دک،
گروُ دکڙا مڙيئي مٽائي ٿو، منهنجو ستگر .....

٤. مايا جو آورڻ دوُر ڪري،
گروُ ساڪي روُپ پسائي ٿو، منهنجو ستگر .....

٥. ڪام ڪروڌ لوڀ جي باھ منجهان،
گروُ **''آها''** اڇي بچائي ٿو، منهنجو ستگر .....

پرين پرديس

پرين ويا پرديس منهنجو ساهہ سانگين کي ساري،
ستين سمنڊين ساجن منهنجا دل روئي هنجوُن هاري.

١. پياس ڪرڻ پياسين جي پوُري، ويا ڏورانهن ڏيهن ۾،
ستگر ٻاجهون نام جو امرت، ڪير پيلا ٻيو پيئاري.

٢. وير وڪارن جي آ پاري، لوڀ موهہ جونُ لهرون،
دهشت واري هن درياهہ مان، ڪير پيلا ٻيو تاري.

٣. ستنام ساڪي منتر ڏيئي، راهہ ٻتائن سچ جي سيئي،
محب منا محبت جي مورت، دل تن کي ڪيئن وساري!

٤. "**آشا**" تن جي آهہ عنايت، روُح کي ڏين ٿا جيڪي راحت،
پال پلايائون هن پوريءَ سان آنءُ پيس تن جي پناري.

جانب جلدي آءُ

منهنجو سڏڪن ۾ آ ساهہ،
منهنجا جانب جلدي آءُ!

١. لوڪن کي لڪ کڙي منهنجي،
ڪين ملي دلداري ڪنهنجي،
کڙو توکان لڪ لڪاءُ،
منهنجا جانب جلدي آءُ!

دل جو درپڻ

دل جو درپڻ ڪر تون صاف
درشن ڏيندءِ دل ۾ پيارا!

١. اوديا جي لٽ دور ٿئي ٿي
سوجهي پنهنجي تڏهن پوي ٿي
من مندر ۾ داتا ڏلارا
درشن ڏيندءِ دل ۾ پيارا!

٢. جڳ ۾ رهه تون جڳ کان نيارو
پريوءَ کي تون ڏيندين پيارو
مٽي ويندءِ سڀ من جا مونجهارا
درشن ڏيندءِ دل ۾ پيارا!

٣. ٻاهر ڀٽڪي عمر وڃايئه
هيرا جواهر کي ئي گنوايئه
اندر پس نوراني نظارا
درشن ڏيندءِ دل ۾ پيارا!

٤. پريوُ توکان پري نه ”آهه“
انترمکُ ٿي ڇڏي نراشا
اندر آنند جا ته ڀنڊارا
درشن ڏيندءِ دل ۾ پيارا!

چئو جھولي لال

چئو سڪ سان جھولي لعل،
آھ دولھ داتا اُڏيرولعل.

١. سنڌ ۾ وني اوتار ھوُ آيو،
دشتن کي جنھن مٽيءَ ملايو،
ھوُ آھي اسانجو رکپال،
چئو سڪ سان جھولي لعل.

٢. لعلڻ جي جيکي جوت جڳائن،
شرڌا سان جي ڀراڻا ڪڍائن،
ڪري پوُرا تن جا سوال،
چئو سڪ سان جھولي لعل.

٣. لعل سائين جا پنجڙا ڳايوُن،
ويچا وساري جُھمريوُن پايوُن،
جھولڻ ڪندو پلا پال،
چئو سڪ سان جھولي لعل.

٤. سڀ جوُن خالي جھوليون پري ٿو،
دکڙا دکين جا دوُر ڪري ٿو،
ڪري سيني کي مالا مال،
چئو سڪ سان جھولي لعل.

٥. دولھ ”**آشا**“ سڀ جي پڄائي،
شرڌا سان جيڪو سيس نوائي،
آھي ننگي سدا ننگپال،
چئو سڪ سان جھولي لعل.

دادا ساڌو واسواڻي

دادا ساڌوُ واسواڻي توُن آتمڪ روشن منار،
سنت شرومڻي سنڌ جا پرڻام توکي وار وار.

۱. گياني ڌياني برهمچاري پڻ سُڌارڪ فيلسوف،
نوُر نوُراني نيڻن ۾ پيشاني تنهنجي جلويدار.

۲. توُن رشي تياڳي تپسوي سنيهه جي صوُرت هئين،
نياز نوڙت سادگي ۽ گيان جو هئين توُن ڀنڊار.

۳. بي واهن جا لڙڪ اُگهيا ۽ پيار تو تن کي ڏنو،
توُن هئين هيڻن جو حامي ۽ غريبن مددگار.

۴. تو اميريءَ کي ڇڏي پاتو فقيريءَ جو لباس،
قرب جي ڪفني تو پاتي ميران وانگر قربدار.

۵. تقرير ۽ تحرير تنهنجيءَ ۾ عجب تاثير هو،
اوُچ ڪوٽيءَ جو ڪوي ۽ سچو توُن ساهتيڪار.

۶. گيان ڀڳتي ڪرم جو هو تنهنجي جيون ۾ سنگم،
مت محبت جا هئا تو وٽ عشق برهه جا انبار.

۷. تنهنجي واڻي گنگا جل جيان انتهڪرڻ سيتل ڪري،
جو پڙهي شرڌا رکي تنهن جو ڪيو تو بيڙو پار.

۸. خلق ۾ خالق پسي تو خلق جي خدمت ڪئي،
اڄ سڄي سنسار ۾ تنهنجو مڃتا آ ناماچار.

۹. جنم دن تنهنجو ملهايون سڪ ۽ شرڌا سان اسين،
تنهنجو وارث ”**انجلي**“ ”**آشا**“ ڏئي سڀ کي پيار.

سڄڻ ڪين آئين

سڄڻ ڪين آئين! منا ڪين آئين!

۱.سپنن ۾ ساريان جاڳندي پڪاريان
انئي پهر تو لئہ روئندي گذاريان
سڄڻ ڪين آئين! منا ڪين آئين!

۲.دنيا جي مزن مان مزو نا اچي ٿو
دونهون درد جو دل ۾ دائم دکي ٿو
سڄڻ ڪين آئين! منا ڪين آئين!

۳.سواءِ تنهنجي ساجن ڪنهن سان حال اوريان
ڪهڙي پار وئين توُن ڪهڙي پار ڏوريان
سڄڻ ڪين آئين! منا ڪين آئين!

۴.ڪڏهن من مندر ۾ توُن محبوب ايندين
پياسي روُح ”**آشا**“ ڪڏهن پيار ڏيندين
سڄڻ ڪين آئين! منا ڪين آئين!

ويچار - ۲۱

تنهنجي درد فراق ۾ جيئڻ ٿيو دشوار
ڪير لهي منهنجي سار! ستگر منهنجا سپرين.

شري ڪرشڻ ڪنعيا

منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ!
اچي ڪير مکڻ توُن کاءُ!

١. گوپيون تو بن مانديون آهن!
ورهه تنهنجي ۾ گيت تيون ڳائن،
ڪر تن تي توُن ڪهڪاءُ!
منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ!

٢. گوال بال آهن ويڳاڻا!
اچ توُن تن جي دل جا راڻا،
لهه تن جو توُن سُڌ سماءُ،
منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ!

٣. مڌر مڌر مرلي تو وڄائي،
جنهن به ٻڌي، تنهن سُرت ڀلائي،
لڳي تنهن کي نه ڪوسو واءُ،
منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ!

٤. ڳانيون نماڻيون نير وهائن،
ڪوس گهرن ۾ ڪيئن نه ٻاڏائن،
نٿيون ڪائن ڳايون گاهه،
منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ!

تات تنوار

تنهنجي تن ۾ تات تنوار
ڪڏهن ايندين مٺا مٺار؟

١. ڏينهن جو تنهنجي راهه نهاريان،
روئي روئي رات گذاريان،
آهي سپني ۾ تنهنجي سار،
تنهنجي تن ۾ تات تنوار.

٢. ساجن وئين توُن سئر سٺاڻي،
فرش تان توُن وئين عرش اُڏاڻي،
عرش مان وئين توُن ڪهڙي پار؟
تنهنجي تن ۾ تات تنوار.

٣. اون هئي توکي ڪيڏي منهنجي،
توُن مرشد مان ٻانهي تنهنجي،
ڏنو امڙ جيان مونکي پيار،
تنهنجي تن ۾ تات تنوار.

٤. ورهه ۾ ورهيه ويا ڪيئي گذري،
”**آشا**“ جي آشا نه ٿي پوُري،
ڪڏهن دلبر ڏيندين ديدار؟
تنهنجي تن ۾ تات تنوار.

بيت

پرين ويا پرديس ڏانهن، جيجل ڪيئن جيئان
نيڻن ننڊ حرام ٿي، ويني لڙڪ پيئان
سچي سهاڳڻ ٿيان، ماڻيان محب مشاهدو

پريوءَ سان رهاڻ

کر پريوءَ سان روح رهاڻ
لوڪن سان تو گهڻو ڳالهايو

۱. لک ڪروڙ تو هتي ڪمايا
سواس امولڪ پنهنجا گنوايا
هنان جي مايا، هتي رهي
نام پدارٿ ڪين ڪمايو
لوڪن سان تو گهڻو ڳالهايو

۲. دنيا جي جهنجهٽن ۾ اٽڪي
ترشنڪوءَ وانگر تو لٽڪي
سوچ نہ ڪيو تو اياڻا ڪو
وئرٿ پنهنجو وقت وڃايو
لوڪن سان تو گهڻو ڳالهايو

۳. چؤراسيءَ بعد جنم مليو ٿي
پيارا تنهنجو ڀاڳہ کليو ٿي
رسن ۾ ريجهي رس ورتا
پر پريتم کي ڪين پرچايو
لوڪن سان تو گهڻو ڳالهايو

۴. ٿورو ڳالهائج منو ڳالهائج
ڪنهن کي پيارا ڪين رنجائج
”آشا“ سڀ سان پيال پلاءِ
سنتن منڙا آ سمجهايو
لوڪن سان تو گهڻو ڳالهايو

٥. ڪيئي دشاسن ڪنس ستائن،
دروپدين جي عزت لٽائن،
ڪر تن کي تُون ئي تباھہ،
منھنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ!

٦. پياس تنھنجي درشن جي آهي،
”آشا“ گيت ملن جا ڳائي،
تُون ڪر ڪو سٽائو واءُ،
منھنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ!

پياس پُوري ڪر

پريتم! پياس تون پُوري ڪر
منھنجو ڪلندو ڪڏھن مقدر

١. گيت ورھہ جا ويٺي ڳايان
تنھنجو درشن دلبر چاھيان
پنھنجي پيار سان جھولي پر
پريتم! پياس تون پُوري ڪر

٢. صوُرت تنھنجي سيني سمايان
در تنھنجي جي داسي آھيان
ڪندي تُون ئي ساري سر
پريتم! پياس تون پُوري ڪر

٣. من مندر ۾ توکي ڏيايان
آد جڳاد کان تنھنجي آھيان
”آشا“ چاڪر تنھنجي در
پريتم! پياس تون پُوري ڪر

پريم جي جوت

اُٿو پريم جي جوت جڳايو
نفرت جي اونده مٽايو

١. دنيا جي چمن ۾ پوکيو گل
ڪنڊا ڪنهن لئه ڪين وڇايو

٢. ڪلفت جي ڪٽ قلب تي آهي
تنهن کي اُلفت سان چمڪايو

٣. من ميري کي صاف ڪرڻ لئه
سچو صابڻ سڪ جو لڳايو

٤. وير وروڌ مان ڪجهه به نه ورتو
هڪ ٻئي کي سڀ گلي لڳايو

٥. اهم وڏي ويو آ چوڌاري
من پنهنجي کي ئي سمجهايو

٦. ورهين کان وچڙيل جي آهن
تن رنلن کي اڄ پرچايو

٧. اُجڙ دليون آباد ڪرڻ لئه
محبت جو مينهن وسايو

٨. سنساري سرڇڻ جا ناهن
هڪ سائينءَ کي سرچايو

٩. ويدن جي هيءَ سرجڻ پوُمي
ڪلياڻ وشو جو چاهيو

١٠. رشين منين جي پاون پوُمي
پڙيانگه تنهن کي ڪين ٻٽايو

اڪيلو ڪين آهين

پريوُ توسان سدائين ساڻ،
ڪين توُن پيارا آهين اڪيلو.

۱. هڪ هڪ جي هوُ سار لهي ٿو،
قدم قدم تي رکشا ڪري ٿو،
راس ڪري ڪم پريوُ پاڻ،
ڪين توُن پيارا آهين اڪيلو.

۲. توُن آهين هڪڙو اوزار،
ڪم ڪرڻ وارو ڪرتار،
پاڻ تي ڪر توُن ڪين ڪي ماڻُ،
ڪين توُن پيارا آهين اڪيلو.

۳. پريوُءَ جي وٺ شرڻ پيارا،
متجي ويندءِ سڀ موُنجهارا،
ڪڏهن نہ ٿيندي ڪنهنجي توُن ڪاڻ،
ڪين توُن پيارا آهين اڪيلو.

۴. فڪر ۽ ڦرنا چنتائون ڇڏ،
من مالڪ سان پنهنجو توُن گڏ،
رب سان ڪر توُن روح رهاڻ،
ڪين توُن پيارا آهين اڪيلو.

بيت

ماڻهيان محب مشاهدو تن ۾ آهي تات
انئي پهر اڪين مان وسي برهہ جي برسات
من ۾ آ فقرات، ڏولڻ تنهنجي وصل جي

۵.منش ديهه اهولڪ ملڻ آهي مشڪل،
ڪري قدر تنهن جو، نه وئرت وڃايو.
٦.''''آشا'' لڙڪ لاڙج پرينءَ ڪي پسڻ لئه،
ڪيو ياد، تنهن وٽ پرين پاڻ آيو.

دلبر

منهنجي دل جو دلبر يار سڄڻ،
رُسي مونکان ڪيئن ٿيو ڌار سڄڻ.

١. پل پل مان جنهن ڪي ساريان ٿي،
ويٺي رتُ جا لڙڪ مان هاريان ٿي،
من قرب ڪري منٺار سڄڻ،
منهنجي دل جو دلبر يار سڄڻ.

٢. جنهن پيار ڏيئي مونکي پنهنجو ڪيو،
سو جانب ڪيئن نه جدا ٿي ويو!
اکيون روئن ٿيون زارون زار، سڄڻ،
منهنجي دل جو دلبر يار سڄڻ.

٣. ''آشا'' هوندي مون خطا اهڙي ڪئي،
مونکان مهل موچاري هٿن مان وئي،
هاڻي ڪيئن ڪندو مونکي پيار سڄڻ!
منهنجي دل جو دلبر يار سڄڻ.

١١. ديش جي ملڪيت پنهنجي ملڪيت
تنهن کي عيش ۾ ڪين اُڏايو
١٢. وسري ويو ڇا دڏيچيءَ جو تياڳ
جاڳو! سوارٿ جو پوُت پڄايو
١٣. گنگا يمنا سرسوتي هت
ڌرتيءَ کي سرڳ بڻايو
١٤. سڀ ۾ والي وياپڪ ”**آشا**“
پيارا ڪنهن کي ڪين رنجايو

جنم گنوايو (پرڀاتي)

تو غفلت ۾ آهي جنم هي گنوايو،
ڪري سيوا سمرڻ جنم ڪر سڄايو.
١.اُتم ڪرم آهي پريوءَ جي تہ ڀڳتي،
تو اُلجهن ۾ اُلجهي پريوءَ کي ڀلايو!
٢.سدا ڪال ڪنڌ تي تنهنجي سوار آهي،
اجان ڪين تو ڪو سمرُ آهي ناهيو.
٣.ڪري قوُل آئين پريوءَ سان پيارا!
مايا جي چڪر ۾ تو تنهنڪي ڀلايو.
٤.پڙهين خوب پيارا، ڪڙهي ڪين پر توُن،
ملي محب تنهنڪي، جنهن آپو مٽايو.

۳.عجب تنهنجي ليلا عجب راز تنهنجا،
رشين ۽ منين پي نہ ڪنهن پار پاتا.
۴.ڏئين ڪيڏو ڏاتر بندو بي شڪر آ،
اچي شرڻ جيڪو ميسارين تنهن جا ڪاتا.
۵.سخي تون سڀاجهو مهربان آهين،
آيس ”آشا“ تو در ڇڏي جڳ جا ناتا.

پريتم

پريتم! نيڻ وهائن نير!
ڀيو ڪير ڏي دل کي ڏير!
۱. ورهہ ڪيو ويڳاڻو آهي،
سُورن ڪيڙو سياڻو آهي،
آهيان تو بن مان دلگير!
پريتم! نيڻ وهائن نير!
۲. پياسي تنهنجي پيار جي آهيان،
ڀيو ڪجهہ دلبر ڪين مان چاهيان،
تنهنجي درشن جي آ اُڪير!
پريتم! نيڻ وهائن نير!
۳. تو بن ڪوئي نہ آهي منهنجو،
تون ”آشا“ جو ”آشا“ تنهنجو،
تڪيان راهہ تنهنجي مان مير!
پريتم! نيڻ وهائن نير!

پريوءَ جي حوالي

بندا پاڻ کر توُن پريوءَ جي حوالي،
پريوءَ جي حوالي، جيکو جڳ کي پالي.
١.   اڳي پوءِ تنهنجو ڪٽي بار پريوُ،
سڄي دنيا سائين پيو تو سنڀالي.
٢.   آهي ڏاڍي ترڪڻ وڪارن جي هنڙي،
ڪٽڄ قدم هڪ هڪ سائينءَ کي سنڀالي.
٣.   ڪندي پاڻ ارپڻ تہ هلڪو توُن ٿيندين،
بندا ڪر ڪرم سڀ پريوءَ جي توُن نالي.
٤.   لهي سار سڀ جي سڀاجهو تو سائين،
پتا ماتا وانگر سڀ کي تو پالي.
٥.   سواسن جي پوُنجي نہ وئرٿ وڃائڄ،
اُٿي نام جپ توُن ”**آشا**“ پراتھ ڪالي.

دياوان داتا

دياوان آهين ديالو توُن داتا،
پتا توُن اسانجو، اسانجي توُن ماتا.
١.بندو آهہ بيوس توُن وس وارو آهين،
ڪرم ريکا ميٽين توُن آهين وڌاتا.
٢.لهين ساري جڳ جي توُن سار سائين،
ڪندين پياس پوُري اسين آهيون آتا.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش

تنهنجا وڙ ڪيڏا نه پيائيندس،
تنهنجي مهما در در ڳائيندس.
١. تون محبت جي مورت مرشد،
تنهنجي صورت سيني سمائيندس.
٢. شل وسري نه تنهنجو نام مونکان،
جپيان نام تنهنجو ۽ جپائيندس.
٣. جيڪو پيار ڏنئه پريتم مونکي،
پيغام پيار جو پچائيندس.
٤. ڏي پريما ڀڳتي دان مونکي،
تنهنجو ڏيان سدا مان ڏيائيندس.
٥. ڀلي لوڪ نه سمجهي ڪين ٻڌي،
تو سان نينهن جو ناتو نڀائيندس.
٦. ڪري شيوا دکين، بکين جي مان،
ديا پريم جي جوت جڳائيندس.
٧. ڪم سونپيا جي تو مونکي منا،
ڪندي جيون سڦل بڻائيندس.
٨. هئين حال محرم منهنجي دل جو،
ڪنهن کي حال مان دل جو ٻڌائيندس.
٩. تنهنجي سکيائن جي ساکي ڏيان،
تنهنجي راهه سين کي سڻائيندس.
١٠. لڳي داغ نه دامن کي ''آشا''،
رهجي پت جي اچي توکي پائيندس.

سانت

سانت ۾ ويهي وقت گذار،
ڪجهه به نه ڪنهن سان پڇ به نه ڪنهن ڪان.

١. ڳالهين مان ڳالهوڙو ٿئي ٿو،
تيليءَ مان ٽنب جهڳڙو ٿئي ٿو،
پاڻ مان ماڻهون ٿئي بيزار،
سانت ۾ ويهي وقت گذار.

٢. جيئري لوڪ نه اياڻا سمجهن،
مرڻ پڇاڻان ڪيئن نه ٿا پوڇن،
سنتن جي سکيا ۽ سار،
سانت ۾ ويهي وقت گذار.

٣. مؤن ڪي سون برابر جاڻج،
مؤن رکي توُن پاڻ پڇاڻج،
دل ۾ ڪر دلبر ديدار،
سانت ۾ ويهي وقت گذار.

٤. ڳالهائڻ سان شڪتي وڃي ٿي،
سواسن جي پونجي گهٽجي ٿي،
''**آشا**'' پرڀوءَ جو ڪر ويچار،
سانت ۾ ويهي وقت گذار.

ويچار - ٢٢

مانَ ۾ آهي مزو مانَ جو ميوو توُن کاءُ،
مانَ ۾ مالڪ ملي، مانَ جو توُن وٺ هڳاءُ.

هري اوم

هري اوم هري اوم هري اوم هري،
چئو پريم سان سڀ وري ۽ وري.

١. هري اوم هري اوم جيڪو جپي،
اُهو موهه مايا جا ٻنڌن ڪپي،
ڪلي تي اُنهيءَ لئه پريوُءَ جي دري،
هري اوم هري اوم هري اوم هري.

٢. چؤراسي چڪر پوءِ جنم هي مليو،
تنهنجو ڀاڳه پيارا تہ آهي ڪليو،
وري ڪين ملندءِ هي موقعو وري،
هري اوم هري اوم هري اوم هري.

٣. رسن ۾ تون ريجهي عمر نا گنواءِ،
املهه هيرا ماڻڪ هٿان نا وڃاءِ،
ڪٿي ڪين پاپن جي سر تي پري،
هري اوم هري اوم هري اوم هري.

٤. هي سنسار ساگر مهاڀاري آ،
وڪارن جا واگهو، توبهه زاري آ!
”**آشا**“ نام ٻيڙي تون، ويندين تري،
هري اوم هري اوم هري اوم هري.

ستگرن جون ڳالهيون

سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون،
ڳالهيون ياد پون، اکڙيون ٽيون سکن!

١. کندي ڏيان تن جو ويني لڙک لاڙيان،
ننڊ ۾ به اکڙيون روئن ٽيون ۽ ٿمن،
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

٢. کٽي هٿ هٿ ۾ چمندا هئا سي،
آيل اچي سي هتڙا من چمن،
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

٣. سهي کين سگهندا کڏهن دک هوُ منهنجو،
مٺا محب منهنجا وري سار سي لهن،
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

٤. کيڏو پيار ڏيندا، کيڏي اون رکندا،
کري کير بيو پيار، اچي پيار سي کن،
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

٥. رهج دوُر کين توُن، ائين چيائون،
ويا دوُر سي هلي، کڏهن کين وسرن،
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

٦. کيائون کيڏي رحمت کيائون شان کيڏو،
نيازمند ”**آشا**“ سچو شان آ سندن،
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

من کي تنبيھ

نہ ماڻو کر جوانيءَ تي نہ دؤلت سونهن تي پيارا،
متي آهين، متي ٿيندين، متيءَ ۾ توُ ملڻ وارا.

١. نہ ڪارا وار ھي رھندا، اَچا آخر تہ ھي ٿيندا،
بھاري ڪين ڪي دائم، خزان ايندي اوس پيارا!

٢. ويا عالم، ويا عاقل، ويا راجا، مھاراجا،
متيءَ ۾ سي متي ٿي ويا، لاٿا جن آڪاش جا تارا!

٣. ھيا جن کي محل ماڙيون، ھٿين خالي تہ سي ويڙا،
مقامن مان بہ جن ميڙيو، ويا قاروُن سي پارا!

٤. ڏٺيءَ جي سڀ اَمانت آ، نہ تنھن ۾ تون خيانت ڪر،
ڏسڻ وارو ڏسي وينو، تنھنجا اعمال ھي سارا!

٥. خدا جي خوف ۾ ”آشا“ ھلڻ ضمير موجب توُن،
ھوَس وارا ھِلين وانگر ھٽن ٿا خوب لامار!

٦. يقينو يار ۾ توُن رک، رضا رب تي توُن رھ راضي،
تہ ملندءِ روُح جي راحت ۽ ڏسندين توُن پرين پيارا!

٧. اچائون سڀ چڏي ”آشا“ تمنا يار جي ھڪ رک،
حواسن تي حڪومت ڪئي، ٿيا جڳ ۾ سي سويارا!

جگدمبا ماتا

تنهنجي صوُرت مان ماتا پنهنجي دل ۾ وهاريندس،
پنهنجي دل ۾ وهاريندس، توکي هردم ساريندس.

١. تنهنجي ڪرپا ڪيڏي آ، جنهنجو آر نہ آهي پار،
احسان لکين تنهنجا، وڙ ڪين وساريندس.

٢. توُن جڳ جنني امبا! توُن سرسوتي ماتا،
تنهنجي گيان جي جوتي مان گهر گهر ۾ جڳائيندس.

٣. ڪڏهن ڏيندين درشن توُن، ڪڏهن موُن وٽ ايندين تون،
اکيون تو لئہ وڇايان مان، تنهنجي واٽ نهاريندس.

٤. تنهنجي مهر جنهن تي ماتا، آهي پاڻ وارو سو،
"**آشا**" درشن جو پياسي، تو تان سڀ ڪجهہ واريندس.

ويچار - ٢٣

وئرٿ واد وواد ۾ جيون ڪين وڃاءِ،
ڪم اچي پرلوڪ جا، پونجي سچي ڪماءِ.

ويچار - ٢۴

سڀ آهہ اکين جو ڏيُ،
ڏسڻ ڇهڻ مان ڪجهہ بہ نہ ملندءِ،
ڪجهہ سائينءَ جو ڪر پئہ.

گوتم ٻڌ

١. جا ٻجا اوندهه هئي ۽ روشنيءَ جو هو ضرور،
سج نئون آڪاس تي نڪتو تڏهن ظاهر ظهور.

٢. مؤج ڪا راجا سڌوڌن جي نگر ۾ وئي مچي،
ٻاجهه راجا جا ڪليا جو گهر ۾ ويس ٻالڪ اَچي.

٣. خوب واڌايون وريون ديون ڳلن ورڪا ڪئي،
دان پنج راجا ڪيا ۽ چانئجي راحت وئي.

٤. جيوتشيءَ جيوتش سلي شهزادو ٿيندو بينظير،
يا ته ٿيندو راڄ مالڪ يا ته وئراڳي فقير.

٥. هي ٻڌي احوال جيوتش جو ڪيو راجا خيال،
ڪين گوتم جي اڳيان ڪو آٽبو دک جو مثال.

٦. شادي شهزادي يشودا سان ڪئي ٿيو هو جوان،
گرهست ۾ رهندي پيدا ڪيائين پٽڙو راهولُ شڪتيوان.

٧. هڪ دفعي شهزادو نڪتو سئر لئه رٿ تي چڙهي،
وات تي مردو ڏٺائين، ڪاڏو پئي ڪانون وڙهي.

٨. هڪ ٻڍي بيمار ڪي اُت لٺ ڪٽي هلندو ڏسي،
پئدا ٿيا ويچار ڪيڏا دل ۾، هي درشيه پسي.

٩. هيئن پلا انسان جو آخر ۾ ڇو ٿو حال ٿي؟
سارٿيءَ کان اُت پڇيو گوتم، اهو احوال ڏي.

١٠. سارٿيءَ ورندي ڏني، آهين تون شهزادو امير،
تون جڏهن ٿيندين وڏو پوندءِ خبر سباڻا سُڌير!

سال ٿيا سڪندي

سال ٿيا سڪندي،
سپني ۾ ٻي ڪين تون آئين.

١. پل پل تنهنجا پور پون ٿا،
ياد ڪندي توکي لڙڪ لڙن ٿا،
ڪڏهن اچي تو گلي لڳائين،
سپني ۾ ٻي ڪين تون آئين.

٢. ڪيڏو پيار تون ستگر هئين ڏيندين،
هتڙا ڪٽي تون ڪيئن هئين چمندين،
ڪڏهن وري تو پاڻ پسائين،
سپني ۾ ٻي ڪين تون آئين.

٣. ستگر ڪيڏا تو پيال پلايئه،
گروُ منتر ڏيئي جوت جڳايئه،
وري منڙا بول ڪڏهن تو ٻڌائين،
سپني ۾ ٻي ڪين تون آئين.

٤. ٿيان موتاج نه ڪنهن جو سائين،
پنهنجي هلنديء ۾ شل تون هلائين،
ستگر مهر جو مينهن وسائين،
سپني ۾ ٻي ڪين تون آئين.

٥. وصل ٿئي والي سان منهنجو،
ڌيان رهي سدا ستگر تنهنجو،
شل ''**آها**'' جو عرض اگهائين،
سپني ۾ ٻي ڪين تون آئين.

ڪر هاڻ

جيڪي ڪرين سو ڪر توُن هاڻ،
پوءِ پيارا پڇتائيندين.

۱. سواسن جا تو هيرا وڃائين،
وئرٿ جيون ائين گنوائين،
سمجھ پيارا توُن تہ سُڃاڻ،
پوءِ پيارا پڇتائيندين.

۲. دان ڪرڻ ۾ دير نہ ڪر توُن،
پيھ ڪرڻ ۾ اوير نہ ڪر توُن،
شڀ ڪرمن جي ڪڍ سُرهاڻ،
پوءِ پيارا پڇتائيندين.

۳. نام سان نت توُن نينهن لڳائيج،
نام توُن ڏيائيج، نام توُن ڳائيج،
پريوُ ڪندو ڪم تنهنجا پاڻ،
پوءِ پيارا پڇتائيندين.

۴. پريوُءَ جي وٺ شرڻ پيارا،
"آشا" چمڪن تنهنجا ستارا،
ٻي ڪنهنجي ڪڍ ڪين توُن ڪاڻ،
پوءِ پيارا پڇتائيندين.

ويچار - ۲٦

ڪر دير نا توُن دان ۾ پڪ ڪين آهي ساھ تي،
جيڪي اٿي خيرات ڪر، ڪال قاصد راھ تي.

١١. جو جمي ٿو سو مري ٿو ڪال ڪنهن کي نا ڇڏي،
ڪرم ڪيتر آهي دنيا وير جوڙا ويا لڏي.
١٢. هي ٻڌي احوال ننڊ گوتم جي وئي هڪدم ڦٽي،
دل دنيا جي عيش مان گوتم جي ٿي پيئي ڪٽي.
١٣. اوچتو اڌ رات جو هوُ جهنگ ڏي راهي ٿيو،
راڄڌانيءَ کي ڇڏي مڪتي جي لئہ ڪاهي پيو.
١٤. يوگہ ۾ هوُ هو مگن ۽ آڪاش مان آواز ٿيو،
هينءَ نہ ٿي مڪتي ملي رستو ڪو وٺ جوڳي ٻيو.
١٥. دکين جي شيوا ڪرڻ سان من کي ملي آرام ٿو،
جو اڇائون ٿو ڇڏي پائي سوئي وشرام ٿو.
١٦. ستيہ اهنسا پريم سيوا جو سمر سڪ سان ڪٽي،
ٻڌ ڪيو پرچار هي سنسار ۾ رمتو ٻٽي.
١٧. سڌ ٿين جنهن مان سِڌيون سوئي سڌارٿ هوُ ٿيو،
مڪتي خاطر هرڪو هنجو پوئلڳ ٻڻجي پيو.
١٨. اڄ بہ دنيا کي ضرورت آهي اهنسا، پيار جي،
امن جي سردار جي، اهنسا جي اوتار جي.
١٩. چؤطرف جنگيون ۽ جهيڙا وحشت جو وهنوار آ،
چنڊ شانتيءَ جو ڇپيل، سوارٿ سندو انڌڪار آ.
٢٠. ”آشا“ گؤتم جي سکيا جي، عمل جي درڪار آ،
اشٽ - مارگ تي هلڻ سان جڳت نئيا پار آ.

ويچار - ٢٥

دوا دعا جي ٿي ڪري تہ تن من شفاياب،
چمڪي ٿو سو جهان ۾ جيئن ماهتاب.

جوت جڳاءِ

تون سڀ کي فيض رساءِ،
تون ڪنهن کي ڪين رنجاءِ.

١. لوڻ وجهڻ سان کير ڦاٽي ٿو،
تون کير ۾ کنڊ ملاءِ.

٢. سڀ ۾ سائين وياپڪ آهي،
تون ڪنهن کي ڪين ستاءِ.

٣. خوشي ڏيڻ سان خوشي ملي ٿي،
تون سڀ سان ملو ڳالهاءِ.

٤. ڪسو هلي ڪو پڪو هلي ڪو،
تون سڀ سان توڙ نياءِ.

٥. نفرت جي هت باهه ٻري ٿي،
تون محبت مينهن وساءِ.

٦. اوديا جي اونده آ ''**آها**''،
تون گيان جي جوت جڳاءِ.

ويچار - ٢٨

لڳي تو جنهن کي رب جو رنگ،
دنيا جي تنهن کي ڇا پرواهه،
نڪي تنهنکي مايا ماري ڏنگ.

چئو هري هري

هري هري چئو هري هري،
پريم سان چئو سڀ وري وري.

۱. نام جي نالي ڪيئي تريا،
جوڻ چڪر ۾ ڪين سي ڦريا،
سي پوساگر مان ويا تري،
هري هري چئو هري هري.

۲. پريۇءَ جي جن شرڻ ورتي،
تن جي پريۇ ڪري گتي،
آيل وپدا تن جي ٽري،
هري هري چئو هري هري.

۳. ”آشا“ اوت الک جي ونڄ توُن،
سواس سواس سان نام جپڄ توُن،
ڪيو درشن ڪولي دل جي دري،
هري هري چئو هري هري.

ويچار - ۲۷

ڪروڙي پهرين پاڻ جلي ٿو،
پاڻ جلي پوءِ ٻين کي جلائي،
سياڻو ڪروڌ کان پاڻ پلي ٿو.

ٻول مٺي ٻاڻي

ٻول سدا مٺي ٻاڻي،

مکہ سان ٻول سدا مٺي ٻاڻي.

١. زبان اڱ بہ ھيڏڙي پوءِ بہ آھي،
ڏند پوءِ آيا، اڱ تي پڇاڻي،
مکہ سان ٻول سدا مٺي ٻاڻي.

٢. نوُري نوڙت سبب ٻڻي،
چام تماچيءَ جي پٽ راڻي،
مکہ سان ٻول سدا مٺي ٻاڻي.

٣. ڪانڌ اکيان سياڻپ نا ھلندي،
تي رھج سدا توُن نماڻي،
مکہ سان ٻول سدا مٺي ٻاڻي.

٤. ٻاڙو ٻاڻي ڪيٺ وڻي ٿو،
ڪيئن ڪوُڙي وڻي يلا واڻي،
مکہ سان ٻول سدا مٺي ٻاڻي.

٥. دل ۾ مٺڙي واڻي مٺڙي،
”**آھا**“ تن سان سائين ساڻي،
مکہ سان ٻول سدا مٺي ٻاڻي.

ويچار - ٣٠

موھہ دکہ جو آھي ڪارڻ، رکہ نہ ڪنھن ۾ موھہ توُن،
راھہ سچ جي وٺ سدا، ڪر ڪين ڪنھن سان ڌوھہ توُن.

ستگر دين ديال

منهنجو ستگر دين ديال،
ڪيئن نہ لهي ٿو منهنجي سنڀال.

١. سوُريءَ مان ٿو ڪنڊو ڪري،
گلن سان دامن ٿو تہ ڀري،
آئي آپدا ٿي تہ ٽري،
آهي سدا منهنجو رکپال،
منهنجو ستگر دين ديال.

٢. ڪيڏو مرشد آ مهربان،
لاهي ڪين سگهان احسان،
ڪيائين ڪيڏو رتبو شان،
منهنجو ننگہ ٿو ڪٽي ننگپال،
منهنجو ستگر دين ديال.

٣. تنهنڪي رڳہ رڳہ ۾ مان ساريان،
روئي روئي هنجون هاريان،
سيني صورت تنهن جي ڏاريان،
ڏيئي نام ڪيو جنهن نهال،
منهنجو ستگر دين ديال.

ويچار - ٢٩

جيڪي ٿئي ٿو شڪر ڪر،
صبر شڪر ۾ آنند آهي،
لال تہ لهندين شڪر صبر ڪر.

ڪين نهار

تون ٻي ڏي ڪين نهار،
پيارا! ڪر پريوءَ سان پيار.

۱. لوڪن ڏي تو گھڻو نهاريو،
نير اکين مان ڪيڏو هاريو!
هڙ حاصل ٿيو ڪجھ بہ نہ اُن مان!
ڪر پريوءَ جو ويچار،
تون ٻي ڏي ڪين نهار.

۲. نور اکين جو ڪيڏو نچوئين،
ناحق پنهنجي شڪتي کوهين،
گھڻو ڏنو تو، گھڻو پسيو تو،
تو جيڪي ڏنو سو وسار،
تون ٻي ڏي ڪين نهار.

۳. اکڙيون اٽڪن دل ٿي ڦاسي،
دنيوي رسن ڪان رهہ تون پاسي،
ڪنهبي جو سڀ چٽڪو آهي،
”آشا“ ڪنن مايا جو چار،
تون ٻي ڏي ڪين نهار.

ويچار - ۳۳

آهہ املهہ امرت ويلو،
امرت ويلي امرت ورڪي،
جاڳي اُٿي جپ نام سويلو.

ڏٺيءَ ڪي التجا

ڪجان پياس پوُري اُجايل مان آهيان،
اتم بڪ برهہ جي بڪايل مان آهيان.

١. وڪارن جي ميلي ۾ گم ٿي ويس مان،
ونِي هل توُن هٿ سان پلبل مان نہ آهيان.

٢. هي ڏن عهدو اقبال سموُرو آ طلسم،
سچو سنگہ تنهنجو، پٽڪيل مان آهيان.

٣. دنيا جي درن تي نہ اُچ بڪہ لهي ٿي،
سخي توُن سڀاجهو، سائل مان آهيان.

٥. ڪن پنهنجن پراون ڪيو زخمي آهي،
مهر جي ملم رکہ گهايل مان آهيان.

٦. عدل ڪر نہ سائين، فضل ڪر توُن موُن تي،
تنهنجي رحم جو ”**آشا**“ قائل مان آهيان.

ويچار - ٣١

نڪي شان شؤڪت پٽيان ڊوڙ توُن،
اجايو مٿو ڪين ڪي قوڙ توُن!

ويچار - ٣٢

وڃايم وهي وجهہ ڪيم ڪين ڪجهہ ٻي،
ڏٺيءَ پنهنجي گنج مان تون خالي جهولي ٻر.

۳. چنتائن کي چوُر ڪري ڇڏ،
من مالڪ سان پنهنجو گڏي ڇڏ،
ائين ڌڻيءَ سان ٿيندو وصال،
داتا آهي دين ديال.
۴. اوت الله جي وٽ توُن ”آشا“،
پاڻ پرين ڪندو دوُر نراشا،
ونڊج واليءَ سان توُن احوال،
داتا آهي دين ديال.

حياتي ۽ جهان

حياتي بي بقاءُ آهي،
نه جنهن تي ڪو جتاءُ آهي.
۱. پيڙهيءَ جو پوُر آ پيارا،
فنا جو سڀ ستاءُ آهي!
۲. نه ڏيندءِ ساٿ ڪو ساٿي،
اجايو هيءَ لڳاءُ آهي!
۳. ڪنهبي جو آهي سڀ چٽڪو،
سچو جادوُ ڇهاءُ آهي!
۴. نوان ناهي نهيل ڏاهي،
سڄڻ جو سڀ لقاءُ آهي!
۵. واريءَ جو هي مڪان آهي،
نه جنهن تي ڪو ٽڪاءُ آهي!
۶. ڌڻيءَ جي بندگيءَ ۾ ئي،
سچو ”آشا“ هڳاءُ آهي!

مون ۾ عيب

مون ۾ عيب اپار ،
ڏس نہ مدايون منهنجون سائين.
١.تو بن منهنجو نہ واهہ وسيلو،
توُن منهنجو آڌار - ڏس نہ مدايون ...
٢.راضي رهان شل تنهنجي رضا تي،
توُن آهين بخشڻهار - ڏس نہ مدايون ...
٣.توکي هرگز ڪين پلايان،
رهندي وچ سنسار - ڏس نہ مدايون ...
٤.وصل جي خاطر ''آھا'' ويڳاڻي،
ڏيندين ڪڏهن ديدار - ڏس نہ مدايون ...

دين ديال

داتا آهي دين ديال،
ڪيئن نہ لهي تو سڀ جي سنڀال.
١. ڪوليءَ کي ڏئي تو هوُ ڪڻ ڪڻ،
هاٿيءَ کي ڏي تو هوُ مڻ مڻ،
پريوُ پاڻ آهي جڳپال،
داتا آهي دين ديال.
٢. ساري دنيا جو آهي خالق،
روزي رسائي سڀ کي رازق،
پاڻ ڪٽي تو ننگ ننگپال،
داتا آهي دين ديال.

ڪلام

عشق الله جي آهي امانت،
تنهن ۾ سالڪ ڪر نہ خيانت.
۱. سڀ ۾ مالڪ مؤجود ڄاڻج،
ڪر نہ ڪنهن سان ڪڏهن عداوت.
۲. خالق خلق ۾، خلق خالق ۾،
دائم قائم رکہ تون شناخت.
۳. خالق خلقي ساري خلقت،
خلق جي ڪر تون سدائين خدمت.
۴. حسد عداوت ڇڏي پيارا،
رکہ سڀ سان ياري ۽ محبت.
۵. درد واري دل جنهنجي "آشا"،
تنهن تي آهي رب جي رحمت.

ساريان ٿو

توکي ور ور سنگر ساريان ٿو،
روئي روئي هنجون هاريان ٿو.
۱. ڪندي ڏيان تنهنجو دل پرجي اچي،
توکي پل پل پيارا پڪاريان ٿو.
۲. ڏنئہ پيار پريتم تو ڪيڏو،
تنهنجو پيار پيئان ۽ پيئاريان ٿو.

ياد

ڏينهن رات ڪريان توکي ياد،
ڪڏهن اڱڻ ڪندين آباد.

١. تنهنجي وره ويڳاڙو ڪيو،
منهنجو رتُ پيي سڪجي ويو،
ويران آ دل جي بستي،
ڪڏهن اچي ڪندين توُن شاد.

٢. تڳان تنهنجي سهاري تي،
پوان تنهنجي پناري تي،
ڏس منهنجون مدايون نه توُن،
رکي دوُر نه ڪر ناشاد!

٣. روئان ڪنهنجي اڳيان راڻا،
ڪندين توُن ئي قدر سياڻا،
منهنجو حال محرم توُن ئي،
”**آشا**“ ڪنهن کي ڏيان فرياد.

ويچار - ٣۴

کوڙ ڪان جيڪو ڪري ڪنارو،
پريوءَ کي سو لڳي پيارو.

جهاتي پائين

چو نہ اندر ۾ جهاتي پائين!
ناحق پنهنجا سواس وڃائين.
۱.هرڻ وانگر تون رڃ ۾ ڀٽڪي،
سهڪي سهڪي اُڃ نہ مٽائين.
۲.چند ڏينهن جو چٽڪو دنيا،
ڪنهن لئہ بنگلا محل اڏائين.
۳.پاڇن پويان ڊوڙي ڊوڙي،
تون چو ٿو ٿابا کائين.
۴.ليلا وانگر هار تي هرڪي،
تون پوءِ متان پڇتائين.
۵.موھ چڪر جي گهيري ۾،
تون پاڻ کي پاڻ ڦاسائين.
۶.ميڙي ميڙي موڏي مري ويا،
ڏن ست ڪرمن ۾ چو نہ لڳائين.
۷.نام جي پونجي سنگرھ ڪر تون،
توشو تيار ڪرڻ جي چاهين.
۹.ڇڏي خوشامد دنيا جي تون،
چو نہ گڻ گوبند جا ڳائين.
۱۰. پياس جا ڳوڙها ڳاڙي ”آها“،
چو نہ پريتم کي پرچائين.

٣. لڙڪن جي مالها پيت ڏريان،
تنهنجي صورت سيني ڏاريان ٿو.
٤. ڪئي سال سڄڻ ڪيئن گذري ويا،
ويني واٽ وصل جي نهاريان ٿو.
٥. احسان ڪيڏا تنهنجا ”**آشا**“ تي،
هرگز نہ سي مان وساريان ٿو.

ننڊ نہ ڪر

توُن ننڊ نہ ڪر نادان،
منڙا ننڊ نہ ڪر نادان.
١. سپني ڪي سايبا ٿو سمجهين،
اهو آهي تنهنجو اگيان،
توُن ننڊ نہ ڪر نادان.
٢. هي سچ ناهي، هوُ سچ آهي،
راجا جنڪ کي مليو هي گيان،
توُن ننڊ نہ ڪر نادان.
٣. موهہ رکين ٿو جن ڪٽنبين ۾،
سي تہ ساڙي ايندءِ شمشان!
توُن ننڊ نہ ڪر نادان.
٤. سمهندي سمهندي سال ويا گذري،
ڇڏ توُن آلس اي انسان!
توُن ننڊ نہ ڪر نادان.
٥. دنيا ”**آشا**“ مسافر خانو،
توُن ڏينهن ٻن جو مهمان،
توُن ننڊ نہ ڪر نادان.

دادا جشن واسواڻي جنم دن مبارڪ

لک لک جنم مبارڪ دادا جشن پيارا،
ساري وشو ۾ تون چمڪين جيئن چنڊ ۽ ستارا!

۱. سيوا سنيهه سمرڻ جي تون راهه ٿو بتائين،
انئي پهر تنهنجي مک مان وهي گنگا جي ٿي ڌارا!

۲. ڀڳتي ڪرم ۽ گيان جي تروينٽي تون تہ آهين،
ڪيئي پياس ٿا بجهائن تو در اچي دلارا!

۳. نوراني نور جهلڪي پيشاني تنهنجي چمڪي،
درشن تنهنجي سان دلبر من جا مٽن مونجهارا.

۴. محبت جي موم ٻاري روشن ڪرين ٿو رستو،
آهين روحاني رهبر سونهون سچو سونهارا!

۵. آهين پيار جو تون ساگر، هڪ بوند جو مان پياسي،
ڪر پياس پوري پريتم، ڪري ڀال تون ڀلارا!

۶. آلاپ ''**انجلي**'' تنهنجا پيغام ڏين پرين جو،
''**آشا**'' ٿنا مان ڳايان، منهنجي اکين جا تارا!

ويچار - ۳۵

تنهنجا منڙا منڙا ٻول،
ڏين ٿا آٿت دل کي ڪيڏو،
منهنجي روح لئہ آهن ٿول!

ستگر مهاراج ويا هليا

سنت شرومڻي سوامي شانتي پرڪاش پيارا ويا هليا،
سنڌي جاتيءَ جا سونهان، ستگرو سونهارا ويا هليا!

دل پريل آ درد سان، اکڙيون سيپن جؤن اشڪبار،
غم ئي غم چؤڌاري آ، جيءَ جا جيئارا ويا هليا!

سار جن دم دم لڌي پيار جن هردم ڏنو،
محب سي منٺار منهنجا قرب وارا ويا هليا!

گيان جي پرڪاش سان جن است اوديا کي ڪيو،
جن ڏني ٿي روشني روشن منارا ويا هليا!

سک جا ساگر ها سوامي ڪروڻا ديا جا روُپ هئا،
دين دکين بي سهارن جا سهارا ويا هليا!

جن جي درشن سان ٽڙيا گل باغ جا، آئي بهار،
باغبان لاثاني سي دل جا دلارا ويا هليا!

نام جي نؤڪا ۾ چاڙهي، ڀوَساگر مان پار ڪيو،
سي منهنجا ڪامل ملاح، اکڙين جا تارا ويا هليا!

گل ڪنول وانگر گذاري جن زندگي سنسار ۾،
ستگر نرليپ سي نپ جيان نيارا ويا هليا!

راس ڪرشڻ جيان رچائي پريتم منهنجا رمندا رهيا،
گوال گوپيونُ ”**آشا**“ روئن جيءَ جا جيئارا ويا هليا!

سوالي

تو در داتا سوالي آهيان،
تنهنجي ڪرپا پيار مان چاهيان.
١.جنمن ڪان سڪ تنهنجي آهي،
ٻي ڪا چاهه اندر ۾ ناهي،
شل تنهنجو درشن پايان،
تو در داتا سوالي آهيان.
٢.پئسو پدارٿ پد دکدائي،
نام تنهنجو آهي سکدائي،
نام جپيان ۽ ٻين کي جپايان،
تو در داتا سوالي آهيان.
٣.ساري وسُ جو تون ئي پالڪ،
"آشا" تنهنجو آهي ٻالڪ،
جنم شيوا ۾ سڦل بڻايان،
تو در داتا سوالي آهيان.

ويچار - ٣٦

تنهنجو منهنجو ڪجهه ٻي ناهي،
سڀ ڪجهه سائينءَ جو ئي آهي.

پون پوُر

پون پوُر پل پل پريتم پيارا،
لاڙيان لڙڪ ويني مان سنگر سونهارا.

١.ويا سال گذري اڃان ڪين آئين،
ايڏي دير دلبر توُن ڇو تو لڳائين،
ورهه ٻه ويڳاڻي، او جيءَ جا جيئارا،
پون پوُر پل پل پريتم پيارا.

٢.لنون ڪانو سمجهه سڄڻ جلد ايندين،
دکي دل کي جانب اچي ڏڍ توُن ڏيندين،
ازل کان اُڃايل درشن لئه دلارا،
پون پوُر پل پل پريتم پيارا.

٣.منهنجا محب مرشد واساما مان ٻايان،
توُن ڇمندين هئين هتڙا سياڳو مان آهيان،
ڏنئه پيار ڪيڏو منا قرب وارا،
پون پوُر پل پل پريتم پيارا.

٤.''**آشا**'' تي عنايت اچي ڪر توُن پنهنجي،
رکج توڙ تائين سڄڻ پت توُن منهنجي،
مهروان مرشد ڪندين ٻاجهه ٻاجهارا،
پون پوُر پل پل پريتم پيارا.

دادا جشن واسواڻي جي ماتا
پاپي ڪرشڻا ديوي

پاپي ڪرشڻا ديوي ڀڳتياڻي،
ڀڳتيءَ ۾ پنل سدا سنتياڻي.
۱.ڏنو پيار سڀن کي تو پياري،
ساري توکي سنگت ٿي اڄ ساري.
۲.هئي مشڪ تنهنجي منهن ۾ دائم،
جا انت ويلي تائين هئي قائم.
۳.تو رب جي رضا تي راضي رهي،
پئي خوشيءَ خوشيءَ سان پيڙا سهي.
۴.ڇڏي موهہ ممتا جو تو ناتو،
پيچ پنهنجي پريءَ سان تو پاتو.
۵.ڪرشڻ جو سدا تو ڌيان ڪيو،
دکہ ديهہ جو توکان پلجي ويو.
۶.تنهنجي نئنن ۾ نندلال وسيو،
تو آتم پد ۾ ديرو اڏيو.
۷.ڪک سڦلي ٿي تنهنجي ماتا،
ڏنئہ سنت سڄان جشن دادا.
۸.جنهن جي درشن سان دک دُور ٿين،
اهڙا جوڳي جانب جيئندا رهن.
۹.ڪن روشن راهہ هزارن جي،
ڪن پياس ٿا پوُري پيارن جي.
۱۰. اؤلاد جڻي جنهن ماءُ اُها،
ڏنيہ ڏنيہ تہ ”آشا“ چئبي سا.

ڪين رنجاءِ

١. تون ڪنهنکي ڪين رنجاءِ،
تون سڀ سان پيال پلاءِ.
٢. سڀ ۾ پريوُ وياپڪ آهي،
توُن ڪنهنکي ڪين ستاءِ.
٣. ڪسو هلي ڪو پڪو هلي ڪو،
توُن سڀ سان توڙ نڀاءِ.
٤. هرڻ جيان برپٽ ۾ ڀٽڪي،
توُن جيون ڪين وڃاءِ.
٥. دک سک ڪرمن جو ڦل آهي،
شڀ ڪرم توُن سدا ڪماءِ.
٦. دنيا مان ڪنهن ڪين وٺيو آ،
توُن لنو لالڻ سان لاءِ.
٧. هرڪي مايا جي روپن تي،
توُن تن سان دل نه لڳاءِ.
٨. لوڪن جي ڇڏ هاڻ خوشامد،
”**آشا**“ گڻ گوبند جا ڳاءِ.

ويچار - ٣٧

جنکي آ ڪلي ڪنڌ ۾ سي نه پرين پائن،
ماسو جن نه ماڻ سي سپرين سيبائن.

محبوب منو

محبوب منو مون سان چو آ رُنو!

١. پڪ آهي مون ۾ هوندي ڪا ڪاڻ،
نہ تہ چو تو رهي پري پرينم پاڻ،
ويا ورهيہ لنگهي منهن ڪين ڏنو،
محبوب منو، مون سان چو آ رُنو!

٢. مان ڪانڌ هوندي چو ڏهاڳڻ تيان،
ڪندو قياس سدائين سهاڳڻ تيان،
آهي سوُرن ۾ مون ڪافي سنو،
محبوب منو، مون سان چو آ رُنو!

٣. هڪ ساعت جنهن ڪان ڪين سري،
ايندو ”**آشا**“ تي ڪڏهن ڪهل ڪري،
آهي دلبر جنهنجي قرب ڪنو،
محبوب منو، مون سان چو آ رُنو!

درد جو داروُن

درد جو داروُن پيئان!
مان جيجل درد جو داروُن پيئان!

١. محب منو ڪڏهن اڱڻ ۾ ايندو!
جنهن لئہ تي مان جيئان،
مان درد جو داروُن پيئان!

ماءُ

١. ماءُ تہ منھنجي ماءُ،
كري صدقي موُن لئہ ساھہ.
٢. ڄر آنڊي جي آ تڪي،
ٻيءَ نہ اچي ڪنھن تاءُ.
٣. ممتا جو آ روپ،
ٻيءَ نہ اچي ڪھڪاءُ.
٤. ڪيڏا سنائين سوُر،
جيئڻ لڳي نہ ڪوسو واءُ.
٥. ننڍون ڦٽائي پنھنجون،
لڌائين منھنجو سُڌ سماءُ.
٦. تن کي ڏيئي تسيا،
ڪيائين منھنجو ھُن بچاءُ.
٧. وڃُ نہ وسارج تنھن جا،
ڪر خدمت تنھن جي اٿاھہ.
٨. ماءُ وري نا ملندءِ،
توُن پوءِ ڪندين پڇتاءُ.
٩. جيئري تنھن جو قدر ڪر،
تہ نڪري نيڪي ھٻاءُ.
١٠. امڙ جي آسيس سان،
''**آھا**'' ڪٽي ويندين توُن داءُ.

ڀڳت ڪنوررام

سدا ياد تون رهندين يار ڪنور،
آهي تن ۾ تنهنجي تنوار ڪنور.

١. او سنڌين جا پيارا ڳايڪ،
او سنڌ جي ڀڳتن جا نائڪ،
سنڌي قوم جو تون سينگار ڪنور،
سدا ياد تون رهندين يار ڪنور.

٢. لولا لنگڙا توکي ياد ٿا ڪن،
توکي ياد ڪري ٿا سڏڪا ڀرن،
لهي ڪير اُنهن جي سار ڪنور،
سدا ياد تون رهندين يار ڪنور.

٣. تون نياز ۽ نوڙت جي مورت،
تون گيان ۽ ڀڳتيءَ جي صورت،
او تنل هيئين جا ٺار ڪنور،
سدا ياد تون رهندين يار ڪنور.

٤. تو پيتو شهادت جام مٺا،
جپيو آخر تائين نام مٺا،
لڙڪ لاڙي ”آها“ نر نار ڪنور،
سدا ياد تون رهندين يار ڪنور.

٢. لوڪ چون ٿا آ مستاني،
ڪل تن کي کهڙي ميئان،
مان درد جو داروُن پيئان!

٣. برهه جي ماري ورهه ويڳاڻي،
شل دلبر ويجهو ٿيان،
مان درد جو داروُن پيئان!

۴. وٽي وڏي جن وصل ۾ ”آشا“،
تن کهڙيون ميارو ڏيان،
مان درد جو داروُن پيئان!

سڀ جو سائين

توُن سڀ جو آهين سائين،
توُن مهر جو مينهن وسائين.

١) توُن پيار جو آهين ساگر،
پياسين جي پياس بجهائين.

٢) آهين ڪروڻا جو سوَروپ،
تو سڀ سان پال پلائين.

٣) لهرن لوڏن وچ سير مان،
توُن بيڙا بني لڳائين.

۴) جيڪي تنهنجي شرڻ اچن،
دک درد ٿو تن جا مٽائين.

۵) توُن ئي خالق مالڪ آهين،
توُن بگڙي سڀ جي بڻائين.

٦) ”آشا“ اچن جي تو وٽ سوالي،
توُن سڀ جي آس پڄائين.

٥. ڪيئي جنم منهنجا گذريا،
نہ ٿي پياس پوُري منهنجي،
ڪر ''آشا'' پوُري منهنجي،
ڏيئي درشن جو وردان.
ڏي نام پنهنجي جو دان.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

سوامي شانتي پرڪاش سونهارو،
رهيو جڳت ۾ جڳ کان نيارو.
١. ڏکين ڏکين جي سار لڌائين،
پکين پسن کي پيار ڏنائين،
هو لکن دلين جو سهارو،
سوامي شانتي پرڪاش سونهارو.
٢. ستنام ساکي منتر جپائي،
جئہ شري ڪرشن منتر چوائي.
ڪيائين دوُر اگيان انڌارو،
سوامي شانتي پرڪاش سونهارو.
٣. گيان سندو گلزار سوامي،
پريم جو هو اوتار سوامي.
هو ڀڳتيءَ جو پنڌارو،
سوامي شانتي پرڪاش سونهارو.
۴. ڪرم يوگي هو سنت لاثاني،
چمڪي سدائين سندس پيشاني.
''آشا'' جي اکين جو تارو،
سوامي شانتي پرڪاش سونهارو.

مهر منت

مهر منت منهنجي مالڪ،
ڏي نام پنهنجي جو دان.
ڏي نام پنهنجي جو دان،
پنهنجي چرنن جو ڏي ڏيان.
١. اوديا جي اوندھ ۾،
ڪيڏا ڪانوان تو تاپا.
ڪر راھ روشن منهنجي،
ڏئي مونکي آتم گيان.
ڏي نام پنهنجي جو دان.
٢. مون ۾ ڪيئي برايون ٿي،
ڏس ڏوھ نہ تون منهنجا،
آسيس اهڙي تون ڪر،
جيئن بڻجان مان گڻوان.
ڏي نام پنهنجي جو دان.
٣. سنگ دنيا جا ڪوڙا،
مليو جن مان دک ئي دک،
سک تنهنجي چرڻن ۾،
چمان چرڻ تنهنجا پڳوان.
ڏي نام پنهنجي جو دان.
٤. ڏي سمت سچا سائين،
ڏي صحت سني سائين.
جپيان نام، ڪيان شيوا،
ڪر ديا اهڙي دياوان،.
ڏي نام پنهنجي جو دان.

راکو پيڳوان

تنهنجو راکو آ پيڳوان،
ڪرين ٿو چنتا ڇو انسان!

١. دروپديءَ جي لاڄ رکيائين،
درو، پهلاڄ جي رکشا ڪيائين،
جن ٻي پريم سان ڪيس پڪاريو،
ڏنائين نوجيون جو دان،
تنهنجو راکو آ پيڳوان!

٢. جل ٿل نڀ چر جيو اُپايا،
آد جڳاد ڪان پريوءَ نپايا،
هڪ هڪ جي هوُ سار لهي ٿو،
ڪيڏا سندس آهن احسان!
تنهنجو راکو آ پيڳوان!

٣. ''**آشا**'' پريوءَ جي شرڻ وڃ توُن،
پوُرو پروسو تنهن ۾ رکج توُن،
سڪ سان سڏڙا سدا ڪندو رهه،
ڪندو مهر تو تي مهربان،
تنهنجو راکو آ پيڳوان!

تنھنجي در بکاري

تنھنجي در تي سنگر مان آھيان بکاري،
پرج پانڌ پالھو ڏيئي نينھن نھاري.

١.آءُ اڻتاروُن آھيان ۽ ٻيڙي پراڻي،
جيڪو شرڻ آيو تنھن جي ٻيڙي تاري.

٢.نڪي لھر لوڏو نہ لڳي واءُ ڪوسو،
تنھنجي مھر جنھن تي، تنھن جي سر آ ساري.

٣.سوُريءَ مان ڪنڌو ھڪ توُن سائين ڪرين ٿو،
تو پنھنجي پيارن جي آفت آ ٽاري.

٤.ٻنا بندگيءَ جي آ زندگي اجائي،
وڃايم اجائي عمر ائين ساري.

٥.پويان تنھنجي لئہ مان لڙڪن جي مالھا،
ڪرين شل قبول توُن، روئان زارون زاري.

٦.''**آشا**'' پياس آھي، پسان توکي پريتم،
ورھہ ۾ ويڳاڻي، عمر آ گذاي.

ڪروڌ

ڪروڌ کان پيارا ڪر تُون ڪنارو،
ڪروڌ مان ٿئي نقصان پيارا!
١. ڪروڌ ڪرڻ سان وروڌ وڌي ٿو،
وروڌ مان جهڳڙو جهيڙو ٿئي ٿو،
صبر ۾ تنهنجو شان پيارا!
٢. ڪروڌ جي اگني ڪيئن نہ جلائي،
تن من کي بيمار بڻائي،
پڇتائي شمشان پيارا!
٣. ڪروڌ ڪري ڪنهنجي دل نہ دکائج،
واڻ ڪميا جي تُون اپنائج،
اهو سنتن جو گيان پيارا!
٤. آڻ مڃي جو غم تو کائي،
ڪروڌ تي جيڪو جيت تو پائي،
سوئي سچو ودوان پيارا!
٥. جپ تپ دان وڃي تو وئرٿ،
ڪروڌي ڪري تو ڪيڏو انرٿ،
سندس ٿئي اپمان پيارا!
٦. ”**آشا**“ ڪنهن تي ڪروڌ نہ ڪر تُون،
ڪميا ديا ۽ ڌيرج ڌر تُون،
تنهن ۾ تنهنجو ڪلياڻ پيارا!

امرت ويلي

پرڀاتي

امرت ويلي جا ڳي جا ڳي،
گڻ گووند جا ڳاءِ منا!
١. گڻ گووبند جا ڳاءِ منا تون،
سائين کي سرچاءِ منا!
گڻ گووند جا ڳاءِ منا!
٢. مانش ديهي اُتم ديهي،
وئرٿ کين وڃاءِ منا،
گڻ گووند جا ڳاءِ منا!
٣. مايا جي پرپنچ ۾ اٽکي،
مالڪ کي نہ ڀلاءِ منا،
گڻ گووند جا ڳاءِ منا!
٤. جن يي پاتو جاڳي پاتو،
اُتي رانول کي ريجهاءِ منا،
گڻ گووند جا ڳاءِ منا!
٥. "آشا" پلو جي پنهنجو چاهين،
پرڀوءَ کي پرچاءِ منا،
گڻ گووند جا ڳاءِ منا!

پڪار

ڳلن ڳوڙها ڳاڙهي مان تو لئہ پڪاريان!
ڪڏهن ملندين راڻا مان تو لئہ نهاريان!
آليون اکيون منهنجون سڄڻ توکي چاهن!
بنا تنهنجي دلبر ويڳاڻيون سي آهن!

آءُ شيام

آءُ شيام! آءُ شيام!
مٺڙ مٺڙ آ تنهنجو نام.

١. برج گوڪل ۾ راس رچائي،
گوپين جي چڙي سُرت پلائي،
هئين جادوگر گهنشيام،
آءُ شيام! آءُ شيام!

٢. گوپيون گوال ٿا توکي سارِين،
هنجوُن هاريندي توکي پڪارِين،
اچي پريم جو ڏج پيغام،
آءُ شيام! آءُ شيام!

٣. ”آشا“ تنهنجي درشن جي آهي،
درشن ڏئي وڃ پياس بجهائي،
توُن آهين سکن جو ڌام،
آءُ شيام! آءُ شيام!

روئان زار زار

اکين آب آڻي روئان زار زار
ڪري ڪير پريتم مونکي پيار!

١. وئين اهڙي هنڌ توُن نہ پهچي سگهان جت،
ڪريان ڪيئن دلبر تنهنجو مان ديدار.

اجان ڪڏهن

رام جپڻ جي مهل اها ٿي،
پوءِ پيارا پڇتائيندين.

١.جيڪي ڪرڻو ٿي ڪر هاڻي،
ڪين ڪي رکُ توُن ڪڏهن سڀاڻي،
ڪڏهن سڀاڻي ڪين ڪي ايندي،
حال ۾ سڀ ڪجھ پائيندين.

٢.مايا جي پرپنچ ۾ اٽڪي،
ٽرشنڪو وانگر تون لٽڪي،
سواسن جي ڪيڏي پونجي وڃائي،
توُن باقي ڀي ڇا وڃائيندين؟

٣.سمرڻ ۾ ڪر سواس سڄايا،
سڦلي ڪر شيوا ۾ مايا،
مڌر مڌر گوبند جو نام،
ڪڏهن اجان توُن ڳائيندين!

٤.شپ ڪرمن جي پوکُ تون پوکج،
جيون ''آشا'' پنهنجي موکج،
گذري گهڻي بچي باقي ٿوري،
ڪڏهن لنو لالڻ سان لائيندين!

هٿين خالي آئين

پرڀاتي

هٿين خالي آئين، هٿين خالي ويندين!
سُئي يي تون هڪڙي هتان ڪين نيندين!
۱.دکي پياسي پيارا دعائون تہ ڏيندءِ،
پريل کوھ مان جي توُن ٻين کي پريندين.
۲.پرڀوُءَ جي امانت ورهائج ولهن ۾،
ڪندين جي خيانت دکي ڏاڍو ٿيندين.
۳.رکي موھ جن لئہ تو مايا آ ميڙي،
ڏيندءِ ڏنپ سيئي ڪجهہ نا وٺيندين.
۴.جپج نام مک سان ۽ ڪج دان هٿ سان،
سکي ٿيندين ”آشا“ جي سک ٻين کي ڏيندين.

سک جي مالها

پريتم تنهنجي ورھ ۾، سک جي مالها سوريان،
سک جي مالها سوريان، چاھ جو چنگ مان چوريان.
۱. تات طلب تنهنجي آھ، شل وات وصل جي وري،
ملندين محب منا توُن ڪڏھن، تو لئہ ڏونگر ڏوريان.
۲. تون بن ڪونهي واھ وسيلو، هلي نہ منهنجو ڪوئي حيلو،
دل تہ ڏني موُن دلبر توکي، ٻيو حال ڪنهن سان اوريان.
۳. تو جي پياريون پريم پياليون، تن جي ”آشا“ پياس آ،
جانب جلدي آءُ توُن، سپ ڪجهہ توتان واريان.

٢. لطف ڪين مونکي اچي ڪنهن به شيءِ مان،
منهنجا محب منڙا اچي لهه تون سار.
٣. نکي يوگه جاڳان سماڌي لڳائي،
سٺل آهيان ننڊ ۾ اچي تون اُٿار.
٤. منهنجو روح پياسي ازل جي اُسات،
اچي پيار پنهنجو وري تون پيئار.
٥. ورهه ۾ ويڳاڻي ''آشا'' گيت ڳايان،
وڄايان مان تن جي تنبوري جي تار.

من جو منٿن

من پنهنجي جو ڪر تون منٿن،
متجي ويندءِ من جي اُلجهن.
١. چنتائون ڪن تيون چڪنا چُور،
هڪ پريوءَ جو ڪر تون چنتن.
٢. ڪي ڪم پرين ڪي ڇم پرين،
ڪم لٿو ڪيئن پاسو ڪن.
٣. گونگو تي نه گذارج جڳه ۾،
بوڙا تنهنجي ڪين ٻڌن.
٤. ڪوڏي پي هڪ ڪٽي نه سگهندين،
ڪنهن لاءِ ميڙين ايڏو ڌن.
٥. ٻاهر پنڪي سواس وڃايئه،
دلبر جو ڪر دل ۾ درشن.
٦. نام سان ورتي ''آشا'' جوڙ،
جي تون چاهين رهڻ تو پرسن.

رهڻو ناهه!

لکين لوڪ چمن ۾ مرن گهر گهر جي کهاڻي آ!
هت رهڻو ڪنهن کي ناهه، هر ڪنهنجي پڇاڻي آ!
۱. ڪو راجا هجي يا رنڪ، ڪو پير هجي يا فقير،
ڇڏي ڪال نه ڪنهنکي ٿو، دنيا ته ويراني آ.
۲. هي جڳت مٿيا آهي، ڪوئي قائم ڪين رهي،
ساپيا سپني کي سمجهڻ، ڪيڏي ته ناداني آ.
۳. ڪيو ڪال کي راوڻ وس، پر وس نه سندس ڪو هليو،
نڪي جاءِ ڏسي ويلا، ڪيڏي نه حيراني آ.
۴. ڪل ڪال جي ڪنهنکي ناهه، ڪڏهن ڪڙڪي اچي سر تي،
ويا رشي مني چوندا، ساري دنيا فاني آ!
۵. جيڪو ڪرڻو تي ڪر هاڻ، ڏني ڪين سپاڻي ڪنهن،
پاڳن سان ملي توکي منشيه ديهه لاثاني آ.
۶. جو پاندو بٽيو **''آشا''**، سو نيث ته پرڻو آ،
ست ڪرم ڪري وٺ توُن، سنتن جي زباني آ.

بيت

وعظ ڪن وحدت جا غير اندر ڌارين،
من کي نا مارين هوڪا ڏين حق جا.
۱. هوڪا ڏين حق جا، حق نه سڃاڻين،
جي پاڻ نه پڇاڻين، تن کهڙي ڪل الله جي.

ستگروُ سوامي سروانند مهاراج

سوامي سروانند سونهارو،
ويو واهه جو وڃائي وارو.

١. اگيانين کي گيان ڏنائين،
تن کي نام جو دان ڏنائين،
هيو ڀڳتيءَ جو ڀنڊارو،
سوامي سروانند سونهارو.

٢. شري ستنام ساکي جپيو جپايو،
پريم پرڪاش جو يش ڦهلايو،
کيو پريمين جو تہ نيتارو،
سوامي سروانند سونهارو.

٣. دکڙا دکين جا دوُر کيائين،
خاليون جهوليون سڀ جوُن ڀريائين،
هيو نبلن جو تہ سهارو،
سوامي سروانند سونهارو.

٤. ”آشا“ سندن گڻ گيت تو ڳائي،
سنگت ساري ٿي جنم ملهائي،
هيو لکن دلين جو دلارو،
سوامي سروانند سونهارو.

سچا سالڪ

عشق عبادت آهي جن جي، پريتم ڪي سي پائن ٿا
دنيوي خيال سي ترڪ ڪري هڪ، سائينءَ ڪي سي ڏيائن ٿا
١. نام نشي ۾ مست رهي سي الک جي جوت، جڳائن ٿا
پيار جي ڪوري ۾ سي عاشق پنهنجو پاڻ، پچائن ٿا
٢. نفس پنهنجي کي ناس ڪري هوُ قرب جي، ڪفني پائن ٿا
توڙي ٽڳا هن دنيا سان هڪ رانول، کي ريجهائن ٿا
٣. پڙهي الف جو اکر صرف هڪ الف کي دل سان هنڌائن ٿا
نڪ اکيون ڪن بند ڪري پوءِ لنو لالڻ سان لائن ٿا
٤. لوڪ پلي پيو ګلا ڪري پر بُرو نه، ڪنهنکي پائن پا
ڪثرت مان وحدت ۾ آيا هستي پنهنجي مٽائن ٿا
٥. روڪي پراڻ سي پنهنجا پريمي دسوين دوار، چڙهائن ٿا
دلبر جو ديدار ڪري هوُ انهد آنند پائن ٿا
٦. چاڻ هوندي اڻڄاڻ سڏائي پنهنجو پاڻ، لڪائن ٿا
شڪتيشالي سي آهن هردم جي جيئري، پاڻ مٽائن ٿا
٧. امر سي عاشق آهن هردم جي سر جو، داءُ لڳائن ٿا
تات نه تن ڪي ٻي ''**آشا**'' هڪ سوڊل، کي سرچائن ٿا

ويچار - ٣٨

محبت جن جي من ۾ سي سدائين سرها.
ڪلفت جن جي اندر ۾ سي سدائين ارها.

٢. تن کھڙي کل الله جي، سڏون کن سڏڙيا،
مايا منجھه اڙيا، سي نه مليا محبُوب سان.

٣. مليا کين محبوب کي جي کپر کارون کن،
ميھار جنين من، سي بنا تُرھي تري ويا.

برھه گيت

پل پل پوُر پچايان ويني،
گيت برھه جا ڳايان ويني!

١. تن جي تندن کي تاروُن ٻڌائي،
سڪ جو ساز وڄايان ويني!

٢. ايندو ڪڏھن پريتم موُن وٽ؟
ھر ھر جھاتيون پايان ويني!

٣. درد جو ديپڪ ٻاري دل ۾،
جيون جوت جلايان ويني!

٤. ساجن بن کو چئن نه آھي،
گنگا يمنا وھايان ويني!

٥. نيڻ ڏين نيٽن کي نياپا،
ويل اُھا واجھايان ويني!

٦. سوُرن سان مان ساٿ نڀائي،
دل پنھنجي ٻھلايان ويني!

٧. راھه پچائي، وات نھاري،
ڪيئي کانگ اُڏايان ويني!

٨. ”آشا“ اندر ۾ رکي وصل جي،
من پنھنجو پرچايان ويني!

من کي سُڌار

من پنهنجي کي توُن تہ سُڌار،
ٻين کي سڌاري ڪين توُن سگهندين.

١. من جيتي جڳ جيت چون تا،
من کي ماري مات جي ڪن تا،
تن جي جڳ ۾ جئہ جئڪار،
من پنهنجي کي توُن تہ سُڌار.

٢. ٻوڙا ٻڌندءِ ڪين ڪي تنهنجي،
سنگدل سٽندءِ ڪين ڪي ڪنهنجي،
ٻول نہ ڪجھ، ڪر ڪن لاٿار،
من پنهنجي کي توُن تہ سُڌار.

٣. ''آشا'' ڪنهن سان بحث نہ ڪر توُن،
آڻ مچين ڪر شڪر توُن،
محبت جي مستيءَ ۾ گذار،
من پنهنجي کي توُن تہ سُڌار.

ويچار - ٤٠

ڪيڏا ڀي توُن ڪيس لڳائين،
نيت تہ ٿيندا اڇا وار،
نقلي چهرو نقلي رهندو،
ڪيڏا ڀي توُن ڪرين سينگار.

سمهج ڪين

صبح ٿيو ٿي ساجن، سمهج ڪين هاڻي،
سمهج ڪين هاڻي، سوڙ کي توُن ناڻي.

١. سستيءَ ۾ سمهي تو حياتي وڃائي،
ڪري نام سمرڻ عمر ڪر سڄائي،
ٿيئي راضي راڻي، صبح ٿيو .....

٢. سويلي اُٿڻ سان کلي ڀاڳ تنهنجو،
کلي ڀاڳ تنهنجو ڪري پرين پنهنجو،
پوءِ آنند ماڻي، صبح ٿيو .....

٣. "**آشا**" اوت وٺ توُن الک جي سدائين،
لهي سار هر هر سڀاجهو تو سائين،
منو ڪر تنهن ڀاڻي، صبح ٿيو .....

ويچار - ٣٩

جڏهن پون پرينءَ جا پوُر،
وسي نيڻن مان برسات،
اهو عشق سندو دستور.

٦. مايا سان تو ناتو توڙيو،
جيءَ جانب سان جاني جوڙيو،
"**انجلي**"ءَ جو توُن ڪانڌ پنار،
پيارا دادا! توکي نمسڪار!
٧. دادل شاهه تنهنجو جنم ملهايون،
تنهنجي گڻن جا گيت ٿا ڳايون،
"**آشا**" پايون توکي حب جا هار،
پيارا دادا! توکي نمسڪار!

رحم وارا

پرڀاتي

ڪجانءِ رحم رحمي رحم وارو آهين،
سوُريءَ مان تہ ڪندو توُن ئي تو بڻائين.
١. تنهنجي مهر جنهن تي نہ تنهن لهر لوڏو،
منهنجي ٻيڙي سائين ڪناري لڳائين.
٢. نہ واهر وسيلو، هلي ڪين حيلو،
ڪري وڙ توُن والي، منزل پڄائين.
٣. سويرو اُٿي مان جپيان نام تنهنجو،
سمت اهڙي سائين ڏي توُن سدائين.
٤. سپين ۾ سدا مان پسان "**آشا**" توکي،
ڪريان سڀ جي خدمت، عرض هي اُنائين.

دادا ساڌو واسواڻي

پيارا دادا! توکي نمسکار!

وار وار نمسکار.

١. گيان جي دادا تو جوت جڳائي،
سمرڻ سيوا جي راهه بنائي،
هئين عشق جو توُن اَوتار،
پيارا دادا! توکي نمسکار!

٢. دوُر کيا دک تو دکين جا،
پيٽ پريا تو پيٽ بکين جا،
هئين بيواهن جو توُن آڌار،
پيارا دادا! توکي نمسکار!

٣. ڀڳت سچو ودوان گياني،
فيلسوف شاعر تون لاثاني،
تنهنجو جاتيءَ تي اُپکار،
پيارا دادا! توکي نمسکار!

٤. سنلن کي دادا تو جڳايو،
جيو ديا جو سنديش سڻايو،
ڏنئه پسن پکين کي پيار،
پيارا دادا! توکي نمسکار!

٥. سنڌڙيءَ جو توُن سنت سونهارو،
ديش وديش ۾ ٿئين هاڪارو،
ڀڳتيءَ جو توُن هئين ڀنڊار،
پيارا دادا! توکي نمسکار!

سوامي ٻوڏراج

١. سنت سوامي ٻوڏراج توُن، اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوي،
توُن اُتي پهچي وئين، جت نہ پهتو آ روي.

٢. پاٺ ۾ پيهي ڪري، تو ڪيو ساکياتڪار،
ڏيهہ ۾ ڏاتر ڏسي، تو ڏنو سڀ کي پيار.

٣. علم کي آڻي عمل ۾، پنهنجو ڪيو ٻيڙو تو پار،
ٻين جي ٻيڙيءَ لاءِ، خود توُن ٿئين روشن منار.

٤. تو چڙهي اهنڪار کي، پاتو حليمائيءَ جو هار،
گيان جو گلزار هئين ۽ ڪرم يڳتيءَ جو ڀنڊار.

٥. تو ڪنول گل جيان گذاري، ٻوڌ ساري زندگي،
گرهست ۾ رهندي ڪئي، پريوُءَ جي پيارا بندگي.

٦. اچ بہ ’سچو ساٿي‘ تنهنجو، راهہ تو روشن ڪري،
تنهنجي واڻيءَ جي شمع ”**آشا**“ ادب ۾ ٿي ٻري.

بيت

دلبر دادل شاهہ هئين عشق سندو اوتار،
سُڪل نوٽ دلين ۾ تو آندي نئين بهار،
ڏنئہ پيغام پريم جو اچي محب منا منار،
آهيان آءُ پينار، دادل تنهنجي در جو.

پريو چاهي

تيندي اوس اُها جا پريوُ چاهي،
ڪجھ ڪين بندي جي وس آهي.

١.سيتا سوچيو سونو هرڻ ملندو،
بنواس ۾ نئون ڪو ورق ورندو!
ڪيئن ويو راوڻ تنهن کي پچائي،
تيندي اوس اُها جا پريوُ چاهي!

٢.ڪوشش سان ڪم ڪين ٿئي،
ڪڏهن پاڻ مرادو راس ٿئي!
وس واليءَ جي، ٻئي وس ناهي،
تيندي اوس اُها جا پريوُ چاهي!

٣.نڪي سياڻپ سائين وٽ ٿي هلي،
نڪي زور زوراور جو ٿو چلي!
سڀ رب جي رضا ڪنهن کي ڏاهي ناهي،
تيندي اوس اُها جا پريوُ چاهي!

٤.شاهجهان کي ڪيئن پٽ قيد ڪيو،
جيڪو بادشاهہ هو سو قيدي ٿيو!
قضا کھڙي ”آشا“ ڪل ڪين آهي،
تيندي اوس اُها جا پريوُ چاهي!

چوپايونُ

ڪام

ڪام جيو کي اندو بڻائي،
تيج و شڪتي سندس گھٽائي،
ڪين سگھي ٿي هرگز ڀوڳي،
ڀوڳي ڀوڳي ٿئي ٿو روڳي.

ڪروڌ

ڪروڌ نہ رت جو داب وڌائي،
تن من کي نقصان رسائي،
ماڻھوءَ کي چنڊال بڻائي،
شانتي من جي ڪروڌ وڃائي.

لوڀ

لوڀ ڪتي سان گڏ ڪارائي،
لوڀ منش جي ننڊ ڦٽائي،
لوڀ ڪيئي ٿو پاپ ڪرائي،
رُت کي رت سان ٿو ويڙھائي.

موھہ

موھہ دکن جو ڪارڻ آھي،
جنم جنم ۾ سو پٽڪائي،
ڪنھن ۾ موھہ نہ رکہ توُن پيارا،
لوڪ اَٿئي مطلب جا سارا.

ڪڏهن شيام ايندين

ڪڏهن شيام ايندين مان ويني پڪاريان،
اُجايل اکين سان مان ور ور نهاريان.
١. عجب سونهن تنهنجي آهي سونهن وارا،
تنهنجي موهڻي مورت، نہ وسري وساريان.
٢. نکي يوگہ جاڳان سماڌي لڳائي،
تنهنجي پياس جا ويني ڳوڙها مان ڳاڙيان.
٣. مڌر تنهنجي مرلي، مڌر تنهنجي مسڪان،
منو نام تنهنجو مان ور ور اُچاريان.
٤. مان اکڙين ۾ پريتم تہ توکي وهاريان،
انئي پهر "آشا" مان تن ۾ تنواريان.

تنهنجو ڏيان

تنهنجو ڏيان ڏيايان، تنهنجو ڏيان ڏيايان،
تنهنجو ڏيان ڏيايان، نہ ٻيو ڪجهہ مان چاهيان.
١.لوڪن سان ناتا، ٽوڙي سڄڻ مان،
جوڙيان توسان ناتو، توسان لنو لڳايان.
٢.جيڪا تنهنجي مرضي، اوس ٿيندي سائي،
جيئن تون هلائين، پلو پنهنجو پائيان.
٣.ڪمل مکڙو تنهنجو، ڪڏهن آن ءُ ڏسندس،
ورهہ ۾ ويڳاڻو، ورهہ گيت ڳايان.
٤.دنيا جون اڇائون، نہ هرگز ڪي ڪنديون،
"آشا" آءُ درشن فقط تنهنجو پايان.

پرڀوُ شرڻ

پرڀوُءَ جي وٽ شرڻ پيارا،
ميٽيندءِ من جا مونجهارا،
سوُريءَ مان هوُ ڪنڊو بڻائي،
ٻيڙا سڀ جا ٻني لڳائي.

نام سمرڻ

نامَ جو سمرڻ ڪيو پيارا،
متجي ويندا سڀ موُنجهارا،
ڀڳتيءَ ۾ ٿيندي آ شڪتي،
ڀڳتي شڪتي ڏيندي مڪتي.

ڀلائي

سڀ سان ڪر توُن تہ ڀلائي،
جيون تنهنجي ٿي سکدائي،
بُري منش سان ڪر نہ بُرائي.
ڀلي ڪرڻ ۾ آهہ ڀلائي.

ڪرٽي پرٽي

جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي،
آهہ وڏن جي سچ هيءَ چوٽي،
پانچالي ڪيئن ڪئي ڀلائي،
ڪرشڻ هن جي لاج بچائي.

شڀ ڪرم

انب پوکيندين انب کائيندين،
اڪ پوکيندين اڪ کائيندين،
شڀ ڪرمن جو ٻج توُن پوکج،
مانش جيون پيارا موکج.

اهنڪار

اهنڪار ٻوڙو انڌو ٻڌائي،
ڌاڍائي ۽ ظلم ڪرائي،
شبِ ڪرمن جو ڦل ته گھٽائي،
راوڻ پارا متيءِ ملائي.

گروُ ڪرپا

گروُ ڪرپا سان ڀاڳ کلي ٿو،
گروُ ڪرپا سان رام ملي ٿو،
شرڌا سان ڪر گُر جي سيوا،
توکي ملندا مڪتي ميوا.

رام نام

رام نام پارس سم آهي،
لوھ منشيہ کي سون ٻڻائي،
نام پدارٿ جيڪو پائي،
ڀاڳن وارو سوئي آهي.

ديا

ديا ڌرم پڇ ڪيو سدائي،
ڪٽي نه ويندءُ پئسو پائي،
ديا بنا ماڻھو ڪاسائي،
ديا بنا جيون نہ اجائي.

سنتن جو سنگ

۱. سنتن جو سنگ آ سکدائي،
کلپ ورکش جيئن آ ڦلدائي.
۲. سنتن جو سنگ مئل نواري،
ڀو ساگر مان جيو کي تاري.
۳. پارس لوهہ کري ٿو کنچن،
سنت پنهنجي سنگ پاڻ جهڙو کن.
۴. سنت جتي تت تيرٿ چاڻ،
سنت جتي تت پرڀوُ پاڻ.
۵. سنت پرڀوُءَ جو نت اوتار،
جڳہ جو کرڻ آيا هوُ اُڌار.
۶. تن سنتن تان مان ٻلهار،
درشن کئي چت باغ بهار.
۷. سنت سچا کروٽا جو ڀنڊار،
ڏين پريمين کي نرمل پيار.
۹. سنت ئي کن ٿا روشن راهہ،
وٺ سنتن جي سدا پناهہ.
۱۰. سنتن جو سنگ کري سڄاڳہ،
ٻگڙيل جيو جو ٻڻجي ڀاڳہ.
۱۱. سنتن بن جڳہ آ ويران،
سنت جيو تي کن احسان.

شيام آءُ

تون شيام منهنجي گهر آءُ!
اچي مکڻ ۽ مصري کاءُ!

١. سهڻي سهڻي آ تنهنجي صورت،
من مهڻي آ تنهنجي مورت،
راڌا راڻي، تون ئي راءُ،
تون شيام منهنجي گهر آءُ!

٢. تو بن ڏاڍي آهيان اُداس،
ڏي درشن ڪري مونتي قياس،
جيون تي آ ڪين جتاءُ،
تون شيام منهنجي گهر آءُ!

٣. تون ايندين جڳ سارو ايندو،
جنم ته منهنجو سڦلو ٿيندو،
مونکي لڳندو نه ڪوسو واءُ،
تون شيام منهنجي گهر آءُ!

٤. پلڪن ۾ مان توکي سمايان،
توکي سمائي آنند پايان،
”**آشا**“ تو ۾ منهنجو ساهه،
تون شيام منهنجي گهر آءُ!

ويچار - ٤١

سائين توکي ساريان روئي روئي رات،
تن ۾ تنهنجي تات، تون ڪڏهن ملندين سُپرين.

پنهنجو ڪيائون

مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيائون،
تن کي ڪين وساريان مان!

١. ڪيئن چمندا ها هٿ هوُ منهنجو،
پيار ڏيئي ڪيائون مونکي پنهنجو،
تن کي ور ور ساريان مان،
مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيائون.

٢، پاڻ کان پاسي ڪڏهن نہ ڪيائون،
پري نہ رهجاڻ ائين چيائون،
پل پل تن کي پڪاريان مان،
مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيائون.

٣. ور ور دل وٺندا ها منهنجي،
ڪيڏي سار هوُ لهندا ها منهنجي،
ٿو تن لئہ هنجون هاريان مان،
مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيائون.

۴. سوامي جن جي موُن تي عنايت،
”آشا“ تن جي موُن تي رحمت،
ڪيئن تن جي ورهہ ۾ گذاريان مان،
مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيائون.

١٢. سنت سچا ڏين آتم گيان،
دیا ڪري ڏين ڀڳتي دان.
١٣. ڀڳتيءَ مان ملي جيو کي شڪتي،
شڪتي مان ملي مڪتي ڀڪتي.
١٤. سنتن جو سنگ مڪتيءَ دوار،
”آھا“ تن جو وٽ ته آڌار.

پريوءَ ۾ وشواس

رک پريوءَ ۾ توُن وشواس،
ڪين ٿي پيارا ڪڏهن نراس.
١. قدم قدم تي سختيون سوُر،
پر نه مسافر منزل دوُر،
ساهس سان سڀ سهنجو ٿيندو،
ٿيندا تنهنجا سڀ ڪم راس،
رک پريوءَ ۾ توُن وشواس.
٢. سونهن ۾ سياٽپ ڪين ڪا هلندي،
هوڏ حبيبن وٽ موُر نه چلندي،
ٿيءُ ڀوري دلبر جي در تي،
پوندو پرينءَ کي توتي قياس،
رک پريوءَ ۾ توُن وشواس.
٣. جنهن تي هٿ واليءَ جو آهي،
تنهن کي سگهندو ڪين ڪو ڊاهي،
”آھا“ سائينءَ کي سدا سنڀارج،
ٿيءُ توُن هرگز ڪين اُداس،
رک پريوءَ ۾ توُن وشواس.

١١. پيم پوُر پرين جا، وسي نيڻن مان برسات،
سدا تن جي تات، رهن سدا سي روح ۾!

١٢. سارينديـن سپرينءَ کي، مان رُنم زارون زار،
تن ۾ تنجي تار، سمهڻ نہ ڏي ٿي سيج تي!

١٣. ”آشا“ ساريندي سڄڻن کي پيا لڙڪ لڙي،
تن جي قرب ڪڙي، قابوُ ڪيو قلب کي!

پياسي روح

اکين آب آڻي روئان زار زار!
ڪري ڪير سنگر ٻيو مونکي پيار!

١. وئين اهڙي هنڌ توُن، نہ پهچي سگهان جت،
ڪريان ڪيئن دلبر تنهنجو دوبہ ديدار!

٢، نڪي يوگہ ڄاڻان سماڌي لڳائي،
سنل آهيان ننڊ ۾ اچي تو اُتار!

٣، منهنجو روح پياسي ازل جي اُسات،
اچي پيار پنهنجو وري توُن پيئار!

٤. لطف ڪين مونکي اچي ڪنهن بہ شيءَ مان،
منهنجا محب منڙا اچي لهہ توُن سار!

٥. ورهہ ۾ ويڳاڻي ”آشا“ گيت ڳايان،
وڄايان مان تن جي تنبوُري جي تار.

ورهہ جا بيت

۱. مصريءَ کان بہ منا، منهنجا منا مننار،
تن سان ڳنڍيل تار، جيجل منهنجي جيءَ جي!
۲. پل پليرا سپرين، آهن غم ڳُسار،
کيئن رهان مان ڏار، جيجل تن جوڳين بنا!
۳. پل پليرا سپرين سي، آهن قدردان،
تن جا لکہ احسان، لاهي سگهان کين کي!
۴. پيري پاکر پنهنجي، کن قابو دل دلدار،
منهنجا سي آڌار، جيجل جوڳي جڳہ ۾!
۵. کندي تصور تن جو، ٿا نيڻ وهائن نير،
کير ڏئي پيو ڏير، جيجل تن جوڳين بنا!
۶. اُپما ڏيان کهڙي، مصريءَ کان بہ منا،
اهڙا کين ڏنا، مان جيجل جوڳي جڳہ ۾.
۷. آهن منهنجا سپرين، مکڻ کان بہ نرم،
دوُر کيائون پرم، پر ۾ وهاري پنهنجي!
۸. محبت جي موُرت سي، سڀ کي ڏين پيار،
وجان مان ٻلهار، جانب منهنجي جيءَ جا!
۹. ديا جن جي دل ۾، همدردي تہ اٿاهہ،
سدا ساري ساهہ، تن سانگين کي سک سان!
۱۰. پل هجن دوُر سپرين، پر دل کان کين سي دوُر،
پل پل پوي تہ پوُر، اُڏري وڃان عقاب جيئن!

١٠. اجها آسرا راهون سيئي چڏي،
جڏهن جيوَ مالڪ سان من تو گڏي،
ڌري ڌيان هڪ جو منهن مايا کان موڙي،
اِهو اننيہ پريم پريوُءَ ساڻ جوڙي.

١١. اِچا ايش انکول ڪرڻ ڪرم گهرجن،
سي ويدڪ ڪرم چاهي دنيوي هجن،
سچي آ اِها ئي اُداسينتا،
چون ياوَ اُن کي ٿا تلينتا.

١٢. پريوُ پريم جو نشچو من ۾ ٿئي،
تڏهن پڻ شاسترن جي آگيا ۾ رهي،
بتايل ڪرم شاسترن ۾ جي آهن،
ڪري ڪرم ارپڻ، پريوُءَ کي تہ پائن.

١٣. جو شاسترن جي نيمن جو پابند ناهي،
اُنهيءَ جي ڪِرڻ جو انديشو تہ آهي.

١٤. وهنواري ڪرم پڻ وڏيءَ سان ڪجي،
نہ وشين ۾ هرگز پي آسڪت ٿجي،
پوڄن ڪرم بيو پيو تہ ٿيندو تيسين،
شرير آهي پيارا جڳت ۾ جيسين.

١٥. مان ڀڳتيءَ جا هاڻي تو رايا سڻايان،
آنءُ ڀن ڀن متن جا تو لڇڻ ٻڌايان.

١٦. پريوُءَ جي پوڄا ۾ سچو پريم ڀڳتي،
پاراشر جي مؤجب اِها آهي ڀڳتي.

رشي نارد ڀڳتي سوُتر

١.ٻڌو آءُ ڀڳتيءَ جي وياکيا ٻڌايان،
پرم پريم جي آنءُ مهما تو ڳايان.

٢.پرم پريم روُپ آهي ايشور جي ڀڳتي،
ملي جيوَ کي ٿي جنهن مان نہ مکتي.

٣.اِها ڀڳتي امرت جو سوَروُپ آهي،
ڇڏي واسنائون ٿي مڙيئي مٽائي.

٤.پيئنو جنهن بہ هيِ امرت نہ آهي
اهو سڌ ۾ ترپت اَمر پد کي پائي.

٥.جنهن پريما ڀڳتيءَ جي وتي وات آهي،
نہ تنهن کي ڪڏهن ڪا بہ اِڇا ٿي ستائي.

٦.جاڳي مام ڀڳتيءَ جي، آتم ۾ استت،
رهي مڳن ڀڳتيءَ ۾ آنند سدا چت.

٧.بنا ڪامنا جي آهي پريما ڀڳتي،
نروڌ تياڳہ روپي سچي پريوُ ڀڳتي.

٨.سنساري ۽ ويدڪ ڪرمن جو تياڳہ،
چئجي نروڌ تنهن کي پيارا! تون جاڳہ.

٩.وهنواري وشين ۾ اُداسينتا،
اننيہ پريوُ پريم ۽ تلينتا،
اهو پيي آهي نروڌ پيارا تون جاڳہ،
لڳاءِ چت چيتن ۾ کلي تنهنجو ڀاڳہ.

٢۴. سچو پريمي پريتم جو سک ڀرين چاهي،
نہ ڪا چاهنا هن کي پنهنجي ڪا آهي.

٢۵. اِها پريما ڀڳتي تہ سروَ اُتم آهي،
ڪرم گيان ۽ يوگہ کان ڀي اُتم آهي.

٢٦. اِها ڀڳتي ساڌن تہ ڦل روپ آهي،
تي پريميءَ کي پريوُءَ سان جلدي ملائي.

٢٧. آهي ديننتا نمرتا پريوُءَ کي پياري،
وڏي ڪين ايمان هن کي اهنڪاري.

٢٨. ڪن آچارين جو اِهو سڌانت آهي،
تہ ڀڳتيءَ جو ساڌن گيان ئي تہ آهي.

٢٩. ڀڳتي گيان پرسپر آڌارت ئي آهن،
ڪي آچاريہ اِهو مت تا ٻڌائن.

٣٠ برهما جي سپوتن جو سڌانت آهي،
پرماتما جي ڀڳتي ئي ڦل رُوپ آهي.

٣١. راجا، محل ۽ ڀوجن کي ڏسڻ سان،
نہ ترپتي ٿئي من تو تن کي پسڻ سان.

٣٢. جڏهن گهِرو سنبنڌ تو راجا سان رکجي،
تڏهن سندس ڪرپا جو تو پاتر ٿجي.

٣٣. جي چاهن ٿا دنيوي خواهشن کان مکتي،
ڪرڻ گهرجي حاصل اُنهن کي بہ ڀڳتي.

١٧. پريوءَ جي ڪٿا ۾ هجي جي پريتي،
رشي گرگ مؤجب اِها آهي ڀڳتي.

١٨. آتم روُپ ۾ استٿِت رهڻ ۾ لين،
رشي شانڊليہ مؤجب ڀڳتي اعليٰ ترين.

١٩. پريوُءَ کي سڀيئي ڪرم ارپڻ ڪجن،
جي پلجي وچي هوُ تہ لڙڪ لاڙجن،
تہ نارد اِها ڀڳتيءَ جي وياکيا ڪري،
هلي راهہ اِن تي سو جڳت مان تري.

٢٠. حقيقت ۾ آهي اها سچي ڀڳتي،
جڏهن جيوَ پنهنجي مٽائي تہ هستي،
ملي برهم سان هوُ برهم روُپ ٿئي ٿو،
جنم ۽ مرڻ جي چڪر کان ڇٽي ٿو.

٢١. جيئن پريم گوپين کي ڪرشڻ جي لاءِ،
تيئن ڀڳت کي پريم جي راهہ جڳاءِ.

٢٢. مهاتم نہ موهن جو گوپين وساريو،
حجت ساڻ هلندي اکين آب هاريو،
ورهہ ۾ ويڳاڻين ڪرشڻ کي پڪاريو.

٢٣. ڪوڙا پريمي سوارٿ سبب پريم ڪن ٿا،
لٿو ڪم تہ پوءِ منهن ماڳهين مٽن ٿا،
سچا پريمي پريوءَ جي مهما کي ڄاڻن،
ٿا ڪن پيار پريوُءَ کي آنند ماڻن.

۴۴. ڪسنگ ڪروڌ، ڪام، موھہ پيدا ڪري،
سمرتي، ٻڌي ٿو ختم سڀ ڪري.

۴۵. وڪار ترنگن جيئان پيدا ٿين ٿا،
وڏي سي وڏي سمنڊ روپ ٿين ٿا.

۴۶. تري ڪير مايا جي ساگر منجھان ٿو،
ڪري تياڳہ ٿو جو تہ سيني سنگن جو.

۴۷. جو ايڪانت آستان تي ئي رهي ٿو،
جو سنساري ٻنڌن کي ٽوڙي ڇڏي ٿو،
جو يوگہ ۽ کيم جو تياڳہ ڪري ٿو،
جو ٽنهي گڻن کان تہ رهي پري ٿو،
سوئي ڀڳت مايا جو ساگر تري ٿو.

۴۸. جو ڪرمن کي تياڳي ڪرم ڦل تياڳي،
جو سڀ ڪجھہ تياڳي پريوُءَ لاءِ جاڳي،
سدائين جو سکہ دک کان آهي پري،
سوئي ڀڳت مايا جو ساگر تري ٿو.

۴۹. جو ويدن جو پڙ تياڳہ ڀي ٿو ڪري،
اکنڊ پيار پريوُءَ جو پراپت ڪري،
سوئي ڀڳت مايا جو ساگر تري ٿو.

۵۰. اهڙو ڀڳت پريمي تري ٻين کي تاري،
پيئي پريم - امرت ۽ ٻين کي پيئاري.

۳۴. آچاريہ ڀڳتيءَ جا اُپاءَ تا ٻڌائن،
پانڌيئڙن کي پريوءَ جو پٽ تا ٻتائن.

۳۵. وشين جو تياڳہ تہ آهي ضروري،
۽ سنگ تياڳہ پڻ ڏاڍو آهي ضروري.

۳٦. اکنڊ ڀڄن ڀڳتيءَ جو آهي تہ ساڌن،
کندي نام سمرڻ لڳي نام سان من.

۳۷. جڳت ۾ پريوءَ جا ٻڌڻ ڳڻ ٻڌائڻ،
آهي هي بہ ساڌن ڳٽانواد ڳائڻ.

۳۸. تڏهن منش کي ڀڳتي پراپت ٿئي ٿي،
جڏهن سنتن ۽ ايشور جي آسيس ٿئي ٿي.

۳۹. سلڀ سنگ سنتن جو پيارا نہ آهي،
نصيبن سان تن جو کو درشن ٿو پائي.

۴۰. پريوءَ جي ڪرپا سان اِهو سنگ ملي ٿو،
پليل جيوَ جو ڀاڳہ جھٽپٽ کلي ٿو.

۴۱. ڀڳت ڀڳوان ۽ ڀڳتن ۾ انتر کو ناهي،
ڀڳت برهم جو ئي نت روُپ آهي.

۴۲. پريوُ پراپتيءَ لاءِ ستسنگہ ضروري،
آ ستسنگ جي ساڌنا رنگ ضروري.

۴۳. کسنگ کان سدائين تہ پاسو ڪجي،
اُنهيءَ راهہ مان پاڙ آجو ڪجي.

٦٠. سچي ڀڳتي شانتي جو سوَروُپ آهي،
پرم پريم آنند جو روُپ آهي.

٦١. سنساري ويدڪ ڪري ڪرم ارپڻ،
ڀڳت تو ڪري پاڻ پريوُءَ سمرپڻ،
ڀڳت کي نہ هاڃيءَ جي چنتا ڄڃائي،
نہ ڪنهن ڳالهہ جو شوڪ هن کي ستائي.

٦٢. سڦلتا ڀڳتيءَ ۾ ملي ناهي جيسين،
مناسب ڇڏڻ ناهي وهنوار تيسين،
ڇڏي چاهنا ڦل جي، ڀڳتي ڪجي،
جيئن من پريوُءَ جي چرنن ۾ لڳي.

٦٣. ذڪر ڪامني ڪنچن جو هرگز نہ ٻڌجي،
سدا ناستڪ کان پري پڻ تجي.

٦٤. اڊمبر کان پاسو هميشهہ ڪجي،
ڪڏهن ڀي نہ اهنڪار من اچي.

٦٥. سڀ ئي ڪرم ارپڻ ڪرڻ بعد ڀي،
اچي ڪام ايمان موهہ ڪروڌ جي،
تہ ارپڻ ڪجن ڪم سي ڀڳونت کي.

٦٦. ٽن روُپن کي توڙي ڪجي داسيہ ڀڳتي،
سدائين ڪجي پريم سان ڪانتا ڀڳتي.

٦٧. سدا جي رهن ڀڳت ايڪانت ۾،
اُهي سريشٽ آهن سدا شانت ۾.

٥١. سچو پريم پرماتما روُپ آهي،
ڪرڻ بيان تنهن جو تہ ممڪن ئي ناهي.

٥٢. جيئن گونگو ڳڙ کائي پرسن ٿئي ٿو،
ذڪر پر زبان سان ڪري نا سگهي ٿو.

٥٣. اهڙو پريم ڪنهن ڪنهن ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو،
اُنهيءَ منش جو ڀاڳہ ڀيڙو ڏئي ٿو.

٥٤. اهو پريم گڻ ۽ اِڇا روپ آهي،
سدائين وڌي، سوڪشم انڀوَ رهت آهي.

٥٥. اِهو پريم وارو پريوُءَ ڪي پسي ٿو،
چؤذاري اُن جو تہ جلوو ڏسي ٿو،
اُنهيءَ برهم هڪ جو هوُ ورڻن ڪري ٿو،
سموُرو سميہ اُن جو چنتن ڪري ٿو.

٥٦. گوُڻي ڀڳتي گڻ ڀيد ٽن قسمن جي آهي،
ساتوڪي، راجسي، تامسي سا سڏائي.

٥٧. اُتم ساتوڪي مڌيم راجسي آ،
ٽنهي ۾ نِمن ڀڳتي تہ تامسي آ.

٥٨. آ سيني اُپاون ۾ ڀڳتي تہ سهنجي،
آهي گيان ۽ يوڳہ جي وات اهنجي.

٥٩. ڀڳتي پاڻ پنهنجو ئي پرماڻ آهي،
ضرورت اُن لاءِ ٻي پرماڻ جي ناهي.

٧٥. واد وواد مان وڏاءُ ٿئي ٿو،
ڳڏو ڳڏ وڏاءُ مان شڪ پڻ وڌي ٿو.

٧٦. ڀڳتي شاسترن جو منن آ ضروري،
ڪرم سي ضروري وڌي ڀڳتي پوُري.

٧٧. سک دک، اِڇا لاڀ جو تياڳ ٿئي،
نہ پل هڪڙو غفلت ۾ گهارڻ کپي.

٧٨. ستيہ اهنسا سوچ ديا آ ضروري،
ڪرڻ پالنا شڀ ڳڻن جي ضروري،
ڀڳت لاۓ آهي اِها راهہ پوُري.

٧٩. سدائين ٿي نشچنت ڀڳتي ڪري،
سچيءَ ڀاونا سان ڀڄن ٿو ڪري.

٨٠. ڀڄن ڪيرتن سان هوُ پرگهٽ ٿئي ٿو،
ءَ ڀڳتن کي هوُ پنهنجو درشن ڏئي ٿو.

٨١. ٽنهي مارگن ۾ ڀڳتي سريشٽ آهي،
ڀڳتيءَ جهڙي اُتم ٻي ڪا راهہ ناهي.

٨٢. ٻارهن روُپ ڌارڻ ڪري ٿي هيءَ ڀڳتي،
داسيہ، سکيہ، ڪانت، واتسليہ، آسڪتي،
آتم، نويدن، تنميتا پرم وره آسڪتي.

٨٣. ڪمار ويد وياس شُڪ گرگہ شانڊليہ،
وڀيشڻ هنومان آچاريہ ٻلي،
چون ٿا تہ ڀڳتي سين ڪان ڀلي.

٦٨. ڀنل دل اُڀا وار اکڙين ۾ پاڻي،
ڀڳت ۾ اُهي ڳڻ، مڌر هنجي واڻي،
کندي روح رِهاڻ کن پوتر سڀن کي،
کن پوتر پرٿوي ۽ سڀَن سنبنڌين کي.

٦٩. اهڙا ڀڳت تيرٿن کي سندر بڻائن،
ڪرمن کي سڪرم ست شاستر ٿا ناهن.

٧٠. سچا ڀڳت پريوُءَ ۾ هڪ ٿي وڃن ٿا،
ملي سي پريوُءَ سان سي تدروُپ ٿين ٿا.

٧١. جڏهن ڀڳت اهڙا تہ ڪل ۾ اچن ٿا،
سندن پِتر پرسن تڏهن ڏاڍو ٿين ٿا،
ديويون ديو آنند ۾ نرتيہ ڪن ٿا،
سهاڳڻ ٿي پوُمي، سي ڏن ڏن ٿين ٿا.

٧٢. نہ جاتي وديا ڪل سونهن ڀيد آ،
پريوُءَ وٽ ڪرپا ۽ نہ ڌن ڇيد آ،
ڪري جو بہ مالڪ کي سڀ ڪجهہ ٿو ارپڻ،
ملي تنهن ڀڳت کي ٿو ڀڳتيءَ جو دان.

٧٣. سيئي ڀڳت ڀڳوان جا ئي تہ آهن،
اچن شرڻ جيڪي پرم پد سي پائن.

٧٤. واد وواد سونهين نہ ٿو ڀڳت کي،
پري بحث کان رهڻ گهرجي ڀڳت کي.

ياد ڪنداسين

سنگر توکي سڪ ساڻ سدا ياد ڪنداسين،
ڪري ياد توکي سائين دل شاد ڪنداسين.

١. اڪثرين ۾ سمايل تون دل ۾ به سمايل،
توکان سواءِ آهي منهنجو من تہ مرجهايل،
لڙڪن سان بستي دل جي آباد ڪنداسين،
سنگر توکي سڪ ساڻ سدا ياد ڪنداسين.

٢. ڏيئي نام تو سنگر تہ مونکي پنهنجو بڻايو،
ڏئي پيار پنهنجو مونکي تو ڇاتيءَ سان ڇپايو،
تون حال محرم منهنجو ڪنهنکي فرياد ڪنداسين؟
سنگر توکي سڪ ساڻ سدا ياد ڪنداسين.

٣. سنگت جو سهارو تون جيءَ جو تہ جيئارو،
لوڪن جو پيارو تون، اڪثرين جو بہ تارو،
وچنن ۾ تنهنجي **"آشا"** اعتقاد ڪنداسين،
سنگر توکي سڪ ساڻ سدا ياد ڪنداسين.

ويچار - ۴٢

پلو ڪرڻ سان پلو ٿئي ٿو،
مانش جيون سڦلو ٿئي ٿو،
چور شينهن سان پال پلايو،
شينهن چور کي ڪيئن نہ بچايو.

٨٤. نارد جي وچنن ۾ جي شرڌا رکن ٿا،
سي ڀڳتيءَ جي مارگ ۾ اڳتي وڌن ٿا،
ملي سي برهم سان، سي تدروُپ ٿين ٿا،
وري ڪين سي مايا چڪر ۾ اچن ٿا.

ڀڳوان وشڻوءَ نارد کي چيو

نہ وئنڪنٺ ۾ واسو آهي منهنجو پيارا،
نہ يوگين جي هرديہ ۾ آهيان ڏُلارا،
منهنجا ڀڳت ڳائن جتي پريم سان،
اُتي ئي ٿو نارد مني مان وسان.

وقت وڃائين

وينو وئرٿ وقت وڃائين!
چو نہ پريوءَ کي تون پرچائين!
١. هيرا موتي سواس امولڪ،
وينو ڪپڙ ۾ توُن گنوائين!
٢. طرحين طرحين جا طعام تو کاڌا،
هاڻي غم توُن چو نہ ٿو کائين!
٣. رُلي رُلي رس ورتا ڪيڏا،
چو نہ نام جو رس ورتائين!
٤. جڳہ جا ناتا ٽوڙي ”آهيا“،
چو نہ سائينءَ کي سرچائين.

٦. بنگلا محل اڏايا ڪيڏا،
تو وڏا واپار ڪيا،
نام جي پُونجي آهہ سچي،
چو نہ نام جي پونجي ڪمائين تون،
وينو وئرٿ وقت وڃائين تون!
٧. لُٽي ويندءِ ڏن تو ڪان لٽيرا،
پوءِ توُن پيارا هٿ هٽيندين،
سمرڻ سيوا ستيہ سنيهہ جو،
سمر نہ پيارا ناهين تون،
وينو وئرٿ وقت وڃائين تون!
٨. ”آشا“ ترشنا ڪتڻ جي ناهي،
جيئن آهي تڏ تيئن وڏ آ،
موهہ جا بنڌن توڙي پيارا،
چو نہ لنوَ لالڻ سان لائين تون،
وينو وئرٿ وقت وڃائين تون!

ويچار - ٤٣

مايا سان تون ناتو توڙ،
پريوُ سان تون ناتو جوڙ.

ويچار - ٤٤

عقل علم سڀ آ ڏٽيءَ جي امانت،
مون تي مهر پنهنجيءَ جو سائينءَ تون هٿ ڌر.

وئرٿ وقت وڃائين

وئرٿ واد وواد ۾ پيارا،
وينو وئرٿ وقت وڃائين تون!
هيرن جهڙي مانش ديهي،
گپڙ ۾ تو تہ گنوائين تون!

۱. چؤراسي لکہ جوڻين کان پوءِ،
توکي ملي درلڀ ديهي.
موهہ ممت مايا ۾ اٽڪي،
دنيا سان دل لائين تون،
وينو وئرٿ وقت وڃائين تون!

۳. جيڪي ڏسين ٿو، جيڪي ڇهين ٿو،
سو سڀ سپني جو سامان،
سپني کي ساپيا تُون سمجهين،
تنهن سان نينهن لڳائين تون،
وينو وئرٿ وقت وڃائين تون!

۴. ڌن دؤلت ۽ عقل علم سڀ،
آهي امانت سائينءَ جي،
ڪر نہ خيانت، چو نہ سُڪرت ۾،
تنهنکي سڦل بڻائين تون،
وينو وئرٿ وقت وڃائين تون!

۵. لکہ ڪروڙ تو هٿي ڪمايا،
ڪوڏي ساڻ نہ نيندين تون،
مسڪينن جي خدمت ۾ چو نہ،
مايا پيارا لٽائين تون،
وينو وئرٿ وقت وڃائين تون!

جئہ شري هنومان

جئہ هنومان! جئہ هنومان،
انجني پون جي توُن سنتان.

١. پهر انئي ڪئي رام جي ڀڳتي،
ڀڳتيءَ مان ملي توکي شڪتي،
پربت هٿ تي کنيو ٻلوان،
جئہ هنومان! جئہ هنومان!

٢. رڳہ رڳہ ۾ هو تنهنجي رام،
رام جي چرنن چارئي ڌام،
چيري ڇاتي ڏيکاريو ڀڳوان،
جئہ هنومان! جئہ هنومان!

٣. اشوڪ واٽيڪا اُجڙ ٻڻائي،
لنڪا کي تو آڳہ لڳائي،
ڪيو راوڻ کي پريشان،
جئہ هنومان! جئہ هنومان!

٤. دئيتن جو تو ڪيو سنهار،
رام شيوا لئہ سدائين تيار،
ڏنو لڇمڻ کي جيون دان،
جئہ هنومان! جئہ هنومان!

٥. جيڪو تنهنجي مهما ڳائي،
دک دوُر تنين جو ڏيان لڳائي،
”**آشا**“ ٻڌجي سو ودوان،
جئہ هنومان! جئہ هنومان!

پرين پڪاريان

سڄڻ توکي ساريان، پرين مان پڪاريان!
روئي روئي راڄن! اکين آب هاريان!

١. تنهنجو مُون تي آهي ڪيڏو نہ احسان،
ڪيو توئي منهنجو منا آهي شان ۽ مان،
نہ لائق مان آهيان، تنهنجي لائقي آ،
سدا توتان سڀ ڪجهہ مان سنگر نہ واريان!
سڄڻ توکي ساريان، پرين مان پڪاريان!

٢. ڪريل هوس توئي ڪسيءَ مان اُٿاريو،
جهلي ٻاجهہ ٻانهن تو مون ڏي نهاريو،
مون مسڪين تي ڪيئہ عنايت الاهي،
نوازش مان تنهنجي نہ هرگز وساريان!
سڄڻ توکي ساريان، پرين مان پڪاريان!

٣. هجين دُور ڪيڏو نہ بہ دُور ناهين،
منهنجا محب منڙا منهنجي سر جا سائين،
”آشا“ تنهنجو آهي، تُون آشا جو آهين،
ڪندين تنهنجو تصور مان دل پنهنجي ٺاريان،
سڄڻ توکي ساريان، پرين مان پڪاريان!

ويچار - ۴۵

سندرتا سرهاڻ بنا پشپ نہ وڻن ڪنهنکي،
سيرت جنهنجي سهڻي مانُ نہ ملي تنهنکي.

ڪير پيار ڪري!

ڪير توکان سواءِ مونکي پيار ڪري،
مونکي پيار ڪري پاڪر ۾ ڀري.

١. اکيون آليون ٿي آليون منهنجون،
يادگيريون پون پل پل تنهنجون،
وڃين ديس ڪهڙي دلبر تون هلي!
تصوير تنهنجي اکڙين ۾ تري،
ڪير توکان سواءِ مونکي پيار ڪري!

٢. نيڻ تو لئه منهنجا سڀرين سڪن،
دل ڪين ڏاڍي ڪيئي لوڪ ملن،
ڪين انبڙين مان سڪ انب جي لهي،
سواءِ ساڄن تنهنجي ڪين سري،
ڪير توکان سواءِ مونکي پيار ڪري!

٣. پرگهور تون ڪيڏي لهندو هئين،
ڪين درد منهنجو سهي سگهندو هئين،
ڪيڏي رحمت ''**آشا**'' تي تنهنجي،
پرواز ڪري وڃين تون چو پري!
ڪير توکان سواءِ مونکي پيار ڪري!

ويچار - ٤٦

ساڏڪ ڪر تون ساڏنا،
من ۾ ڪر آراڌنا.

مٺا محبوب

سچي رات اکڙين رنو زار زار!
پيئاريو اوهان ڪيڏو مونکي پيار!

١. نہ لائق مان آهيان آ لائقي اوهانجي،
اوهانجي ڏيا آهي مون تي اپار!

٢. نہ گياني نہ ڌياني الڙ آن ۽ آهيان،
ٻُڏي آ ٻاراٽي، اجان آهيان ٻار!

٣. نہ مايا چڪر ۾ آ ۽ پلجي وڃان،
سدائين وڃايان مان سک جي ستار.

٤. پنهنجي ئي هٿن ۾ سهاڳڻ ڪجو،
منهنجا محب منڙا، منهنجا پتار!

٥. ”آشا“ تي عنايت سدائين ڪندا،
جتي پي هجو لهجو منهنجي سنپار.

پڄن ڪر

پرڀاتي

پڄن ڪر پڄن ڪر پڄن ڪر پيارا،
پڄن بن جڳت جا سيئي ڪم اَسارا.

١.منش ديهہ توکي ملي شپ ڪمن لئہ،
وڃائج نہ تنهن کي تون ننڊ ۾ گينوارا.

٢.صبح جو سويلو ٿو امرت تہ برسي،
اُجايل! اُتي تون پي گنگا جي ڌارا.

٣.چيڏي سنتي ”آشا“ جپج نام جاڳي،
شرڻ وٺ پريوءَ جي ٿيندءِ ڪم سويارا.

پريوءَ کي پڪارج

اُٿي رات آڌيءَ پريوءَ کي پڪارج،
پريوءَ کي پڪارج سائين کي سنڀارج.
۱.اڃان ڪيسين سمهندي گهٽي ويئي گذري،
بچي باقي ٿوري، نه والي وسارج.
۲.وري منش ديهي ملڻ آهه مشڪل،
ڪري شيوا سمرڻ پنهنجي ٻيڙي تارج.
۳.ڪڏهن رڃ جو پاڻي ڪري نه پياس پوُري،
پيئج نام امرت ۽ ٻين کي پيئارج.
۴.ڏٺيءَ توکي ڪيڏا ڏنا وجهه وسيلا،
وڃايا تو ڪيئي، نه هاڻي وڃائج.
۵.ڏسين تو پسين تو، اٿئي سو ته سپنو،
نه خوابن ۾ ”آشا“ عمر تون گنوائج.

رکي شرڌا اچ

رکي شرڌا اچ تون پريوءَ جي دواري،
پريو تنهنجا ڪارج ته پاڻهي سنواري.
۱.چڙهج نام ٻيڙيءَ دنيا جي درياهه ۾،
سائين تنهنجي ڪشتي لڳائي ڪناري.
۲.ڏني واڳ پنهنجي جنهن آ ڏٺيءَ کي،
ڏٺي تنهن جا مڙيئي تو دکڙا نواري.

شاهپور ٿلهي جي سنتن جي آرتي

جئہ سائين سيئورام سوامي جئہ جئہ هرچوُرام،
جئہ جئہ سائين ڏرمون رام، جئہ سائين جيوڻ رام.

١. سوالي جيڪي آيا در تي، سي ٿيا مالا مال،
دکين جا دک دور ڪيا، پاتو تن وشرام،
اوم سائين هرچورام.

٢. شاهپور ٿلهي تي جوت جڳائي، جوت ٻري ٿي سا،
جوت جو تيل بہ درد مٽائي، اچي جو هرچو ڌام،
اوم سائين هرچورام.

٣. آيا جيڪي شرڌا سان، توهان تن جا ڪارج ڪيا،
رڌين سڌين جا آهيو مالڪ، جپيو جپايو نام،
اوم سائين هرچورام.

٤. لکيرام ۽ جيوڻ رام ٻئي جوت جڳائي هٿ،
مهما پنهنجي گرن جي ڳاتي سائين ڏيون رام،
اوم سائين هرچورام.

٥. سنتگر سوامي شانتي پرڪاش تي مهر ڪئي هرچورام،
ٻيڄتي دان گهرن ٿا ''آشا'' سائين روپارا،
اوم سائين هرچورام.

پلئہ

شاهپور ٿلهي تي جيڪي آيا سوالي،
سوال سندن پورا ٿيا، ڪين ويو سو خالي،
مهر ڪئي والي، پريا پاڳيا سي ٿيا.

درويشن جي رحمت

درويشن سان منهنجي صحبت،
تن جي آهي مون تي رحمت.

۱. پاڻ کان مونکي رکن نہ ڌار،
سڀني ۾ بہ ڏين ٿا پيار،
منهنجي من جي تن ڏانهن رغبت،
درويشن سان منهنجي صحبت.

۲. رڳہ رڳہ ۾ مان تن کي ساريان،
روئي روئي هنجون هاريان،
من ۾ مارو‍ئڙن جي محبت،
درويشن سان منهنجي صحبت.

۳. ٻاجهہ ڪري مونکي پنهنجو ڪيائون،
نام جو منتر مونکي ڏنائون،
نينهن جي ڏنائون "**آشا**" نعمت،
درويشن سان منهنجي صحبت.

ويچار - ۴۷

ٻاڙو ڪڏهن نہ ٻول، سڀ سان منو ڳالهاءِ،
مانش جنم نہ رول، سواس وڃائي پنهنجا.

٣.سهارا ڇڏي ٻيا شرڻ وٺ پريوءَ جي،
هلي ساري دنيا ٿي جنهنجي سهاري.
٤.ديا جي ڪندين تون تہ ملندءِ دعائون،
دعائون اڏيندءِ ديا ڪر تون پياري.
٥.”آشا“ در ڏٽيءَ جي ڪمي ڪين آهي،
رکج صدق سچڻ ۾ ٻيڙو تنهنجو تاري.

سڀ ۾ چڱائي

جيڪي ڏٽي ڪري ٿو، تنهن ۾ آهي چڱائي،
تنهن ۾ آهي چڱائي، تنهن ۾ آهي ڀلائي.

١. ساري جهان جو آهي هڪڙو ئي هوُ تہ مالڪ،
سيني جي سڌ لهي ٿو دنيا جو پرت پالڪ.
پيءُ ٿي ڪري ٻچن جي چاهيندو ڪيئن برائي!
جيڪي ڏٽي ڪري ٿو، تنهن ۾ آهي چڱائي.

٢. توکان وڏيڪ تنهنجو هن کي خيال آهي،
تنهنجو مگر اُنهيءَ ۾ پورو يقين ناهي،
توڪل جو ٻڌ تون ترهو سائين ڪندو سٽائي،
جيڪي ڏٽي ڪري ٿو، تنهن ۾ آهي چڱائي.

٣. ڪنجهہ ڪرڪ ڪين ”آشا“ رهہ صبر ۾ سدائين،
احسان مڃ الڪہ جا سؤ سک توکي ڏنائين،
رب جي رضا تي راضي رهہ تون بندا سدائي،
جيڪي ڏٽي ڪري ٿو، تنهن ۾ آهي چڱائي.

سندر سکيائون

پريوءَ جا گڻ ڳايو ڳايو،
مانش جيون سڦل بڻايو.

۱. من مندر ۾ موهن براجي،
تنهن جو ڌيان ڌيايو ڌيايو.

۲. مانش ديهي اُتم ديهي،
نام سان پيارا نينهن لڳايو.

۳. سڀ ۾ سائين وياپڪ آهي،
ڪڏهن بہ ڪنهنکي ڪين ستايو.

۴. پڪي پسون سنتان پريوءَ جي،
تن کي لقمو ڪين بڻايو.

۵. جهڙو ان آ تهڙو من آ،
ساتوڪ ڀوڄن کائو کارايو.

۶. روز وڃي ستسنگ ۾ پيارا،
سنتن جو شڀ درشن پايو.

۷. وچن ٻڌي ستگر سنتن جا،
هيئين پنهنجي منجهہ هنڍايو.

۸. نياڻيون نير وهائن وينيون،
ڏيتيءَ ليتيءَ وئل وهايو.

۹. دل ۾ ڌاريو پيار ۽ ڪروڻا،
سياڻا سمجهو آهيو آهيو.

۱۰. منڙا منڙا ٻوليو ٻول،
سڀ کي سکي ڪيو، سک چاهيو.

پريتم منهنجو آيو

پريتم منهنجو آيو آيو،
گيت خوشيءَ جا ڳايو ڳايو!

١. سفر ڪري آيو سيلاني،
راهه ڏيکاري آيو روحاني،
پريمين کي جنهن نام جپايو،
ستگر منهنجو آيو آيو!

٢. تتل دلين کي ٺاري ٺاري،
آيو تن کي امرت پيئاري،
هار گلن جا پايو پايو،
ستگر منهنجو آيو آيو!

٣. پيار ديا جو ڀنڊار آ سوامي،
ڪرم يوگي سنت آ نشڪامي،
نام سان نينهن جنهن تہ لڳايو،
ستگر منهنجو آيو آيو!

٤. ”**آشا**“ جي اکڙين جو تارو،
آهي لکن دلين جو سهارو،
درشن سان ٿئي جنم سڄايو،
ستگر منهنجو آيو آيو!

ويچار - ٤٨

جڏهن جڏهن ڌرتيءَ تي ٿو وڌي اتياچار،
پاڙ پٽڻ پاپين جي، پريو پاڻ وٺي اوتار.

ساجن آئين

سپني ۾ ساجن تون آئين،
مونکي پنهنجو شال بڻائين.

١. سمهندي ساريان اُٿندي ساريان،
پل پل پريتم توکي پڪاريان،
مڌر مڌر مرلي تون وڄائين،
سپني ۾ ساجن تون آئين.

٢. جاڳ جيئن ٿي گيت لکيو آ،
پينر! منهنجو ڀاڳ کليو آ،
ور ور شل پنهنجو پاڻ پسائين،
سپني ۾ ساجن تون آئين.

٣. دل جو حال مان توکي ٻڌايو،
سڏڪي سڏڪي آب وهايو،
انجلي پنهنجي گلي لڳائين،
سپني ۾ ساجن تون آئين.

٤. سنگر منهنجي سار هو لهندو،
منهنجو دک هو سهي نہ سگهندو،
پيار ڏئي تون ئي پرچائين،
سپني ۾ ساجن تون آئين.

٥. رات سياڳي ”آشا“ پانيان،
گيت ملن جا ويني ڳايان،
دل کان دلبر دور تہ ناهين،
سپني ۾ ساجن تون آئين.

١١. مايا مالڪ جي آ امانت،
دان ۾ پڇ ۾ سڦلي بڻايو.
١٢. سچ تي صاحب راضي آهي،
سچ ڳالهايو سچ ورتايو.
١٣. ڳانيون گوبند جون ٿوَ پياريون،
تن جي رج مستڪ تي لڳايو.
١٤. مسڪينن جي شيوا ڪريو،
هار حليمائي پايو پايو.
١٥. سمرڻ سان ٿين سواس سڄايا،
سواس امولڪ ڪين وڃايو.
١٦. سرت شبد سان جوڙي جوڙي،
آتم آنند پايو پايو.
١٧. قرباني ءَ جو جذبو ڌاري،
ديش ڌرم سان پيارا نڀايو.
١٨. جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي،
شپ ڪرمن جي پونجي ناهيو.
١٩. ٻُرو هلي ڪو، ڀلو هلي ڪو،
”آشا“ سپ سان ڀال ڀلايو.

ويچار - ٤٩

جپ پريوءَ جو نام، سدا ٿيندين تون سکي،
نام سکن جو ڌام، ڪري مشڪل کي آسان.

تون ۽ مان

آد جڳاد کان توسان ناتو،
تہ بہ تو مونکي کين سڃاتو.

۱. تو ۽ مون ۾ ڀيد نہ ڪوئي،
جيڪو تو ۾، مون ۾ سوئي،
آهيون ٻئي هڪ ناهي ٻيوئي،
مونکي پاڻ کان الڳہ ڇو ڄاتو،
آد جڳاد کان توسان ناتو،
تہ بہ تو مونکي کين سڃاتو.

۲. آهين الؤڪڪ تون هڪ ساز،
مان آهيان تنهن جو آواز،
تون اُتي پروڙج اهڙو راز،
جن پروڙيو تن آ پاتو،
آد جڳاد کان توسان ناتو،
تہ بہ تو مونکي کين سڃاتو.

۳. جي تون راڳي آءُ آهيان راڳہ،
آهي اسانجو ساڳيو ماڳ،
ماڻيان سدائين مان تہ سهاڳ،
”آشا“ جو تو گيت هو ڳاتو،
آد جڳاد کان توسان ناتو،
تہ بہ تو مونکي کين سڃاتو.

تنهنجي ياد

سنگر تنهنجي ياد آ آئِي،
اکڙين آ برسات وسائِي.

١. ڪيڏو سنيهه سنمان مليو ٿو،
تنهنجي ديا سان شان ٿئي ٿو،
سڀ سائين تنهنجي وڏيائِي،
سنگر تنهنجي ياد آ آئِي.

٢. هڪ پيو ٿورو ڪين مان لاهيان،
در تنهنجي جو سائل آهيان،
مان اگياني تو راهه ٻڌائِي،
سنگر تنهنجي ياد آ آئِي.

٣. پِت جي رکڃاءِ پڇاڙيءَ تائين،
ٿيان موٿاج نہ ڪنهنجو سائين،
جپيان نام مان تنهنجو سدائِي،
سنگر تنهنجي ياد آ آئِي.

٤. ”آشا“ تي آسيس ڪجاءِ تون،
شيوا ڀڳتيءَ ۾ پرچاءِ تون،
ڪجاءِ اوکيءَ مان تون سٽائِي،
سنگر تنهنجي ياد آ آئِي.

گرو گھر ۾ آيا

گرو گھر ۾ آيا پلا پاڳ پانيان،
پلا پاڳ پانيان خوشيون منايان!
گرو گھر ۾ ....

١. ڏسي جن کي منھنجون اکڙيون ٺرن ٺيون،
عطر ۽ انبير جي ورکا وسايان،
گرو گھر ۾ ....

٢. حب جي ھندوري تن کي وھاري،
لوڏي لوڏي تن کي لوڏايان،
گرو گھر ۾ ....

٣. آھن ھزارن دلين جا تہ راڻا،
مٿي تن جي چرنن مستڪ لڳايان،
گرو گھر ۾ ....

٤. جن جي نيڻن ۾ نور آ نوراني،
صورت اُنھن جي سيني سمايان،
گرو گھر ۾ ....

٥. ستگر سونھارا آتي سک جا ساگر،
پري پل بہ تن کان رھڻ کين چاھيان،
گرو گھر ۾ ....

٦. رڳن جو رباب ”آشا“ وڄائي،
انئي پھر تن جا گڻ گيت ڳايان،
گرو گھر ۾ ....

منهنجا سپرين

سچ۾ منهنجا سپرين تون وينين وساري،
مان پريتم نہ آهيان تنهنجي بس پناري.

۱.ورهہ ۾ ويٺاٺي هنجون وينِي هاريان،
انئي پهر توکي مان ستگر سنياريان.

۲.ڪڏهن ايندين جانب مان واٽون نهاريان،
ڪريان انتظاري مان ڏينهن رات ساريان.

۳.ويا سال گذري نہ خط تنهنجو آيو،
خطا ڪا تہ منهنجي جو منهنڙو متايو.

۴.خطا بخش آهين، تون مننار آهين،
اُگهي ڪير آسون تون دلدار آهين.

۵.آهين حال محرم ڪنهن سان حال اوريان،
دنيا کي ڇڏي، پاڻ توتان مان گهوريان.

۶.سواءِ تنهنجي جانب جڏو جيءُ آهي،
ورهہ جو پکيئڙو ”آشا“ گيت ڳائي.

آءُ شيام مراري

آءُ شيام سندر تون مراري!
آءُ گوورڌن گرڌاري.

١. سڏڪي سڏڪي ساھہ سڪايم،
حال اندر جو نہ ڪنھن کي ٻڌايم،
آھي سوز ۾ عمر گذاري،
آءُ شيام سندر تون مراري!

٢. ڪين سونھين ٿو جيئڻ اڪيلو،
ورھيہ لڳي ٿو ھڪ ھڪ ويلو،
ڏي درشن تون بنواري،
آءُ شيام سندر تون مراري!

٣. پريمي **”آشا“** توکي پڪارن،
آب اکين مان ايڏو ھارن،
وئي جمنا ڀرجي ساري!
آءُ شيام سندر تون مراري!

پياريون گانيون

گانيون ڪرشڻ جون پياريون.
اڇي پاڻ موھن چاريون.

١. ماتا روپ آھن گانيون،
گڻ گيت سندن ڳايون.
ڪري سيوا تن جي اسان،
اڄ ورت سندن ڌاريون،
گانيون ڪرشڻ جون پياريون.

منهنجا پريتم! منهنجا ستگر

منهنجا پريتم! منهنجا ستگر،
اوهان کي نت سنڀاريان ٿو،
سنڀاريندي سنڀاريندي،
سڄڻ هنجون مان هاريان ٿو.

١.اوهان جو پيار پي پي مان،
پيارل کين ڏاپيس مان،
پيئڻ سان پياس وڌندي وئي،
ڏنل تنهنجو پيئاريان ٿو.

٢.اکين کي اُڃ الاهي آ،
پسڻ سان پي نہ ٿي پوري،
کٽي آليون اکيون ستگر ،
مان ور ور پيو نهاريان ٿو.

٣.اوهان بن کير ڀيو منهنجو،
لهي سڌ سار جو سڄڻا؟
سُتي پي ساريان ساجن،
مان پل پل پڪاريان ٿو.

۴.عنايت جو آنءُ کانکي،
نہ ''آها'' ٻي رهي کائي،
کندي کم کار دنيا جا،
مان تن من ۾ تنواريان ٿو.

۳. اکڙيون ”آشا“ پسڻ لاءِ آتيون،
اوجاڳي ۾ ڪاٽيون راتيون،
سو ڪرشڻ مراري سيني لڳائي،
منهنجو موهن آيو آهي.

جوڳ مايا جو اوراڻو

جوڳ مايا آد شڪتي تنهنجو آ آڌار،
ڄڳدمبا ڄڳ ساري ۾ تنهنجي جئه جئڪار.

۱. انپوُرڻا آهين تون ماتا ڄڳ جي لهين سنڀال،
ڪمي نه تو وٽ ڪائي آهي سدا ڀريل ڀنڊار.

۲. ڌوُپ ڏيان جو پشپ پريم جا من ۾ مان پوڄيان،
ديا درشٽي ڪر تون مون تي ٿيان مان باغ بهار.

۳. شنپ نشنپ ۽ مهشاسُر کي متيءَ ۾ تو نه ملايو،
رڪشا ڪرين ڀڳتن جي ۽ دشٽن جو سنهار.

۴. ٻار ٻاراڻي ڪن جي جيجل ڪميا جي توُن کاڻ،
ماتا منهنجي تون آهين ديوي آهيان مان تنهنجو ٻار.

۵. ننگ ٻچن جو توتي ديوي تنهنجا سيئي ٻار،
اوراڻا تنهنجا جيجل ڳايان نار ماتا تون نار.

٦. آس وندن جي ”آشا“ پڄائين ڄڳ جو ڪرين ڪلياڻ،
مهر جو مينهن وسائج ماتا گهرجي تنهنجو پيار.

٢. ڌين امرت جي ڌارا،
ڏک ڏُور ٿين سارا.
ڪامڌينوُ بہ روُپ سندن،
ڌرم موکش ڏيڻ واريون،
ڳانيون ڪرشڻ جون پياريون.

٣. ڀارت کي اڏڻ چاهيون،
هند شاد ڪرڻ چاهيون.
ڪريون رکشا ڳانين جي،
اچو فرض ”آشا“ پاڙيون،
ڳانيون ڪرشڻ جون پياريون.

موهن آيو

منهنجو موهن آيو آهي،
پيو پريم جي بنسي بجائي.

١. ورنداون جي ڪنج گلين ۾،
جمنا ڪناري باغ ولين ۾،
وينو ڪرشڻ راس رچائي،
منهنجو موهن آيو آهي.

٢. مور مکٽ پيتامبر ڌاري،
صوُرت جنهنجي آهہ پياري،
چتچور پيو مرلي وڄائي،
منهنجو موهن آيو آهي.

٥. دوُر كيو اگيان انڌيرو،
آمد تي ٿيو نئون سويرو،
”آشا“ من ۾ آيو ڦيرو،
ٿي چؤڏر باغ بهاري،
گرو نانڪ شاهہ نرنڪاري.

ٻاجهہ ڪندا

ٻاجهہ ٻاجهارا ڪري ٻانهيءَ تي،
مهر جو مينهن وسائيندا.

١. آنءُ اڻ تاروُن سائين تري نہ ڄاڻان،
منهنجي ٻيڙي پار لڱائيندا.

٢. نالو آ ننگپال جِني جو،
سي پنهنجو ننگ نڀائيندا.

٣. انترڀامي آهن سوامي،
من جون مرادون پڄائيندا.

٤. نام جي پونجي مونکي ڏنائون،
نام جي پونجي وڌائيندا.

٥. ”آشا“ تي احسان اُنهن جا،
شل پنهنجو مونکي ٻڻائيندا.

گرو نانڪ شاھہ

گرو نانڪ شاھہ نرنڪاري،
وجان سد سد مان ٻلھاري.

١. ڪلجڳہ جو اوتار ھئين تون،
گيان سندو گلزار ھئين تون،
تو پريم جي جيوتي ٻاري،
گرو نانڪ شاھہ نرنڪاري.

٢. نام پريوءِ جو جپيو جپايو،
تو مڪتي مارگہ اچي ٻتايو،
پريمين کي تو پار لڳايو،
تو سچ جي ٻيڙي تاري،
گرو نانڪ شاھہ نرنڪاري.

٣. ھيڻن جو ھمراھہ ھئين تون،
شاھن جو بابا شاھہ ھئين تون،
نٽاون جو ٿانءُ ھئين تون،
پڳتن جي پئج سنواري،
گرو نانڪ شاھہ نرنڪاري.

٤. پڙھي جو امرت تنھنجي واڻي،
موج مدامي تنھن آ ماڻي،
آھين ستگر تنھن سان ساٿي،
سرِ آ تنھن جي سارِي،
گرو نانڪ شاھہ نرنڪاري.

توکي ياد ڪري

دل توکي سڄڻ تي ياد ڪري،
ڪڏهن ايندين اڱڻ ۾ پير پري.
۱. شب روز سڄڻ توکي ساريان تو،
اکين ۾ تنهنجي تصوير تري.
۲. تون گهوٽ گهٽن جو آهين منا،
منهنجي توکان سواءِ پلا ڪيئن سري.
۳. تصور تو ڪريان جڏهن تنهنجو سڄڻ،
تو جهر جهر جهر نير جهري.
۴. منا لڙڪ منا محبوب پيئان،
من مون برهڻ جو پاڳه وري.
۵. ”آشا“ تي عنايت ڪر ”**انجلي**“،
تنهنجي لاءِ راڻا تو روح رڙي.

آيا منهنجا ستگر!

آيا منهنجا ستگر پلا پاڳه پانيان،
پلا پاڳه پايان مان خوشيون منايان.
۱. ڪري جن جو درشن ٿئي من تو پرسن،
وارون وار داسي تي سرڙو نمايان،
آيا منهنجا ....
۲. رهن دوُر ڪيڏو نه دل کان پري سي،
منهنجا ساهه ساجن، گهوري سڀ گهمايان،
آيا منهنجا ....

سوچ ڪري هل

سوچ ڪري هل سياڻا جڳ ۾،
هي جڳہ توکي ڇڏڻو آ!

١. ڪوئي نہ ڪنهنجو سنگي ساٿي،
توکي هنڙان لڏڻو آ!

٢. ڪيئي هليا ويا پير پيغمبر،
توکي آخر هلڻو آ!

٣. خوف خدا جو رک تون هردم،
ڪرمن جو ڦل سهڻو آ!

٤. ڪاوڙ ڪينو ڪيج قلب مان،
ڪميا سهڻو ڳهڻو آ!

٥. سياڻپ سائينءَ وٽ نا هلندي،
سياڻن ڪان هوُ سياڻو آ!

٦. مطلب جا ٿي متر مڙيئي،
ڪنهن مان ڪجھ بہ نہ وٽڻو آ!

٧. توڙ دنيا سان **''آشا''** ناتا،
جي توکي رام سان ملڻو آ!

نام سمرڻي

کنهن سان دل جو حال نہ اور،
ويهي نام جي سمرڻي سور.

١. سڀ ٻوجها ڪر هوت حوالي،
ساري جڳت ڪي جو تو پالي،
ڏي ڏاتار ڪي پنهنجي ڏور،
ويهي نام جي سمرڻي سور.

٢. ساءُ سانت جو وٺ تون پيارا،
متجي ويندءِ سڀ مونجهارا،
ويهي چرخو چت جو چور،
ويهي نام جي سمرڻي سور.

٣. نام جي شڪتي جنهن ڪي آهي،
ڪو بہ نہ سگهندو تنهنکي ڊاهي،
رک شرڌا سک تون ڀرپوُر،
ويهي نام جي سمرڻي سور.

٤. ڪين ڏسج تون ڪنهنجون ڪچايون،
هرڪنهن ۾ ڪي ڪي نہ چڱايون،
”آشا“ پاڻ کي تون تڪ تور،
ويهي نام جي سمرڻي سور.

ويچار - ٥٠

ماڻهن جي ميڙاڪن ۾،
تون وينو وقت وڃائين،
ماڻهن جي اتي جيان ڦوندجي،
پيارا پاڻ کي وينو پڏائين.

۳. هوُ ڀڳتيءَ ۽ شڪتيءَ جا ڀنڊار آهن،
پڙهي تن جي انجن اکين ۾ مان پايان،
آيا منهنجا ....

۴. هوُ گياني هوُ ڌياني سچا تي سيلاني،
هوُ نياڳي تپسوي سندن ڌيان ڌيايان،
آيا منهنجا ....

۵. ديا جي درشتي هوُ ڪن ٿا سين تي،
ڏين پيار سڀ کي سندن گيت ڳايان،
آيا منهنجا ....

۶. ”آشا“ تي عنايت سدا آهي جن جي،
آخر ٺائين تن سان مان نينهن نڀايان،
آيا منهنجا ....

شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب

ڀڳت شرومڻي سنڌ جا سنت سونهارا ڪنوررام،
جروارن جا جانب جوڳي تو پيتو شهادت جام.

۱. لولن، لنگڙن، گونگن، ٻوڙن جي سار لڌءِ سردار،
پر اُپڪاري سنت تون، وجان وار وار ٻلهار.

۲. بيواهن جي واهه هئين، تون اڙين جو آڌار،
مسڪينن جو متر هئين، تون محب منا مننار.

۳. تاثير هيو تنهنجي راڳ ۾ تيا پٿر ٻيي پاڻي،
تتل دلين کي سيتل ڪيو تنهنجي مڌر واڻي.

۴. نپٽن کي تو پٽ ڏنا، ڪيئہ ڪارج تن جا راس،
جو سڪ صدق آيو رکي، ڪين ٿيو سوئي نراس.

۵. جيڪي تنهنجي در تي آيا، پريمي ”آشا“ سوالي،
پلو پائي تو تن جا، پريئہ جهول سندن خالي.

۳. نکا واھہ ”آشا“ وسيلو کو تو بن،
مان اوندھہ ۾ آهيان کنديں راھہ روشن،
منهنجا محب مرشد ساھہ ۾ سيباٽا،
پنهنجي رحم ۾ رک روحاني تون راٽا.

پکيئڙا

پکيئڙا کهڙو تنهنجو ديس!

۱. کهڙي ملک مان آئين اُڏامي،
تون پائي سهڻو ويس،
پکيئڙا ....

۲. پنجن تتن جو پتلو آهين،
تون پلجي وئين پنهنجو پيش،
پکيئڙا ....

۳. وطن ولر ويو توکان وسري،
پيارا! سٽي مايا جو آديش!
پکيئڙا ....

۴. چوڳي خاطر اٽکي پئين تون،
توکي سهڻو پيو آ کليش!
پکيئڙا ....

۵. ”آشا“ اُڏ تون اَمراپوُر ڏانهن،
اڙجي وئين تون پرديس،
پکيئڙا ....

تنهنجو ڌيان

١.تنهنجو ئي پريو مونکي ڌيان رهي،
تنهنجو ئي سدا مونکي گيان رهي.
٢.هڪ پل ڀي نہ توکان دور رهان،
تنهنجي نہ جدائي مُور سهان.
٣.پنهنجي آنسن سان تنهنجا چرڻ ڌوئان،
تنهنجي پياس ۾ پريتم پيو روئان.
٤.پڪ آهي اوَس درشن ڏيندين،
انگ سنگ تون مون سان سهائي ٿيندين.
٥.نڪي هار کپي نہ سينگار کپي،
مونکي پريو تنهنجو پيار کپي.
٦.دنيا جي نہ ”آشا“ ڪائي آ،
بس تنهنجي پياس سدائي آ.

رحم ۾ رک

پنهنجي رحم ۾ رک روحاني تون راڻا،
مان بي سمجهہ آهيان تون ڏي سمجهہ سياڻا.

١. نبل مون نڌر جو تون آڌار آهين،
مان پينار آهيان تون داتار آهين،
ديا جي نظر ڪر او ”**انجلي**“ نماڻا،
پنهنجي رحم ۾ رک روحاني تون راڻا.

٢. سدا تنهنجي در جي رهان مان ٿي داسي،
اٿم پياس پريتم، مان درشن جي پياسي،
جدائيءَ ۾ جانب ڪمل دل ڪوماڻا،
پنهنجي رحم ۾ رک روحاني تون راڻا.

منهنجا ستگر

١. منهنجا ستگر سوامي شانتي پرڪاش،
توکي ڪڏهن مان ڪين وساريندس.
جيسين دم ۾ منهنجي دم آهي،
روئي روئي توکي پڪاريندس.

٢. پل پل ٿا تنهنجا پوُر پون،
ڪندي ياد توکي ٿا نيڻ ٿمن،
منهنجي دل جي تار ڳنڍيل توسان،
تنهنجي صوُرت سيني وهاريندس.

٣. دک منهنجو سهي نہ سگهندو هئين،
ڪيڏي سار سدا تون لهندو هئين،
ڪير توکان سواءِ مونکي پيار ڪري؟
پيو ورهہ ۾ هنجون هاريندس.

۴. ڪيڏو شان ڪيئہ، احسان ڪيئہ،
پنهنجي ٻالڪ جو ڪيڏو مانُ ڪيئہ،
ڳجهہ ڳوهہ ۾ سائين تو تہ ڳنڍيو،
وڙ تنهنجا ڪين وساريندس.

۵. منهنجو ڪامل ڪشتيبان هئين،
آنءُ اڻتاروُن ۽ آهيان الڙ،
تنهنجي نام جي ٻل سان ستگر مان،
پنهنجي جيون نئيا تاريندس.

٦. روح ”آشا“ جو پياسي تو لئہ،
اُڃ آهي ازل جي اونهي اُڪير،
تون چنڊ جيان روشن آهين،
چاتڪ ٿي آنءُ نهاريندس.

من - ميت

تون! موتي اچ من - ميت،
ڻاهيان لڙڪن جا مان گيت!

١. دلڙي تو لئہ آهي پياسي،
تو بن آهيان آنءُ اُداسي،
پريم سندي اُساتَ اندر ۾،
ڳايان سوز پريو سنگيت،
تون! موتي اچ من - ميت!

٢. سونهين نہ توکي رسڻ پيارا،
ارپيم توکي جيئہ جيئارا،
پريم جي پٽ ۾ پاڻ وساريم،
منهنجي هار ۾ تنهنجي جيت،
تون! موتي اچ من - ميت!

٣. توسان انادي ناتو منهنجو،
”آشا“ ڪي آ سهارو تنهنجو،
مان تنهنجو تون منهنجو سائين،
تو سان منهنجي اٽوٽ پريت،
تون! موتي اچ من - ميت!

ويچار - ٥١

سارينديَ سڄڻن کي ڳوڙها پيا ڳڙي،
ور ور لڙڪ لڙي، اکين آب وهايو.

ڪر نہ ڀروسو

ڪنهن تي ڀروسو ڪر نہ پيارا!
لوڪ اٿي مطلب جا سارا!

۱. تنهنجي سامهون تو جهڙا تي،
منهنجي سامهون مون جهڙا تي،
جوڻا جڳہ جا سڀ ئي سهارا،
ڪنهن تي ڀروسو ڪر نہ پيارا!

۲. جيڪي چمڪي سون نہ چاڻيج،
طلسم ڏي دل مُور نہ ناڻيج،
سڀ سپني جا ٿي تہ نظارا،
ڪنهن تي ڀروسو ڪر نہ پيارا!

۳. صاحب سان ڳنڍ نينهن جو ناتو،
جنهن مان ''**آشا**'' سڀ ڪجھہ پاتو،
منهنجا ستگر سدا سونهارا،
ڪنهن تي ڀروسو ڪر نہ پيارا!

ستگر لاءِ سڪان

ستگر لاءِ تي سڪان،
ستگر لاءِ تي سڪان.

۱. پريم تہ مونکي پڌرو ڪيڙو،
کهڙيءَ ريت مان لڪان،
ستگر لاءِ تي سڪان.

بندا!

بندا چا تي کرين اِيمان!
تون ڏينهن ٻن جو مهمان!

١.ڪوئي نہ تنهنجو ساٿي سنگي،
ننگ تنهنجو هڪ ڪٽندو ننگي،
آسون اُميدون جڳ مان لاهي،
جپ پهر اٺئي ڀڳوان،
بندا چا تي ڪرين اِيمان!

٢.ڦوڪ هوا جي جنهن مهل لڳندي،
سُهڻي عمارت پٽ تي ڪرندي،
هلندو حيلو ڪنهنجو نہ تڏهن،
آهي مٽيءَ جو هي تہ مڪان،
بندا چا تي ڪرين اِيمان!

٣.سپني جيان سنسار اٿيئي،
سوارٿ جو وهنوار اٿيئي،
طسلم جو هي کيل سڄوئي،
آهي نشوَر سارو جهان،
بندا چا تي ڪرين اِيمان!

٤.پريوءَ جي سڀ اٿئي امانت،
تنهن ۾ ڪڄ تون ڪين خيانت،
مالڪ پاڻ کي موُر نہ ڄاڻج،
”آشا“ جيڪي اٿئي ڪر دان،
بندا چا تي ڪرين اِيمان!

ڇڏ تڪبر

تون کھڙي باغ جي مُوري،
ڇڏ تڪبر تون مغروري!

١. راوڻ هوڏيءَ هوڏ هلائي،
پاڻ ڪئي تنهن پنهنجي تباهي،
انڌ جي گهوڙي تي هسوار!
ڪيڏو سمجهايو مندودري!
ڇڏ تڪبر تون مغروري!

٢. مايا موهٽي تي پتڪائي،
تنهن تي نبيئہ ڪجھہ پي ناهي،
راجا ڪيئي رنڪ تہ بٹيا،
تي پياس نہ ڪنهنجي پوُري!
ڇڏ تڪبر تون مغروري!

٣. ڪو سندر سوپيباوان هجي،
ڪو گياني ۽ ودوان هجي،
آخر ”آها“ هرڪو خاڪ،
هوُ موتي ايندو ڪين وري!
ڇڏ تڪبر تون مغروري!

ويچار - ٥٢

سيوا ۽ سمرڻ کان سواءِ بيسوُد آهي زندگي،
مخلوق جي خدمت ڪريو ۽ اللھہ جي بندگي.

٢. پنڌ اڻانگو پريم جي پٽ جو،
ڪٽان ٽڪڙيون ٽڪڙيون وڪان،
سنگر لاءِ ٿي سڪان.

٣. سوُرن مونکي سياٽو ڪيڙو،
سبق ٻيو ڪهڙو سڪان!
سنگر لاءِ ٿي سڪان.

٤. ڪين وٽي ڪجهہ تو بن سنگر،
محل ماڙيون سڀ پڪان،
سنگر لاءِ ٿي سڪان.

٥. ”آشا“ ايندو مرشد مون وٽ،
مان پيئندس پريم جون پڪان،
سنگر لاءِ ٿي سڪان.

پريو اِڇا

پريوءَ جي اِڇا جا اوس ٿيندي سائي،
اوس ٿيندي سائي آ تنهن ۾ ڇڱائي.

١. رٿيون رِٿ نہ پيارا، رٿيون رهجي ويندين،
رٿيون رب رٿيون جي تنهن ۾ آ ڀلائي.

٢. ڇڏي سڀ سهارا شرڻ وٺ پريوءَ جي،
وٺي شرڻ جيڪو تنهن جي سٺائي.

٣. عقل علم سياڻپ هلي ڪين حيلو،
پيا پار سيئي، جني لنو لڳائي.

٤. ”آشا“ دک ۾ سک کي تون سمان جاڻج،
رب جي رضا تي راضي رهہ تون سدائي.

گلن جا دونا ديپڪ تنهن ۾،
ارپي جل ۾ جوت جڳائي.
سندر نظارو جوتيون جڳن ٿيون،
گنگا ڪناري آنند آهي.
هرجي پؤڙين سنجها سمي،
هرڪو پريم سان آرتي ڳائي.
گنگا ماتا سکن جي داتا،
شت شت پرڻام توکي آهي.
تنهنجي گود ۾ سرڳ آ **”آشا“**،
ياڳيوان تنهنجيءَ گود سمائي.

وشواس

جنهنجو پريوءَ ۾ وشواس آ،
ٿيندو ڪارج تنهن جو راس آ!
1. وشواسيءَ جو پار آ ٻيڙو،
وسندو رهي ٿو هن جو ويهڙو،
ڪندو زهر ۾ به مٺاس آ،
جنهنجو پريوءَ ۾ وشواس آ،
ٿيندو ڪارج تنهن جو راس آ!
2. شرڻ آئي جا ڪشٽ ڪٽي ٿو،
پريو پوريل در نه پٽي ٿو،
ڪندو آيل وپدا ناس آ،
جنهنجو پريوءَ ۾ وشواس آ،
ٿيندو ڪارج تنهن جو راس آ!

گنگا ماتا

گنگا ماتا جو جل امرت آهي،
تن من جي تو پياس ٻجهائي.
گنگا جو جل آهي پاون،
اشڌ کي ڀي شڌ تو بڻائي.
گنگا جو جل آهي نرمل،
من جي مئل مٽائي.
تن من سيتل کري گنگا جل،
تپت وڪارن جي تو هٽائي.
گنگا جل جي مهما نياري،
رشي مني هر جن جس ڳائي.
گنگا مئيا ندين جي راڻي،
امر لوڪ مان آئي آهي.
ڪيئن نہ ڀگيرٿ ڪئي تپسيا،
شو شنڪر جو ڌيان ڌيائي.
شنڪر ڀوليناٿ ٿي پرسن،
گنگا جٽائن مان نہ وهائي.
آئي گنگا ڌرتيءَ تي اڻين،
موڪش دايني پار لڳائي.
ٿيون ڌيڻ سان اڇي تو آنند،
جئہ جئہ گنگي! ڌوم مچائي.

سمر تاھہ

پرڀاتي

عمر تو آ پنھنجي اجائي وڃائي،
اجائي وڃائي، ڪئي نا ڪمائي.
1. وڪارن جي وس ٿي، ڪئي تو آ غفلت،
پنھنجي پير تي چو ڪھاڙي وھائي.
2. وري ڪين ملندي منش ديھہ توکي،
ڪري نام سمرڻ عمر ڪر سڄائي.
3. ھي بنگلا ۽ ماڙيون پدارٿ دنيا جا،
سمورو ھي طلسم! تو دل چو لڳائي.
4. اُگھاڙو تون آئين، اُگھاڙو تون ويندين،
سھٽي ديھہ تنھنجي جلي ٿيندي ڇائي.
5. اٿي سفر اؤکو، سمر تاھہ ”**آشا**“،
جپيج نام تون ڪر سين سان پلائي.

ڪڻ ڀنگر سنسار

ڪر ڪنھن تي نا اعتبار!
آھي ڪٿينگر سنسار!
1. جڳت سمورو ناٽڪ آھي،
ساٿيا تنھن ۾ ڪجھہ ڀي ناھي،
سڄو سپني جو وھنوار!
آھي ڪٿينگر سنسار!

٣. سائين آهي دين ديالو،
سد سد آهي هوُ ڪرپالو،
''آشا'' سندس داسن جو داس آ،
جنھنجو پريوءَ ۾ وشواس آ،
ٿيندو ڪارج تنھن جو راس آ!

لک شڪرانا

تنھنجا لک شڪرانا سائين،
تون ڪيڏا ٿو پال پلائين.
١.رازق رزق ڏين ٿو سڀ کي،
جل ٿل نڀ ۾ جيوَ نپائين.
٢.جنھن تي تنھنجي ديا درشٽي،
سوريءَ مان ٿو ڪنڊو بڻائين.
٣.جيوَ جي ڪا هت حاجت ناهي!
تون ئي داتا ديالو آهين!
٤.قدم قدم تي سينوَر ترڪڻ،
پريوُ تون ئي تنھن مان بچائين.
٥.ڏوھہ ڏنگايون ڏسين نہ ڏاتر،
ٿو مھر جو مينھن وسائين.
٦.ڍينگ ڍرا ٽيا جُنگہ جھڪي پيا،
نربل جو بل تون ئي آهين.
٧.وڙ واليءَ جا آهن ''آشا''،
هڪ پيي ٿورو ڪين تون لاهين.

٣. ڪتنب قبيلو ساٿ نہ ڏيندءِ،
مال ۽ ملڪيت ساڻ نہ هلندءِ،
سڀ ''**آشا**'' ٿي تہ جهميلا،
ڪين سمجهہ تون اُٿي ڳهيلا!

موھہ نہ رک

ڪنهن ۾ موھہ نہ رک تون پيارا،
لوڪ اٿئي مطلب جا سارا!
١. موھہ دکن جو ڪارڻ آهي،
موھہ جيو کي ٿو ڦاسائي،
تياڳ جي ورتي رک تون هردم،
مٽندءِ من جا سڀ مونجهارا!
ڪنهن ۾ موھہ نہ رک تون پيارا!
٢. جن جن موھہ رکيو سي دکي ٿيا،
وئراڳي تہ هر حال سکي ٿيا،
تون پڻ رهہ نرليپ ڪمل جيان،
تون نينهن جا وڄاءِ نغارا،
ڪنهن ۾ موھہ نہ رک تون پيارا!
٣. جڙ پرت کي هرڻ پٽڪايو،
اندر جو آرام ڦٽايو،
پلجي ويو پڳوان بہ هن ڪان،
ڏسي مايا جا تہ پسارا،
ڪنهن ۾ موھہ نہ رک تون پيارا!

٢. منتر مڙيئي مطلب وارا،
جيءَ کي جهورين جن لئہ پيارا،
ڪر پريوءَ سان پريم تون پيار!
آهي ڪٽينگر سنسار!

٣. پريوءَ سان تون ناتو جوڙج،
”آشا“ دنيا کان منهن تون موڙج،
نہ تہ روئنديں زارو زار!
آهي ڪٽينگر سنسار!

ڳهيلا

ڪين سمهج تون اُٿي ڳهيلا!
هريءَ ڀڄن جي هيءَ ٿي ويلا!

١. جنم جنم ۾ ڀٽڪيو آهين،
مايا چڪر ۾ لپٽيو آهين،
ور ور موقعو ملندءِ نہ توکي،
تون سستي ڇڏج سويلا،
ڪين سمهج تون اُٿي ڳهيلا!

٢. مانش جنم وري نہ ملندءِ،
ههڙو موقعو هٿ نا ايندءِ،
سواس سواس سان نام کي سمري،
ڪر تون سواس سهيلا،
ڪين سمهج تون اُٿي ڳهيلا!

۴. ٿيان محتاج نہ ڪنهنجو سائين،
شل انت ويلي تائين نام جپائين،
مونکي هلنديءَ پنهنجيءَ هلايو،
منهنجو ستگر عرض اگهايو.

۵. رڌي سڌي جا آهيو مالڪ،
مون ٻالڪ جا آهيو پالڪ،
”آشا“ بگڙي منهنجي بڻايو،
منهنجو ستگر عرض اگهايو.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي جنم دن جي مؤقعي تي

ستگر دين ديال - ٻيڙو منهنجو پار ڪريو.

١. سوامي اوهان جو جنم ملهايون،
هار چندن جا اوهان کي پايون،
ڪرپا ڪري ڪرپال - ٻيڙو منهنجو پار ڪريو.

٢. برهم ڌياني آهيو برهم گياني،
سوامي ٽيئونرام جي آهيو نشاني،
جڳ جڳ جيئندءُ شال - ٻيڙو منهنجو پار ڪريو.

۴. پيار ديا جا ڀنڊار سوامي،
ڪرميوگي اوهان آهيو انتريامي،
ڄاڻو ٿا سڀ حال - ٻيڙو منهنجو پار ڪريو.

۵. گيان وديا ڏيئي اگيان مٽايو،
”آشا“ جو اهو عرض اگهايو،
نام ڏيئي ڪيو نهال - ٻيڙو منهنجو پار ڪريو.

۴. پريوءَ سان جن ٻڌيو ناتو،
آتم پد کي تن ئي پاتو،
”آشا“ تون پڻ وات اها وٺ،
تنهنجي سوڀ ٿيندي سوپارا!
ڪنهن ۾ موهه نه رک تون پيارا!

ستگر عرض اگهايو

منهنجو ستگر عرض اگهايو،
مونکي رام جي راهه ٻڌايو.

۱. آنءُ اڻ تارون تري نه ڄاڻان،
وچ سير ۾ لڳه ٿيا ساڻا،
منهنجي ٻيڙي ڪناري لڳايو،
منهنجو ستگر عرض اگهايو.

۲. موهه چڪر ۾ ڦاٿو آهيان،
هاڻي تنهنجي در ٻاڏايان،
منهنجي چڪر مان جند ڇڏايو،
منهنجو ستگر عرض اگهايو.

۳. جنم جنم کان پياسي آهيان،
مان تنهنجو ڏيان ڏيايان ڏيايان،
مون تي مهر جو مينهن وسايو،
منهنجو ستگر عرض اگهايو.

آيو شيام

آيو! آيو! شيام مراري،
آيو! آيو! برج بهاري.

١. من مندر ۾ موهن پڌاريو،
ور ور جنهن کي مان تہ پڪاريو،
آيو! آيو! بانکي بهاري،
آيو! آيو! شيام مراري.

٢. جنهن ڪرشڻ لئہ واٽون نهاريان،
رڳہ رڳہ ۾ ٿي جنهن کي ساريان،
صوُرت جنهنجي پياري پياري،
آيو! آيو! شيام مراري.

٣. چوڏس جو چنڊ مون لئہ ڪڙيو آ،
ڀاڳہ منهنجي جو گل تہ ٽڙيو آ،
ٿي چت جي چمن ۾ بهاري،
آيو! آيو! شيام مراري.

٤. درشن ڪئي دک دوُر ٿيا ''**آها**''،
ڪين رهي ڪا ابلاشا،
آيو ڀڳتن جو هتڪاري،
آيو! آيو! شيام مراري.

ويچار - ٥٤

نرمل نرم آ چت جنهنجو،
پريو ملي ٿو تنهن کي سنهنجو.

آءُ پريتم پير پري

آءُ پريتم مون وٽ پير پري،
منهنجي سنگر تو بن ڪين سري.

١. تنهنجي نينهن نظر تہ نهال ڪيو،
ديدار ڪندي سڀ پلجي ويو،
رک مونکي نہ جانب پاٽان پري،
آءُ پريتم مون وٽ پير پري.

٢. تون پيار سندو ساگر آهين،
تون پياس پياسن جي لاهين،
تصوير تنهنجي سدا من ۾ تري،
آءُ پريتم مون وٽ پير پري.

٣. منهنجو اڱڻ اچي آباد ڪندين،
اچي دلبر دل کي تون شاد ڪندين،
روئي روئي دل توکي ياد ڪري،
آءُ پريتم مون وٽ پير پري.

٤. ''**آشا**'' آهي تنهنجي نوازش جي،
نوٽ دل کي برهہ جي بارش جي،
بيو ڪير سڄڻ مون تي ڪهل ڪري،
آءُ پريتم مون وٽ پير پري.

ويچار - ٥٣

سنتن سنپرشن جو درشن،
من کي ڪري ٿو ڪيڏو پرسن.

سوارٿ جو سنسار

مطلب جو هرڪو يار آ،
هي سوارٿي سنسار آ.
١. جن لئہ ڪرين ٿو تون خفا،
سي سڀ اٿئي بي وفا،
پوندءِ نہ تن مان ڪي نفعا،
سپني جو سڀ وهنوار آ،
مطلب جو هرڪو يار آ.
٢. مرندين جڏهن جهان ۾،
ساڙي ايندءِ شمشان ۾،
هاٿي ئي چڙهہ ويوان ۾،
جهوٺو سڀن جو پيار آ،
مطلب جو هرڪو يار آ.
٣. پنوري جيان تو پتڪين،
مايا چار ۾ تو اٽڪين،
اٽڪي وري تو لٽڪين،
توکي ڪين ڪي ڪو قرار آ،
مطلب جو هرڪو يار آ.
٤. دنيا مان ڪجهہ نہ وٺبو،
سڀ ڪجهہ هتي ئي ڇڏبو،
''**آشا**'' سچو هي دلبو،
سچو سنگي هڪ ڪرتار آ،
مطلب جو هرڪو يار آ.

رام سان ڪر تون پريت

منهنجا من! رام سان ڪر پريت!

١. جهوٽي ڪايا جهوٽي مايا،
استت ناهي وڻ جي ڇايا،
آهي سپني جي سڀ ريت،
منهنجا من! رام سان ڪر پريت!

٢. شرڻ رام جي وٺ تون پيارا،
متجي ويندءِ سڀ مونجهارا،
ڳاءِ گوبند جا تون گيت،
منهنجا من! رام سان ڪر پريت!

٣. مطلب جي سڀ دنياداري،
جهوٽي ”آشا“ جڳ جي ياري،
ڪوئي نہ ڪنهن جو آ ميت،
منهنجا من! رام سان ڪر پريت!

ويچار - ۵۵ (زبان)

زبان جنهنجي منٺي سو سڀ ڪي وٺي ٿو،
هزارن دلين جو سو راجا بڻي ٿو.

ويچار - ۵٦ (دل)

زبان جنهنجي منٺي ءِ دل پڻ آ منٺي،
سو ڪروڙن دلين تي حڪومت ڪري ٿو.

سوامي ليلاشاهہ مهاراج

١. سچو سنت سوامي ليلاشاهہ هو،
هزارن کي تاريائين هوُ ملاح هو.
٢. انئي پهر دل ۾ ڏٺيءَ کي ڏيايو،
جپيو نام پريوءَ جو ٻين کي جپايو.
٣. هوُ شڪتيءَ ڀڳتيءَ جو ڀنڊار هو،
سچي گيان جو هو تہ گلزار هو.
٤. پيهي پاڙ ۾ پاڙ کي هن سڃاتو،
پرم برهم کي پنهنجي من ۾ ئي پاتو.
٥. هيو برهمنشٺ هيو برهم ڏياني،
هيو برهم شروتري هيو برهم گياني.
٦. اناٿن جي لهندو سدا سار هو،
ڪندو تن جي خدمت هو منار هو.
٧. ڏسي مرض ڏيتي ليتي سندو،
سماجڪ برائي جو ڪنڊن ڪندو.
٨. ڪٿي ناريشالا ڪٿي پاٺشالا،
ڪٿي سيوا ڪيندر کوليائين گئوشالا.
٩. اگيانين جي هن راهہ روشن ڪئي،
اُنهنجي حياتي ٿي سڦلي پئي.
١٠.وڏو وڙ ''آشا'' تي سوامي جن ڪيو،
ڏريو مهر جو هٿ ڪلي ڀاڳہ پيو.

ڪونهي تنهنجو حال

من ڪونهي تنهنجو حال!
ڏسين ڪين تون ڪنڌ تي ڪال!

١. موهه ممت ۾ ڦاٿو آهين،
مالڪ سان تون لنو نا لائين،
آخر توکي ڇڏڻو پوندو،
ملڪيت هي سڀ مال،
من ڪونهي تنهنجو حال!

٢. جن ڪٽنبين کي پنهنجو ڄاتئہ،
تن مان موڙها من ڇا پاتئہ،
آئين اڪيلو ويندين اڪيلو،
هي جڳہ آهي جنجال،
من ڪونهي تنهنجو حال!

٣. رلندي پنديں عمر گنوايئہ،
سواس امولڪ پنهنجا وڃايئہ،
سڌون ڪندي تو سال گذاريا،
ويندءِ گذري هيءُ پڻ سال،
من ڪونهي تنهنجو حال!

٤. ستگر جي وٺ شرڻ پيارا،
ميٽيندءِ من جا مونجهارا،
نام جو منتر وٺج گرن ڪان،
ڪندءِ نام تہ ”**آشا**“ نهال،
من ڪونهي تنهنجو حال!

دان ڪريو

دان ڪريو پيارا دان ڪريو!
خاليون جهوليون ڀريو ڀريو!

۱. دان ڪرڻ سان ڏن آ وڌندو،
ڪوهه مان پاڻي ڪڏهن نه کٽندو،
دان سان دؤلت سڦلي ٿئي ٿي،
ڄڻ گنگا جو ته سنان ڪريو،
دان ڪريو پيارا دان ڪريو!

۲. مال ته مالڪ جو سڀ آهي،
تنهنجو منهنجو ڪجهه ڀي ناهي،
نالي ڏٽيءَ جي دان ڪري،
جڳ ۾ پنهنجو شان ڪريو،
دان ڪريو پيارا دان ڪريو!

۳. سڪندر ڪارُون پارا لڏي ويا،
شاهي حڪومت هٿي ڇڏي ويا،
مٺي پڇاڙا ڪير ٿو ڄاڻي،
جيئري ڪجهه احسان ڪريو،
دان ڪريو پيارا دان ڪريو!

۴. وئرت جيون ڪين وڃايو،
سمرڻ سيوا ۾ ڪيو سڄايو،
شڀ ڪرمن ۾ مايا لڳائي،
”آشا“ پنهنجو ڪلياڻ ڪريو،
دان ڪريو پيارا دان ڪريو!

منزل

١. گهمڻ ڦرڻ ويو مونکان وسري،
درد لڳي ٿو هاڻي مصري.
٢. سوُرن جي سانچي ۾ ڍلجي،
منهنجي قسمت وئي ڦري.
٣. پيڙا ۾ پريتم آ پاتو،
هؤما من جي وئي مري.
٤. مرشد مهر ڪئي ڪا اهڙي،
آيل آپدا وئي ٽري.
٥. پوساگر جي پيڙ مان ”آشا“،
جيون نئيا وئي تري.

اڄ جي اؤلاد

١. جيئري ڏين ڏنپ مئي پائن هار،
اهو آهي وهنوار پيارا هن سنسار جو.
٢. جيئري ٻڌائن ڪين ڪي گيتا جو ٽا گيان،
مڙهہ کي سڻائن گيتا، ارڙهون اڌياءُ.
٣. جيئري ڪڍن گهر مان اُماڻن ٻڍا آشرم،
مئي ڪن ڪريا ڪرم، وارث ٻڻجڻ واسطي.
٤. اهڙي هن سنسار مان رک نہ اُميدون موُر،
مڙيئي مٽي جو سوُر، ”آشا“ ناتو ٻنڌيج نام سان.

ستگر توکي ساريان

١. ايڏا سال گذري ڪيئن ويا تنهنجي ورهه ۾ راڻا!
سٽگر توکي سنپاريان منهنجا حال تي ويڳاڻا!
٢. ڪري ياد توکي ور ور وينو هنجون مان هاريان،
ڏنئه پيار جو پريتم هرگز نه سو وساريان.
٣. ڪيڏي سار تون هئين لهندي سٽگر منهنجا پيارا،
هاڻي به ڪرپا تنهنجي مون تي سدا سونهارا!
٤. توکان سواءِ سائين منهنجو منڙو اُداس آهي،
دل جو پکي ورهه جو دردي ٿو گيت ڳائي!
٥. احسان ڪيڏا تنهنجا هرگز نه ٿو وساريان،
''**آشا**'' تي ڪر آسيسا تنهنجا چرڻ ڏيايان!

عرض اگهايو

سٽگر منهنجو عرض اگهايو،
پنهنجو مونکي بڻايو، عرض ....
١. گيان ڏيئي ڪيو گياني مونکي،
ڌيان ڏئي ڪيو ڌياني مونکي،
سرت ۾ شبد ملايو، عرض ....
٢. مال کپي اسباپ نه مونکي،
ڪوبه کپي نه خطاب نه مونکي،
چت چرنن ۾ لڳايو، عرض ....
٣. ڪين ڪرپا جي ڪمي اوهان وٽ،
مهر ڪريو مهروارا جهٽپٽ،
''**آشا**'' پار پچايو، عرض ....

رام جپيندا رهو

رام جو نالو جپيندا رهو،
موهہ مايا جو ڇڏيندا رهو.

١. جن جن رام سان نينهن لڳايو،
آ تن جو جيئڻ سجايو،
ميران وانگر هري گڻ ڳائي،
من موهن سان ڳنڍيندا رهو،
رام جو نالو جپيندا رهو.

٢. سوارٿ جو سنسار سچو ئي،
ڪنهنجو نہ ساٿي ڪوئي،
لاهي لڳاپا هن دنيا سان،
هڪ سان حال ونڊيندا رهو،
رام جو نالو جپيندا رهو.

٣. ”**آشا**“ ترشنا ڪٽڻ جي ناهي،
جيئن ٿڌ تيئن وڌ آهي،
چاهيو اوهين جي جيون مڪتي،
پنج ئي دوت دليندا رهو،
رام جو نالو جپيندا رهو.

ويچار - ٥٧

نام سدا آهي سکدائي،
ڪام ڪروڌ آهي دکدائي!

نام جپيو

نام جپيو! نام جپيو!
نام جپيو هروار، پيارا نام جپيو!
١. نام جو نالو ٻيڙو آهي،
ڪري ڀوساگر مان پار، پيارا نام جپيو!
٢. نام جو نالو اؤشڌ آهي،
چاڪ ڪري بيمار، پيارا نام جپيو!
٣. جيڪي نام جو جاپ جپن ٿا،
تن جو ٿئي اُڌار، پيارا نام جپيو!
٤. جن ڀي نام سان ناتو جوڙيو،
تن جي جئہ جئڪار، پيارا نام جپيو!
٥. سمرڻ ۾ ڪيو سواس سجايا،
ملندو مڪتي دوار، پيارا نام جپيو!
٦. نام جي پونجي جنهن وٽ آهي،
سوئي شاهوڪار، پيارا نام جپيو!
٧. نام جو نالو امرت آهي،
پي ٿيو باغ بهار، پيارا نام جپيو!
٨. ''آشا'' نام سان نينهن لڳايو،
نام ٿيندو رکوار، پيارا نام جپيو!

ويچار - ٥٩

پريو سڀ ۾ وياپڪ آ، نہ ڪنهن کي ڌڪار،
جو نفرت ڪري ٿو، آ تنهن کي ڌڪار.

طلسم

طلسم ۾ تو پريو ڀلايو،
ناحق پنهنجو پاڻ اڙايو.

١. سپني کي تو ساڀيا سمجهي،
سپني سان تو نينهن لڳايو.

٢. هرڻ جيان تون رڃ ۾ ڀٽڪي،
جيون وئرٿ پنهنجو وڃايو.

٣. سچ کي ڇڏي ڪيو، ڪچ جو سؤدو،
جنهن مان منزل، ڪجهه نه ڪمايو.

٤. جن لئه ڪوڙ ڪمايئه ڪيئي،
تن مترن ڀي ڪين نڀايو.

٥. جن سان ڀال ڀلايئه ڪيڏا،
موت ۾ تن ئي ڪيڏو سنايو.

٦. ياري رک هڪ يار سان پيارا،
جنهنجي عنايت پار لڳايو.

٦. پائي ڏس تون اندر ۾ جهاتي،
''آشا'' دلبر دل ۾ سمايو.

ويچار - ٥٨

لاطمع ٿي رهه دنيا ۾، جي ٿيڻ چاهين سکي،
رک تمنا يار هڪ جي، ڪين ٿيندين تون دکي.

پلو ڪر

پلو پنهنجو چاهين ڪر ٻين جو پلو،
پلو جي ڪندين ٿيندءِ سائو سلو.
۱.اڇي جو سوالي نہ تنهن کي موٽاءِ،
موٽائي نہ ڪنهنجي دل تون دکاءِ.
۲.ڏٺيءَ جي ڏني مان سدا ڏيندو رهہ تون،
سدائين غريبن سان پيارا تہ وهہ تون.
۳.جي ٻين کي تون ڏيندين ڏٺيءَ توکي ڏيندو،
سدائين هوُ تنهنجو مددگار ٿيندو.
۴.جيڪا پوک پوکين، تون لٽندين اُهائي،
نہ ڪنهنجي ڪمائي وجي ٿي اجائي.
۵.دکين ۽ ٻکين جي ڪري تو جو خدمت،
اُنهيءَ تي ٿئي تي ڏٺيءَ جي تہ رحمت.
۶.''آشا'' پريم سان ڪر سيئن جي تون سيوا،
پريو توکي ڏيندو مهر جا تہ ميوا.

صبح جو سويلو

صبح جو سويلو پريوءَ کي پڪارج،
پريوءَ کي پڪارج سائينءَ کي سنڀارج!
۱.نصيبن سان توکي مليو منش چولو،
دنيا جي ڌٻڻ ۾ نہ تنهن کي گنوائج!
۲.وڏا وڙ واليءَ جا لهي سار دم دم،
مهربان مالڪ کي تون نا وسارج!

ڪين ڪئي تو تياري

هيءَ رام جپڻ جي واري،
اجان ڪين ڪئي تو ڪا تياري.

١. لوڪ وجي ٿو هتان لڏيندو،
مال ۽ ملڪيت هتي ڇڏيندو،
هلي چيز نہ ساڻ ڪا پياري،
اجان ڪين ڪئي تو ڪا تياري،
هيءَ رام جپڻ جي واري.

٢. سستيءَ ۾ تو سال وڃايا،
سواس امولڪ پنهنجا گنوايا،
ڪرين ڏاڍي تون ٿو گيهواري،
اجان ڪين ڪئي تو ڪا تياري،
هيءَ رام جپڻ جي واري.

٣. موهہ ممت ۾ من اٽڪائي،
پريوءَ ڪي تو ڇڏيو ڀلائي،
تو عمر اجائي گذاري،
اجان ڪين ڪئي تو ڪا تياري،
هيءَ رام جپڻ جي واري.

٤. ويل وهاڻي هٿ نا ايندءِ،
سڀ سنبنڌي ساٿ نہ ڏيندءِ،
”آهنا“ مطلب جي دنيا ساري،
اجان ڪين ڪئي تو ڪا تياري،
هيءَ رام جپڻ جي واري.

نام سان ورتي

تون نام سان ورتي جوڙ،
من تون ٻيا سڀ ناتا ٽوڙ.

۱. سڀَا سنٻنڌي سات نہ ڏيندءِ،
انت ڪال ۾ ڪم نا ايندءِ،
مٺو نہ پنھنجو ڦوڙ!
من تون ٻيا سڀ ناتا ٽوڙ.
تون نام سان ورتي جوڙ.

۲. پَلڪي پَلڪي عمر وڃايئہ،
سواس جي پيارا پونجي گنوايئہ،
تون منھن مايا ڪان موڙ!
من تون ٻيا سڀ ناتا ٽوڙ.
تون نام سان ورتي جوڙ.

۳. ''آشا'' دنيا مان ڪجھہ نہ وٺيندين،
موھہ رکي تون دکي تہ ٿيندين،
تون پاڻي ڪين ولوڙ!
من تون ٻيا سڀ ناتا ٽوڙ.
تون نام سان ورتي جوڙ.

ويچار - ٦١

ڪيئن پيا پاڇن پويان ڊوڙيون!
منھن مالڪ کان وينا موڙيون!

٣.پري پل ۾ پريو توکان ڪين هرگز،
وساري ٻيون ڳالهيون ڏٺيءَ کي ڏيائج.
٤.پنل دل سان راضي سڄڻ جلد ٿئي ٿو،
پسڻ لئه پرينءَ کي ”آشا“ هنجون هارج.

پرارٿنا

ديالو ديا ڪر دياوان آهين،
ڪري مهر مون تي سمت ڏي تون سائين.
١) تنهنجي رحم سان ٿي هلي دنيا ساري،
تون ساري جڳت کي ٿو پالين نپائين.
٢) ٻُڌي ڏيءِ ٻل ڏي شرڻ تنهنجي آهيان،
پلپل آهيان مونکي سنئين دڳ لڳائين.
٣) پتا مات دکين جي خدمت ڪريان مان،
ڪٿان تن جي آسيس ديا ڪر تون سائين!
٤) وديا دان ڏئي ڪر ودوان مونکي،
اِهو عرض ”آشا“ جو پريو اگهائين.

ويچار - ٦٠

دنيا جا رنگ روُپ ڏسي حيران ٿيا!
ناٽڪ جي هن پردي تي مستان ٿيا،
ڪي گياني، ڌياني، وئراڳي، رشي،
موهڻي مايا ۾ پلجي غلطان ٿيا!

پرارٿنا

ديالو اسان تي ديا ڪر سدائين،
سڀن تي مهر جو مينهن ٿو وسائين.
١.ٿي تنهنجي رحم سان هلي دنيا ساري،
جڳت جو تون داتا، جڳت کي نڀائين!
٢.عجب رنگ تنهنجا، عجب تنهنجي قدرت،
ڪٺي مان پيو ڪيچ تون ئي بڻائين.
٣.اُٿي مهل امرت جپيان نام تنهنجو،
صبح جو سويلو سجاڳي ڏي تون سائين.
٤.لڳن تيز طوفان ۽ لهرن جا لوڏا،
پنهنجي ٻاجھ سان تون ڪناري لڳائين.
٥.ڌرم ۽ ڪرم جي سچي سوجهي ڏي تون،
پليل آهيون داتا، سڀين دڳ لڳائين.
٦.پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ سان گڏ دل ۾ هنڊايون،
سچي گيان جي ڪاش! جوتي جڳائين!
٧.ڪريون شيوا سڀ جي ''آشا'' فرض ڄاڻي،
ڪريون آگيا پالن سمت ڏي تون سائين.

ويچار - ٦٣

ٻُرو ڪين ڪنهنجو، ڀلو سڀ جو چاهيون،
اسين خير خواهه، سڀن جا ته آهيون.

دادا جشن واسواڻي جيءُ آيو

جيءُ آيو! نچ آيو!
عشق سندو اوتار، پيارو جيءُ آيو!

١. دکين بکين جي سار لهي ٿو،
سيني کي ڏي پيار، پيارو جيءُ آيو!

٢. پکين پسن تي ديا ڪري ٿو،
آهي ڪروڻا جو اوتار، پيارو جيءُ آيو!

٣. سندس اکين ۾ نوُر نوراني،
آهي جلويدار، پيارو جيءُ آيو!

٤. نام جي نؤڪا ۾ هوُ چاڙهي،
ڪندو سين کي پار، پيارو جيءُ آيو!

٥. نوڙت جي موُرت آ دادا،
پائي حليمي هار، پيارو جيءُ آيو!

٦. ''**نوريءَ**'' جو ''**انجلي**'' آ وارث،
وڃان تنهن تان مان ٻلهار، پيارو جيءُ آيو!
''**آشا**'' جي اکڙين جو آ تارو،
ڏسي دل ٿي باغ بهار، پيارو جيءُ آيو!

ويچار - ٦٢

ڪي ڪي ماڻهو محبتي جن جي اندر پيار،
سهڻا ٿوهه پٽن تي خلقيا خلقڻهار!

شيام سندر آيو

شيام منهنجي اڄ گهر ۾ آيو،
سکي گيت خوشيءَ جا ڳايو ڳايو.

١. نيڻ کٽي ٿي جنهن لئہ نهاريم،
رڳ رڳ ۾ ٿي جنهنکي ساريم،
اچي پاڻ تنهن گلي لڳايو،
شيام منهنجي اڄ گهر ۾ آيو!

٢. سالن کان سک جنهن لئہ هيڙي،
جنهن جي ملڻ لاءِ ماندي دلڙي،
تنهن پريتم پاڻ پسايو پسايو،
شيام منهنجي اڄ گهر ۾ آيو!

٣. ساري جڳ جو، جو آ سهارو،
"**آشا**" جي جيءَ جو آ جيئارو،
سڀ گڏجي راس رچايو رچايو،
شيام منهنجي اڄ گهر ۾ آيو!

ويچار - ٦۴

پريم شرڌا سان پريو ملي ٿو،
پريو ملي ٿو ڀاڳ کلي ٿو.

شري گرديو

ستل هوس ننڊ ۾ اچي تو اُٿاريو،
پنهنجي پيار جو جل تو مونکي پيئاريو.

۱.پياسي روح منهنجو پرينءَ کي پسڻ لئہ،
تو گرديو اچي رستو مونکي ڏيکاريو.

۲.حرصن حواسن تہ بيهوش ڪيڙو!
مئل هوس مان، مونکي توئي جيئاريو.

۳.هتي آهي ترڪڻ مان ترڪيس ٿي ستگر،
جهلي مونکي توئي پنهنجي سنگ وهاريو.

۴.توهان جي ورهہ ۾ وينو لڙڪ لاڙيان،
توهان کي مان ساريان، توهان مونکي ساريو.

۵.تپت آهہ تن ۾ وڪارن جي ڏاڍي،
توهان پنهنجي رحمت سان تنهن کي نواريو.

۶.نہ دنيوي ڪمن ۾ لڳي دل ٿي منهنجي،
اتم ''آشا'' مون ڏي اوهان بس نهاريو.

منهنجا ستگر

منهنجا ستگر وئين تون اڪيلو ڪري!
پرديس مان وئين پرديس پري!

١. روئي روئي هنجون هاريان ٿو،
پري سڏڪا سائين پڪاريان ٿو،
تصوير تنهنجي اکڙين ۾ تري،
منهنجا ستگر وئين تون اڪيلو ڪري!

٢. تنهنجو قدر نہ ڪيو بي قدر مان ٿيس،
هاڻي هٿ ٿو هڻان لاچار بڻيس،
ڪيئن مُحب ملان توسان روح ٿو رڙي،
منهنجا ستگر وئين تون اڪيلو ڪري!

٣. ڪوئي ڪونہ منهنجا ٿو ڳوڙها اُگهي،
مونکي توکان سواءِ جو سڃاڻي سگهي،
مونکي پيار ڪري، ڀاڪر ۾ ڀري،
منهنجا ستگر وئين تون اڪيلو ڪري!

٤. جان جيئندس ڪين ڀلائيندس،
تنهنجي مهما گهر گهر ڳائيندس،
”**آشا**“ توکان سواءِ منهنجي ڪين سري،
منهنجا ستگر وئين تون اڪيلو ڪري!

سائينءَ سان لِنوَ

جن سائينءَ سان لِنوَ لاتي آ،
تي سڦلي تن جي حياتي آ.

١. جن ڪچ ڪي ڇڏي سچ سؤدو ڪيو،
ملهہ تن جو منا آ سؤڊو ٿيو،
سوين سجدا ڪن ٿا تن کي سدا،
جن پنهنجي ذات سڃاتي آ،
تي سڦلي تن جي حياتي آ.

٢. سچا پريمي سيپ ۾ سر ٿا پسن،
ڪڏي دل مان دئي هڪ حق ٿا ڏسن،
سي ماڻن مؤج مدامي ٿا،
جن جيءَ ۾ جهاتي پاتي آ،
تي سڦلي تن جي حياتي آ.

٣. جي توڪل جي ڪشتيءَ ۾ چڙهيا،
دنيا جي درياهہ مان سي پار ٿيا،
''**آشا**'' لهندو تن جي سار سائينءَ،
جن قرب جي ڪفني پاتي آ،
تي سڦلي تن جي حياتي آ.

نردوشن کي ستائڻ

جيڪو نردوشن کي ستائيندو،
سو اڳتي هلي پڇتائيندو.
١. ڪنهنجي آهه اجائي ڪين وڃي،
سائين آڪڙ سيني جي تو پڇي،
جيڪو ٻين جي دل کي دکائيندو،
سو اڳتي هلي پڇتائيندو.
٢. ڪنهنکي پيار ڏيڻ وڏو آهه ثواب،
آهي پاپ - رنجائڻ ملي عذاب،
اهڙو نردئي نرڪ کي پائيندو،
سو اڳتي هلي پڇتائيندو.
٣. رنج ڪک جو پي ڪڻ ڪين ''**آشا**''
تون ٻول سدائين مٺڙ پاشا،
توکي پريو گلي لڳائيندو،
سو اڳتي هلي پڇتائيندو.

اُتي نام جپ

پرڀاتي

اُتي نام جپ تون سمو ٿي سهيلو،
سمو ٿي سهيلو هي امرت جو ويلو.
١.جپيو نام جن جن، ڪليو پاڳ تن جو،
ومک نام کان جو اُتي سو ڏهيلو.
٢.مايا ۾ تو ڦاسي پريوءَ کي وساريو،
وسارج جڳت کي جڳت ٿي جهميلو.
٣.مطلب جا ماڻهون مڙئي ٿي دنيا جا،
هجن توڙي مائٽ، ڪٽنب ۽ قبيلو.
۴.پتو ناهي ڪنهنجو ڪڏهن ڪوچ ٿيندو،
''**آشا**'' جاڳ جلدي ٿيندو محب ميلو.

پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهارڄن جي جدائيءَ ۾

سوامي جن هليا ويا ويڳاڻو بڻائي!
ويڳاڻو بڻائي! ويا منهنڙو مٺائي.

١. مون سمجهو سدائين سڄڻ ساڻ هوندا،
هليا هوت ويڙا بنا موڪلائي.

٢. ڪنهن سان حال اوريان هاڻي اندر جو،
روئان ويٺي جيجل ڪير پرچائي.

٣. سهي ڪين سگهندا منهنجو درد دک ها،
هاڻي ڪير مونکي ڇاتيءَ لڳائي.

٤. ڪيڏو پيار پنهنجو سين کي ڏنائون،
شيام سندر جيان ويا مرلي وڄائي.

٥. لڏئون سار دم دم سڄڻ ها سڀاجها،
پنهنجي مهر جي ويا ورکا وسائي.

٦. سوامي جن سيلاني ڪري سفر پورو،
هزارن دلين ۾ ويا دونهڙو دکائي.

٧. منهنجا جيءَ جيئارا اکڙين جا تارا،
''**آشا**'' منهنجي دل ۾ ويا ديرو ڄمائي.

ساري توکي ساهہ

توکي ساري سڄڻ منھنجو ساهہ!
مٺا! منھنجي اڱڻ ۾ جلدي آءُ!

١. بادل جيان منھنجون اکڙيون وسن ٿيون،
سانگين لئہ سي سدا سکن ٿيون،
کر محب مون تي کھکاءُ،
توکي ساري سڄڻ منھنجو ساهہ!

٢. لوکن کي لکہ کھڙي منھنجي،
تار ڳنڍيل آ منھنجي تنھنجي،
کھڙو جانب لک لکاءُ،
توکي ساري سڄڻ منھنجو ساهہ!

٣. شرم ہوتيءَ جيان مان شرمايان،
تنھنجي آمد تي مان مسکايان،
لڳي ''**آشا**'' وصل جو کو واءُ،
توکي ساري سڄڻ منھنجو ساهہ!

ويچار - ٦٥

کڏهن کنن جو ٿي نہ کچو،
کنن جو کچو کٽي ٿو ڏچو.

پريتم

ڪيئن پريتم توکي پايان؟
ويني تو لاءِ مان واجهايان.

۱. يوگ سماڌي ڪين مان ڄاڻان،
گيان جو مارگ ڪين پڇاڻان،
ڪيئن چنچل چت سان ڏيايان؟
ڪيئن پريتم توکي پايان؟

۲. کهڙيءَ پر توکي پرچايان!
ساجن ڪيئن توکي سرچايان!
ويني گنگا يمنا وهايان،
ڪيئن پريتم توکي پايان؟

۳. سڪ سالن ڪان تنهنجي آهي،
بي ڪا چاهه اندر ۾ ناهي،
تنهنجا پل پل پوُر پچايان!
ڪيئن پريتم توکي پايان؟

۴. تو بن منهنجو ڪير وسيلو،
هلي نہ منهنجو ڪوئي حيلو،
مان ڪنهن کي حال سڻايان؟
ڪيئن پريتم توکي پايان؟

۵. جنم جنم ڪان تنهنجي پياسي،
”**آشا**“ تنهنجي در جي داسي،
ويني گيت وصل جا ڳايان،
ڪيئن پريتم توکي پايان؟

رام نام جپيو

جپيو رام نام پيارا،
ٿيندءُ سدائين سوپارا.

١. منهن مايا کان موڙيو،
جيءُ جانب سان جوڙيو،
ويندا متجي مونجهارا،
جپيو رام نام پيارا.

٢. جن جپيو پريوءَ جو نام،
تن پاتو سچو وشرام،
جس لوڪ ڳائن سارا،
جپيو رام نام پيارا.

٣. ”آشا“ پيچ پريوءَ سان پاءِ،
هڪ سائينءَ کي سرچاءِ،
تنهنجا صاحب رکوارا،
جپيو رام نام پيارا.

ويچار - ٦٦

پريو سڀ ۾ وياپڪ، ڏي سڀني کي پيار،
جو نفرت ڪري ٿو، آ تنهنکي ڌڪار.

اُڏر پکي

تون اُڏر پکي البيلا،
اُڏر اُڏر تون ڏور ڏسائون،
تون اُڏر پکي البيلا!
محب کندا جت ميلا!

١. من جا ميت اُڏامي ويڙا،
پنک کسڻ تي تنهنجا تيڙا،
اُڏي نہ سگهندي پوءِ اُتاهون،
هيءَ اَتي اُڏڻ جي ويلا،
تون اُڏر پکي البيلا!

٢. ماريءَ چاڻ نہ چار وچائي،
تنهنجي گلي ۾ پوندي ڦاهي،
پڇتائڻ مان فيض نہ رسندءِ،
وڃي مالڪ سان کر ميلا،
تون اُڏر پکي البيلا!

٣. وينين وساري پنهنجي وطن کي،
امراپور آنند چمن کي،
مهڪيا گل جلدي ڪوماڻا،
تون ڳالهہ نہ سمجهي ڳهيلا،
تون اُڏر پکي البيلا!

٤. چوڳي جي لالچ ۾ اٽڪي،
چڙڪ ڪوڙڪي جي تو لٽڪي،
''**آشا**'' موهہ نهوڙي ڏيندءِ،
جڳہ وهنوار جهميلا،
تون اُڏر پکي البيلا!

تنهنجي تار

ڪڏهن ڏيندين سچڻ ديدار،
مونکي تنهنجي لڳل آ تار.

١. نيڻ ڪٽي مان روز نهاريان،
ور ور ساجن تو لئه پڪاريان،
مل مون سان تون هڪوار،
مونکي تنهنجي لڳل آ تار.

٢. سڪ جا ساجن گوڙها ڳاڙيان،
ورهه ۾ تنهنجي لڙڪ مان لاڙيان،
مونکي گهرجي تنهنجو پيار،
مونکي تنهنجي لڳل آ تار.

٣. ”آشا“ درشن جي آ پياسي،
دلبر در تنهنجي جي داسي،
توکي پايان حب جا هار،
مونکي تنهنجي لڳل آ تار.

ويچار - ٦٧

ٻين جي جيڪو سار لهي ٿو،
ونگو نه تنهن جو وار ٿئي ٿو،
ٻين سان ڀلائي جيڪو ڪري ٿو،
سائين تنهن جي سار لهي ٿو.

ڊولڻ ڊڪجاڻ

منهنجا ڊولڻ تون ڊڪجاڻ،
پتِ پوتيءَ جي رکجاڻ!
۱. تون پارس، مان آهيان لوهه،
ڇهي مونکي تون سون ڪجاڻ!
۲. ڪيا ڏوهه اڻم ڪيئي،
ڪين ڏوهن کي ڏسجاڻ!
۳. آهي ڀؤَساگر ڀاري،
تنهن مان تون ئي پار ڪجاڻ!
۴. منهنجي پياس ڪجاءِ پوري،
منهنجي اکڙ پرين اچجاڻ!
۵. ڪين واهه وسيلو ٻيو،
سدا ”آشا“ سان ساٿي ٿجاڻ.

ڏٺيءَ کي ڏياءِ

پرڀاتي

صبح جو سويلو ڏٺيءَ کي ڏيائج،
ڏٺيءَ کي ڏيائج، تنهن جو نام ڳائج.
۱. سويلي اُٿڻ سان ڪلي پاڳ جيو جو،
اُٿي! تون ٻه پيارا پريوءَ کي پڪارج.
۲. سمهي موهه ننڊ ۾ جنم تو وڃايو،
وري اهڙو موقعو نه هرگز وڃائج.
۳. جڳت جهونو سارو اٿي هي پسارو،
هرڻ جيان تون ڀٽڪي عمر نا گنوائج.
۴. ونج اوت ”آشا“ الک جي سدائين،
ڪندي ڪار ڪم ٻي نه والي وسارج.

سمت ڏي

پرڀاتي

سمت ڏي تون سائين تنهنجو نام ڳايان،
تنهنجو نام ڳايان تنهنجو ڏيان ڏيايان.

١. دنيا جي رسن ۾ عمر مون وڃائي،
باقي سواس سمرڻ ۾ سڦلا بڻايان،
سمت ڏي تون .....

٢. چڙهي نام امرت زهر مون آ پيتو،
ڏي شڪتي تون سائين زهر کي پچايان،
سمت ڏي تون .....

٣. ڪندي ڪار ڪم مان نہ توکي وساريان،
اُٿي رات آڌيءَ تو لئہ لڙڪ لاڙيان،
سمت ڏي تون .....

٤. سين ۾ پسان مان توکي محب منڙا،
مگر ڪين ورتي مان تن ۾ لڳايان،
سمت ڏي تون .....

٥. وڪارن جي **''آشا''** تپت آهي ڏاڍي،
تنهنجي ڇانوَ ۾ مان وشرام پايان،
سمت ڏي تون .....

ويچار - ٧٠

گيان جو سورج اُڀري جڏهن،
ٿي اوديا اوندهہ وڃي تڏهن.

جهوليلال

جهوليلال! جهوليلال! جهوليلال!

١. لالڻ جي جيڪو جوت جڳائي،
من جون مرادون سوئي پائي،
ٿيندو سو خوشحال، جهوليلال .....

٢. دولهه جي در جيڪو ايندو،
ڪارج پورو تنهن جو ٿيندو،
سو ٿيندو مالا مال، جهوليلال .....

٣. جوتين وارو ڪشٽ ڪٽيندو،
پوريل تنهنجو در تہ پٽيندو،
ننگي ٿيندو ننگپال، جهوليلال .....

٤. امر لال سائين ''آشا'' پڄائيندو،
ٻيڙو سنگت جو پار لڳائيندو،
پلو ڪندو سڀ پال، جهوليلال .....

ويچار - ٦٨

علم کان وڌ عمل آهي پيارا،
جي ڪن ٿا عمل سي ٻڌجن سونهارا.

ويچار - ٦٩

چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي،
عمل جو ڪري ٿو سوئي ڦل ٿو پائي.

سنتن جو سنگ

سنتن جو ڪر سنگ،
منڙا! سنتن جو ڪر سنگ.

١. سنتن جو سنگ جيو ڪي تاري،
پوَ ساگر مان پار اُڪاري،
لڳي تو رام جو رنگ،
منڙا! سنتن جو ڪر سنگ.

٢. دُرجن جي سنگ ڪيئي اُڏريا،
سنتن جي سنگ ڪيئي سُڌريا،
اوهان پڙهي ڏسو پرسنگ،
منڙا! سنتن جو ڪر سنگ.

٣. دُرجن جو سنگ آ دکدائي،
سنتن جو سنگ آ سکدائي،
چڙهي چت ۾ آنند اُمنگ،
منڙا! سنتن جو ڪر سنگ.

٤. سنتن جي ڪر سيوا سدائين،
جنم جي سڦلو ڪرڻ تون چاهين،
تنهنجو ''**آها**'' ڪٽندا ننگ،
منڙا! سنتن جو ڪر سنگ.

ڪٿي آ؟

ڪٿي آ منهنجي من جو ميت،
ڇيڙي دل جو، جو سنگيت.

١. رات سهائي چنڊ پيو چمڪي،
تارن جي بارات سان ڀڪي،
لوڪ خوشيءَ ۾ مان ويڳاڻي،
ڪڙي من جو چنڊ ڪنهن ريت،
ڪٿي آ منهنجي من جو ميت!

٢. تو بن آ من ماندو منهنجو،
ڪين سهارو آ ٻئي ڪنهن جو،
روئي روئي لڙڪ مان لاڙيان،
ويٺي ڳايان ورهه جو گيت.
ڪٿي آ منهنجي من جو ميت!

٣. پريتم تو وٽ درد جو دارون،
ڪريان تنهنجي در تي ڪارون،
”آشا“ پيار جي انجلي پيئارج،
تنهنجو پيار پيئان مان ڳيت.
ڪٿي آ منهنجي من جو ميت!

تو بن پريتم .....

کين ڀڄي ڪوئي دل جون دانهون،
تو بن پريتم بند ٿيون واهون.

۱. سڏڪي سڏڪي ڪنت سڪي ويو،
درد جو ديرو دل ۾ ٿي پيو،
ٿيون اُپرن اندر مان آهون،
کين ڀڄي ڪوئي دل جون دانهون،
تو بن پريتم بند ٿيون واهون!

۲. هر ڪنهن کي هت پنهنجا سُور،
هرڪو پچائي پنهنجا پُور،
هر ڪنهن جون هت پنهنجون راهون،
کين ڀڄي ڪوئي دل جون دانهون،
تو بن پريتم بند ٿيون واهون!

۳. سورن ۾ آهيان ساماڻي،
لوڪ چون مان آهيان سياڻي،
ڏنيون ”آشا“ عشق سزائون،
کين ڀڄي ڪوئي دل جون دانهون،
تو بن پريتم بند ٿيون واهون!

ويچار - ۷۱

ڪڏهن ڪين ڪنهن کي تون ناراض ڪر،
سدا ٻين جو دامن خوشين سان ڀر.

سنت پڌاريا

سنت هتي اچ آيا پاڳن واري مان آهيان،
پاڳن واري مان آهيان، گيت مرحبا ڳايان!

١. سنت جتي پائين پيرا، وسن سدا سي ويڙها،
درشن ڪري پرسن ٿيان، هار گلن جا پايان،
سنت هتي اچ آيا، پاڳن واري مان آهيان.

٢. سنت پريوءَ جو نت اوتار، ڪن سيني جو اُڌار،
نرمل نينهن ڏين پيارُ، رج مستڪ تن لايان،
سنت هتي اچ آيا، پاڳن واري مان آهيان.

٣. درشن ڪئي دک دوُر ٿيا، مونجهارا متجي ويا،
”**آشا**“ صدقي وڃان تن تان ملي روحڙو مان ريجهايان،
سنت هتي اچ آيا، پاڳن واري مان آهيان.

تنهنجي تنوار

من ۾ تنهنجي تات تنوار،
توسان دل جي ڳنڍيل آ تار.

١. تنهنجو تصور ڏي تسڪين،
آءُ مٺا منهنجا منٺار.

٢. ياد ڪندي توکي لڙڪ مان لاڙيان،
ٿئي هلڪو دل جو بار.

٣. تون ئي منهنجي من کي چاڙهين،
ڪري تو بن ڪير پيار.

٤. ”**آشا**“ تي ڪر ”**انجلي**“ عنايت،
نينهن پري آ تنهنجي نهار.

توکي ریجھایان

روئي روئي راٽا مان توکي ریجھایان،
توکي ریجھایان ٻیو کجھ کین چاھیان.

۱.سنڌ ھوس ننڍ ۾ اچي تو اُتاریو،
پنھنجي پیار جو پیالو مونکي پیئاریو،
اڃان پیاس آھي پیاسي مان آھیان،
روئي روئي راٽا مان توکي ریجھایان،
توکي ریجھایان ٻیو کجھ کین چاھیان.

۲.سوارٿ جو سنسار تہ آھي سڄوئي،
سواءِ تو ساڄن نہ غمخار کوئي،
تنھنجو پیار پایان، تنھنجو پیار پایان،
روئي روئي راٽا مان توکي ریجھایان،
توکي ریجھایان ٻیو کجھ کین چاھیان.

۳.پنھنجي ٻاجھ ٻانھن ۾ کڻ تون پیارا،
جيءَ جا جیئارا اکڙین جا تارا،
فقط ''آشا'' تنھنجو منو نام ڳایان،
روئي روئي راٽا مان توکي ریجھایان،
توکي ریجھایان ٻیو کجھ کین چاھیان.

شل ڇاتيءَ ڇپائين

اُتم انتظاري تون ڇاتيءَ ڇپائين،
تون ڇاتيءَ ڇپائين تون پنهنجو ٻڻائين.

١.وصل تنهنجو مون لئہ سدا سرڳہ آهي،
ڪمل چرنن تنهنجن جي مٽ ڪجھ بہ ناهي،
تون ڇاتيءَ ڇپائين تون پنهنجو ٻڻائين،
اُتم انتظاري تون ڇاتيءَ ڇپائين.

٢.تون سوريہ مان آهيان ڪمل گل پيارا،
ڪرپا جي ڪرڻن سان مان ٽڙندس سونهارا،
ڪُمد آءُ آهيان چندرما تون آهين،
تون ڇاتيءَ ڇپائين تون پنهنجو ٻڻائين،
اُتم انتظاري تون ڇاتيءَ ڇپائين.

٣.ڪيان روح رهاڻيون مان تو ساڻ ويهي،
تون سرمور ساجن مان تنهنجو سنيهي،
پنهنجي سنگ وهاري تون ”**آشا**“ پڄائين،
تون ڇاتيءَ ڇپائي تون پنهنجو ٻڻائين،
اُتم انتظاري تون ڇاتيءَ ڇپائين.

تو لئه نهاريان

١.نه دل تي لڳي منهنجي دنيوي ڪمن ۾،
بهار آئي پر نا بهاري چمن ۾.
٢.جيئن سڄ تو اُڀري سڄڻ توکي ساريان،
ڪٽي نيڻ آلا مان تو لئه نهاريان.
٣.ستين سمنڊ ساجن مان ڪيئن توکي پايان،
خيالن ۾ ٻوڙي تنهنجا گيت ڳايان.
٤.پري وئين پرين پر نه پيغام آيو،
سڪايل کي ساجن نه ايڏو سڪايو.
٥.سهاڳڻ ٿيان ''**آشا**'' جنم تي سجايو،
اٿم اُڄ ''**انجلي**'' اچي اُڄ ٻجهايو.

ڪڏهن محب ايندا

اسانجي اڱڻ ۾ ڪڏهن محب ايندا،
ڪڏهن محب ايندا، سي ديدار ڏيندا.
١.ورهين کان ويٺي پئي واٽون نهاريان،
روئي روئي راتيان پرينءَ کي پڪاريان،
ڪري قياس ڪنهن ڏينهن اچي ڏي ته ڏيندا،
اسانجي اڱڻ ۾ ڪڏهن محب ايندا.
٢.ملڻ پاڻ مون سان، ملان آءُ تن سان،
ڳنڍيل تار آهي منهنجي ته جن سان،
اچي سي ته ''**آشا**'' نذر کي ته نيندا،
اسانجي اڱڻ ۾ ڪڏهن محب ايندا.

دادا جشن جنم ڏن مبارڪ

دادا جشن مبارڪ! تنهنجو جنم ملهايون،
اوتار عشق جو تون گڻ گيت تنهنجا ڳايون!

١. ڀڳتي ڪرم جي مورت آهين گيان جي تون صورت،
درشن ڪئي ملي ٿي روح کي سدائين راحت،
درويش تون دلارو، لک لک توکي واڌايون،
دادا جشن مبارڪ! تنهنجو جنم ملهايون،
اوتار عشق جو تون گڻ گيت تنهنجا ڳايون!

٢. نوريءَ جا انجلي وارث، نوڙت ۽ نياز وارا،
شيوا ڪري دکين جي سرهاڻ ڏئين ٿو پيارا،
شرڌا ۽ پريم سان ٿا سر تو اڳيان جهڪايون،
دادا جشن مبارڪ! تنهنجو جنم ملهايون،
اوتار عشق جو تون گڻ گيت تنهنجا ڳايون!

٣. سونهون سچو تون "**آشا**" آهين روحاني رهبر،
منٺار تون سڀن جو، هر دل، جو آهين دلبر،
اپنائي تنهنجي سکيا جيون سڦل بڻايون،
دادا جشن مبارڪ! تنهنجو جنم ملهايون،
اوتار عشق جو تون گڻ گيت تنهنجا ڳايون!

ويچار - ٧٢

حياتي نه غفلت ۾ پنهنجي گذار،
ڪندي ڪار ڪم تون پريوءَ کي پڪار.

آيا ستگر

آيا ستگر سچا پلا پاڳہ پانيان،
من مندر مان جن لئہ سجايان.

١. آهن پورن ٻئي برهم گياني،
پٽي تن جي مان مستک لڳايان،
آيا ستگر سچا پلا پاڳہ پانيان،
من مندر مان جن لئہ سجايان.

٢. آهن پريم ديا جي هوُ مورت،
نينهن نوڙت نياز جي صورت،
تن جا وچن منا مان هنڌايان،
آيا ستگر سچا پلا پاڳہ پانيان،
من مندر مان جن لئہ سجايان.

٣. ”آشا“ آهن روحاني سي راڻا،
ٻئي آهن هوُ سد سد نماڻا،
جڏهن درشن کريان شانتي پايان،
آيا ستگر سچا پلا پاڳہ پانيان،
من مندر مان جن لئہ سجايان.

(ستگر سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ دادا جشن
واسٽيءَ جي آمد تي)

لهندو سار سڄڻ

اڄ لهندو هڪ ڏينهن سار سڄڻ،
ڪندو پاڻ اڄ مونکي پيار سڄڻ.
١. جنهن کي پل پل آنءُ پڪاريان ٿي،
جنهن کي رڳ رڳ ۾ مان ساريان ٿي،
ڏيندو پڪ مونکي ديدار سڄڻ،
اڄ لهندو هڪ ڏينهن سار سڄڻ.
٢. جنهنجي قرب جي ”**آشا**“ قائل مان،
جنهن جي در جي آهيان سائل مان،
ڪندو مون تي عنايت يار سڄڻ،
اڄ لهندو هڪ ڏينهن سار سڄڻ.

پون ياد ....

پون ياد پل پل ٿا پريتم پيارا،
سي پريتم پيارا جيءَ جا جيئارا.
١. روئي روئي جن لئه ويني هنجون هاريان،
پائي اکڙيون تن لئه مان ويني نهاريان،
ڪڏهن محب ايندا منا قرب وارا،
پون ياد پل پل ٿا پريتم پيارا.
٢. پرينءَ کان سواءِ مان ته اوندهه ٿي پانيان،
ورهه ۾ مان تن جي واساما ٿي ڳايان،
”**آشا**“ سي سڄڻ ٿي اکين جا تارا!
پون ياد پل پل ٿا پريتم پيارا.

منا ڪين آئين

سڄڻ ڪين آئين، منا ڪين آئين،
روئان رات ڏينهان تون اچي پرچائين.

١.خطا منهنجي آهي خطاوار آهيان،
ڪيم ڪي ڪچايون گنهگار آهيان،
عنايت ڪري تون ڇاتيءَ ڇپائين،
سڄڻ ڪين آئين، منا ڪين آئين.

٢.لکين ڪامٽيون تنهنجون تون ئي ڪانڌ منهنجو،
پيارا! مان پکڙيو اچي پانڌ تنهنجو،
نذر مان نماڻي تون پنهنجو شل بڻائين،
سڄڻ ڪين آئين، منا ڪين آئين.

٣.نہ دلڙي لڳي ٿي دنيا جي ڪمن ۾،
رهان روبروُ مان تہ تنهنجي چرنن ۾،
''**آشا**'' من مندر ۾، تون جوتي جڳائين،
سڄڻ ڪين آئين، منا ڪين آئين.

ويچار - ٧٤

پريمي پاڻ پريوءَ کي جو ارپڻ ڪري،
پريو ڪين آهي اُنهيءَ کان پري.

شري شيام سندر جي پياس

مونکي آ شيام سندر جي پياس،
جڳ جي نہ ڪائي آ آس!

١. مور مڪٽ پيتامبر ڌاري،
گل وئجنتي ڪرشڻ مراري،
من موهيندڙ مکڙو جنهنجو،
ڪڏهن گڏجي ڪندو هوُ راس؟
مونکي آ شيام سندر جي پياس!

٢. مڌر مڌر آ مرلي جنهنجي،
گوپين کي بس تات آ تنهنجي،
گوال ٻال گانيون ويڇاڙيون،
من تنهن ڪان سوءِ آ اُداس!
مونکي آ شيام سندر جي پياس!

٣. ياد ڪندي ڪيئن ڏينهن ٿا نبرن،
روئندي روئندي راتيون گذرن،
هڪ ڏينهن ايندو شيام اڱڻ ۾،
”آشا“ اهڙو آهي وشواس،
مونکي آ شيام سندر جي پياس!

ويچار - ٧٣

چنتائون ڪن چڪناچوُر،
چنتن ڪر تون، سڀ دک دوُر.

سدا هس

كئي سائينءَ جي تو تون هس،
هلي كين كنهنجو كو وس.

١. پاڻ ئي چاڙهي پاڻ ئي لاهي،
پاڻ ئي ڏاهي پاڻ ئي ناهي،
رک ويسهه واليءَ ۾ بندا،
كين كي لائيندو توكي كس،
كئي سائينءَ جي تو تون هس.

٢. زهر مان امرت رام بڻائي،
كنڊن مان گل هو اُپجائي،
جن اوٽ الكه جي آ ورتي،
مليو تن كي گيان جو گس،
كئي سائينءَ جي تو تون هس.

٣. صبر شكر جا كيما كوڙي،
وشئه وكارن كان منهن موڙي،
ناتو نينهن جو ''آشا'' جوڙي،
تون پي ڏس رام جو رس،
كئي سائينءَ جي تو تون هس.

دادا ساڌو واسواڻيءَ کي شرڌانجلي

دل پريل آ درد سان من آهه ماندو بيقرار!
دادا تنهنجي هيءَ جدائي آ سهڻ اڄ ناگوار!

١. سنت شرومڻي سنڌ جا دادا دلارا وئين هليو!
تنهنجي مرتيوءَ جو ٻڌي روئي ٿو هرڪو نر ۽ نار!

٢. تون رشي تياڳي تپسوي سنيهه جي صورت هئين،
نياز نوڙت سادگي ۽ گيان جو هئين تون ڀنڊار.

٣. تون اميريءَ کي ڇڏي پاتو فقيريءَ جو لباس،
قرب جي ڪفني تو پاتي ميران وانگر قربدار.

٤. گياني ڌياني برهمچاري پڻ سڌارڪ بينظير،
سنڌي جاتي جو سونهون تون آتمڪ روشن منار.

٥. اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوي ليکڪ ۽ شيوڪ تون هئين،
پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن سان ڪيو ٻين جو اُڌار.

٦. سنڌ جو ٽئگور هئين ۽ سنڌ جو تون چئتنيه،
ساڌنا ڀڳتيءَ سان من ۾ تو ڪيو ساڪياتڪار.

٧. خلق ۾ خالق پسي، تو خلق جي خدمت ڪئي،
اڄ سڄي سنسار ۾، تنهنجو منا آ ناماچار.

٨. شانتي، پائو جشن، هري هوتچند، آشا، سنتي،
ڪنهنکي اڄ دادا چون! ٿا لڙڪ لاڙن زار زار.

٩. سنتسنگهه، گنگارام، آتم، آتو، پمو، سنگت دکي،
غم پنهنجو ڪنهن سان بيان ڪن وئين هليو تون غمگسار.

١٠. تون مرڻ جو ڪين آهين ڪال ڪاٽي ٿئين اڪال،
پد امرتا جو تو پاتو ''**آشا**'' ڪيو جڳ جو اُڌار.

منهنجا مرشد

ڪلام

مرشد منهنجا، مهر ڪيو ڪا،
آهيان اوهانجو غلام سائين!

۱. جهڙو تهڙو اوهان جو آهيان،
در تہ اوهانجي لائق ناهيان،
بخشيو بديون، بدنام سائين!
مرشد منهنجا، مهر ڪيو ڪا!

۲. پيار پنهنجي جي چڪي پيئاريو،
مهر نظر سان مون ڏي نهاريو،
ڏيئي محبت جو هڪ جام سائين!
مرشد منهنجا، مهر ڪيو ڪا!

۳. من مندر ۾ ڏيان ڏيايان،
جاڳي جاڳي رام ريجهايان،
سدا جپيان شل نام سائين!
مرشد منهنجا، مهر ڪيو ڪا!

۴. ”آشا“ اوهانجي در تي سوالي،
ڪين اوهان موٽائيندا خالي،
پاجهہ ڪيو مون مدام سائين!
مرشد منهنجا، مهر ڪيو ڪا!

تنهنجي ياد

ور ور سڄڻ ٿي تنهنجي مونکي ياد ٿي ستائي،
توکان سواءِ جانب گلي ڪير ٻيو لڳائي!

١. ماڻهو ملن ٿا ڪيئي دل ڪين ٿي ڪا ڍاپي،
ديدار ڏئي تون دلبر منهنجي پياس وڃ ٻجھائي،

٢. جاڳندي ٻه توکي ساريان، سمهندي ٻه ٿو سنڀاريان،
ڏيڏيندين تون ئي ساجن، ٻيو ڪير منهنجو آهي؟

٣. سمهان سڏڪي ساجن سپني ۾ من اچين تون،
آهي انتظار تنهنجو منا ٻول وڃ ٻڌائي.

٤. ”**آشا**“ آس تي تڳان ٿي ڪڏهن محب ميلو ٿيندو،
”**انجلي**“ منهنجي اڱڻ ۾ وڃ پيرڙا گھمائي.

ويچار - ٧٥

جنهنکي پريو لاءِ پياس آ، سو آ ڀاڳيوان،
پريم جي پونجيءَ وارو آهي سچو ڌنوان.

ساڌو واسواڻيءَ جي آرتي

جئہ جئہ دادل شاھہ، جئہ جئہ دادل شاھہ!
سنڌ ۾ وٺي اوتار تون آئين، هيڻن همراھہ!

۱. برهمگياني، برهم ڌياني، برهم جو تون سَوروپ،
درشن ڪئي دک دوُر ٿيا جن تہ رکيو ويساھہ.
جئہ جئہ دادل شاھہ، جئہ جئہ دادل شاھہ!

۲. جيو ديا جي جوت جڳائي، پکين پسن کي پريم،
دکين ٻکين جي سار لڌي، تون بيواهن جي واھہ،
جئہ جئہ دادل شاھہ، جئہ جئہ دادل شاھہ!

۳. ڪروڻا جو تون ساگر، ڀڳتيءَ جو ڀنڊار،
سمرڻ سيوا ستيہ سنيهہ جي تو تہ ٻڌائي راھہ.
جئہ جئہ دادل شاھہ، جئہ جئہ دادل شاھہ!

۴. پريم جا پشپ مان چاڙهيان لڙڪن جي مالها،
ڌوپ ڌيان جو ٻاريان، درشن جي آھہ چاھہ.
جئہ جئہ دادل شاھہ، جئہ جئہ دادل شاھہ!

۵. گرو نانڪ جيان صورت نماڻي، نوراني تون نوُر،
ميران جهڙي ڀڳتي ڀاونا، پريم ديا تہ اٿاھہ.
جئہ جئہ دادل شاھہ، جئہ جئہ دادل شاھہ!

۶. ميران ڀومي ليلا ڀومي رنگہ رچايا تو،
تيرٿ استان آهي هاڻي ٿي آهي درگاھہ.
جئہ جئہ دادل شاھہ، جئہ جئہ دادل شاھہ!

۷. آرتي پريم سان ڳايون دادا تنهنجي در،
"**انجلي**" "**آشا**" ونيہ سدا ڪن مهر جي ڪر تون نگاھہ.
جئہ جئہ دادل شاھہ، جئہ جئہ دادل شاھہ!

سنت بابا هرداسرام

۱.جانب هو جلگانو جو بابا هرداسرام،
جڳپائين پريوءَ جو نام، انئي پهر اندر ۾.

۲.ستگر سنت ڪنوررام ڏنس نام جو دان،
ڪري مهر سندو احسان لالئون لال ڪري ڇڏيو.

۳.بابا هرداسرام ٿيو مستيءَ ۾ مخمُور،
چمڪيو منجهس نوُر، نوراني تہ اللھ جو.

۴.سيوا ڪندي گرن جي ٿيو شاهي تنهنجو شان،
اڄ سوين وڃن قربان بابل تنهنجي نانوَ تان.

۵.نمرتا جي مورتي، تو پائي حليمائي جو هار،
ڏنئہ سيني ڪي پيار، جانب او جلگانو جا.

۶.اچن هزارين سوالي، ٿا بابل تنهنجي در،
جهوليون خاليون تن جون، سدا سايون ڪر،
پالهو پانڌ تون پر، ”آها“ آسائن جو.

ويچار - ۷٦

سنتن وٽ جو اچي سوالي،
موُر نہ موٽي سو ٿو ڪالي.

دادا جشن جو جنمدن

اڄ ڏينهن سڀاڳو آ،
ڏيون دادا واڌيون، هار چندن جا پايون.

١. ڪريون تنهنجو جڏهن درشن، من ڏاڍو ٿئي پرسن،
آهين پيار جو ساگر تون، تنهنجو پيار سدا پايون،
ڏيون لکـ لکـ واڌايون.

٢. سچو سنت تون لاثاني، آهين پورڻ برهم گياني،
ملي سنگ جڏهن تنهنجو، ڀلا ڀاڳ پنهنجا ڀانيون،
ڏيون لکـ لکـ واڌايون.

٣. آيا آهيون تنهنجي در، ڪرپا جي نظر ڪا ڪر،
ڏي نام جو امرت تون، ڀاڳ ٻگڙيل جيئن ناهيون،
ڏيون لکـ لکـ واڌايون.

٤. تون ڀڳتيءَ جو ڀنڊار، آهين گيان سندو گلزار،
اُڳهين لڙڪ هزارن جا، مالها لڙڪن جي پايون،
ڏيون لکـ لکـ واڌايون.

٥. ڪريون گلن جي اڄ ورکا، ڪر مهر جي تون برکا،
”**آشا**“ سيوا سمرڻ سان، پنهنجي جيون چمڪايون،
ڏيون لکـ لکـ واڌايون.

ڪنهن لئہ!

ڪنهن لئہ تو تون ڪوڙ ڪمائين،
ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ،
مڙئي ماڻهو مطلب جا،
هڪ ڏينهن ساڙي ايندءِ!
۱.ڪي ڪم پرين ڪي چم پرين،
ڪن جون اکيون مايا ۾،
اهڙن سان وهنوار نہ ڪر تون،
تنهنجا وار پٽيندءِ،
ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ.
۲.بنگلا محل اڏائين توڙي لکہ ڪمائين،
ڪوڏي ڪٽي نہ سگهندين،
هٿ ٻئي تنهنجا هٿ ئي رهندا،
ڪايا رک تي ويندءِ،
ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ.
۳.پريوءَ سان ڳنڍ نينهن جا ناتو،
هِت هُت جيڪو سهائي،
نام جي پونجي گڏ ڪر پيارا،
بي پونجي ڪم نہ ايندءِ،
ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ.
۴.ست ڪرمن جي پوک تون پوکج،
فصل پلو جي چاهين،
داتا جي دربار ڏانهن ”آ ها“،
سفر سهانو ٿيندءِ،
ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ.

دادا شيام

دادا شيام! دادا شيام!
ڏنو پريم جو تو پيغام!

١. نُوري تنهنجو نُور نرالو،
جنهن ۾ پسيو سو ٿيو متوالو،
تنهنجي رڳ رڳ ۾ هو رام،
دادا شيام! دادا شيام!

٢. جيو ديا جي تو جوت جڳائي،
پکين پسن جي جان بچائي،
ڪن ياد توکي گگدام،
دادا شيام! دادا شيام!

٣. پيت پريا تو پيت بکين جا،
دور ڪيا دک تو دکين جا،
هئن سان شيوا مک ۾ نام،
دادا شيام! دادا شيام!

٤. ميران پوميءَ ۾ رنگ رچايو،
محبت جو تو مينهن وسايو،
پاتو تتل دلين وشرام،
دادا شيام! دادا شيام!

٥. تنهنجو جنم دن دادا ملهايون،
گرديو تنهنجا گيت تا ڳايون،
ڪريون وار وار پرڻام،
دادا شيام! دادا شيام!

٦. ''**انجلي**'' ''**آشا**'' سنگت آياري،
راهه روحاني تو ته ڏيکاري،
تنهنجي چرنن چارئي ڌام،
دادا شيام! دادا شيام!

پنهنجو ڪن

شل ستگر پنهنجو ڪن،
منهنجي ڏوهن ڪي نہ ڏسن.
١. آءُ نہ ڄاڻان پاٺ ۽ پوڄا،
يوگہ سماڌي ۽ آراڌنا،
اکيون درشن ڪاڻ سڪن، شل ....
٢. باهہ برهہ جي ويا جي ٻاري،
ساهہ سدا تن ڪي ٿو ساڙي،
ٿا ڏونهان درد دکن، شل ....
٣. پل پل جن جا پوُر پڇايان،
گيت وصل جا ويني ڳايان،
سي سپرين شال اچن، شل ....
٤. آهيان ”آشا“ عيبن هاڻي،
صاحب ٿيندم مون سان ساٿي،
اچي مرشد شال ملن، شل ....

ويچار - ٧٧

جت ايڪو آنند تت، پريم جي جوت ٻري،
ايڪي ۾ ئي ٻل ٻڌي، آئي وپدا ٽري.

ويچار - ٧٨

گڻن وارو ماڻهو سدائين وڌي ٿو،
هجي توڙي ڏاريو تہ پنهنجو بڻي ٿو.

گوبند جا گڻ ڳايان

کنهنکي کنهنکي مان پرچايان،
چو نہ پريوءَ کي سرچايان،
مان گڻ گوبند جا ڳايان.

1. سنساري سرچڻ جا ناهن،
سوارٿ جا سڀ ساٿي آهن،
چو تن سان نينهن لڳايان،
مان گڻ گوبند جا ڳايان.

2. ساٿي سنبنڌي رُسي وڃن ٿا،
ٿوري گهڙيءَ تي پاسو ڪن ٿا،
چو تن لئہ ننڊ ڦٽايان،
مان گڻ گوبند جا ڳايان.

3. جڳت سمورو ”آشا“ جهميلو،
آيس اڪيلو ويندس اڪيلو،
چو ناحق دل اٽڪايان،
مان گڻ گوبند جا ڳايان.

ويچار - 80

سواس سواس سان سائينءَ کي ڪر ياد،
تنهنجي دل جي بستي رهندي سدائين شاد.

ڳانءِ

۱. ڳانءِ اسانجي آهي ماتا،
رشين منين ڳڻ تنهن جا ڳاتا.

۲. کير ڳانءِ جو امرت آهي،
چرٻي هرگز ڪين وڌائي.

۳. ڳانءِ جو ڇيڻو آ سکدائي،
گئونت ٻہ هن جو آ ڦلدائي.

۴. ڳانءِ جو پڇ جو منهن تي گهمائي،
ٻُرو نہ سپنو تنهنکي ستائي.

۵. ڳانءِ جي آهي نماڻي مورت،
پوتر آهي هنجي صوُرت.

۶. درشن ڪئي دک دوُر ٿين ٿا،
شرڌالن جا ڀاڳہ کلن ٿا.

۷. ڪري جو ڳانين جي ٿو سيوا،
پريو ڏئي ٿو تنهنکي ميوا.

۸. گوپال ڪرشڻ ڳانيون چاريون،
”آشا“ شيام کي ڳانيون پياريون.

ويچار - ۷۹

رسنا رس ورتا تو جام،
هاڻي جپ توُن پريوءَ جو نام.

شاهپُور ٿلهي جا سنت

سيئورام سائين تنهنجي مهما لوڪ ڳائن،
سوين لوڪ سر ٿا تنهنجي در جهڪائن.

۱. سيئورام سائين جيڪو باغ پوکيو،
هرچورام سائين اُتي پاڻ موکيو،
شاهپُور شهر جو تہ رتبو وڌي ويو،
سياڳي زمين سان جتي سنت آهن،
هرچورام سائين تنهنجي مهما لوڪ ڳائن،
سوين لوڪ سر ٿا تنهنجي در جهڪائن.

۲. شاهپُور ٿلهي تي مائي هڪڙي آئي،
هئي سنڍ تنهنکي نہ اؤلاد جائي،
ڪرپا ڪئي هرچورام ٻچو تنهنکي جائو،
سچا سنت من جون مرادون پڄائن،
هرچورام سائين تنهنجي مهما لوڪ ڳائن،
سوين لوڪ سر ٿا تنهنجي در جهڪائن.

۳. ڏرموُرام، لکيرام لنوَ لالڻ سان لڳائي،
جيوڻ گهوٽ سائينءَ بہ جوتي جڳائي،
سندن منهن ۾ مٺيا عجب روشنائي،
مٿي تن جي در جي ٿا مستڪ لڳائن،
هرچورام سائين تنهنجي مهما لوڪ ڳائن،
سوين لوڪ سر ٿا تنهنجي در جهڪائن.

۴. ڏيونرام جهنڊو سنتن جو جهليو،
جپيو نام پريوءَ جو ٻين کي جپايو،
روپارام سائين آ رونق وڌائي،
پنهنجي سنگرن جا ٿا ميلا ملهائن،
هرچورام سائين تنهنجي مهما لوڪ ڳائن،

تو بن

اکيون روئن تيون زارون زار،
کير لهندو تو بن سار.

١. سوُرن مونکي سياڙو کيڙو،
رت تہ رڳن جو سڪجي ويڙو،
ڳذري ڏکن ۾ ساري ڄمار،
اکيون روئن تيون زارون زار.

٢. من ماندو مايوس رهي ٿو،
مايا جي تہ ڪشش کان ٿهي ٿو،
ڏي درشن تون هڪوار،
اکيون روئن تيون زارون زار.

٣. سوُرج بن ڪيئن ڪنول ٽڙي،
چنڊ بنا ڪيئن ڪُمود کڙي،
ڪيئن مان ٿيان باغ بهار،
اکيون روئن تيون زارون زار.

٤. جوڳڻ بڻجي جوڳ ڪمايم،
درد جي دونهين دل ۾ دکايم،
ٻڌين ''آشا'' جي تون پڪار،
اکيون روئن تيون زارون زار.

ويچار - ٨١

وير وڪارن جي ڇڙهي، ڪري ڪيڏو ٿي نقصان،
وڃن وير ۾ گهلجي، وير وڏا ودوان.

دادا جشن واسواڻي

دادا جشن آ دينن ديال،
ڪيئن نہ لهي ٿو اسانجي سنڀال.
١. هڪ هڪ کي پنهنجو پيار ڏئي ٿو،
پڪين پسن جي سار لهي ٿو،
دل جو ڪيڏو آهي وشال،
دادا جشن آ دينن ديال.
٢. مٺڙ مٺڙ مسڪان آ جنهنجي،
منڙي منڙي زبان آ جنهنجي،
گوپيون اسين هوُ آ گوپال،
دادا جشن آ دينن ديال.
٣. ڏکين جا ڏک دوُر ڪري ٿو،
خوشين جا ڀنڊار ڀري ٿو،
پريمين جا ڪري پوُرا سوال،
دادا جشن آ دينن ديال.
٤. دادا جشن آ روحاني راڻو،
سد سد آهي هوُ تہ نماڻو،
ڪرپا ڪندڙ آهي ڪرپال،
دادا جشن آ دينن ديال.
٥. پريوُ ملڻ جي راهہ ٻڌائي،
ڀوساگر مان پار لنگهائي،
''**انجلي**'' ''**آشا**'' ڪري نهال،
دادا جشن آ دينن ديال.

سوين لوڪ سر تا تنهنجي در جهڪائن.

۵. اچن جيڪي سوالي وڃن ڪين خالي،
ڀلهي وارا سائين تا ڪن مالا مالي،
شرڌا پيار سان جيڪي هن در اچن تا،
”آشا“ سنت تن جون مرادون پڄائن،
هرچورام سائين تنهنجي مهما لوڪ ڳائن،
سوين لوڪ سر تا تنهنجي در جهڪائن.

جڳ ڇڏڻو آهي

نيٺ تہ هي جڳ ڇڏڻو آ،

قلعو نہ هت ڪو اڏڻو آ!

۱. جيڪي ڏسون ٿا سوپيا ناهي،
پردي تي سڀ ناٽڪ آهي،
ڏسندي ڏسندي لڏڻو آ، نيٺ تہ هي جڳ ڇڏڻو آ.

۲. جن لئہ ڪوڙا ڪرم ڪمائين،
رتُ ۽ پسينو خوب وهائين،
تن مان ڪجهہ بہ نہ وٺڻو آ، نيٺ تہ هي جڳ ڇڏڻو آ.

۳. جن کي پائين ”آشا“ پنهنجو،
سنگي ساٿي ڪوئي نہ تنهنجو،
ڪنهن مان ڪجهہ پيي نہ سرڻو آ، نيٺ تہ هي جڳ ڇڏڻو آ.

ويچار - ۸۲

ترڪ کي تون ترڪ ڪر، مانُ ۾ ويهي گذار،
سانت ۾ صاحب ملي، سانت ۾ سائين کي سار.

سامي صاحب

سامي صاحب گيان جي گلشن جون هئين تون باغبان،
تنهنجي سڪيائن جي پشپن سان ٿيو معطر جهان.
١. واڻي ويدن جي سڻائي، تو سلوڪن جي اندر،
پريم شرڌا سان سي ڳايا ٿا وڃن هرڪنهن مڪان.
٢. پنهنجي هستيءَ کي مٽائي، پاڻ ٿئين گمنام تون،
پر سدا سنڌي ادب ۾ تنهنجو درجو آ مهان.
٣. سنڌ جو تلسي هئين ءُ سنڌ جو تون ئي ڪبير،
تنهنجي واڻيءَ کي پڙهڻ لئہ آهي هر سنڌي خواهان.
٤. لعل لوچي تو لڌو، پاڻ ۾ پيهي ڪري،
گيان جي جوتي جڳائي، دُور ٿي ويڙو اگيان.
٥. گيان گيتا گُرواڻيءَ جو، تو سلوڪن ۾ سَليو،
اڄ بہ تنهنجي سلوڪن جو قدر ڪن ٿا قدردان.
٦. گل ڪنوَل وانگر سدا سنسار ساگر ۾ رهين،
راز روحانيت سندو ٻوليو تنهنجيءَ منڙي زبان.
٧. تو چئي اَنيئہ جي واڻي شانت رس پرڌان جا،
جو ڪري چنتن منن، سو تہ ''**آشا**'' پاڳوان.

ڪر نہ وستار

ڪر نہ ايڏو وسنار!
پيارا ڪر نہ ايڏو وسنار.

١.مايا گهٽي رتُ رتُ سان ويڙهائي،
هوندي پدارٿ ننڊ ڦٽائي،
جيئڻ ڪري دشوار،
پيارا ڪر نہ ايڏو وسنار.

٢.سڪندر ڪيڏيون جنگيون جوٽيون،
ڌن لئہ قارون قبرُون کوٽيون،
اڄ ڏينهن تائين سي خوار،
پيارا ڪر نہ ايڏو وسنار.

٣.نام جي پونجي پلي وڌائڄ،
گڻ گووبند جا هردم ڳائڄ،
تنهنجو ٿئي نستار،
پيارا ڪر نہ ايڏو وسنار.

٤.ڏنو جو ڏاتر پرسن رهہ تون،
''آشا'' پريوءَ جو چنتن ڪر تون،
ٿي تنهنجو بيڙو پار!
پيارا ڪر نہ ايڏو وسنار.

٣. جيون نئيا پوساگر مان،
اڇي ڪير پلا ٻيو تاري.
٤. تون هن جوءِ هوءَ آ تنهنجي،
ڇو وينين تنهن کي وساري.
٥. ''آها'' پي درشن جو پياسي،
وڃ منهنڄو تنهن کي ڏيکاري.

جيو جي وس ناهي

جيو جي وس ۾ ڪجهه بي ناهي،
پروس آ لاچار پيارا.
١. حال جيو جو آهي هيٺو،
ڪک ٻه پڇي ڪري ڪين کي ٻيٽو،
ڪجهه ڪين سندس اختيار پيارا،
جيو جي وس ۾ ڪجهه بي ناهي.
٢. بنگلا ماڙيون محل اڏي تو،
ڪيئن نه اچانک دنيا ڇڏي تو،
آهي سپني جو سنسار پيارا،
جيو جي وس ۾ ڪجهه بي ناهي.
٣. ڪيڏو بي بلوان هجي ڪو،
ڪيڏو بي ودوان هجي ڪو،
وئرٿ آ اهنڪار پيارا،
جيو جي وس ۾ ڪجهه بي ناهي.
٤. بندو ''آها'' بيوس آهي،
ٿيندي اُها جا پريو چاهي،
ڏوري وس ڏاتار پيارا،
جيو جي وس ۾ ڪجهه بي ناهي.

روحاني راڻا!

سڪايل مان آهيان نہ ايڏو سڪاءِ،
ڪري نينهن نوازش تون پنهنجو بڻاءِ.
ا. دونهون درد جو دل ۾ دائم دکي ٿو،
وصل جي تون بارش سان تنهن کي وساءِ.
٢. تنهنجو پيار مون لئہ آ آب حيات،
پيئاري سو مونکي ازل اُڃ بجھاءِ.
٣. هزارن دلين جو تون روحاني راڻو،
مونکي بي تون رستو روحاني بتاءِ.
٤. ”آشا“ تي عنايت ڪر انجلي منا،
ويٺي لڙڪ لاڙيان تون سيني لڳاءِ.

راڌا پڪاري

ڪنئيا راڌا روئي پڪاري،
ويٺي تنهنجي راهہ نهاري.
ا. تو بن هن کي چئن نہ آهي،
وئين باهہ برهہ جي ٻاري.
٢. من مندر ۾ توکي پوڄي،
انئي پهر ويٺي توکي ساري.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج

سوامي ٽيئونرام جهولي منهنجي پر،
آيو آهيان سوالي ستگر تنهنجي در.
١.ڇاڏي ڇاڏٽهار آهين تون گرو،
تون پڄائين آس جا منهنجي اَندر.
٢.سنت ڀڳوت جو سدا آهن سوَروُپ،
ڪين آهي ڪا ڪمي سنتن جي گهر.
٣.تو اُجڙ دلين ۾ آندي نئين بهار،
مهر سان مرشد سنگت کي شاد ڪر.
٤.تون ديا جو آهين ساگر ستگرو،
تنهنجي ڪرپا لاءِ ”آها“ منتظر.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

اکين آب آٽي روئان زار زار،
ڪري ڪير پريتم مونکي پيار.
١.وئين اهڙي هنڌ تون نہ پهچي سگهان جت،
ڪريان ڪيئن دلبر تنهنجو مان ديدار.
٢.لطف ڪين مونکي اچي ڪنهن بہ شيءِ مان،
منهنجا محب منڙا، اچي لهہ تون سار.
٣.نکي يوگ ڇاڻان سماڌي لڳائي،
ستل آهيان ننڊ ۾ اچي تون اُٿار.
٤.منهنجو روح پياسي ازل کان اُسات،
اچي پيار پنهنجو پريتم تون پيئار.
٥.ورهہ ۾ ويڳاڻي ”آها“ گيت ڳايان،
وڄايان مان تن جي تنبوُري جي تار.

سائين سيئورام صاحب

شاهپوُر ٺلهي تي سائين سيئورام نام جي جوت جڳائي،
رام نام جي سمرڻي سوري نام سان پريت لڳائي.
۱.گرو گوسائينءَ گڻيش گر جي ورتي شرڻ تہ سيئورام،
جڳدمبا جو ٻڌيو اُپاسڪ، رڳ رڳ ۾ ديويءَ جو نام.
۲.ماتا جي هئي مڙهي شاهپوُر مڙهي جي شيوا خوب ڪئي،
سيئورام تي ديوي ماتا مهر جو مينهن تہ وسائي وئي.
۳.پر اُپڪاري پٽيہ آتما سائين سيئورام سڌ سالڪ ها،
سادا سوُدا سرل نماڻا رڌي سڌيءَ جا مالڪ ها.
۴.هڪ ڏينهن پئنڇن کي ڏني سائينءَ سوني سر،
ڏسي ڪرامت سنتن جي سي عجب ۾ پيا ٿي ور ور.
۵.هي تہ وڏو درويش آ جنهنجي لڪ لوڪن کي ناهي،
ياڳن وارا آهيون اسين ڏني سوني سر سائين آهي.
۶.مئل جهرڪين کي وري جيئاريو سائين سيئورام،
ڏنڊڻ مان هڪدم وڻ جنهن ڪيو تنهن سچي سنت کي پرڻام.
۷.پنهنجي اڇا سان ڪئي سماپت جيون ليلا سيئورام،
”**آها**“ تن جي جوت جڳائي سنت سائين هرچورام.

ويچار - ۸۳

من وچن ڪرم سان سڀ کي سک پهچاءِ،
سمرڻ سيوا ۾ سدا جيون سڦل بڻاءِ.

محبوب من ۾

محب تنهنجي من گهر،
ڇو ڳولهين در در؟

۱. خوب گهمين تون مترا ڪاشي،
تو نت رهين درشن اپلاشي،
ڪين ڳڏيئہ دلبر!
محب تنهنجي من گهر.

۲. اونده ۾ ڇو ٿاٻا کائين،
روشن راھہ تون ڇو نہ ٻڌائين،
جيون سڦلو ڪر،
محب تنهنجي من گهر.

۳. سمنڊ ۾ پيو ٿو غوطا کائين،
ڪين ڏسين پر مؤل ۾ چاهين،
مُٺ موتين سان ڀر،
محب تنهنجي من گهر.

۴. ڀٽڪين ڇو ٿو جهنگہ ۽ جهر ۾،
پائي ڏس جهاتي تون اندر ۾،
توکي ملندءِ مرليڌر،
محب تنهنجي من گهر.

۵. ويڙهيو وڪارن توکي آهي،
تن کي ڀڄائڻ لئہ پئہ ڪاهي،
ڪر پنهنجي ساري سر،
محب تنهنجي من گهر.

۶. مان کي ماري ماتُ ڪري ڇڏ،
تون جو ديرو دل ۾ اَڏي ڇڏ،
توکي پوندءِ چاڻ سِبر،
محب تنهنجي من گهر.

ڏياريءَ جو سنديش

رام جي مريادا اپنائي جيون سڦل بڻايون،
هنومان لڪشمڻ جي سيوا هردي منجهہ هنڊايون.
١. پاون چرتر ستي سيتا جو پرت جو پراتر پريم،
تلسيداس جي مانس دوارا روشن راهہ بڻايون.
٢. دکي دريدر رهي نہ ڪوئي، هرڪو سک جو ساهہ پٽي،
رام راڄ جو آدرش اهڙو ڀارت ۾ اپنايون.
٣. شبريءَ جهڙي پياس رکون تہ ايندو رام اڱڻ ۾،
پريم ڀاوَ سان رام ٽئي پرسن، تنهن جا گڻ اڄ ڳايون.
٤. جيءَ آئي، نِچ آئي ڏياري جڳہ مڳ ديپ جلن،
رام وريو ايوڌيا ۾ واپس خوشيون خوب ملايون.
٥. محبت روُپي مٺائي ڪائون ۽ ڀين کي پيي ڪارايون،
رُسي ويل جي ڀائر ڀينر تن کي گلي لڳايون.
٦. رام نام سان من مندر کي اڇو تہ "آها" چمڪايون،
اندر مان اگيان مٽائي، گيان جي جوت جڳايون.

ويچار - ٨٤

شرڌا ادب پريم سان ڪري تو جو شيوا،
ڪتي آسيس وڏن جي ملن تنهن کي ميوا.

ويچار - ٨٥

گڻن وارو ماڻهو سڀن کي وڻي ٿو،
هجي توڙي ڌاريو تہ بہ پنهنجو بڻي ٿو.

پاپ جو پئسو

پاپ جو پئسو ڪين ڪماءِ،
پوءِ پيارا پڇتائيندين.

۱. پاپ جو پئسو اکين جو ڏڏُ آ،
ڪين ڏٺيءَ جو توکي پئہ آ،
غلطي اهڙيءَ لئہ پڇتاءِ،
پاپ جو پئسو ڪين ڪماءِ.

۲. پاپ جو پئسو پاپ ڪرائي،
پاپ ڪرمِ جو ڦل ڀوڳائي،
ناحق ننڊ نہ پنهنجي ڦٽاءِ،
پاپ جو پئسو ڪين ڪماءِ.

۳. رُڪ جا چٽا ڦا آنڊا ڦاڙن،
پوءِ اکين مان لڙڪ ڦا لاڙن،
لوڀ لالچ ۾ نہ من اٽڪاءِ،
پاپ جو پئسو ڪين ڪماءِ.

۴. پاپ جي پئسي ۾ برڪت ناهي،
پاپ جي پئسي ۾ حرڪت آهي،
تن من جو سک ڪين ڦٽاءِ،
پاپ جو پئسو ڪين ڪماءِ.

۵. سچ جي ڪمائي ''**آها**'' ڪر تون،
ست ڪرمن جو پنڌ ار نہ پر توُن،
لوڪ پرلوڪ لئہ توشو ناهہ،
پاپ جو پئسو ڪين ڪماءِ.

۷. ''آھا'' جا ٿو محل اڏائين،
سڀ جو وڏو تون پاڻ سڏائين،
دنيا ترڪ تون ڪر،
محب تنھنجي من گھر.

سنت ھردارام

سوامي ھردارام آھي سنت سچو تياڳي،
رھي ٿو سنسار ۾ ھوُ پر ھوُ آھي وئراڳي.
١. دکين بکين جي شيوا ڪري ٿو، پکين پسن ڪي ڏي ٿو پيار،
مسڪينن ۽ مريضن جي ڪيئن نہ لھي ٿو سائين سار.
٢. پروپڪاري پٽيہ آتما آھي سائين ھردارام،
ٻين کي سکي ڪرڻ ۾ اچي ھن سنت پياري کي آرام.
٣. سنيھہ سھانيوُتيءَ جي صوُرت سنت سچو آ لاثاني،
نام سان ناتو نباھي ٿو ھوُ ڪرم يوگي آ برھم گياني.
۴. نياڻين لئہ وديا مندر ڪاليج جو نرماڻ ڪيو،
بيمارن لئہ اسپتال ۽ ٻيڙن لئہ ٻڍا آشرم ٺاھيو.
۵. نياڻين جا ٿو ڪارج سنواري سائين ھردارام،
سُڪرت جا ''آھا'' ڪم ڪري جپي جپائي رام جو نام.

ويچار - ٨٦

ڪوُڙي ولِ جيان وڌندو رھجانءِ،
پر نہ ڪڏھن ايمان ڪجانءِ.

۵.تون چئتنيہ سنڌ جو تون ٺاڪور سنڌ جو،
تڪارام تلسي ڪبير سوُر سنڌ جو،
سچل شاهہ ساميءَ جو سنگم دلارا،
دادا واسواڻي سنڌين جا سونهارا.
٦.ڏئي ڏاڻ ”آشا“ کي اهڙو پلارا،
نشو نينهن جو ٿي پيئڻ سان پيارا،
وٺان واٽ وحدت جي ڏي سگهہ سگهارا،
دادا واسواڻي سنڌين جا سونهارا.
(سنہ ۱۹٦۴ع ۾ دادا جن جي جنمدن موقعي تي)

آءُ تون ڪرشن مراري

ڀارت تي اڄ ڀيڙ وڏي وئي آءُ تون ڪرشن مراري،
ڌرم ڪرم جي رکشا خاطر آءُ تون برج بهاري.
۱. تنهنجي پيارين گانين جو اڄ ڪلي عام ٿئي قتلام!
اڄ پاپين جي پاڙ پٽڻ لئہ چڪر سدرشن ڌاري.
۲. ڪيئي ڪنس دريوڌن هاڻي پيدا هتڙي ٿيا تي،
سوين ٿيون لٽجن دروپديون ڇو وينين چپ گرڌاري؟
۳. ڌرم هيڻ ۽ ڪرم هيڻ اڄ ڪيڏا ٿيا هندواسي،
گيتا جو اڇي گيان سٽائڇ سکي ٿئي جنتا ساري!
۴. ”آشا“ جڏهن وڃي پاپ وڏي تو وٺي اچين تون اوتار،
بي انصافي ظلم وڏي ويو، آءُ ڀڳتن جا هتڪاري!

دادا ساڌو واسواڻي

دادا واسواڻي سنڌين جا سونهارا،
روحاني تون رهبر آهين قرب وارا.

١.تون ڪرشڻ جي مورت تون نانڪ جي مورت،
ٿئي سيتل ٿو هرديہ پسي تنهنجي صورت،
تنهنجي نور ۾ آ عجب نور پيارا،
دادا واسواڻي سنڌين جا سونهارا.

٢.انئي پهر انيءُ جي جوتي جڳائين،
جپين جاپ پريوءَ جو ۽ ٻين کي جپائين،
وهي گيان گنگا جي تو مک مان ڌارا،
دادا واسواڻي سنڌين جا سونهارا.

٣.تون تياڳي تپسوي سچو سنت آهين،
تون گياني، تون ڌياني سچو ڪنت آهين،
وصل ڪيئہ پرين سان تو پر ۾ پيارا،
دادا واسواڻي سنڌين جا سونهارا.

٤.تون ڀڳتيءَ ۽ شڪتيءَ جو ڀنڊار آهين،
تون هيڻن جو حامي ۽ آڌار آهين،
سوين ڪن ٿا سجدا تنهنجي در دلارا،
دادا واسواڻي سنڌين جا سونهارا.

ستگر ياد پون

مونکي ستگر ياد پون،
منهنجا مرشد جلد ملن.
کريان ياد سدا تن کي،
سي موتي ماڳ اچن.

۲. وينڻي تن کي مان سارِيان،
کندي ياد هنجون هاريان،
ڏيان ڏيرج دل کي مان،
ته به بوندون بس نه کن!
مونکي ستگر ياد پون.

۲. منهنجي دل کي هوءُ چاڻن،
منهنجو سنيهه آهي ساڻن،
کيڏو دُور هوندي دلبر،
منهنجي کيئن نه ٿا سار لهن!
مونکي ستگر ياد پون.

۳. سنهنجا روحاني راڻا،
سي ته سد سد نماڻا،
کريان سندن جڏهن تصور،
جهٽ سک جا لڙڪ لڙن!
مونکي ستگر ياد پون.

۴. پنهنجو پيار پيئارن ٿا،
دليون تنتل سي ٺارين ٿا،
''**آهها**'' پريم جو سي اوتار،
ڏسي تن کي نيڻ ٺرن!
مونکي ستگر ياد پون.

سڀ جو خير

پيارا سڀ جو گهر تون خير،
ڪڍ پنهنجي اندر مان غير.

١.حاسد پاڻ کي هاجي رسائي،
رک ڪنهن سان ڪين ڪي وير.

٢.قدم قدم تي ترڪڻ بازي،
تون ڪڍجِ سنڀالي پير.

٣.هرڪُ نه هارج هن دنيا تي،
آهي دنيا رک جو ڍير.

٤.جيو برهم ۾ ڀيد نه ڪوئي،
وجهي مايا تي ته ڏُقير.

٥.''**آشا**'' تو سان ڪيئن به هلي ڪو،
ڪڻ سڀ سان سهڻو پير.

ويچار - ٨٧

ديا جنهن جي دل ۾ سوئي منش آهي،
دياوان جو يش دنيا تي ڳائي.

ويچار - ٨٨

نڪي ڏوهه تنهنجو نڪي ڏوهه منهنجو،
وڻي جنهن وڏي آ سڄو ڏوهه تنهنجو.

جئہ جئہ جهوليلال

جئہ جئہ جهوليلال سائين جئہ جئہ جهوليلال!
سيني کي کيو مالا مال، سيني کي کيو مالا مال.
سائين جئہ جئہ جهوليلال ....

١. هندو ڌرم جي رکشا خاطر وٺي آئين اوتار،
سچ جي جئہ جئڪار ڪئي ٿيو ظالم جو تہ زوال.
سائين جئہ جئہ جهوليلال ....

٢. جيڪي تنهنجي جوت جڳائين من جون مرادون پائن،
جيڪي تنهنجي شرڻ اچن ٿا تن سان ٻلائين ٻال.
سائين جئہ جئہ جهوليلال ....

٣. جوتين وارا انترجامي تنهنجي مؤج مدامي،
کير ۾ کنڊ ڪر اچي سنڌين کي ننگ ڪڇاڻ ننگپال.
سائين جئہ جئہ جهوليلال ....

۴. ”آها“ تنهنجي در تي سوالي ويندو در تان مؤر نہ خالي،
وڙ ڪر وروڻ ديو تون والي ڄاڻين ٿو سڀ حال.
سائين جئہ جئہ جهوليلال ....

ويچار - ٩٠

جيڪو رکي وشواس ٿو،
تنهنجو سدا ٻيڙو پار.

عشق جو رستو

عشق جو رستو اڻانگو ڪين ٿئي ساٿي تيار،
جي مرڻ چاهين تہ ملندءِ محب جو منڙو پيار.

۱. هڪ تکو طوفان آ چولين ۾ ڏاڍو شور آ،
درد جي درياھ ٻوڙيا پريمي ڪيئي بيشمار.

۲. آسرو لاهي گهڙيا جي محبتي مهراڻ ۾،
سي تري هن سمنڊ مان پهتا وڃي دلبر دوار.

۳. قرب ۾ آهن ڪنڊا ءِ ڪين ڪي سهڻا گلاب،
پيار ڪنڊن سان رکيو جن سي ٿيا خوشبوُ پندار.

۴. جي وصل جي وات چاهين، ڪر خوديءَ کي تون ختم،
جن فنا ڪيو پاڻ کي سيئي بڻيا خود مختيار.

۵. پيچ پريتم سان ٻنڌڻ آهي سراسر ئي ڏکيو،
"آشا" ڇڏ دنيوي تمنائون تون پسڻ چاهين جي يار.

ويچار - ۸۹

شڪر ڪر شڪر ڪر شڪر ڪر ادا،
شڪر ءِ صبر سان ملي سک سدا.
نہ دانهن ڪرڻ سان ٿو دک دوُر ٿي،
مٺو آهہ ميوو تہ رب جي رضا.

پريتم اجان نہ آئين

پريتم اجان نہ آئين، تنهنجو انتظار آهي،
توکي پسڻ لئہ دلڙي ڏاڍي بيقرار آهي.

۱. سوارٿ جو سنيهہ مونکي مڙني ڏنو منا آ،
پر تو جهڙو نہ مونکي ڏنو ڪنهن بہ پيار آهي.

۲. ساگر تون پريم جو مان بس بوُند لاءِ پياسي،
ڪر پياس پوُري پريتم تنهنجي اختيار آهي.

۳. مصريءَ کان وڌ منو تون آهين نرم مکڻ کان،
تون آهين پرم پوتر، مون ۾ وڪار آهي.

۴. تنهنجي آمد تي جانب دل جو ڪنول تہ ٽڙندو،
آهين جتي تون دلبر خزان ۾ بهار آهي.

۵. عيبن ۾ مان اُگهاڙي ڍولڻ ٿي تون ڍڪج مون،
تنهنجو نالو پوشيدهہ پرسڌ ستار آهي.

۶. دنيا جون چاهنائون هرگز نہ ٿيندون پوريون،
"**آشا**" تنهنجي وصل جو بس طلبگار آهي.

ويچار - ۹۲

اڇي ٻار ٻڌجي جو پريوءَ جي دوار،
پريوُ ٻيي ڪري ٿو انهن کي پيار.

ديا ڪر

ديا ڪر ديا ڪر ديا ڪر ڏٽي!
مونکي تنهنجي ڪرپا جي گهرجي ڪٽي!

١. گنهگار آهيان ڏنگايون نہ ڏس،
شرڻ تنهنجي آيس ڪميا ڪر ڪٽي.
٢. شهنشاهہ عالم نوازش تون ڪر،
جنهن تي تنهنجي درشٽي تنهن جي بگڙي بٽي.
٣. نڪي يوگہ مان ڪا ڪمائي ڪئي،
نہ سوريم تنهنجي نام جي سمرٽي.
٤. سواسن جا هيرا وڃايم گهٽا،
بچي باقي ٿوري آ گذري گهٽي.
٥. بندو آهہ بيوس نہ وس ٿو هلي،
ٿئي ڳالهہ سائي جا توکي وٽي.
٦. ”**آشا**“ تنهنجي در تي آ سائل سدا،
پنهنجي مهر جي ڏي تون مالڪ مٽي.

ويچار - ٩١

سندرتا سرهاڻ بنا پشپ نہ وڻن ڪنهنکي،
سيرت نہ جنهنجي سهٽي مان نہ ملي تنهنکي.

پريوءَ وس

پريوءَ جي وس سڀ ڪجهہ آهي،
بندو بيوس لاچار پيارا!
1.ڪک پي پيجي ڪري ڪين ڪي ٻيٺو،
دؤلت طاقت هوندي آهي هيٺو،
ڪري ڪرائي ڪرتار پيارا!
پريوءَ جي وس سڀ ڪجهہ آهي.
2.جيوَ پلي ڪيڏيون ٻوڙون پائي،
ٿيندي اُها جا پريو چاهي،
آهي ڏڏن ڏاتار پيارا!
پريوءَ جي وس سڀ ڪجهہ آهي.
3.سياٽپ سائين وٽ نہ هلي ٿي،
پاس خاطري ڪين چلي ٿي،
هوُ آهي خود مختيار پيارا!
پريوءَ جي وس سڀ ڪجهہ آهي.
4.ڪال بہ راوڻ جي وس ۾ هو،
ڪيئن نہ متيءَ ۾ متي ٿيو سو،
ڪر نہ ”آهَا“ اهنڪار پيارا!
پريوءَ جي وس سڀ ڪجهہ آهي.

ويچار - 93

سنائڻ ٻين کي وڏو پاپ آ،
ونڻ دل ٻين جي وڏو جاپ آ.

ڪڏهن درشن ڏيندين

ڪڏهن درشن ڏيندين مراري!
مان برهه جي ماري ماري!

۱. روئي روئي رات گذاريان،
تو لئه ڪرشڻ ويٺي نهاريان،
طلب نه ٻي ڪا تات اندر ۾،
پسان توکي مان هڪواري،
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري!

۲. من مندر ۾ توکي ڏيايان،
لڙڪن جي مالها توکي پايان،
پياس ۾ ويٺي آنءُ پڪاريان،
ڪر مونکي پنهنجو ٻهاري،
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري!

۳. جيون جيوٽي ويندي وسامي،
تڏهن ايندين ڇا تون سوامي،
ملندءِ منهنجي پسر پوءِ توکي،
ويندين موٽي تون گرڌاري،
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري!

۴. تنهنجي سڪ جي سمرڻي سوريان،
اڄ ته توسان حال مان اوريان،
سسڪيون سڏڪا پيٽ ٽي منهنجي،
”آهه“ تو بن آ دکياري،
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري!

منهنجا محبوب

منهنجا محبوب منڙا اچان ڪين آئين،
ايڏي دير دلبر تون ڇو ٿو لڳائين؟

١.روئي روئي راتيان مان توکي پڪاريان،
مان دم دم دلبر پئي توکي ساريان.

٢.آهيان تنهنجي راڻا، تون ئي سر جو سائين.
مان تنهنجي سڪايل، تون ويتر سڪائين.

٣.ڪڏهن قرب وارا اڱڻ منهنجي ايندين،
اچي مون پياسيءَ کي ديدار ڏيندين.

٤.ورهه ۾ لڇان ٿي، نه ٻيو ڪجهه ڪڇان ٿي!
تنهنجي پار جا ويني پانڌي پڇان ٿي.

٥.تون ئي درد دکڙا ته منهنجا مٽائين،
اُکهي لڙڪ منهنجا تون ڇاتيءَ لڳائين.

٦.''آها'' وصل جي ٿي مونکي جيئاري،
تڏهن ٿي پيارل مان تنهنجي سهاري.

ورهيءَ جا ورلاپ

١. سارينديءَ توکي سڄڻ نيڻ وهائن نير،
ڏي ڏي دل کي ڪير ٻيو آهي من اڏير؟
ٽيو آهيان دلگير، ورهه ويڳاڙو ڪيو.
٢. ورهه ويڳاڙو ڪيو اڄ لهه تون سار،
مندون موٽي آيون، ڪين موٽئين منٺار،
ڪير ڪري ٻيو پيار؟ جانب منهنجي جيءَ جا.
٣. جانب منهنجي جيءَ جا تنهنجا پل پل پون پوُر،
تنهنجي درد، فراق ۾ ملن ڪٿا مٺا انگور،
ڪنهن سان سليان سوُر، ساجن منهنجا سپرين.
٤. ساجن منهنجا سپرين، توکي دم دم ساري ساهه،
پيار ڏنو تو پريتم هردم مونکي اٿاهه،
ڪير ڪري ٻيو سماءُ، تون هئين منهنجو قدردان.
٥. تون هئين منهنجو قدردان، تون هئين سچو وينجهار،
دل منهنجيءَ جا پارکو، منهنجا غمگُسار،
تون اڄ لهج سار، تو بن "**آها**" اُداس آ.

ويچار - ٩٤

سارينديءَ سڄڻ کي ڳوڙها پيا ڳڙي،
ور ور لڙڪ لڙي، اکين آب وهايو!

٢. سواءِ تنهنجي ساجن پيو نا وسيلو،
نذر مان نبل مان هلي ڪين حيلو،
نظر مهر جي ڪر توکي پڪاريان،
سڄڻ توکي ساريان، اکين ۾ وهاريان.
٣. چمان چرڻ تنهنجا ڇاتيءَ ڇپائين،
"آها" جي عرضي پريتم اگهائين،
سنگر سونهارا سڀ توتان واريان،
سڄڻ توکي ساريان، اکين ۾ وهاريان.

جوٺي پريت

پيارا! جوٺي جڳ جي پريت،
آ سوارٿ جو هر ميت.

١. جن پريمين کي پنهنجو ڄاڻئه،
موڙها من تن مان ڇا پاڻئه،
آئين اڪيلو، ويندين اڪيلو،
آهي جڳ جي اها ريت،
پيارا! جوٺي جڳ جي پريت.

٢. جنهن تي تون آهين ديوانو،
سا دنيا تي مسافرخانو،
رهيو نه ڪوئي استت هتڙي،
جڳ جي اها آ ريت،
پيارا! جوٺي جڳ جي پريت.

٣. انب پوکيندين انب پائيندين،
اڪ پوکيندين اڪ کائيندين،
ڪرمن جو ڦل هرڪو پوڳي،
"آها" قدرت جي هيءَ نيت،
پيارا! جوٺي جڳ جي پريت.

اکڙيون سڪن ٿيون

جيجل جوڳين لئہ اکڙيون سڪن ٿيون،
اکڙيون سڪن ٿيون، رويو روئن ٿيون.
1. انئي پهر جن کي ساريان اندر ۾،
ساريندي جن کي اکڙيون ٺمن ٿيون.
2. من ۾ مچايو محبت جو مچ جن،
تن جي ورهہ ۾ دوهيون دکن ٿيون.
3. سپني ۾ ساجن کيون روح رهاڻيون،
جاڳندي بہ پل پل ياد سي پون ٿيون.
4. پريتم سواءِ ٻيو مان کجھ کين چاهيان،
دنيا جون چيزون نہ مونکي وڻن ٿيون.
5. آهن اُميدون اڄ اوس ايندا،
ڏسي جن کي ”آها“ اکڙيون ٺرن ٿيون.

اکين ۾ وهاريان

سڄڻ توکي ساريان، اکين ۾ وهاريان،
اکين ۾ وهاريان، اندر پنهنجو ناريان.
1. ڪري ياد توکي ٿي دلڙي نماڻي،
تنهنجي ورهہ ۾ ڏاڍي ويڳاڻي،
اچ تون اڄ ۾ هنجون ويني هاريان،
سڄڻ توکي ساريان، اکين ۾ وهاريان.

٢.صحت ۾ سمت ڏي ڪري وڄ تون والي،
جپيان نام تنهنجو ۾ ٻين کي جپايان.
٣.تنهنجي ڪيڏي ڪرپا ڏنو منش چولو،
ڪندي سيوا سمرڻ سڦل سو بڻايان.
٤.اناسڪت ٿي مان رهان هن جڳت ۾،
”آها“ ورتي چت جي مان توسان لڳايان.

ستگر

ستگر تنهنجا گيت ڳايان مان،
مالها لڙڪن جي پايان مان.

١. آن ۽ اڻ تارون تري نه ڄاڻان،
وچ سير ۾ لڳه تيا ساٿان،
تنهنجي واهر لئه واجهايان مان،
ستگر تنهنجا گيت ڳايان مان.

٢. دوُر ڪيو ٿا دک دکين جا،
پيٽ پريو ٿا پيٽ بکين جا،
مهر نظر لئه ٻاڏايان مان،
ستگر تنهنجا گيت ڳايان مان.

٣. رڏين سڏين جا مالڪ آهيو،
پريمين جي ٿا بگڙي بڻايو،
شرڻ اوهان جي آهيان مان،
ستگر تنهنجا گيت ڳايان مان.

٤. گياني آهيو ڌياني آهيو،
”آها“ صورت سُبحاني آهيو،
رج چرنن جي لڳايان مان،
ستگر تنهنجا گيت ڳايان مان.

پريوءَ جو در

پريوءَ جو در ڪليل تہ آهي،
شرڻ اچي تنهنڪي پنهنجو بڻائي.
۱. پريوءَ جي در ڇو نہ ٻاڏائين،
گُهر تنهن ڪان جو ڪين موٽائي.
۲. نوڪر ڏين ٿا دنيا جا در،
ڏس ڀڳوت جو در ڪڙڪائي.
۳. ڪنهن ۾ اُميد نہ رک تون پيارا،
مالڪ تنهنجي آس پڄائي.
۴. پريو تو ڪان پري نہ هرگز،
تنهن کي پريم سان ڏس پرچائي.
۵. پاڻ ڪري ڇڏ هوت حوالي،
هردم هوت اُنهيءَ کي چاهي.
٦. گهرڻ ڇڏي ڏي جڳ کان **”آها“**،
رازق سڀ کي روزي رسائي.

هي پرماتما

صبح جو سويلي تنهنجا گيت ڳايان،
تنهنجا گيت ڳايان تنهنجو ڌيان ڌيايان.
۱.سائين تنهنجي سڪ جي سدا سوريان مالها،
ڪندي ياد توکي لڙڪ مان وهايان.

ستگر مهر کري

جڏهن ستگر مهر ڪري،
تڏهن جيوَ جو ڀاڳ وري.
١. ستگر آهي دين ديال،
سد سد آهي هوُ ڪرپال،
پارس وانگر پريمن کي هوُ،
لوهہ مان سون ڪري،
جڏهن ستگر مهر ڪري.
٢. سوريءَ مان هوُ ڪنڊو بڻائي،
ڪنڊن ۾ ٻيي گل اُپجائي،
ڇاتيءَ پنهنجي تن کي لڳائي،
سڀ ڪشٽ ڪليش هري،
جڏهن ستگر مهر ڪري.
٣. جو پد يوگي يوگہ مان پائن،
گياني اندر ۾ ڌيان ڌيائن،
سو پد گرو سيوا مان پائن،
تو جيو جڳت مان تري،
جڏهن ستگر مهر ڪري.
٤. گرو چرنن رج آ گنگا جل،
ميل مٽائي ڪري سو نرمل،
ساکي چيتن ڏسي سين ۾،
”**آها**“ ڏسي ڏسي پيو تري،
جڏهن ستگر مهر ڪري.

پريم وڏايو

پيارا! پاڻ ۾ پريم وڏايو،
اوهان گڏ گووبند جا ڳايو!

١.شبريءَ رام کي سک سان ساريو،
پاڻ پريو شري رام پڌاريو،
کيو شبريءَ جنم سڄايو،
پيارا! پاڻ ۾ پريم وڏايو!

٢.دلبر دل کان دُور نه ناهي،
پريو پريم جي وس ۾ آهي،
سک سان تنهن کي ريجهايو،
پيارا! پاڻ ۾ پريم وڏايو!

٣.کرما جي کچڙي کاڌائين،
نامديو جو کير پيتائين،
اوهان سائينءَ کي سرچايو،
پيارا! پاڻ ۾ پريم وڏايو!

٤.وياپک سڀ ۾ سائين آهي،
ساري سرشٽي پاڻ هلائي،
اوهان کنهن کي کين رنجايو،
پيارا! پاڻ ۾ پريم وڏايو!

٥.پريم جتي آ پريو تتي آ،
شانتي آنند ”آها“ اُتي آ،
کيو سڀ کي سکي، سک چاهيو،
پيارا! پاڻ ۾ پريم وڏايو!

ستگر سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي آرتي

جئہ گرو شانتي پرڪاش سوامي ستگر شانتي پرڪاش،
ڌرتيءَ تي اوتار هئين تون اُڏري وئين آڪاش!

١. برهم نِشٺي برهم شروتري، هئين تون برهم گياني،
انت ويلي پيي ڌيان مگن تون ستگر هئين ڌياني.

٢. ايش ڀڳت تون، ديش ڀڳت تون، گئو رڪشڪ سوامي،
دکين بکين جو تون تہ سهارو هيڻن جو حامي.

٣. ڪروڻا جو تون ساگر پريم جو هئين سوَروپ،
ديش وديش ۾ رنگہ رچايا ليلا تنهنجي اَنوپ.

٤. پريم پرڪاش منڊل جا چندرما روشن ڪئي تو راهہ،
ستنام ساڪي منتر ڏيئي ستيہ جي بتائي راهہ.

٥. سوامي ٽيئونرام جي سکيا تو گهر گهر ڦهلائي،
سوامي سروانند جي جوتي تو ستگر چمڪائي.

٦. پريم جا پشپ ٿا ارپيون ڌيان تنهنجو ڌيايون،
جئہ جئڪار منايون ستگر آرتي تنهنجي ڳايون.

٧. شرڌا سان ٿا سيس نوايون سوامي تنهنجي در،
’آشا‘‘ عرض ڪري ٿو ستگر سنگت تي ڪرپا ڪر.

سوامي شانتي پرڪاش هو محب منو منتار،
ڪروڻا جو ساگر هو، پريم سندو اوتار.
سار لڌائين دکين جي، هو اڙين جو آڌار،
ڏنائين سيني کي پيار، جانب منهنجي جيءَ جو.

معافي ڏجاءِ

مهر ڪجانءِ معافي ڏجاءِ،
معافي ڏجانءِ منهنجا سائين!
١. چڪر ويوهه ۾ ڦاٿو آهيان،
ان مان ڪيئن مان جند ڇڏايان،
تون مڪت ڪجانءِ منهنجا سائين!
معافي ڏجانءِ منهنجا سائين!
٢.ڪين ڏسج تون منهنجون مدايون،
ڪامل مون ۾ ڪيئي ڪچايون،
تون ڏک ڏکجانءِ منهنجا سائين!
معافي ڏجانءِ منهنجا سائين!
٣.موهه جو ناتو جڳ سان توڙيان،
چت جي ورتي توسان جوڙيان،
مونکي سمت ڏجانءِ منهنجا سائين!
معافي ڏجانءِ منهنجا سائين!
٤.قدم قدم تي ڪرپا تنهنجي،
بن ڪرپا ''آشا'' هلي نہ ڪنهنجي،
تون پت رکجانءِ منهنجا سائين!
معافي ڏجانءِ منهنجا سائين!

ويچار - ٩٥

ڏيهه ۾ ڏيئا ٻرن تا، ڏيل ۾ ڏيئا ٻرن،
پڳوان ڪر ڪرپا اها، آيا آهيون تنهنجي شرن.

پريتم پڌاريا

پريتم پاڻ پڌاريا پڌاريا،
جن لئہ تي مون هنجون هاريا.

۱. سندن اکين ۾ نوُر نوراني،
راھہ ڏيکارن ٿا روحاني،
تن من ڌن تن تان مان واريا،
پريتم پاڻ پڌاريا پڌاريا.

۲. مشڪل کي آسان هوُ ڪن ٿا،
خوشين جا ڀنڊار ڀرن ٿا،
دک درد اچي جن ٽاريا ٽاريا،
پريتم پاڻ پڌاريا پڌاريا.

۳. آنءُ اڻ تارون، غوطا کاڻم،
ڀوَساگر جو پار نہ پاتم،
اچي منهنجا ٻيڙا تاريا تاريا،
پريتم پاڻ پڌاريا پڌاريا.

۴. ڪيئن نہ خوشيءَ مان **''آشا''** روئي،
چرڻ سندن لڙڪن سان ڌوئي،
تنل هردا جن ٺاريا ٺاريا،
پريتم پاڻ پڌاريا پڌاريا.

ويچار - ٩٦

ڳڻن وارو ماڻهو سدائين وڻي ٿو،
هجي توڙي ڏاريو نہ پنهنجو ٻڻي ٿو.

ڏاتر کي ڏور

ڏي ڏاتر کي ڏور،
بندا! ڏي ڏاتر کي ڏور.

۱.ڏاتر کي جن ڏور ڏني آ،
جيت جڳت ۾ تن جي ٿي آ،
تون نام جي سمرڻي سور،
بندا! ڏي ڏاتر کي ڏور.

۲.اُدم ڪرڻ انسان جو ڪم آ،
ڦل نہ ڏيڻ ڀڳوان جو ڪم آ،
تون ڪرم جو چرڪو چور،
بندا! ڏي ڏاتر کي ڏور.

۳.ارجن واڳہ ڏني ڪرشن کي،
جيت پاتي ماري دشمن کي،
ارجن ٿيو شهہ مور،
بندا! ڏي ڏاتر کي ڏور.

۴.پاڻ پريو تو ٿاهي ڍاهي،
تنهنجي وس ۾ ڪجهہ ڀي ناهي،
پنهنجي اندر تڪ تور،
بندا! ڏي ڏاتر کي ڏور.

۵.پريوءَ جي ڪر پاڻُ حوالي،
ساري جڳہ کي ''آهه'' پالي،
تون تنهن سان اُورون اور،
بندا! ڏي ڏاتر کي ڏور.

٦. هر هر تو لئہ هنجون هاريان،
درشن لئہ ڏينهن رات پڪاريان،
اچي ڪر ''**آهٰا**'' تي ڪهڪاءُ،
منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ.

ننگ ڪٽجاڻ

ننگي ننگ ڪٽجاڻ ننگپال آهين،
ننگ پال آهين رڪپال آهين.
١. ڪوليءَ کي ڪڻ ڏين، هاٿيءَ کي ڏين مڻ،
رزق ڏين تو سڀ کي جڳپال آهين،
ننگي ننگ ڪٽجاڻ ننگپال آهين.
٢. پليل آهيان پٽڪيل وتم شرڻ تنهنجي،
شرڻ آئي سان ڪندو پلا پال آهين،
ننگي ننگ ڪٽجاڻ ننگپال آهين.
٣. جنهن تي تنهنجي ڪرپا، لڳي واءُ نہ ڪوسو،
ڪندين ڪرپا ''**آهٰا**'' تي، تون ڪرپال آهين،
ننگي ننگ ڪٽجاڻ ننگپال آهين.

ويچار - ٩٧

ڪر نہ تون ڪنهنجي گلا، ڏاڍي تکي تلوار آ،
جو ڪري تو، جو ٻڌي تو، سو سزا حقدار آ.

ڪرشن ڪنعيا آءُ

منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ،
توتان صدقي ڪريان مان ساه.
١. اکڙيون توکي پسڻ لئه آتيون،
پايان ور ور تو لئه جهاتيون،
ڪونهي جيون تي ڪو جتاءُ،
منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ.
٢. شيام شبي تنهنجي اکين سمايان،
من مندر ۾ مان توکي ڏيايان،
منهنجي من جو توسان لڳاءُ،
منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ.
٣. برج ۾ وچ تون راس رچائي،
پريم سندي برسات وسائي،
پوءِ لڳندو سڻائو واءُ،
منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ.
٤. ڏس نه تون منهنجون شيام ڪچايون،
مون ۾ آهن ڪيئي مدايون،
ڪريان ڏاڍو ٿي پڇتاءُ،
منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ.
٥. گوپيون ڳائيون توکي سنڀارن،
آب اکين مان وينيون هارن،
لهه تن جو سڌ تون سماءُ،
منهنجا ڪرشن ڪنعيا آءُ.

ستگر سوامي سروانند مهاراج

سوامي سروانند ها سنت سچا لاثاني،
سنت سچا لاثاني سي برهم گياني.
۱. تياڳ تپسيا جي ها مورت،
ڀڳتي گيان جي هو ها صورت،
برهم نشٺ، ها برهم ڌياني،
سوامي سروانند ها سنت سچا لاثاني.
۲. ستنام ساکي منتر ڏنائون،
دکين جا دک دور ڪيائون،
سچي راهہ ڏسيائون روحاني،
سوامي سروانند ها سنت سچا لاثاني.
۳. پکين پسن جي سار لڌائون،
سوالين جا پورا سوال ڪيائون،
اُپڪاري نشڪام ها داني،
سوامي سروانند ها سنت سچا لاثاني.
۴. پريم پرڪاش منڊل جا راڻا،
"آها" سد سد هئا نماڻا،
ويا سئر ڪري سي سيلاني،
سوامي سروانند ها سنت سچا لاثاني.

ويچار - ۹۹

شڪر ڪر شڪر ڪر سدائين ادا،
شڪر ۽ صبر سان ملي سک سدا،
نہ دانهن ڪرڻ سان ٿو دک دور ٿي،
مٺو آهہ ميوو تہ رب جي رضا.

ٿيءُ سجاڳ

دنيا مانجهادي جو ماڳہ،
پيارا! ننڊ مان ٿيءُ سجاڳہ!

١. پرمن ۾ پيو من پتڪائين،
ننڊُن ڪندي تون سواس وڃائين،
ننڊ ندوري نهوڙي نيندءِ،
توکي ڏسڻو پوندو ڏهاڳہ،
پيارا! ننڊ مان ٿيءُ سجاڳہ!

٢. ستگر سنتن چرنن ويهي،
شيوا ۾ ڪر سڦل تون ديهي،
سواس سواس سان نام جپي تون،
تون ڪولج پنهنجو ڀاڳہ،
پيارا! ننڊ مان ٿيءُ سجاڳہ!

٣. ستپرشن جو سنگ ڪري وٺ،
گيان وگيان سان جهول ڀري وٺ،
نام جي پونجي سنگرهہ ڪر تون،
”**آشا**“ تون ڳاءِ روحاني راڳہ،
پيارا! ننڊ مان ٿيءُ سجاڳہ!

ويچار - ٩٨

بانور نہ ڪر پيارا هتي، مهمان ڏينهڙا چار تون،
ڪر ياد رب کي تون سدا، سوچي تہ ڪر وهنوار تون.

جئہ ماتا

منهنجي سڀ ڪجهہ آهي ماتا،
سرو سکن جي سا آهي داتا.
١. قدم قدم تي رکشا ڪري ٿي،
جڳہ جنني سان آهہ وڏاتا.
٢. آد شڪتي جڳ دمبا مئيا،
آد جڳاد ڪان جنهن سان ناتا.
٣. رشي مني جنهنجو ڏيان لڳائن،
ديو ديوين گڻ جنهنجا ڳاتا.
٤. جن ڀي صدق رکيو ماتا ۾،
تن من جا تن مطلب پاتا.
٥. لڙڪن جا گل پيٽ ڌريان ٿو،
''**آشا**'' نيڻ درشن لاءِ آتا.

پريو ڪندو ڪم راس

پريوُ ڪندو ڪم تنهنجا راس،
تنهن ۾ سدائين رک وشواس.
١. بگڙيل ڪم تو مالڪ ٺاهي،
سڀ ڪجهہ هن جي هٿ ۾ آهي،
صدق رکي ڪر تون ارداس،
پريوُ ڪندو ڪم تنهنجا راس!

دلبر دادل شاهہ

منهنجا دلبر دادل شاهہ،
تنهنجي درشن جي آ چاهہ.

۱. نوُري تنهنجو نوُر نرالو،
جنهن آ پسيو سو ٿيو متوالو،
آيو تنهنجي اندر اُجالو،
ڪر مون تي بہ اهڙي نگاهہ،
منهنجا دلبر دادل شاهہ.

۲. پريم جي منڙي بنسي وڄائي،
راڌي شيام جي ڏوُم مچائي،
ستيہ سنيهہ جي جوت جڳائي،
تو رب جي ٻڌائي راهہ،
منهنجا دلبر دادل شاهہ.

۳. جيڪي آيا تنهنجي پناري،
تن کي لڳايئہ قرب ڪناري،
جيون نؤڪا وچ تون تاري،
منهنجا مرشد نوُري ملاح،
منهنجا دلبر دادل شاهہ.

۴. محبت جو وٺين مينهن وسائي،
اُجڙ دلين کي سبز بڻائي،
برهہ جو وٺين ''آها'' دونهون دکائي،
ويا گذري تہ ڪيئي ماهہ،
منهنجا دلبر دادل شاهہ.

سمرڻي سور

کنهن سان پيارا حال نہ اور،
سائينءَ جي ويھي سمرڻي سور.
١. جن کي سمجهي پنهنجو پيارو،
ڪيئن نہ سي ڪن تا توکان ڪنارو،
وڃ نہ تن تان گهوران گهور،
سائينءَ جي ويھي سمرڻي سور.
٢. سپني کي تو ساپيا سمجهين،
ناحق تو اُلجهن ۾ اُلجهين،
درشتا تي ڏس، چپ نہ چور،
سائينءَ جي ويھي سمرڻي سور.
٣. ڇٻي ڇٽي هردم ڳالهائيج،
مذر مذر تون سنيہ سٽائيج،
پنهنجي من ۾ تڪ ۽ تور،
سائينءَ جي ويھي سمرڻي سور.
٤. جيئن ڪري مرضيءَ جو مالڪ،
”آها“ تون مالڪ جو ٻالڪ،
ڏاتر هٿ ۾ تنهنجي ڏور،
سائينءَ جي ويھي سمرڻي سور.

ويچار - ١٠٠

جيڪي پڙهيو تي سو تون هنداءِ،
شيوا سمرڻ ۾ جيون سڦل بڻاءِ.

٢. راضي ڪرڻ جي چاهين راڻو،
تيءُ سدائين تون تہ نماڻو،
داسن جو تنهنجو پيارا داس،
پريوُ ڪندو ڪم تنهنجا راس!
٣. ”آها“ جنهنجي وڏي وڏيائي،
جنهنجو سمرڻ آ سکدائي،
تنهن جي ملڻ جي رک تون پياس،
پريوُ ڪندو ڪم تنهنجا راس!

دلبر

دل دلبر تو لئہ ماندي آ،
تنهنجي قرب جي قيد ۾ باندي آ.
١. تون حال منهنجو سڀ ڄاڻين ٿو،
تون دل منهنجيءَ کي پڇاڻين ٿو،
رکي لوڪ پري مونکي ڪيڏو سڄڻ،
تنهنجو منهنجو ناتو انادي آ،
دل دلبر تو لئہ ماندي آ.
٢. ڪڏهن ايندين اڱڻ ۾ پير پري،
دل سڏڪي سڏڙا ڪري،
ڪيڏا ڪانگہ اُڏايم تو لئہ پرين،
ڪنهن خبر نہ ”آها“ آندي آ،
دل دلبر تو لئہ ماندي آ.

نام سان ناتو

نام سان ناتو جوڙ پيارا! نام سان ناتو جوڙ،
من مايا کان موڙ پيارا! من مايا کان موڙ.

١. جن کٽنبين لئه ڪوڙ ڪمائين سي ئي توکي ڏنگيندا،
ناحق موهه چڪر ۾ ڦاسي مٿو نه پنهنجو ڦوڙ.

٢. جڳت پدارٿ جيو جڳت جا سڀ پاڻيءَ جا ڦوٽا،
تون پاڻي کين ولوڙ پيارا! پاڻي کين ولوڙ!

٣. سهڻي ڪايا سهڻي مايا، رشي مني پنيلائي،
رسنا، اکين جي رس ۾ ريجهي، ٻيڙو نه پنهنجو ٻوڙ.

٤. ”آها“ نام سان نينهن لڳائج، هڪ پريوءَ جا گڻ تون ڳائج،
لنو لالڻ سان لائڻ چاهين ته دنيوي ناتا توڙ.

آلين اکين سين

تنهنجا پوُر پل مان پريتم پچايان،
مان آلين اکين سين تنهنجا گيت ڳايان.

١.ٽيان مان نه مالهڻ تنهنجي چمن ۾،
چونڊي پشپ پيارل مان تو لئه وڇايان،
مان آلين اکين سين تنهنجا گيت ڳايان.

٢.ويا ورهيه گذري ٽيس مان جوڳياڻي،
اڇي حال ڏس تون ورهه ۾ ويڳاڻي،
ڪڏهن ڪانڌ ايندين مان واٽون واجهايان،
مان آلين اکين سين تنهنجا گيت ڳايان.

شري ڪرشڻ ڀڳوان

جڏهن ڌرتيءَ تي ويو وڌي اتياچار،
ڌرم ڪرم ويو ناس تي چؤڌر هاهاڪار!
آئين وني اوتار جڳ جي رکشا واسطي.

١. ڪنس جو سنهار ڪيو، سچ جي جئہ جئڪار،
دروپديءَ جي لڄ رکيئہ، گنگا جو اُڌار،
ڀڳت وتسل منڻار ڪرشڻ ڪنعيا تون هئين.

٢. ارجن کي يڌ کيتر ۾ تو گيتا ٻڌائي،
سٽي گيان گيتا جو مت ارجن کي آئي،
ڪئي شروع لڙائي، پنهنجي حق جي واسطي.

٤. موهن تنهنجي مرليءَ مست ڪيو سنسار،
گوپيون گوال ۽ گانيون ڦريا تي چؤڌار،
ليلا اپر اپار، تنهنجي گرڌر گوپال.

٥. اڄ ڀارت تي ڀيڙ آ، آءُ وني اوتار،
سهي سگهي ٿي ڪين سان ڌرتي ايڏو بار،
روئي زارون زار ڪر تون رکشا ڌرم جي.

٦. ڪر تون رکشا ڌرم جي اڇي بانڪي بهاري،
سورهن ڪلا سمپورڻ تون ''آهيا'' گرڌاري،
وڄ ڏيئي مراري، سکيا ڪرم يوگ جي.

امرت ويلي

پرڀاتي

امرت ويلي جاڳي جاڳي پريو جو ڪر سمرڻ تون،
پريوءَ جو ڪر سمرڻ تون چيتن جو ڪر چنتن تون.

۱. ساڃي هٿ ۾ لڇمي ۽ سرسوتيءَ جو واسو ٿئي،
گوبند جو بہ واسو اُن ۾، ڪر پهرين تنهن جو درشن تون.

۲. ماتا پتا توکي جنم ڏنو آ، گروءَ ڏنو توکي گرو منتر،
تن جي اڳيان نت مستڪ ٿي وار وار ڪر وندن تون.

۳. مايا مالڪ جي آ امانت تنهن ۾ ڪر نہ خيانت تون،
دکين، بکين، بيمارن شيوا ۾ سڦلو ڪر تن ڏن تون.

۴. ايشور توکي مانش ديهي املهہ رتن سوغات ڏني،
تنهن جو تون سد اُپيوگہ ڪري بڻج سچو پيارا ڪنچن تون.

۵. سنگر سنتن جون سکيائون سونهپ ”آهڻ“ ڪن ٿيون سدا،
تن کي هيئين ساڻ هنڊائي، سڦلو ڪر پيارا جيون تون.

ويچار - ۱۰۱

اٿي تون پرڀات جو، چت جو چرکو چور،
ويهي تون ايڪانت ۾، نام سمرڻي سور.

ويچار - ۱۰۲

ديا جنهن جي دل ۾ سوئي منش آهي،
دياوان جو يش دنيا ٿي ڳائي.

٣.تو ڪوڏي ڪسيءَ ڪي آ هيرو بڻايو،
”آها“ تي مهر جو تو مينهنڄو وسايو،
تنهنجي آهه رحمت مان ڪجهه ڪين آهيان،
مان آلين اکين سين تنهنجا گيت ڳايان.

اي بندا!

بندا! تنهنجي وس ڪجهه ناهي،
ڏوري ڏاتار هٿ ۾ آهي.

١. جيئن هلائي شڪر ڪر،
شڪر شڪر سان سدا صبر ڪر،
سگهندين ڪين ڪي تون بدلائي،
بندا! تنهنجي وس ڪجهه ناهي.

٢. سياٽپ تنهنجي ڪين ڪي هلندي،
سائينءَ جي در هلندي نه پڄندي،
ٿيندو اُهو جيڪي رب چاهي،
بندا! تنهنجي وس ڪجهه ناهي.

٣. ”آها“ رٿيون ڪين رٿج تون،
واڳ پنهنجي واليءَ کي ڏج تون،
توکي پار پريو پهچائي،
بندا! تنهنجي وس ڪجهه ناهي.

٦. تنهنجو هنڙي ڪجهہ پي ناهي،
جيڪي ڏسين تو سپنو آهي،
آهي ڪٽپنگر سنسار پيارا!
تنهنجو هنڙي .....

٧. ويل وهامي هٿ نہ ايندءِ،
رام بنا ڪو ''آها'' سات نہ ڏيندءِ،
پريوءَ سان ڪر پيار پيارا!
تنهنجو هنڙي .....

جوڳي شل جيئن

اُهي جوڳي شل جيئن ، جيڪي هتڙا منهنجا چمن،
١. سي محبت جي مُورت،
سدا سڪ جي سي صورت،
ڏين پيار سپن ڪي ٿا، ڏسي جن کي نيڻ ٺرن!
٢. آهن روحاني راڻا،
سي سد سد نماڻا،
جيسين ٻيو ڪو تن کي نمي، تيسين پاڻ ٿا ٻين کي نمن!
٣. سدا تن کي ٿي ساريان،
ڪندي ياد هنجون هاريان،
منهنجي سر جا سائين سي، شل پاڻ کان پاسي نہ ڪن!
٤. جن سان دل جي ڳنڍيل آ تار،
لهن ڪيڏي ٿا سي سار،
''آها'' وڏا سندن احسان، ڪندي تصور نيڻ ٺمن!

اهنڪار

چا تي ڪرين اهنڪار پيارا!
تنهنجو هتڙي ڪجھ يي ناهي!

١. سڪندر قارُون متيءَ ملي ويا،
ڪوڙي يي سي ڪين ڪٽي ويا،
ويا روئندا زارون زار پيارا!
تنهنجو هتڙي .....

٢. ڪال اڳيان ڪنهنجي هلندي نہ پڄندي،
سهٽي ديهہ تنهنجي چڪيا چڙهندي،
جلي ٿيندي پوءِ چار پيارا!
تنهنجو هتڙي .....

٣. مت مائٽ مطلب جا آهن،
سنگي ساٿي تنهنجا ناهن،
سڄو سوارث جو وهنوار پيارا!
تنهنجو هتڙي .....

٤. عهدي جي آڪڙ آ اجائي،
طاقت تي تون ڪر نہ وڏائي،
ڪنهن تي نا اعتبار پيارا!
تنهنجو هتڙي .....

٥. ڦوڪ هوا جي جنهن مهل لڳندي،
سهٽي عمارت پٽ تي پوندي،
تون هاڻي ٿي هوشيار پيارا!
تنهنجو هتڙي .....

تنهنجي پياس

موُنکي پياس ماتا آ تنهنجي،
آهي تار ٻنڌيل توسان منهنجي.

١. تن من جو مان تنبورو وڄايان،
گيت تنهنجي مهما جا ڳايان،
ڪر مهر ٻالڪ تي پنهنجي،
موُنکي پياس ماتا آ تنهنجي.

٢. آد شڪتي تون آهين ماتا،
تون ئي آهين سکن جي داتا،
ڪرين اؤکيءَ مان تون سنهنجي،
موُنکي پياس ماتا آ تنهنجي.

٣. تنهنجي ڪرپا ڪيڏي آهي،
هڪ پيي ٿورو سگهان نہ لاهي،
اچي توڙ تائين شل رهجي،
موُنکي پياس ماتا آ تنهنجي.

٤. تنهنجي درشن جي آ ''**آها**''،
چنڊ ڪڙندو ٿيندي دوُر نراشا،
مان ڪاڻ ڪڏان چو ڪنهنجي!
موُنکي پياس ماتا آ تنهنجي.

ڪڏهن ايندين

ڪڏهن ڪانڌ ايندين؟ مان واٽون واجهايان!
مان تنهنجي اچڻ لئہ ٿي اکڙيون وڇايان.

١.ويا ورهيہ گذري ٿيس مان جوڳياڻي،
اچ حال ڏس تون ورهہ ۾ ويڳاڻي،
جدائيءَ ۾ جانب واساما ٿي ڳايان،
ڪڏهن ڪانڌ ايندين؟ مان واٽون واجهايان!

٢.نذر مان نماڻي تنهنجي در جي گولي،
سياڻو تون راڻو پلپل مان تہ پولي،
نہ ڏس عيب منهنجا، تنهنجي ٻانهي آهيان،
ڪڏهن ڪانڌ ايندين؟ مان واٽون واجهايان!

٣.روئي روئي جانب مان سڏڪا پريان ٿي!
اچي لڙڪ اُگهہ تون توکي ياد ڪريان ٿي،
لکيم گيت ''**آشا**''، سي توکي سڻايان،
ڪڏهن ڪانڌ ايندين؟ مان واٽون واجهايان!

ويچار - ١٠٣

خاوند جو جن کي خيال،
تن جي لهندو پاڻ سنڀال.

پرين پاڻ ايندا

پرين پاڻ ايندا، دک دوُر ٿيندا،
دک دوُر ٿيندا اچي ڏيِ ڏيندا.

١. ورهين کان مان وڇڙيل آهيان ويڳاڻي،
تن جي فراق ۾ ٿيس مان جوڳياڻي،
کري قياس مونکي ديدار ڏيندا،
پرين پاڻ ايندا، دک دوُر ٿيندا.

٢. انئي پهر جن کي تن من ۾ ساريان،
مان سڏڪا پريندين هنجون ويڻي
ھ ا ر ي ا ن ،
اُکهي لڙڪ منهنجا اچي ڏيِ ڏيندا،
پرين پاڻ ايندا، دک دوُر ٿيندا،

٣. سواءِ تن جي آهيان اديون مان ڏهاڳڻ،
ايندا محب منڙا تہ ٿيندس سهاڳڻ،
کري کهل ”**آها**“ نظر کي تہ نيندا،
پرين پاڻ ايندا، دک دوُر ٿيندا،

سگهو اچن سپرين منهنجو ساري جن کي ساھ،
پسان پنهنجي پرين کي، پويون ٿيم پساھ!

سنت ڪنوررام صاحب

سنت ڪنوررام هو پيارو،
سنڌي پڳتن جو تہ سونهارو.

١. جروارن ۾ جنم لڌائين،
سائين سترامداس گرو ڪيائين،
ٽيو هند سنڌ ۾ هاڪارو،
سنت ڪنوررام هو پيارو.

٢. لولن لنگڙن کي پيار ڏنائين،
گونگن ٻوڙن جي شيوا ڪيائين،
هيو بيواهن جو سهارو،
سنت ڪنوررام هو پيارو.

٣. نياز ۽ محبت جي هو مورت،
ڪندل ڪنن ۾ سهڻي صورت،
هيو پيلي پڳڙيءَ وارو،
سنت ڪنوررام هو پيارو.

۴. مڌر مڌر آواز هو هن جو،
تاثير وارو سُر هو جنهنجو،
ويو ''**آها**'' وڄائي وارو،
سنت ڪنوررام هو پيارو.

سچو آنند

نظم

عمر ساري سائين اجائي وڃائي،
وساري توکي دل دنيا سان لڳائي.
دنيا جي رسن ۾ نہ رس آهي ڪوئي،
جو ڀوڳي تو تن کي ٿئي روڳي سوئي.
ڏٺم ڪيئي ڏنوان ڏاڍا دکي،
ڪي اؤلاد وارا بہ ناهن سکي.
ڪي ودوان هوندي بہ بڻجن اگياني،
اهم جي ڪري ڪن ٿا ڪيڏي ناداني.
سکي ڪين سياست ۾ ڪوئي گذاري،
ڪڏهن ڪرسي پيارا ٿي پٽ تي وهاري.
ٻڌم راجا ڪيئي ٿيا رنڪ آهن،
سکي عهدي اسباب وارا بہ آهن.
ڏسڻ ۾ هي ميلو پر آهي جهميلو،
دنيا مان ڪري ڪوُچ هرڪو اڪيلو.
سچو سک تہ سمرڻ ۽ سيوا ۾ آهي،
گروءَ جي ڪرپا سان ڏٺو آزمائي.
پريوُ پيار سيوا ۾ ڳوڙها ڳڙن ٿا،
اُهي موتي آهن لڙڪ جي لڙن ٿا.
عمر سيوا سمرڻ ۾ ڪر تون سجائي،
”**آها**“ تون ڪندو رهہ سين سان ڀلائي.

ڌيرج

ڌيرج سان ڪم ٿيندو راس،
تڪڙ نہ ڪر تون پيارا ڪڏهين.

١. تڪڙ ڪرڻ سان ٿئي نقصان،
ماڻهو ٿئي ڏاڍو پريشان،
چت جي شانتي ڪُل ٿي ناس،
ڌيرج سان ڪم ٿيندو راس.

٢. تڪڙ ڪري جو سو پڇتائي،
ٻہ ٻہ وڃائي ڇهہ ٻہ وڃائي،
من ٻہ ٿئي ٿو ڏاڍو اُداس،
ڌيرج سان ڪم ٿيندو راس.

٣. صبر ۽ ڌيرج آهي جنهنکي،
لوڪ سڏن ٿا سنت تہ تنهنکي،
پريو ڪري تنهن تي ڪرپا خاص،
ڌيرج سان ڪم ٿيندو راس.

٤. ڪين اڏير تي ڪڏهن تون "**آها**"،
شڪتيشالي آ صبر جي پاشا،
پياري پريوءَ ۾ رکہ وشواس،
ڌيرج سان ڪم ٿيندو راس.

۵. لوڀ ۾ سک نہ سمجھ تون ”آشا“،
لوڀ ڪري پيدا ٿو نراشا،
لوڀ ڇڏي وٺ تياڳہ جي وات!
تياڳہ ٿو پريوءَ ساڻ ملائي،
لوڀ ڪٿي سان گڏ ڪارائي!

سائينءَ کي سنڀارج

پرڀاتي ڀڄن

صبح جو سويلو سائينءَ کي سنڀارج،
سائينءَ کي سنڀارج تنهن جو ڏيان ڌارج.

١. ڇڏي ڦرنا جڳہ جا تون ايڪانت ويهي،
پنل دل سان پيارا تون پريوءَ کي پڪارج.

٢. دنيا جي درياھ ۾ ڪيچ، مڇ ۽ واگھو،
چڙھي نام نؤڪا جيون پنهنجي تارج.

٣. دنيا جا هي ڪم ڪار ٿيندا ڪين پورا،
پريوءَ جي ملڻ لئہ اُتي ڀوتو ڀارج.

۴. پريو پريم سان ئي، ٿئي تو نہ پرسن،
رکي پياس دل ۾ پريوءَ کي پڪارج.

۵. اجان ڪيسين ”آھا“ ستل رهندين ننڊ ۾،
اُٿي نام جپ تون ڳالهيون ڀيون وسارج.

لوڀ

لوڀ نہ ڪر تون اي انسان!
لوڀ ڪتي سان گڏ ڪارائي!

۱. لوڀ ڪرڻ سان لوڀ وڌي ٿو،
آخر ماڻھوُ دکي ٿئي ٿو،
جڳھڙا جھيڙا ٿين ٿا خوب،
لوڀ ڪورٽ جا در ڪڙڪائي،
لوڀ ڪتي سان گڏ ڪارائي!

۲. لوڀ سبب ٿو ڪوڙ ڪمائين،
روحاني شڪتي ٿو وڃائين،
من بہ ڏاڍو رھي اشانت!
لوڀ ماڻھن جي ننڊ ڦٽائي،
لوڀ ڪتي سان گڏ ڪارائي!

۳. جوئاري ڪيئن جوئا ڪري ٿو،
داءُ لڳائڻ کان نہ ڏري ٿو،
لالچ جي وس داءُ ھٽي!
ڪٽيل بازي ٿو ھارائي،
لوڀ ڪتي سان گڏ ڪارائي!

۴. لوڀ جي وس ڪيئن موذي مري ٿو،
لوڀ جي باھہ ۾ پيو سڙي ٿو،
ڪين رھي ڪا شناخت ٿي!
پاءُ پاءُ سان لوڀ ويڙھائي،
لوڀ ڪتي سان گڏ ڪارائي!

محب ملن

منهنجا محب منا منٺار ملن،
روئي روئي جن لئہ نيڻ سڪن.
١. انئي پهر مان جن کي سارِيان ٿي،
ويني واٽ وصل جي نهاريان ٿي،
ڪري مون تي عنايت ڪانڌ اچن.
٢. منا مصريءَ کان وڌ محب منهنجا،
ٿا پل پل پوُر پون تن جا،
ڏاپي کين ٿي دل لکين لوڪ ملن.
٣. جن جي درد فراق ۾ آهيان چري،
ڪري قياس مون تي سي ايندا وري،
ڪندي تصور تن جو لڙڪ لڙن.
٤. "آها" اڱڻ منهنجي سي اوس ايندا،
دل درد واريءَ کي ڏڍ ڏيندا،
اچ ڪانگل ٿا اهڙي لاٽ لون.

جدائيءَ ۾

جدائيءَ ۾ جانب وڌي بيقراري،
گهڻا سال گذريا ڪندي انتظاري.
١.خطا کين ڏس تون خطا بخش آهين،
تنهنجي در تي خانود سدا توبه زاري.

ڏڻيءَ کي عرض

ڪلام

مڙئي مدايون مالڪ مون ۾،
تون تہ سخي سردار سائين.

۱. پنھنجي ناليءَ جو ننگ رک ننگي،
تون تہ سدائين سچو سنگي،
تون آھين ديا جو ڀنڊار سائين.

۲. بندو سدائين آ اڌپورو،
تون آھين پريو پورڻ سمورو،
تون آھين پروردگار سائين.

۳. آھيان سائين آنءُ اياڻو،
سياڻن ۾ تون آھين سياڻو،
تون ڏڻن جو ڏاتار سائين.

۴. ڏکڙا ڏسي منھنجو ڏيل ڏري ٿو،
تو بن ٻيو نا فضل ڪري ٿو،
ونگو ڪجاءِ نا وار سائين.

۵. ساري جڳ جو بار کڻين ٿو،
خالي ڪوھ تون سائين پرين ٿو،
منھنجو بہ کڻجاءِ بار سائين.

۶. ڪين ڏسج تون منھنجون ڪچايون،
ڀولڻ ٿي تون ڀڪج ڀلايون،
تون آھين بخشڻھار سائين.

۷. ”آھا“ تنھنجي در جو سائل،
باجھ تنھنجيءَ جو آھي قائل،
ڪرپا ڪجاءِ ڪرتار سائين.

مٺا محبوب

سچي رات اکڙين رنو زار زار،
پيئاريو اوهان ڪيڏو مونکي پيار.
۱. نہ لائق مان آهيان آ لائقي اوهانجي،
اوهانجي ديا آهي مون تي اپار.
۲. نہ گياني نہ ڌياني الڙ آءُ آهيان،
ٻڌي آ ٻاراڻي، اجان آهيان ٻار.
۳. نہ مايا جي چڪر ۾ آنءُ ڀلجي وڃا،
سدائين وڃايان مان سک جي ستار.
۴. پنهنجي ئي هٿن ۾ سهاڳڻ ڪجو،
منهنجا محب منڙا منهنجا ڀتار.
۵. ”**آها**“ تي عنايت سدائين ڪندا،
جتي ڀي هجو لهجو منهنجي سنڀار.

صبر شڪر

سدا صبر شڪر ۾ رهہ تون،
ڪڏهن ڪنهنکي ڪجهہ بہ نہ چئہ تون.
۱. ڪو ڪسو هلي ڪو ڀڪو هلي ڪو،
ڀلي کهڙي ڀي ڪو چال چلي ڪو،
پر تون نہ ڪڏهن ڪنهنکي کهہ تون، سدا صبر شڪر .....
۲. هڪ هڪ سنت آهہ ڪيڏو سنو،
مڃو ڀاڻو پريوءَ جو ڪري منو،
تيئن تون ڀي پيارا سهہ تون، سدا صبر شڪر .....
۳. جيڪو سهندو سوئي لهندو،
سو ئي پريوءَ کي پيارو لڳندو،
”**آها**“ بکيو هجين چئہ ڍئُہ تون، سدا صبر شڪر .....

۲.حجت نا هلي ٿي حبيبن سان ڪنهنجي،
مٿي ٿي مٿيءَ ۾ ملي وڃ موچاري.
۳.ڪچان ڪين ڪنهن سان لڇان ٿي اندر ۾،
اچي ڏي ڏي دلبر برهہ جي مان ماري.
۴.دنيا جا لطف بي لطف سڀ لڳن ٿا،
اڱڻ منهنجي ايندين تہ ٿيندي بهاري.
۵.الڙ ''آشا'' اڻچاڻ، هٿان هام کھڙي!
عنايت تنهنجيءَ سان تہ سرِ ٿيندي ساري.

ستگر ڪرپا

ستگر جي جنهن تي ڪرپا آهي،
ياڳن وارو سوئي آهي.
۱.شرڌا رکي جو شرڻ وٺي ٿو،
تنهنجا دکڙا پاڻ مٽائي.
۲.دنيا جي لهرن لوڏن مان،
ڪامل مرشد پار پچائي.
۳.گرو منتر جو جاپ جپي جو،
پونجي سچي ٿو سوئي ناهي.
۴.ستگر جي جيڪو سيوا ڪري ٿو،
چار پدارٿ سوئي پائي.
۵.ستگر جي جيڪو آگيا مڃي ٿو،
سوئي گيان جي جوت جڳائي.
۶.منزل تي سو پهچي ''آشا''،
ستگر جي جو سکيا هنڌائي.

سجاڳي

پرڀاتي

صبح جو سويلو سجاڳي ڏي سائين،
سجاڳي ڏي تون سائين منو نام جپائين.

١.دنيا جي ڏيڻ ۾ گپي مان پوان تو،
ڏيڻ مان ڏٽي تون مونکي شل بچائين.

٢.ڦاٿو آهيان موهه جي چڪرويوهه ۾ مان،
تون ئي تنهن مان سائين منهنجي جند ڇڏائين.

٣.ٻُرو ڪين سوچيان، ڪريان نا برائي،
ڪريان شڀ ڪرم مان سمت ڏي تون سدائين.

٤.ننڊ، فون، ڦرنن، ڦريو وقت ڪيڏو،
جيون سنجها هاٽي، سڦل تون بڻائين.

٥.ڇڏي چنتا پريو ڪريان تنهنجو چنتن،
”آهيا“ سُرت پريو شبد سان ملائين.

ويچار - ١٠۴

اُتي تون پريات جو نام سمرٽي سور،
ڦُرنا ڇڏي جڳت جا نام سان ورتي جوڙ.

اُٿي نام جپ

پرڀاتي

سمهڻ جو نہ آهي سمو هي پيارا،
اُٿي نام جپ تون ڇڏي ننڊ گينوارا.

١.گهڻا سال سستيءَ ۾ ويرٿ وڃايا،
اڃان ڪيسين سمهندي سائين جا سنواريا،
اُٿي نام جپ تون ڇڏي ننڊ گينوارا.

٢.املهہ هيرا ماڻڪ اَٿي سواس تنهنجا،
قدر ڪر تون تن جو پي امرت جي ڌارا،
اُٿي نام جپ تون ڇڏي ننڊ گينوارا.

٣.هي سنسار ساگر مهاپاري آهي،
چڙهہ نام ٻيڙيءَ تہ پائين ڪنارا،
اُٿي نام جپ تون ڇڏي ننڊ گينوارا.

٤.ومڪ نام ڪان ٿي تون مايا ۾ اُلجهي،
ٿي سنمک سائينءَ سان تہ ٿيندين سوپارا،
اُٿي نام جپ تون ڇڏي ننڊ گينوارا.

٥.رکي شرڌا "**آشا**" شرڻ وٺ گروءَ جي،
گرو تنهنجا ڪامل ميٽيندءِ مونجهارا،
اُٿي نام جپ تون ڇڏي ننڊ گينوارا.

راضي رھہ

جيڪي پريو ڪري راضي رھُہ تون،
سردي گرمي صبر سان سھُہ تون.

۱. سڪ جا ساڏن سوين مليا تي،
پيارا! تنھنجا ياڳہ ڪليا تي،
سچو لال اندر ۾ لھُہ تون،
جيڪي پريو ڪري راضي رھُہ تون.

۲. سمرڻ ۾ ڪر سواس سجايا،
شيوا ۾ ڪر سڦلي مايا،
سدا دکين بکين سان وھُہ تون،
جيڪي پريو ڪري راضي رھُہ تون.

۳. ڪري جو رازق راز رکيل آ،
دک جي پويان سک تہ ڇپيل آ،
ھي بہ گذري ويندو چئُہ تون،
جيڪي پريو ڪري راضي رھُہ تون.

۴. ست ڪرمن جو ونءُ سھارو،
پوءِ دوُر نہ آھي ڪنارو،
''آھا'' پاپ ڪرم کان ٽھُہ تون،
جيڪي پريو ڪري راضي رھُہ تون.

پرين آيو

پرين پاڻ پيهي منهنجي اڱڻ آيو،
ڪليا پاڳه منهنجا ٿيو لايو سڄايو.

١.سالن کان هئي سڪ سڄڻ جي ملڻ جي،
اکين ۾ هئي اُڇ پريتم پسڻ جي،
اڇي محب منڙي منهنڙو پسايو! پرين پاڻ .....

٢.نه لائق هئس مان سندس لائقي آ،
منهنجي دل ۾ هن لئه صرف شائقي آ،
اڇي پاڻ پريتم گلي سان لڳايو! پرين پاڻ .....

٣.اڇي لڙڪ اُگهيائين ڏيئي پيار پنهنجو،
نه لاهي سگهان ''**آها**'' ٿورو مان هنجو،
ڪري فضل مون تي پنهنجو بڻايو! پرين پاڻ .....

ويچار - ١٠٥

پريتم منهنجا پيارا پيارا!
آهن منهنجي اکين جا تارا،
محبت جي صورت هوُ آهن،
رهن لوڪ ۾، پر لوڪ کان نيارا!

وڏڙن جي آسيس اڏيندءِ

وڏڙن جي آسيس اڏيندءِ،
ڪر تن جي شيوا نشڪام پيارا.

١. شروڻ وانگر ڪر تون شيوا،
آسيسن جا توکي ملندءِ ميوا،
تون پائيندين وشرام پيارا!

٢. شيوا ڪرڻ ۾ دير نہ ڪر تون،
دعائن سان پنهنجو دامن ڀر تون،
تون ويندين مڪتي ڌام پيارا!

٣. مهل جي ٿهل ڏاڍي قلدائي،
شيوا ۾ ڪر جيون سجائي،
توکي ملندءِ راڌي شيام پيارا!

٤. اندر مان آسيس جا نڪري،
بگڙيل ڀاڳہ تو تنهن سان وري،
سڀ پورڻ ٿين تا ڪام پيارا!

٥. درويشن جي خدمت ڪر تون،
تن سان "آها" محبت ڪر تون،
ڏيندءِ خزانو نام پيارا!

پريوءَ لئہ پياس

پريوءَ لئہ آ پياس جِني کي،
پريو تن کان ڪين پري.

١. ياد ڪيو جن پريم سان پريو،
پاڻ پريو آيو پير پري.

٢. چقمق کان وڌ سڪ ۾ چڪ،
اچي پريو ٿو اوتار ڌري.

٣. پريم ۽ شرڌا جن جي پريوءَ ۾،
پريو تن جا ڪارج ڪري.

٤. پياس وارن پاتو پريوءَ کي،
سڏون ڪندڙ پريوءَ کان پري.

٥. پريوءَ گروءَ لئہ لڙڪ جي لاڙن،
ٿي آئي وپدا تن جي ٽري.

٦. پياس ۾ ''آشا'' جن بہ پڪاريو،
ساگر مان ٻيڙي تن جي تري.

ويچار - ١٠٦

شبريءَ جي گهر آيو رام،
پريم جي وس آ سندر شيام.

ڀڳوت گيتا

١. گيتا گيان جو آ گلزار،
گيتا گيان جو آ ڀنڊار.

٢. گيتا گوبند جو آواز،
تنهن ۾ آ روحاني راز.

٣. گيتا گيان جي جوت جڳائي،
گيتا ڪرم جي راهه ٻتائي.

٤. جيو برهم جو ڀيد ڀڏائي،
سنسا من جا مڙئي مٽائي.

٥. شري ڪرشڻ ڏنو ارجن کي گيان،
شروڻ ڪيو ڏيئي پورو ڌيان.

٦. شروڻ چنتن منن ضروري،
جي چاهيو ٿا شانتي پوُري.

٧. گيتا امرت واٽي آهي،
عمل ڪري سو مڪتي پائي.

٨. ''آها'' آنند جي ٿا چاهيو،
گيتا جو سڀ گيان هنڊايو.

پياري پاپي سدوري ٻائي
وشنداس ڏاميجا جي ياد ۾

امان جيجل منهنجي جوڳياڻي،
ساري ساھہ تو توکي سنتياڻي.

۱. سُرت شبد سان تو تہ ملائي ڇڏي،
پنهنجي منزل آتم پد ۾ اڏي،
سواس سواس جپيو شري واهگرو،
گرو نانڪ شاھہ جي پڳتياڻي،
امان جيجل منهنجي جوڳياڻي.

۲. احسان لکين مون تي تنهنجا،
ڪير سهندو انگل آرا منهنجا،
جائي جم کان ڪيڏو پيار ڏنئہ،
دل تو بن منهنجي ويڳاڻي،
امان جيجل منهنجي جوڳياڻي.

۳. ماتا مدالسا جيان تو گيان ڏنو،
جوڳہ ماتا جو مونکي ڌيان ڏنو،
سنتوش شيل جي سکيا ڏني،
ائي پھر پڙهي تو گرباڻي،
امان جيجل منهنجي جوڳياڻي.

سچا سنت

١.سنت سچا پريوءَ جا پيارا،
لنؤ لالڻ سان لائن ٿا.
٢.سواسن جي مالها هوُ سوري،
ڏيان ڏٺيءَ جو ڏيائن ٿا.
٣.نام جي پونجي سنگره ڪن ٿا،
گڻ گوبند جا ڳائن ٿا.
٤.سڀ ۾ والي وياپڪ سمجهي،
سڀ جي سيوا ڪمائن ٿا.
٥.پاڻ جپن هوُ نام هريءَ جو،
لوڪن کي بہ جپائن ٿا.
٦.نام جو امرت ڏئي پياسين کي،
تن جي پياس بجهائن ٿا.
٧.سک جي، صوُرت سنت سدائين،
سڀ کي گلي لڳائن ٿا.
٨.ٻاڙو ڪنهن سان ڪين ڪي ٻولن،
مڌر وچن هوُ سڻائن ٿا.
٩.لوڪن ليکي رهن جڳت ۾،
شبد سان سُرتي ملائن ٿا.
١٠. اگيانين جي دل ۾ هوُ ،
گيان جي جوت جڳائن ٿا.

نئين روشني ڏي

نئين روشني ڏي! اندر تي اُجالو،
پيئان ۾ پيئاريان پري پريم پيالو.
۱) پسان توکي پريتم سدائين مان هرهنڌ،
اهڙو نوُر نيڻن ۾ ڏي تون نرالو.
۲) وٺان وات وحدت ۾ محبت جي هردم،
عمل مان کريان شل شاهہ جو رسالو.
۳) نہ غيرت رهي، گهران خير سڀ جو،
خدا جو مان خادم ”آشا“ ڀالو ڀولو.
۴) مان گوشي نشينيءَ ۾ هاڻي گذاريان،
مان دم دم پڪاريان صرف تنهنجو نالو.

ويچار - ۱۰۷

سچ تي صاحب راضي آهي،
سچ وارو ئي سوڀ تہ پائي.

ستگر جي آسيس

ستگر جي جنهن تي آسيس آهي،
ڪير نہ سگهندو تنهنکي ڏاهي!

١.حاسد ويري ڪيڏا هجن پل،
ڪوئي نہ سگهندو هاڄي رسائي.

٢.ستگر ڪرپا جو چٽ جنهن تي،
وار ونگو تنهنجو ٿيندو ناهي.

٣.ستگر جو جيڪو نام جپي ٿو،
تنهن جو جيون سڦلو آهي.

٤.دنيا جي ڀوَ ساگر مان،
ستگر تنهنکي پار لڳائي.

٥.ستگر جي جو راهہ هلي ٿو،
ڪوئي نہ سگهندو تنهنکي منجهائي.

٦.ستگر جي جيڪو سکيا هنڊائي،
پياري پريوءَ کي سو پائي.

٧.''آها'' وٺ تون اوٽ گروجيءَ،
گرو پريوءَ سان توکي ملائي.

١١. نياز نمرتا جي سي صورت،
سڀ کي سيس نوائن ٿا.
١٢. پاڻ پريوءَ جو روپ هوندي،
پاڻ کي ٻُڙي سڏائن ٿا.
١٣. پکين پسن ۾ پريو ڄاڻي،
تن جي جان بچائن ٿا.
١٤. مايا مالڪ جي سڀ سمجهي،
ٻين جي ڀلي لئه لٽائن ٿا.
١٥. بنا چاهه جي رهن جڳت ۾،
هڪ پريتم کي پرچائن ٿا.
١٦. راهه ڏيکاري هوُ نہ روحاني،
روشن راهه ٻڻائن ٿا.
١٧. ڪسو هلي يا پڪو هلي ڪو،
هوُ سڀ جو خير نہ چاهن ٿا.
١٨. پارس هوندي لوهه سڏائن،
پاڻ کي لوڪان لڪائن ٿا.
١٩. لکن دلين جا روحاني راڻا،
مالڪ سان تہ ملائن ٿا.
٢٠. لوڪ ستل جي ننڊ ۾ آهن،
تن کي سنت جاڳائن ٿا.
٢١. سنتن جي وٽ شرڻ پيارا،
جي مهر جو مينهن وسائن ٿا.
٢٢. ڀوَ ساگر جي ڀيڙ مان "**آها**"،
سي ستگر پار لڳائن ٿا.

قربان وڃان

تنهنجي قدمن تان قربان وڃان،
تنهنجا کهڙا ڳورا مڃان!

١. لڙکن جي مان مالها ناهيان،
اڄ تون سائين توکي پايان،
تنهنجا چاهه مان چرڻ مان چمان،
تنهنجي قدمن تان قربان وڃان.

٢. داسي تنهنجي در جي آهيان،
تو بن ساجن ڪجهه ٻي نه چاهيان،
مان ٻيرو کين کي پڇان،
تنهنجي قدمن تان قربان وڃان.

٣. ”آها“ اٿم تون اڱڻ ۾ ايندين،
پاڻ سان پريتم مونکي نيندين،
تنهنجي وات ڏسان پئي اجان،
تنهنجي قدمن تان قربان وڃان.

ويچار - ١٠٨

زبان جنهنجي منڙي، سو سڀ کي وڻي ٿو،
هزارن دلين جو سو راڻو بڻي ٿو.

سهان ڪيئن جدائي

سچي رات گذري ننڊ ڪين آئي،
متا محب منهنجا سهان ڪيئن جدائي.

۱.دنيا جي درياهہ ۾ وڪارن جون ويرون،
تو جيون جي نئيا ڪناري لڳائي.

۲.تنهنجون يادگيريون پون پوُر پل پل،
تو ئي مون منجهيل کي سنئين راهہ ٻڌائي.

۳.ڪيڏي مهر ڪئي تو ڪنڊا پيي ٿيا گل،
خزان وئي ختم ٿي، بهار مند آئي.

۴.پنهنجي پيار جون پياليون مونکي پيئاريون،
ڏنل پيار تنهنجو، پيئاريان سدائي.

۵.مان زيرو هيس، تو هيرو بڻايو،
تو ئي سيوا سمرڻ جي جوتي جڳائي.

۶.تو قدمن قبوليو، منهنجا محب مرشد،
ملي مونکي درشن آ ''**آشا**'' اها ئي.

پاڻ پڏائين

مانس هڏن جو پڃرو آهين،
تون ڇا تي پاڻ پڏائين؟

۱. سچ کي ڇڏي تون ڪچ ۾ اٽڪي،
ترشنڪوءَ وانگر تون لٽڪي،
وينو ناحق پاڻ ڦاسائين!
مانس هڏن جو پڃرو آهين،
تون ڇا تي پاڻ پڏائين؟

۲. جيڪو تو وٽ سان آ امانت،
ڪين امانت ۾ ڪر تون خيانت،
تون ڪجهه ٻي پيارا ناهين!
مانس هڏن جو پڃرو آهين،
تون ڇا تي پاڻ پڏائين؟

۳. پريوءَ سان ڳنڍ نينهن جو ناتو،
جنهن مان ”آهه“ سڀ ڪجهه پاتو،
جو انگ سنگ توسان سدائين!
مانس هڏن جو پڃرو آهين،
تون ڇا تي پاڻ پڏائين؟

ويچار - ۱۰۹

جو ٿئي تو نماڻو،
سو ٻڌجي تو راڻو.

ڇو ٿو پاڻ پڏائين

ڇو ٿو پاڻ پڏائين يار؟

ڇو ٿو پاڻ پڏائين يار؟

١. اڄن وارن کي کارو ڪرڻ لئہ،
ڇو ٿو ڪيس لڳائين يار؟

٢. چئن ڏينهن جو چٽڪو دنيا،
ڇو ٿو محل اڏائين يار؟

٣. مطلب جا سڀ ماڻهو هتڙي،
ڇو تن لئہ ڪوڙ ڪمائين يار؟

٤. خالي پيٽ کي سمهي پون ٿا!
تون عيش ۾ مايا اڏائين يار؟

٥. تن من ڌن سان سيوا ڪري،
ڇو نہ مايا سڦلي بڻائين يار؟

٦. خاڪ جو پتلو خاڪ ٿي ويندو،
تون ڇاتي پاڻ کڏائين يار؟

٧. مانش ديهي درلڀ ديهي،
ويرٿ ڇو ٿو وڃائين يار؟

٨. سنساري سرڇڻ جا ناهن،
ڇو نہ لنوَ لالڻ سان لائين يار؟

٩. ”آها“ ڪرتو ٿي ڪر هاٿي،
پوءِ متان پڇتائين يار؟

جاڳ!

جڳت سارو آهي پريوءَ جو پسارو،
نہ رکہ موھہ ڪنھن ۾ صرف ڏس نظارو.

١.متان ڀلجي مايا چڪر ۾ تون ڦاسين،
جڳت ۾ ڀلي رهہ جڳت کان نيارو.

٢.سهارا ڇڏي سڀ شرڻ وٺ پريوُءَ جي.
پريو ئي سڀن جو سچو آ سهارو.

٣.مايا جي لهرن ۾ تون لڙهندو وڃين ٿو،
چڙهہ نام ٻيڙيءَ تہ ملندءِ ڪنارو.

٤.نہ پئسي پدارٿ ۽ سنتان ۾ سک آ!
دکي ڏاڍو آهن ڪيو جن پسارو!

٥.امانت ۾ خيانت ڪرڻ پاپ آهي،
ورهائج ولهن ۾ تہ ٿيندين سوڀارو.

٦.ڏٺيءَ توکي ڪيڏا ڏنا سک ۽ ساڌن،
سکي ڪر ٻين کي، تنهنجو ورندو وارو.

٧.تون اوديا جي ننڊ ۾ سمهين سال ڪيڏا،
اُٿي جاڳہ ”آهاَ“ تہ کلندءِ ستارو.

منهنجو ستگر

منهنجو ستگر ڪامل آهي،
جيڪو بگڙيل ڀاڳ بڻائي.

١. وڃان ستگر تان ٻلهاري،
منهنجا بار ڪٽي ٿو ڀاري،
وڏا بار مون تنهنتي لاهي،
منهنجو ستگر ڪامل آهي.

٢. منهنجو ستگر آ لاثاني،
آهي پورڻ هوُ برهم گياني،
ٿو من جي اوندهہ مٽائي،
منهنجو ستگر ڪامل آهي.

٣. جيڪو شرڌا رکي اچي دواري،
تنهنجا ستگر ڪارج سنواري،
ٿو تنهن جون اُميدون پڄائي،
منهنجو ستگر ڪامل آهي.

٤. منهنجي ڪيڏي سار لهي ٿو،
سڀني ۾ ڀي پيار ڪري ٿو،
”**آها**“ ننڊ مان اچي جاڳائي،
منهنجو ستگر ڪامل آهي.

سائين کندو ڀلي

سائين کندو سدا سڀ جي ڀلي،
پاڻ ۾ رهو سدا رلي ملي!

١. ايڪي ۾ هي آنند آهي،
سياڻو سدائين غم ٿو کائي،
سکيا اها ستپرش سلي،
سائين کندو سدا سڀ جي ڀلي.

٢. جيڪو ٻين سان ڪري ڀلائي،
پريو تنهن سان سدا سهائي،
ڀاڳ تنهن جي، جي ٽڙندي ڪلي،
سائين کندو سدا سڀ جي ڀلي.

٣. جيڪو وڏن جي ڪري ٿو شيوا،
مالڪ ڏي ٿو تنهنکي ميوا،
ڏس وات هيءَ ''آها'' هلي،
سائين کندو سدا سڀ جي ڀلي.

ويچار - ١١٠

ڪروڌي ڀرين پاڻ جلي ٿو،
پاڻ جلي پوءِ ٻين کي جلائي،
سياڻو ڪروڌ کان پاڻ ڀلي ٿو.

مايا

ڏوھ سمورو منھنجو آھي،
تنھنجو سياڻپ ڏوھ نہ ناھي!

١. موھ ممت جي گھيري ۾ مان،
پاڻ کي پاڻ ڇڏيو ڦاسائي!

٢. تنھنجي سبب کي لڱن لڙايون،
خون جون نديون تو لئہ وھائي.

٣. رت جا ناتا ٽٽي پون ٿا،
رت کي رت سان ٿي ويڙھائي.

٤. آھہ ڪشش ڪا تو ۾ اھڙي
جا ماڻھوءَ جي ننڊ ڦٽائي،

٥. ڪيڏا ٿي ڪڪرم ڪرائي،
تنھنجي ھيڇ ڪتي سان ڪارائي.

٦. پنھنجي چار ۾ اھڙو ڦاسائين،
منشيہ پريوءَ کي ڇڏي ڀلائي!

٧. تنھنجا سياڻپ روپ انيڪ،
رشي مني تو ڇڏيا ڀنيلائي.

٨. جيو برھم وچ تون پت آھين،
گياني سچو اُن پت کي ڊاھي.

٩. رحمت ''آھا'' جنھنتي ڏٺيءَ جي،
سوئي تو کان جند ڇڏائي.

منا ماڻهو

منا ماڻهو ملڻ مشڪل، منٽي جن جي زبان دل آ!
سدائين مشڪ تن منهن تي، ٽڙن ٿا جيئن ڪنول گل آ!
منا ماڻهون منا ماڻهو ......

١. منا ماڻهو، منا ماڻهو، سراپا سون سي آهن،
رهن پل دوُر ڪيڏو سي مگر دل کان پري ناهن،
منا ماڻهون منا ماڻهو ......

٢. اکين ۾ نوُر نوُراني، سندن چمڪي ٿي پيشاني،
ڪندي ديدار نہ دل ڍاپي، سندن صورت آ لاثاني.
منا ماڻهون منا ماڻهو ......

٣. منا ماڻهو نرم نرمل، ڪندي تصور هنجون هاريان،
نہ نيڻن ۾ آ ننڊ مونکي، مان رڳہ رڳہ ۾ ٿو سي ساريان!
منا ماڻهون منا ماڻهو ......

۴. منا ماڻهو وڻن سپ کي، ڪرن موتي ٿا تن منهن مان،
منا مصريءَ کان وڌ آهن، وڃان قربان مان تن تان!
منا ماڻهون منا ماڻهو ......

۵. ملڻ لاءِ منتظر آهيان، سندن ديدار تو چاهيان،
جدائيءَ ۾ سندن ''**آشا**'' ورهہ جا گيت ٿو ڳايان،
منا ماڻهون منا ماڻهو ......

تنهنجي پياس

تنهنجي پياس ۾ مان آهيان ديواني،
ڪڏهن محب ايندين متا منهنجا جاني.

١. مندون موٽي آيون مگر تون نہ موٽئين،
ڪڏهن موٽندين تون دنيا آهي فاني!

٢. جدائيءَ ۾ جانب جس نا جيئڻ ۾،
بنا ڪانڌ تنهنجي ٽيس مان بيگاني.

٣. ونڊيان حال ڪنهن سان هجي حال محرم،
تون ئي روح جو راڻو رهبر روحاني.

٤. ستين سمنڊي وئين تون، تري ڪيئن اچان مان؟
مان اڻ تارون آهيان، تون تارون سيلاني.

٥. خطا جي ڪئي مون تون خطابخش آهين،
نہ ڏس پيار ۾ تون منهنجي ناداني.

٦. وصل جي آ "آشا" نہ ٻي ڪا تمنا،
اچي سيگهہ مِل تون مرشد لاثاني!

دان

دان ڪرڻ ۾ دير نہ ڪر،
من تي ڪو اعتبار نہ ڪر.

۱. اڄ بہ ڪَرڻَ جو نالو آهي،
راجا ٻليءَ جو جس جڳہ ڳائي،
دان ڪرڻ ۾ سوچ نہ ڪر تون،
تون بہ اها پاڙڄ پر،
دان ڪرڻ ۾ دير نہ ڪر.

۲. دان ڪرڻ سان ڏن آ وڌندو،
کوهہ مان پاڻي ڪڍهن نہ کٽندو،
دل کولي تون ڪر دان سدا،
تنهنجي ٿيندي ساري سر،
دان ڪرڻ ۾ دير نہ ڪر.

۳. پريوءَ جي سڀ آهہ امانت،
تنهن ۾ ڪين تون ڪر ڪا خيانت،
ٿي سخي سنسار ۾ رهہ تون،
ڏني ڏٽيءَ مان خالي ڀر،
دان ڪرڻ ۾ دير نہ ڪر.

۴. دان ڪرڻ سان دُور اشانتي،
ملي ٿي من کي ڪيڏي شانتي!
سکي ٿيڻ جي چاهين تون،
دان ڪري دک ڀين جا هر،
دان ڪرڻ ۾ دير نہ ڪر.

سنتن در جي داسي

سنتن جي در جي مان داسي،
تن جي پيار جي آهيان پياسي.

۱. سنت پريو جو نت اوتار،
جڳ جو آيا ڪرڻ اُڌار،
ڪرپا سان ڪٽيندا چؤراسي،
سنتن جي در جي مان داسي.

۲. سنتن جو سنگ آ سکدائي،
ڪلپ ورڪش جان آ ڦلدائي،
سندن چرڻن ۾ متُرا ڪاشي،
سنتن جي در جي مان داسي.

۳. سنت ئي پريوءَ سان ٿا ملائن،
جنم مرڻ ڪان مڪت بڻائن،
”**آشا**“ ڪاٽن موهه جي ڦاسي،
سنتن جي در جي مان داسي.

ويچار - ۱۱۱

منا محب ڏي تون درد جي دوا،
درد جي دوا مان ملندي شفا.

سوامي پريمداس صاحب

سوامي پريمداس هو پيارو،
هيو سنت سچو سونهارو.

١. نام جپيو ۽ ٻين کي جپايو،
ڀوَ ساگر مان پار لڳايو،
ڪيو سوَن پريمين جو نيتارو،
سوامي پريمداس هو پيارو.

٢. دکين جا دک دوُر ڪيائين،
خاليون جهوليون تن جون ڀريائين،
هيو سون دلين جو دلارو،
سوامي پريمداس هو پيارو.

٣. سوامي پريمداس جو جنم ملهايون،
گيت سنتن جي گڻن جا ڳايون،
''آها'' ويو واهه جو وڃائي وارو،
سوامي پريمداس هو پيارو.

ويچار - ١١٥

خوديءَ کي ختم ڪر، تي تون فنا،
پوءِ نينهن ۾ ته آهن نفعا ئي نفعا.

۵. دان ڪرڻ سان ٿي پريوُ پرسن،
دان ڪرڻ سان ٿي پريوُ درشن،
چاهين ديا داتار جي توُن،
تن من ڌن ارپڻ تون ڪر،
دان ڪرڻ ۾ دير نه ڪر.

٦. ڏيندو وڃ تون ڏيندو وڃ تون،
سنتن جو ”آشا“ وچن نه مڃ تون،
ڪين ڪڏهن تنهنجو هٿ منجهندو،
ويسهه واليءَ ۾ تون ڌر،
دان ڪرڻ ۾ دير نه ڪر.

ويچار - ١١٢

ڏي سڀ کي تون دل جو پيار،
ڪنهن سان ڪين تون ڪر تڪرار.

ويچار - ١١٣

خطا بخش آهين خطا معاف ڪر،
نه ڏس ڏوهه منهنجا مونکي صاف ڪر.

ويچار - ١١٤

اجهو اوٽ تون ئي آڌار منهنجو،
سخي تون سڀاجهو مان سائل تنهنجي در.

پريو ڏجانءِ

پنهنجي چرڻن جو مونکي ڏيان ڏجانءِ،
مونکي سُرت سجاڳي گيان ڏجانءِ.

۱. تنهنجي درشن جو پياسي آهيان،
پد پئسو پدارت ڪين چاهيان،
پنهنجي درشن جو مونکي دان ڏجانءِ،
پنهنجي چرڻن جو مونکي ڏيان ڏجانءِ.

۲. تي خادم سڀ جي سيوا ڪريان،
دل پريما ڀڳتيءَ ساڻ ڀريان،
ڪڏهن من ۾ نا ايمان ڏجانءِ،
پنهنجي چرڻن جو مونکي ڏيان ڏجانءِ.

۳. ڪنهنجي دل کي ڪين دکايان مان،
''آها'' سڀ سان ڀال ڀلايان مان،
مونکي منڙي دل ۽ زبان ڏجانءِ،
پنهنجي چرڻن جو مونکي ڏيان ڏجانءِ.

ويچار - ۱۱۶

ڪين ڪنن جو ٿي ڪچو، من ۾ ڪجهه ويچار،
ٻولڙن جي چوڻ تي، ڪين ڪج اعتبار.

در جي گولي

آهيان در جي گولي، توکي ڪيئن وساريان!
جدائيءَ ۾ جانب ويتي هنجون هاريان!

۱. ڪري ٻاجھ ٻانهيءَ تي پنهنجو ڪيو تو،
پري ڪين رهجانءِ مونکي هو چيو تو،
پري پاڻ وئين تون، ڪيئن مان گذاريان!
آهيان در جي گولي، توکي ڪيئن وساريان!

۲. تون محبت جي مُورت، تون يڳتيءَ جي صورت،
منا منهنجا مرشد ڪيئہ ڪيڏي رحمت،
ڏنئہ پيار ڪيڏو سو ٻين کي پيئاريان،
آهيان در جي گولي، توکي ڪيئن وساريان!

۳. جپيان نام تنهنجو ۽ ٻين کي جپايان،
سکيا تنهنجي ستگر هئينءَ سان هنڊايان،
ديا سيوا سمرڻ جي جيوتي مان ٻاريان،
آهيان در جي گولي، توکي ڪيئن وساريان!

۴. ورهہ ۾ ويڳاڻي، ٿيس مان جوڳياڻي،
اچي حال ڏس تون نظر مان نماڻي،
"**آها**" پياس تنهنجي، مان تو لئہ نهاريان،
آهيان در جي گولي، توکي ڪيئن وساريان!

جئہ جئہ شنکر مهاديو

جئہ جئہ شنکر دين ديالو،
پولانات پنداري کرپالو.

١. جيڪو تنهنجو ڌيان ڌيائي،
چارئي پدارٿ سو تو پائي،
جئہ جئہ شنکر دين ديالو.

٢. سيني ڪلائن جو تون داتا،
تون ئي آهين روُپ وڌاتا،
جئہ جئہ شنکر دين ديالو.

٣. اڪي قلي تي تئين تو پرسن،
مڪت تئي جو ڪري تو چنتن،
جئہ جئہ شنکر دين ديالو.

۴. تون ڪرپا جو ساگر آهين،
سوالين کي تون ڪين موٽائين،
جئہ جئہ شنکر دين ديالو.

٥. ”آشا“ تنهنجو آ آياري،
جئہ جئہ پولانات پنداري،
جئہ جئہ شنکر دين ديالو.

ويچار - ١١٧

سواسن جا تا هيرا وڃايون،
ڪال اچي تو جڏهن ڪنڌ تي،
ڳوڙها ڳاڙي پوءِ پڇتايون.

گونگو ٿي گذار

ٻوڙن جي هن دنيا ۾،
تون گونگو ٿي تہ گذار منا!

١.چپ چوريندين دکي تون ٿيندين،
سمجھائڻ مان ڪجھ نہ وٺيندين،
هت ٻوڙن سان وهنوار منا!
تون گونگو ٿي تہ گذار منا!

٢.سچ چوڻ سان مرچ لڳن ٿا،
سچا ماڻھون ڪين وڻن ٿا،
لفظن جا ڪن وار منا!
تون گونگو ٿي تہ گذار منا!

٣.ٻوڙا ٻڌندءِ ڪين ڪي تنهنجي،
هوڏي هٺيلا هلن ٿا پنهنجي،
سي توکي ڪندا بيزار منا!
تون گونگو ٿي تہ گذار منا!

٤.شانت ڪري ”آها“ وقت گذارج،
سڀ سان پنهنجي توڙ نڀائج،
تنهنجي ٿيندي جئڪار منا!
تون گونگو ٿي تہ گذار منا!

تنهنجي آهيان

تنهنجي آهيان، تنهنجي آهيان،
تنهنجي در جي گولي سڏايان.

١. تو بن ڪونهي واهه وسيلو،
هلي نه سياڻپ ڪوئي حيلو.
تنهنجي واهر لئه واجهايان،
تنهنجي آهيان، تنهنجي آهيان.

٢. ڏس نه تون ڏاتار ڏوهه ڏنگايون،
معاف منا ڪر منهنجون مدايون.
تنهنجي مهر لئه مان ٻاڏايان،
تنهنجي آهيان، تنهنجي آهيان.

٣. تنهنجي در جي آهيان داسي،
پيار تنهنجي جي آهيان پياسي.
مان درشن تنهنجو چاهيان،
تنهنجي آهيان، تنهنجي آهيان.

٤. ”**آها**“ جو چنچل من استر ڪر تون،
پنهنجي ڀڳتيءَ سان مونکي ڀر تون.
ڪيئن چنچل من سان ڏيايان،
تنهنجي آهيان، تنهنجي آهيان.

ورهہ ۾

سنگر تنهنجي ورهہ ۾ ويٺي هنجون هاريان!
ويٺي هنجون هاريان مان گوندر ۾ تہ گذاريان.

١. پريم جو ساگر تون هئين، تنهنجي پيار جي مان پياسي،
پريتم ڪيڏو پيار ڏنو تو، ڪيئن پلا سو وساريان،
سنگر تنهنجي ....

٢. ساعت سرندي ڪين هئي، ڪيئي سال لنگهي ويا،
پل پل پوُر پچايان تو لئہ، ويٺي آنءُ پڪاريان،
سنگر تنهنجي ....

٣. جوڳي جانب جادوگر جادو لڳائي وئين جيئہ ۾،
ننڊ نيڻن ۾ ڪين آ، باهہ برهہ جي ٻاريان،
سنگر تنهنجي ....

٤. ڪيڏو رُتبو شان ڪيو تو جنهنجي لائق ناهيان،
تنهنجي ڪرپا ڪيڏي مونتي، ور ور توکي ساريان،
سنگر تنهنجي ....

٥. "**آشا**" خادم تنهنجي در، مالڪ منهنجو تون مٺا،
سنگر تنهنجو ڏيان ڪندي، تتل دلڙي ٺاريان،
سنگر تنهنجي ....

پريوُ ڪرپا

قدم قدم تي ڪرپا تنهنجي، پريو پئي پئي هلائي،
پريو پئي هلائي، پر جيو جي وس ڪجهہ ناهي.

۱. ڪيڏو ٻيو انسان سياڻو، پريوءَ اڳيان آهہ اياڻو،
سياڻپ سائين وٽ نہ هلي تي، چترائي تي ڪيرائي!
قدم قدم تي ڪرپا تنهنجي .....

۲. راوڻ، ڪنس، هرناڪس ڪيڏو، گهمنڊ ڪيوءِ ظلم ڪيا،
بانور پاڻ تي ڪر نہ بندا تون، ڪال سين ڪي متيءَ ملائي!
قدم قدم تي ڪرپا تنهنجي .....

۳. پريوُ تون ئي سرشٽا جڳت جو سڀ جو پالنهار،
پل ۾ ٺاهين، پل ۾ ڊاهين، بندو تہ بيوس آهي!
قدم قدم تي ڪرپا تنهنجي .....

۴. جنهن تي ڪرپا ڪرين تون پريوُ، بلند ستارو تنهن جو،
”آشا“ ڪرپا تنهنجي تي، بگڙيل ڀاڳہ بڻائي!
قدم قدم تي ڪرپا تنهنجي .....

ويچار - ۱۱۹

مانس هڏن جو پڃرو آهين،
پوءِ بہ پاڻ کي پيو پڏائين.

ستگر ساريان ٿو

توکي ور ور ستگر ساريان ٿو،
روئي روئي هنجون هاريان ٿو!

١. ڪندي ڏيان تنهنجو دل پرجي اچي،
توکي پل پل پيارا پڪاريان ٿو.

٢. ڏنئہ پيار پريتم تو ڪيڏو،
تنهنجو پيار پيئان ۽ پيئاريان ٿو.

٣. هيڏا سال سچ ڪيئن گذري ويا،
وينو واٽ وصل جي نهاريان ٿو.

٤. لڙڪن جي مالها پيٽ ڏريان،
تنهنجي صوُرت دل ۾ ڏاريان ٿو.

٥. وڙ ڪيڏا تنهنجا ”آهه“ تي،
هرگز نہ سي مان نہ وساريان ٿو.

ويچار - ١١٨

پاڇن پنيان ڪين ڪي ڊوڙ،
تون پاڻي پيارا ڪين ولوڙ.

سچڻ سائين

سچڻ سائين تو لاءِ مان ويني روئان،
اتم پياس تنهنجا چرڻ مان ڌوئان.

١.چرڻ ڌوئي سو امرت پيئان،
سو امرت پي پي مان سهاڳڻ ٿيئان.

٢.آهي مونکي ايمان سو شل کپيان،
ڏنل نام تنهنجو مان ور ور جپيان.

٣.تنهنجي در جو خادم ٿيان خاڪ مان،
ڪرين جي نوازش ٿيان پاڪ مان.

٤.رهن پل مندر ۾، اٿن غير من ۾،
تون آسيس ڪر مان رهان رام ڌُن ۾.

٥.ٿي گونگو ۽ ٻوڙو جڳت ۾ رهان،
سهن شڪتي ڏي تون صبر ۾ سهان.

٦.فضل جي نظر سان ”**آشا**“ ڏي نهار،
تون جيون جي ڪشتي لڳائيندين پار.

امرت ويلو

هي امرت جو ويلو سمهج ڪين سياڻا!
سُتي تو وڃايا ڪيئي سال اياڻا!

١.تو اوديا جي ننڊ ۾ عمر آ وڃائي،
سومل سان سُتي موُمل رُسي ويو تہ راڻا!

٢.ڪرڻ سئر آئين، دنيا جو تون پيارا!
رسنِ ۾ تو ريجهي، وساريا اباڻا!

٣.وطن توکي ورڻو اَوس پوندو پيارا!
تُرت ڪر تياري سمرُ ناهہ سياڻا!

٤.سدا ڏک صاحب ڪان متيءَ جو تون پتلو،
هنيلا ۽ هوڏي نہ رب وٽ اگهاڻا!

٥.پرينءَ کي پسڻ جي "آها" توکي جي آ!
سندن در جي دز تي، اگهيا جي نماڻا!

ويچار - ١٢٠

دنيوي ڪمن ۾ ڪرين تو چستي،
نام جپڻ ۾ ڪرين تو سستي!

دل جو دروازو

دل جو دروازو تون کول،
هري ٻول هري ٻول هري هري ٻول!

١. در کلڻ سان درشن ٿيندو،
تون ڏسندي هوُ توکي ڏسندو،
تون ٻاهر پيارا کين ٽٽول،
دل جو دروازو تون کول!

٢. سک ڏي سڀ کي کين رنجائيج،
ٻاڙو ٻولي دل نہ دکائيج،
سڀ سان منڙو منڙو ٻول،
دل جو دروازو تون کول!

٣. جيکي اٿي سو ڏيندو رهہ تون،
مسکينن سان ''آها'' وٺہ تون،
مالڪ مهر جو ڏيندو تول،
دل جو دروازو تون کول!

ويچار - ١٢٢

من مندر ۾ جوت جڳاءِ،
گڻ گوبند جا هردم ڳاءِ.

قسمت ڪلي

آهي قسمت اوهانجي ڪلي،
املهہ مانش ديهي آ ملي.

ا. آهہ هيرن موتين ڪان مهانگي،
تنهنکي سمجهو نہ سستي سهانگي،
ڪيو سمرڻ سيوا ۾ سڦل،
ڪندو پرڀوُ اوهانجي ڀلي،
آهي قسمت اوهانجي ڪلي!

٢. هن ديهيءَ ۾ سک سهنج ڪيڏا،
بي ڪنهن جوُڻ ۾ سک ڪين ايڏا،
ست ڪرم ڪريو اوهان پيارا،
ويندي آخر هيءَ ديهي جلي،
آهي قسمت اوهانجي ڪلي!

٣. ڪن چنتائون ٿيون چڪناچوُر،
رهہ ''آها'' چنتائن ڪان دوُر،
ڇڏي چنتائون ڪر تون چنتن،
نِت ستسنگ ۾ وڃ تون هلي،
آهي قسمت اوهانجي ڪلي!

ويچار - ١٢١

چنتائون ڪن چڪناچوُر،
چنتن ڪري ٿو سڀ دک دوُر.

جيجل امڙ

دُعا تنهنجي جيجل ڪيڏي مونتي آهي!
مان هڪڙو بہ ٿورو سگهان ڪين لاهي!

١. ڪيڏي پيار مان تو هيو پاليو مونکي،
پون يادگيريون، وساريان نہ توکي،
هاڻي ڪير مونکي ڇاتيءَ لڳائي،
دُعا تنهنجي جيجل ڪيڏي مونتي آهي!

٢. تون پريوءَ جي پياري جيجل جوڳياڻي،
جپيو نام سڪ سان تو سنتياڻي،
وئين تون حياتي سڦلي بڻائي!
دُعا تنهنجي جيجل ڪيڏي مونتي آهي!

٣. ڏيان ڪنهنکي پيڙون ڇمان چرڻ ڪنهنجا،
پون پوُر پل پل امڙ مونکي تنهنجا،
هنجون وينو هاريان، ڪير پرچائي؟
دُعا تنهنجي جيجل ڪيڏي مونتي آهي!

٤. سرڳ مان امان! ڪا آسيس تون ڪر،
پنهنجي ٻار تي تون مهر جي نظر ڌر،
امڙ! تنهنجي مهما پيو **"آشا"** ڳائي،
دُعا تنهنجي جيجل ڪيڏي مونتي آهي!

(پوجيہ ماتا پاري ٻائي ڪوتومل ڏاميجا ١٥ سيپٽمبر،
٢٠٠٥ پرلوڪ پڌاري.)

آءُ گرڌاري

آءُ گوورڌن گرڌاري!
آءُ شيام سندر تون مراري!

١.روئندي روئندي راتيون گذرن،
راهه تڪيندي ڏينهن ٿا نبرن!
ڪڏهن ايندين تون برج بهاري!
آءُ شيام سندر تون مراري!

٢.من مندر ۾ توکي ڏيايان،
اڇ لڙڪن جي مالها پايان،
وڃان تو تان مان ٻلهاري!
آءُ شيام سندر تون مراري!

٣.تن جو تنبورو آنءُ وڃايان،
گيت ورهه جا ويني ڳايان ،
دکي دل کي ڏي دلداري!
آءُ شيام سندر تون مراري!

٤.ڇو ٿو سڪايل کي تون سڪائين،
"آها" کي ڇو نہ مکڙو پسائين!
ڏي درشن تون هکواري!
آءُ شيام سندر تون مراري!

ويچار - ١٢٣

جو پريوءَ کي سڀ ڪجهہ ارپڻ ڪري،
اُهو ڪين آهي پريوءَ کان پري.

هي جڳت ۽ جيئَ

هي جڳت مسافرخانو آ!
هت ڪنهنجو ڪين ٺڪاڻو آ!

١.جڏهن تو داڻو پاڻي ڪٽي،
تڏهن هرڪو هتان روانو آ!

٢.چڙي هرڪو پنهنجي ياد وڃي،
هي ۽ جيون هڪ افسانو آ!

٣.ويا، جن سان سال گذاريا سي،
هت ڏينهن ٻن جو گذرانو آ!

٤.ڪو رنڪ هجي يا راجا هجي،
سڀ لاءِ ڪال - پروانو آ!

٥.ڪل ڪال جي ڪنهنکي ڪين پوي،
جيو مايا ۾ مستانو آ!

٦.اچي موٗت تو ڪوئي روُپ ڌري،
بس بيماري ته بهانو آ!

٧.هي سپنن جو سنسار آهي،
سچو ''آها'' نام خزانو آ!

منهنجي امان

او منهنجي منهنجي امان!
توکان سواءِ ڪيڏانهن وڃان!

١. ڪنهنکي ڏيان پيڙون امڙ،
ڪنهنجا چرڻ هاٿي چمان؟

٢. تو نپايو چوڇ مان هو،
اچ لاڏ مان ڪنهن سان ڪيان؟

٣. آهيان ڦليو تنهنجي دعا سان،
آسيس اچ ڪنهن ڪان مڱان؟

٤. مون لئہ سٺا تو سوُر سختيون،
احسان لاهي نا سگهان!

٥. منهنجو دک سهي ڪونہ سگهندينءَ،
چوندي هُئَين، ’صدقي وڃان‘!

٦. وئينءَ هلي پرلوڪ ڏي تون،
حال ڪنهن سان مان ونديان؟

٧. تنهنجي لوليءَ رنگ لڳايو،
مان عمر پر تورا مچان!

٨. سمپتي ڏنئہ ست گڻن جي،
تنهن کي وڌايان مان اجان!

٩. عمر پر ’’آها‘‘ آياري،
تنهنجو قرض لاهي نہ سگهان.

پاڻي ولوڙين

خوابن جا تون محل تو جوڙين!
ناحق پيارا! تون پاڻي ولوڙين!

١. ٻوڙن جي هن بستيءَ ۾ تون،
پٿرن سان پيو مٿو تون ڦوڙين!

٢. خودغرضيءَ جو ڪيپ آ جن کي،
ويرٿ تن لئہ تون پاڻ پنوڙين!

٣. حرص، هوس جي لهرن ۾ تون،
پنهنجو پاڻ کي وينو ٻوڙين!

٤. جنهنجي عنايت ”آها“ سدائين،
تنهن رب کان تون منهن تو موڙين!

ويچار - ١٢٥

مالڪ ويو اسان کان وسري،
مايا لڳي تي مٺڙي مصري.
دنيا جي هن گوڙ شور ۾،
باقي ٿوري، گهٽي وئي گذري.

ڏٽي! ياد ڪريان ٿو...

١. پنڌ ڪري جڏهن ٿڪجي پوان ٿو،
پير پچن نہ اُس سهي سگهان ٿو،
وڻ جي ڇانوَ ۾ وڃي ويهان ٿو،
توکي ڏٽي تڏهن ياد ڪريان ٿو.

٢. تن من جي جڏهن پيڙا وڌي ٿي،
چيز نہ ڪائي پياري لڳي ٿي!
دنيا مان ٿي اڇي ڪنائي،
توکي ڏٽي تڏهن ياد ڪريان ٿو.

٣. ڏکي ڏکي جڏهن ساٽو ٿيان ٿو،
سهڪي سهڪي سمهي پوان ٿو،
نيڻن ۾ ننڊ ڪين اچي ٿي،
توکي ڏٽي تڏهن ياد ڪريان ٿو.

٤. سوارٿ جو سنسار ڏسي،
مطلب جو ”**آها**“ پيار ڏسي،
من ماندو مايوس ٿئي ٿو،
توکي ڏٽي تڏهن ياد ڪريان ٿو.

ويچار - ١٢٤

حياتي نہ پنهنجي غفلت ۾ گذار،
ڪندي ڪار ڪم تون، پريوءَ کي پڪار.

دِرشن جو پياسي

ماتا تنهنجي درشن جي آ پياس!
ٻي ڪين ڪي جڳ جي آس!

١. ڪڏهن ماتا تون پرسن ٿيندين ءَ،
ڪڏهن ماتا تون درشن ڏيندين ءَ؟
جڳدمبا! توکي ياد ڪريان ٿو،
مهِ منهنجي هيءَ ارداس!
ماتا تنهنجي درشن جي آ پياس!

٢. تنهنجا مون تي لک احسان،
نرگڻ کي ڪيو تو گڻوان،
تنهنجي شرڻ ۾ آيو آهيان،
ماتا! ڪر من مندر ۾ نواس!
ماتا تنهنجي درشن جي آ پياس!

٣. ڪرپا ڪر جڳ جنني ماتا!
تون آهين ديوي سڪن جي داتا،
لاٽانوالي تون شيراولي!
تنهنجي در جو ”آشا“ داس،
ماتا تنهنجي درشن جي آ پياس!

ويچار - ١٢٦

جيڪي پريوءَ جي شرڻ وڃن ٿا،
تن جا ٻيڙا ٻني لڳن ٿا.

سائين وسڻ شاهه

سائين وسڻ گهوٽ هو پيارو،
هيو سنڌ جو سنت سونهارو.

١. نياز نمرتا جي هو مُورت،
سيوا جي ساکيات هو صورت،
هيو دکين بکين جو سهارو،
سائين وسڻ گهوٽ هو پيارو!

٢. مرشد ڪامل پاروشاهه،
مهر ڪئي ٿيو ’وسڻ‘ وسڻ شاهه،
ٿيو سنڌ هند ۾ هاڪارو،
سائين وسڻ گهوٽ هو پيارو!

٣. پنگ مان سائينءَ اکڙ ٻٽائي،
جند قاتل ڏوهيءَ جي ڇڏائي،
ڪيو ڪيڏن جو نيتارو،
سائين وسڻ گهوٽ هو پيارو!

٤. مک سان سدائين نام جپيائين،
هٿن سان ٻين جي سيوا ڪيائين،
خدا ترس هو درويش دلارو،
سائين وسڻ گهوٽ هو پيارو!

٥. وسڻ شاهه در جيڪو سوالي،
ڪين سو موٽيو ”آها“ خالي،
سائين واهه جو وڃائي ويو وارو!
سائين وسڻ گهوٽ هو پيارو!

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

منهنجا ستگر شانتي پرڪاش مان دم دم توکي ساريان ٿو،
مان دم دم توکي ساريان ٿو، پيري سڏڪا توکي پڪاريان ٿو.

١. وئين سچ کنڊ تون سائين، امر آهين اجرُ آهين،
هزارين ياد ڪن توکي مٺا منهنجا محب سائين.
جدائيءَ ۾ منهنجا جانب هنجون وينو مان هاريان ٿو!
منهنجا ستگر شانتي پرڪاش مان دم دم توکي ساريان ٿو.

٢. ڏئي تو شانتي - پرڪاش ڪيو سارتڪ پنهنجو نالو،
هئين تون پيار جو ساگر، پيئاريو پريم جو پيالو،
ڏنءِ جو پيار تو مونکي، سين کي سو پيئاريان ٿو،
منهنجا ستگر شانتي پرڪاش مان دم دم توکي ساريان ٿو.

٣. سچو ڌياني، برهمگياني سچو رهبر تون روحاني،
ڪيا اُپڪار جا ڪم تو، ڪرڻ جهڙو مهاداني!
تنهنجي سکيا هنڊايان مان، سکيا جي جوت ٻاريان ٿو!
منهنجا ستگر شانتي پرڪاش مان دم دم توکي ساريان ٿو.

٤. ڪندو تون خيال ڪيڏو هئين، منهنجي روح جو نه تون راڻو،
لهي سڏ سار ڪير هاڻي؟ ورهه ڪيو آهي ويڳاڻو،
لکين احسان ”آشا“ تي نه هرگز سي وساريان ٿو،
منهنجا ستگر شانتي پرڪاش مان دم دم توکي ساريان ٿو.

کندا پنھنجو

کندا نيٺ پنھنجو مان جنجي تہ آهيان!
ازل کان آ ناتو سو ناتو نباهيان.

۱. رهن دور کيڏو نہ دل کان پري سي،
کندي ياد تن کي ورهہ گيت ڳايان.

۲. ڏسي غلطيون منھنجون رُسي ويو جي راڻو،
ٻچيءَ پاند پائي پلون مان بخشايان.

۳. رهن روح ۾ تا سدائين سي سُپرين،
روحاني سي راڻا اکين ۾ سمايان،

۴. جڏهن پيار مان تا هوُ ڇاتيءَ لڳائن،
تڏهن پاڻ کي مان سرڳ ۾ تو پانيان.

۵. ڏسي جن کي منھنجون اکڙيون ٺرن ٿيون،
اُمنگ ۾ اچي مان سندن مھما ڳايان!

۶. ”آشا“ نيازمند آ سدا تن جي در جو،
کيائون کيڏي کرپا نہ هڪ تورو لاهيان.

ويچار - ۱۲۷

دکين جي شيوا کرڻ سان من کي ملي آرام ٿو،
جو اچائون ٿو چڙي، پائي سوئي وشرام ٿو.

شاهہ عبداللطيف

سنڌ جا صوفي سڳورا، سنڌ جا روح روان،
سر نوائي تو اڳيان پٽ ڏٺي سارو جهان.

١. ڪٿ ٻٽي سهڻي گهڙين مهراڻ ۾ ميهار لئہ،
ڪٿ ٻٽي جوڳي ڪمائہ جوڳہ تو مننار لئہ.

٢. پاڻ ۾ پيهي ڪري ديدار دلبر جو ڪيئہ،
جوت انيوَ جي ٻري اڳيان غائب ٿي ويئہ.

٣. شعر تنهنجي ۾ چٽيل تصوير ساريءَ سنڌ جي،
جنم ڀومي جا اسانجي، تنهن پياريءَ سنڌ جي.

٤. شيڪسپيئر، شئلي، تلسي سنڌ جو هئين ساهہ تون،
سنڌ جي ادبي گگن جو چمڪندڙ هئين ماهہ تون.

٥. شعر تنهنجي ۾ بلاغت ۽ سلاست جام آ،
گوُنا گوني ۽ جدت تخيل فصاحت جام آ.

٦. پاڻ کي سسئي ٻڌائي ڪوج پنهونءَ جي ڪئي،
پر اندر پنهونءَ کي پاتو دوُر ڪثرت ٿي وئي.

٧. جاڳہ پٽ جا گهوٽ! لهہ تون سار سنڌين جي اچي!
وڃ ڏيئي پيغام اُلفت جو وئي ڪلفت وڃي!

٨. بيت تنهنجا آيتون ”**آشا**“ ڏين راحت سدا،
عشق جا جيڪي اگها تن کي ڏين بيشڪ شفا.

غزل

ڪرڻ ڪين گهرجي ڪنهن سان عداوت،
جڏهن سڀ ۾ حق آ، ڪجي سڀ سان محبت.
محبت ڪرڻ سان ٿئي رب ٿو راضي،
معجون محبت جي وڏي آهه نعمت.
نفرت ڪرڻ سان ٿئي ناساز صحت،
نفرت نهوڙي ڪريو سڀ سان اُلفت.
ڪڏون جيڪو کوٽي تنهن جو خير گهر تون،
تون ڏيکار پنهنجي سدائين صداقت.
محبت جو چشمو آ آبِ حيات،
پيئي جيڪو تنهن تي ڏٺيءَ جي آ رحمت.
عدوءَ سان به ”آها“ جو اُلفت ڪري ٿو،
الله جي عنايت سان ماڻي ٿو جنت.

ويچار - ١٢٨

جتي ٻي رُخيءَ جو عالم پيرو نہ پائجي،
کهڙو ملي جي طعام هرگز نہ کائجي.

ويچار - ١٢٩

موهہ دکن جو ڪارڻ آهي،
ماڻهوءَ جي ٿو ننڊ ڦٽائي.

سچل سرمست

سچو صوفي هيو سنڌ جو سچل سرمست سيلاني،
هٿي هم اؤست جو هوڪو سليائين راز روحاني.

۱. شريعت ۽ طريقت کي ڇڏي پهتو حقيقت تي،
ٿبي پنهنجي اندر ڏيئي لڌائين لال لاثاني.

۲. نہ ڪعبي سان سندس تعلق، نہ ڪاشيءَ سان سندس مطلب،
ڇڏي فرقي پرستيءَ کي وتائين راهہ رحماني.

۳. اُڏاميو عشق جي آڪاش ڏي، چنڊول وانگر هو،
بلنديءَ تي وڃي پهتو ڪيائين سئر سبحاني.

۴. دئي دل مان مٽايائين ۽ وحدت کي سڃاتائين،
پسيو پريتم کي هر جائي، نظر هن جي ٿي يڪساني.

۵. مٺا منصور وانگر تو هنيو هوڪو انالحق جو،
سچي سنڌ ۾ نہ ٿيو آ ڪو سچو صوفي سنڌُءِ ثاني.

۶. سياڳي دز درازن جي عبادت ڪئي جتي سائينءَ،
ڪري آداب تو ”آها“ سچل صوفين جو هو باني.

ويچار - ۱۲۱

موهہ رکڻ سان ويندين ڦاسي،
پوڳيندي تون پوءِ چؤراسي.

عنايت

تنهنجي در تي مرشد آهيان مان سائل،
عنايت تنهنجيءَ جو آهيان مان قائل.

١.دنيا جي رسن مان نہ رس کو اچي ٿو،
تنهنجي عشق محبت ڏانهن من آهہ مائل.

٢.پنهنجي نينهن نوازش نماڻيءَ تي تون ڪر،
ڏي سوغات سڪ جي، آهيان مان سڪايل.

٣.ڏي ديدار دلبر فقط پياس آهي،
ازل کان اُساتيل مان آهيان اُڃايل.

٤.حياتيءَ ۾ مون آ صرف غم ئي ڪاڙو،
تنهنجي پيار جو مان آهيان بکايل.

٥.بسر زندگيءَ ڪيان، شيوا - بندگيءَ ۾،
سچو راز ”آها“ آ ان ۾ سمايل.

ويچار - ١٣٠

سک ۾ ساٿي سوين هزار،
دک ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ يار.

۴. جوش ڪرڻ سان هوش وڃي ٿو،
رُت جو داٻ بہ جلد وڌي ٿو،
مريادا جا ليڪا لنگهي ٿو!
ڇڏي نہ لفظن جو ٿو گهاءُ،
پاڻ ۾ ڪريون اچ پرچاءُ!

۵. ڪريون ڇو هڪ ٻئي کي بيمار،
ڇو نہ ڪريون هڪ ٻئي کي پيار،
پيار ئي جيون امرت ڌارا،
سرڳہ ۾ خوش پيءُ ماءُ،
پاڻ ۾ ڪريون اچ پرچاءُ!

٦. هڪ ئي ڪک مان ڄاوا آهيون،
پوءِ بہ هڪ ٻي کي پيا ڏاهيون،
وچ وارا ٿا وٺيون وجهائن،
غم ڪائي ڪيون پاڻ ۾ ناهہ،
پاڻ ۾ ڪريون اچ پرچاءُ!

٧. مانس نهن کان ڇڇندو ناهي،
نيٺ تہ رُت جو رشتو آهي،
تو ئي ڪٿيو ۽ مان هارايو،
"آهنا" وري شل وصل جو واءُ!
پاڻ ۾ ڪريون اچ پرچاءُ!

پاڻ ۾ ڪريون پرچاءُ

پاڻ ۾ ڪريون اچ پرچاءُ!
ڪين ڪي تون رس منهنجا ياءُ!

۱. رسڻ ۾ ڪيڏو آ نقصان!
رسڻ ۾ گهٽبو اسانجو شان،
آڻ مچين ۽ جهڳڙا چٽا،
تون ئي سير بس مان ئي پاءُ،
پاڻ ۾ ڪريون اچ پرچاءُ!

۲. هتان جي مايا هتي ئي رهندي،
سوني ديهي خاڪ ۾ ملندي،
زن زمين زر لئہ وڙهون پيا،
ڪورٽ مان ملندو کهڙو نياءُ!
پاڻ ۾ ڪريون اچ پرچاءُ!

۳. رسڻ سان بين کي موقعو ملندو،
ڪڄيون پيا هٽندا، وارو ورندو،
پاڻ تي وينا خلق کلايون،
سياڻو تي ڪر پيارا ناهہ،
پاڻ ۾ ڪريون اچ پرچاءُ!

تنهنجي ياد

سدا ياد ستگر مونکي تنهنجي آهي،
وئين پريم جي تون تہ جوتي جڳائي.

۱.پون پوُر پل پل پريتم پيارا!
جيءَ جا جيئارا! اکڙين جا تارا،
ڪيڏا ٿورا تنهنجا نہ سگهندس پلائي،
سدا ياد ستگر مونکي تنهنجي آهي.

۲.سواءِ تنهنجي ستگر سليان سوُر ڪنهن سان،
هجي حال محرم اوريان حال تنهن سان،
وينو هنجون هاريان نہ ڪوئي پرچائي،
سدا ياد ستگر مونکي تنهنجي آهي.

۳.هزارين پريمين جي تون روح جو راڻو!
جدائيءَ ۾ جانب مان آهيان ويڳاڻو،
دونهون درد جو وئين دل ۾ دکائي،
سدا ياد ستگر مونکي تنهنجي آهي.

۴.سهي ڪين سگهندين هئين درد منهنجو،
ڪيڏو پيار پريتم مليو مونکي تنهنجو،
تنهنجي مهما جا ٿو ”**آها**“ گيت ڳائي،
سدا ياد ستگر مونکي تنهنجي آهي.

نام سان نينهن

نام سان پيارا نينهن لڳاءِ!
دنيا ۾ نا دل اٽڪاءِ!

١. موهه رکڻ سان ويندين ڦاسي،
تون ڦاسي پوڳيندين چؤراسي،
هاڻي ئي پنهنجي جند ڇڏاءِ،
نام سان .....

٢. رسن ۾ ريجهي عمر وڃايئه،
عيشن ۾ تو مايا اُڏايئه،
پراُپڪار ۾ سڦلي بڻاءِ،
نام سان .....

٣. نام تہ آهي سکن جو ڌام،
پائيندين تون سچو وشرام،
پاڻ جيهج ۾ بين کي جپاءِ!
نام سان .....

٤. ترشڻا توکي تي پتڪائي،
مايا تي توکي تہ منجهائي،
پاڇن پويان نہ ڊوڙن پاءِ،
نام سان .....

٥. ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پوندين!
دنيا مان ڪجهہ ڪين وٺيندين،
”آهن“ پريوءَ سان لنوَ تون لاءِ!
نام سان .....

ماتا ڪڏهن درشن ڏيندينءَ؟

ڪڏهن ماتا ڏيندينءَ درشن، تنهنجي درشن جي آ پياس!
خواهشون نہ ختم ٿينديون، آهي توکي پسڻ جي آس!

١. گهڻو ماڻيو ۽ پوڳيو، ڪجهہ هڙ حاصل نہ ٿيو!
پوڳہ روڳہ ڪري پيدا، مزا من جي ڪن شانتي ناس.

٢. هتي وير وروڌ جي باهہ، ڪيڏو تن من ساڙي ٿي!
سنسار سوارٿ جو ڏسي من ٿيو آهہ اُداس!

٣. تنهنجا ڪمل چرڻ ڏيايان، تنهنجا گيت منا ڳايان،
ڪريان مهما تنهنجي ديوي، ڪر هردي ۾ تون نواس.

٤. تون آد شڪتي ماتا! تون جڳہ جنني آهين!
تنهنجي گود ۾ ويهي مان، پيار پايان ٿيندو ڪم راس!

٥. سک ڪين ڪنهنکي ملندو، هر ڪنهن کي ڪو نہ ڪو دک،
سک تنهنجي چرنن ۾، آهيان تنهنجي در جو داس!

٦. منهنجو ڀاڳہ تڏهن کلندو، جڏهن درشن ڏيندينءَ تون،
پڪ درشن ڏيندينءَ تون، ”**آها**“ کي آ وشواس!

ڪين وسرن

مون کان ڪين وسرن ستگر سونهارا،
ستگر سونهارا، اکڙين جا تارا!

١. منا محب مرشد منهنجي روح جا راڻا،
تياڳي تپسوي گياني نماڻا!
هزارن دلين جا هئا سي سهارا،
مون کان ڪين وسرن ستگر سونهارا!

٢. اوديا جي ننڊ مان گهڻن کي اُٿاريو،
پنهنجو نام امرت تن کي پيئاريو،
محبت جي مورت هئا قرب وارا!
مون کان ڪين وسرن ستگر سونهارا!

٣. مان تن جي ورهه ۾ آهيان ويڳاڻي،
جيجل نه جهل تون، ٿيندس جوڳياڻي،
منهنجي جيءَ جا جانب دل جا دلارا،
مون کان ڪين وسرن ستگر سونهارا!

۴. ڏنائون پيار ڪيڏو پل پل پڪاريان،
مان جاڳندي سنڀاريان، سپني ۾ ساريان،
ڪري ياد "آها" هئا جيءَ جيئارا!
مون کان ڪين وسرن ستگر سونهارا!

ساجن ساريان

رڳھ رڳھ ۾ مان ساجن ساريان،
تنهنجي اچڻ جي راھ نهاريان.

۱. توسان پريم جو پيچ مان پاتو،
آهي ازل کان نينهن جو ناتو،
ورھ ۾ ويٺو هنجون هاريان،
رڳھ رڳھ ۾ مان ساجن ساريان.

۲. تو بن من مايوس رهي ٿو،
تو بن ڪوئي نہ سار لهي ٿو،
پل پل پريتم توکي پڪاريان،
رڳھ رڳھ ۾ مان ساجن ساريان.

۳. تون ئي منهنجي روح جو راڻو،
تو بن ”آھا“ آهي ويڳاڻو،
اچ اکڙين ۾ توکي وهاريان،
رڳھ رڳھ ۾ مان ساجن ساريان.

ويچار - ۱۳۲

ترڪ کي تون ترڪ ڪر، مانُ ۾ ويهي گذار،
سانت ۾ صاحب ملي، سانت ۾ سائينءَ کي سار.

تنهنجو ڀروسو

مونکي تنهنجو ڀروسو آهي،
پنهنجو ٻل ٻڏي ڪجهه ناهي.

١. تون ئي آهين دين ديالو،
سد سد آهين تون ڪرپالو،
داتا آيس تو در مان،
پاند ڳچيءَ ڳل پائي،
مونکي تنهنجو ڀروسو آهي.

٢. تو در جيڪي اچن سوالي،
موٽ نه موٽن سي تا خالي،
وڏ والي ڪر مون سان تون،
مهر جو مينهن تون وسائي،
مونکي تنهنجو ڀروسو آهي.

٣. واڳ تنهنجي وس جيئن هلائين،
مشڪل کي آسان بڻائين،
ٻين جو ڏک ڏسي ڏيل ڏري،
''آها'' مون ۾ شڪتي ناهي،
مونکي تنهنجو ڀروسو آهي.

ويچار - ١٣٢

يقينو يار ۾ جنهنجو،
ٻيڙو آ پار پڪ تنهنجو.

ڪلام

جيڪو درويشن کي رنجائيندو،
سو پنهنجو پاڻ ڦٽائيندو.

۱. درويش سهن ڪجهه ڪين چون،
ڪوئي ڪيئن ڀي هلي پيا سدا مشڪن،
جيڪو ڏونس ڪري ٿو سنتن سان،
سو جم جون چوٽان کائيندو،
جيڪو درويشن کي رنجائيندو ....

۲. دعا درويشن جي اڏيندي آ،
دعا در پوُريل ڀي پٽيندي آ،
الله لوڪن ۾ جو عقيدو رکي،
سو من جون مرادون پائيندو،
جيڪو درويشن کي رنجائيندو ....

۳. ڪنهنجي دل کي رنجائڻ پاپ آهي،
دل ڪنهنجي وٺڻ ته ثواب آهي،
جيڪو دل ۽ زبان جو آهي متو،
''**آشا**'' پريوُ تنهنکي چاهيندو،
جيڪو درويشن کي رنجائيندو ....

شڪر آ ڏاڍيءَ جو

شڪر آ ڏاڍيءَ جو، سوين سڪ ڏنائين،
نہ لائق مان آهيان، مون لائق ڪيائين.

١. عقل علم سڀ آ سندس ئي امانت،
سندس ڪيڏي رحمت آهي عنايت،
تون صاحب سچي جي صفت چو نہ ڳائين،
شڪر آ ڏاڍيءَ جو، سوين سڪ ڏنائين.

٢. جهڙو قوت جنهنجو، تهڙو تنهنکي ڏي ٿو،
رزق ڏي ٿو رازق، نہ ڪنهنکي ڇڏي ٿو،
لهي سار سڀ جي سڀاجهو ٿو سائين،
شڪر آ ڏاڍيءَ جو، سوين سڪ ڏنائين.

٣. الک جو تون احسان لاهي نہ سگهندين،
بنا فضل هن جي نہ منزل تي رسندين،
متان اهڙي مالڪ کي **”آها“** ڀلائين،
شڪر آ ڏاڍيءَ جو، سوين سڪ ڏنائين.

ويچار - ١٣٤

ڳٽن وارو ماڻهو سيڻ کي وٽي ٿو،
هجي توڙي ڏاريو تہ بہ پنهنجو بڻي ٿو.

منٿا محبوب دادا جشن واسواڻي

محبوب منهنجا منٿا! دم دم توکي ٿو ساريان،
ساريندي توکي سپرين، وينو مان هنجون هاريان.

١. ڪريان عرض ٿو الله کي، تو لئه پنا دعائون،
توکي صحت ۽ سگهه ڏي، ائين وينو پڪاريان.

٢. آهين لکن دلين جو دادا جشن سهارو،
جڳہ جڳہ جيئين سدائين، اها تات ٿو تنواريان.

٣. تون رهنما اسان جو، نوُري ۽ جو تون ئي وارث،
مکڙو پسي مان تنهنجو هردو تنل ٿو ٺاريان.

٤. لڳي واءُ ڪين ڪوسو توکي ڪڏهن پيارا!
اهڙي التجا ڏٺي ۽ کي ور ور پيو اُچاريان.

٥. خادم ”**آها**“ تنهنجي در، تنهنجي پيار جو پياسي،
نينهن جي ڪرين نوازش، تو لئه پيو نهاريان.

٦. سک سان سفر ڪري اچ، منهنجي روح جا تون راڻا!
باسون باسيان ٿي ڪيئي، سڀ ڪجهه توتان مان واريان.

(پوجيہ دادا جشن واسواڻي ۽ جي وديش ياترا وقت رچيل)

دادا جشن واسواڻي

اوهان جي نيڻن ۾ نوُر آهي نوُراني،
اوهان جي سدا ٿي چمڪي پيشاني.

انئي پهر ڪيو ٿا ڌڻيءَ جي عبادت،
اوهانجي آ صوُرت سراپا سبحاني.

الفاظ اوهانجا آهن هيرا موتي،
خدا جا اوهين خاص عيوضي لاثاني.

اوهان عشق محبت جا اَوتار آهيو،
ٻڌايو ٿا رستو سيِن کي روحاني.

ڌڻيءَ جي ٻچن جي سدا ڪيو ٿا خدمت،
ديا پريم جي جوت جڳايو ٿا جاني.

جنمدن مبارڪ ''**انجلي**'' اوهانکي،
''**آها**'' سنت آهيو سچا برهمگياني.

ويچار - ١٣٥

علم کان وڌ عمل جي درڪار آ پيارا،
جي ڪن ٿا عمل سچ ٿي سونهارا.

پرياتي پچن

ڏٺيءَ توسان ڪيڏي ڪئي آ ڀلائي،
مگر تو سندس آ ڀلائي ڀُلائي!

خزانو سواسن جو توکي ڏنائين،
مگر عمر غفلت ۾ غافل گنوائي.

تون عهدي ۽ اقبال ۾ پاڻ اٽڪي،
تو ريجهي رسن ۾ دل دنيا سان لڳائي.

اجان وقت تي تون نہ ويرڻ وڃائج،
ڪري بندگي تون زندگي ڪر سجائي.

ڏٺيءَ جي ڏني مان سدا ڏيندو رهہ تون،
ڏنو تي ٻنو، پوءِ ڪمي ڪانہ ڪائي.

دعائون اڏينديءَ، ديا جي ڪندين تون،
"آها" تون ڪندو رهہ سڀن سان چڱائي.

ويچار - ١٣٧

اسان لئہ خلق جي خدمت خدا جي بندگي آهي،
ملي جيڪي ورهايون ٿا، لڪائڻ گندگي آهي.

ويندين جڏهن

وڻراڳي غزل

ويندين جڏهن دنيا مان توکي پتو نہ پوندو،
آهي فنا جو هي گهر، ڪوئي هتي نہ رهندو.

١. ڪايا ڪيڏي بہ سهڻي، من موهڻي هجي پل،
هڪ ڏينهن شرير سندر، شمشان ۾ پيو جلندو.

٢. ڪيئن لالسا ۽ لالچ انسان کي رُلائي،
دنيا جا مال اسباب، ڪوئي نہ ساڻ کڻندو.

٣. رشتا ۽ ناتا آهن سڀ عارضي هتان جا،
رب جو رشتو آ دائم، رب سار تنهنجي لهندو.

٤. ڪيڏو بہ خوش ڪرين تون، خوش ڪوئي ڪين ٿيندو،
خالق کي خوش ڪرڻ سان، هرڪو ماڻ توکي ڏيندو.

٥. ڪر خلق جي تون خدمت ۽ بندگي ڌڻيءَ جي،
تو لئہ جهان روئندو، ”آشا“ ويندين تون کلندو.

ويچار - ١٣٦

لاطامع ٿي رهہ دنيا ۾، جي ٿيڻ چاهين سکي،
رکہ تمنا هڪ ڌڻيءَ جي، ڪين ٿيندين تون دکي.

١٣. جڳت جو ميلو آهي جهميلو،
چو تنهن ۾ پاڻ ڦاسائين ٿو!

١٤. وڏا وڏا تون وعظ ڪرين ٿو،
سکيا نہ سچي هنڊائين ٿو!

١٥. يوڳي يوڳي ٿيندين روڳي،
چو نہ تون! يوڳ ڪمائين ٿو!

١٦. ميڙي ميڙي موڏي مري ويا،
چو نہ مايا سڦل بڻائين ٿو!

١٧. لوڪن جي ڪئي ڪيڏي خوشامد،
چو نہ گڻ گوبند جا ڳائين ٿو!

١٨. ڏيان ڏٺيءَ جو ڪر تون پيارا،
تون سک سچو جي چاهين ٿو!

١٩. ڀٽڪي ڀٽڪي تو عمر وڃايئہ،
چو نہ جيءَ ۾ جهاتي پائين ٿو!

٢٠. هنان جي مايا هتي ئي رهندي،
چو نہ نام جو ڌن تون ڪمائين ٿو!

٢١. پکي پسون سڀ روُپ پريوءَ جا،
تون تن کي کائي ڪائين ٿو!

٢٢. سنگدل هاٿي موم دل ٿي تون،
چو نہ ديا جي جوت جڳائين ٿو!

٢٣. ڀوک ڀوکيندين سا ئي لٽندين،
اک ڀوکي انب ڪيئن چاهين ٿو!

٢٤. ”آها“ سمرڻ شيوا ڪري تون،
چو نہ جيون سڦل بڻائين ٿو!

تي حقيقت شناس

١. سپني کي تون سمجھي ساپيا!
تون ناحق نينهن لڳائين تو!

٢. چئن ڏينهن جو چٽکو آهي،
تنهن سان ڇو لنوَ لائين تو!

٣. اصل نٿل ويو وسري توکان،
نقل سان دل ريجھائين تو!

٤. سيتا وانگر هرڻ تي هرکي،
تون رام کي پيارا پلائين تو!

٥. سچ کي تياڳي کچ جو سؤدو،
تون پونجي سچي گنوائين تو!

٦. کوئي نہ تينديءَ سنگي ساٿي،
کنهن لاءِ کوڙ کمائين تو!

٧. مطلب جا تي مڙئي ماڻهو،
تون ويرٿ ننڊ ڦٽائين تو!

٨. مانش ديهي هيرن کان وڌ،
تون ڪچري منجھہ وڃائين تو!

٩. سهڻا توهہ پٽن تي پڌرا،
وک کي کيئن تون کائين تو!

١٠. جنهن پريوءَ جي ڪرپا تو تي،
تنهن ڀڳوت کي نہ پلائين تو!

١١. سونهن سوپيا ۽ مشک منيءَ تي،
تون ناحق اکڙيون اڙائين تو!

١٢. جيڪي آنديءَ سو ڀي نہ نينديں،
پوءِ بہ دل انڪائين تو!

چا لاءِ آئين

چا لاءِ آئين پيارا جڳ ۾ کهڙي ڪمائي ڪرين تو تون!
کهڙي ڪمائي ڪرين ٿو تون موهه مايا ۾ ڏرين ٿو تون!

١. امرت کي چڏي وک کي ڪائي منش جنم وڃائين ٿو،
دنيا جي رڌپٽ ۾ ڀٽڪي اُنن جيان نہ چرين ٿو،
چا لاءِ آئين پيارا جڳ ۾ کهڙي ڪمائي ڪرين تو تون!

٢. گذري گهٽي بچي باقي ٿوري، ويرٿ عمر گنوائين ٿو،
ڪال ڪلهن تنهنجن تي بيٺو، تنهن کان ڪين ڏرين ٿو تون،
چا لاءِ آئين پيارا جڳ ۾ کهڙي ڪمائي ڪرين تو تون!

٣. جن لاءِ بندا ڪوڙ ڪمائين سي متر مڙيئي مطلب جا،
ڪٽنب قبيلو ساٿ نہ هلندءِ، ناحق تن لاءِ مرين ٿو تون،
چا لاءِ آئين پيارا جڳ ۾ کهڙي ڪمائي ڪرين تو تون!

٤. ستگر کان وٺي نام جو امرت، ''**آشا**'' سدائين پيئندو رهہ،
هڪ ڏينهن ڏيندءِ درشن پريو، جنهنجو ڏيان ڏرين ٿو تون،
چا لاءِ آئين پيارا جڳ ۾ کهڙي ڪمائي ڪرين تو تون!

ويچار - ١٣٨

دنيا جي بازار ۾ توکان وکر ويو وسري،
ڪن ڪچرو توکي لڳو منو جيئن مصري،
جڳ مان ويندين تري، جي سؤدو ڪندي نام جو!

دادا جشن واسواڻي

دادا جشن آهي ڏينهن ڏيال،
ڪيڏي لهي تو اسان جي سنڀال!

١. مٺڙ مٺڙ هن جي مسڪان،
درشن ڏيئي ڪري سڀ کي نهال،
دادا جشن آهي ڏينهن ڏيال.

٢. دادا ڪري تو سڀ کي پيار،
دل جو ڪيڏو آهي وشال،
دادا جشن آهي ڏينهن ڏيال.

٣. ڪرشڻ جيئان تو راس رچي،
پينر گوپيون پاڻر گوال،
دادا جشن آهي ڏينهن ڏيال.

٤. جيوَ ديا جو ڪري پرچار،
پسن پکين جو آهي رکپال،
دادا جشن آهي ڏينهن ڏيال.

٥. نوريءَ جي انجليءَ ۾ جوت،
ٻاري محبت جي تو مشعال،
دادا جشن آهي ڏينهن ڏيال.

٦. ”آشا“ تي ڪيڏو سندس احسان،
سڀ سان پلائي پلايون پال،
دادا جشن آهي ڏينهن ڏيال.

ستگر ٽيئونرام مهاراج

منهنجا ستگر ٽيئونرام!
ڪريان وار وار پرڻام.

١. تون پوُرڻ برهمگياني،
هئين رهبر روحاني،
تنهنجي چرنن چارئي ڌام،
منهنجا ستگر ٽيئونرام!

٢. جپي ستنام ساڪي جپائي،
گڻ گوبند جا ڳائي،
ڏنو پريم جو تو پيغام،
منهنجا ستگر ٽيئونرام!

٣. جيڪي در تنهنجي سوالي،
موٽيا ڪين ڪڏهن خالي،
ڪيا پريمين جا پورا ڪام،
منهنجا ستگر ٽيئونرام!

٤. جپيو ستنام ساڪي جن،
ڪئي جيون سجائي تن،
”**آشا**“ پاتو سچو وشرام،
منهنجا ستگر ٽيئونرام!

اکيون آتيون

اکيون توکي پسڻ لاءِ آتيون،
کيئن کنجن ورھہ جون راتيون.

١. ڏکندي ڏکندي ڏينهن تا نبرن،
روئندي روئندي راتيون گذرن،
پرھہ ڦٽيءَ پکي لنوَن تا لاتيون!
اکيون توکي پسڻ لاءِ آتيون!

٢. ورھيہ لنگھي ويا، ليئو نہ پاتو،
مون مسکين سان نيائچ ناتو،
کريان کنهن سان ورھہ جون باتيون!
اکيون توکي پسڻ لاءِ آتيون!

٣. سوز پريان ويٺي گيت مان ڳايان،
تن جو تنبورو تو لاءِ وڄايان،
نيڻ ٿمن سانوڻ برساتيون،
اکيون توکي پسڻ لاءِ آتيون!

۴. ”آھا“ جي تون سر جو سائين،
کري نوازش پنهنجو بڻائين،
تنهنجي اچڻ لاءِ پايان جھاتيون،
اکيون توکي پسڻ لاءِ آتيون!

ڏياري

رام سيتا لڪشمڻ بنواس پوڳي جيئن واپس وريا،
سڀ ايوڌيا واسي خوش ٿيا، ڏيهہ ۾ ڏيئا ٻريا!

ڀرت ڀراتا ڪي ڏسي جيئن سندس چرڻن نميو،
آئي ڀرجي دل سندس ۽ نيڻ آنسن سان ڀريا!

پريم سان پريوُ رام اُٿاريو، پنهنجي پياري ڀاءُ کي،
۽ جڏهن سيني سان لاتو لڙڪ اکڙين ۾ تريا!

هيءَ ڏسي ميلاپ جو درشيہ، پئي پرجا ٺري،
ويو ورهين جو اڄ وڇوڙو، ڀاڳہ سيني جا ڀريا!

پشپ ورکا سان ديون رام جو سواگت ڪيو،
رام جو درشن ڪري سڀ ايوڌيا واسي ٿي ٺريا!

ڪيوٽ جيئان پڪڙيون اسان ٻي چرڻ پريوُ رام جا،
جنهنجي نالي لڪڻ سان پٿر ٻي جل ۾ تريا!

هر طرف ٺمڪڻ لڳا ”آهہ“ ڏياريءَ جا ڏيئا،
سوريونشيءَ جي اچڻ سان غم جا بادل اڄ ٽريا!

ويچار - ١٣٩

ست ڪرمن جي پونجي گڏ ڪر،
گلن سان پنهنجو تون دامن ڀر.

ديوي ماتا رکپال

ديوي ماتا آهي منهنجي رکپال،
ڪيڏي ڪري ٿي ٻچن جي سنڀال!

١. جيڪو اچي ٿو ماتا جي دوار،
تنهن جا ڪري ٿي پورا سوال،
ديوي ماتا آهي منهنجي رکپال.

٢. دشٽن جو ٿي دمن ڪري،
ڀڳتن کي ڏيئي پنهنجي ڍال،
ديوي ماتا آهي منهنجي رکپال.

٣. لڪشمي سرسوتي تنهن جا روُپ،
وئشٽو ديوي آهي جڳپال،
ديوي ماتا آهي منهنجي رکپال.

۴. شرڌا سانَ جيڪو ياد ڪري،
تنهنکي ڪري ماتا مالامال،
ديوي ماتا آهي منهنجي رکپال.

۵. داس اگياني سندس مان ٻار،
گيان ڏيئي ڪيائين مالامال،
ديوي ماتا آهي منهنجي رکپال.

٦. ''**آشا**'' کي درشن جي پياس،
درشن ڏيئي ڪندي ماتا نهال،
ديوي ماتا آهي منهنجي رکپال.

چنتا

چنتائون کن چکناچور،
چنتائن کان کر تون کنارو.

۱. چنتا چوُچي ڪيئن نہ جلائي،
ماڻھون کي تي خاڪ بڻائي،
چون چنتا کان چتا ڀلي،
پيرن پنھنجن ھڻ نہ کھاڙو،
چنتائن کان کر تون کنارو.

۲. چنتا ڪرڻ سان ڪجھہ نہ وري ٿو،
ٿيندو اُھو جو پريوُ ڪري ٿو،
جيوَ جي وس ۾ ڪجھہ ڀي ناھہ،
درشتا تي تون ڏسج نظارو،
چنتائن کان کر تون کنارو.

۳. چنتائون ڇڏي چنتن کر تون،
من پنھنجي جو منٿن کر تون،
''آھا'' پاڻي تون ڪين ولوڙ،
پريوءَ جو تون وٺج سھارو،
چنتائن کان کر تون کنارو.

نام جپاءِ

پريوُ پنهنجو نام جپاءِ،
منهنجو چت چرنن ۾ لڳاءِ.

١. دل نازڪ آ منهنجي،
ڪپي ڪرپا سدا تنهنجي،
دنيا جو پوَ ساگر ڀاري،
منهنجي ٻيڙي پار پڄاءِ،
پريوُ پنهنجو نام جپاءِ.

٢. من ڏاڍو تو ڀٽڪي،
چت مايا ۾ اٽڪي،
ڪيڏا سواس وڃايم مان،
تون پاڻ سان مونکي ملاءِ،
پريوُ پنهنجو نام جپاءِ.

٣. ڏس ڪين ڏنگايون تون،
ڪر ڀال ڀلايون تون،
دياوان سڏن توکي،
"آشا" کي پنهنجو بڻاءِ،
پريوُ پنهنجو نام جپاءِ.

مونکي ڏي معافي

مونکي ڏي تون معافي گنهگار آهيان،
گنهگار آهيان مان عيبدار آهيان.

١.ڪرم خيال سان مان ستايو آ ڪنهنکي،
ٻولي ٻول ٻاڙا رنجايو آ ڪنهنکي،
ڪميا ڪر تون خانوند سزاوار آهيان،
مونکي ڏي تون معافي گنهگار آهيان.

٢.ڪيون مون حياتيءَ ۾ ڪيئي مدايون،
نہ ڏس ڏوھہ منهنجا ڪيم جي ڪچايون،
بخشڻهار بخشج، مان داغدار آهيان،
مونکي ڏي تون معافي گنهگار آهيان.

٣.سخي تون مان سائل، فضل وارو آهين،
"**آشا**" تي عنايت سدا ڪر تون سائين،
ڪيان آزي در تي عرضدار آهيان،
مونکي ڏي تون معافي گنهگار آهيان.

ويچار - ١٤٠

نہ ڏس ڏوھہ منهنجا سگورا تون سائين،
خدا آهيان خادم تون پروردگار آهين.

من نہ وڏاءِ

من نہ وڏاءِ! من نہ وڏاءِ!
من نہ وڏاءِ، منهنجا پيارا!

١. بئنڪن ۾ پل ڪاٽا کولين تون،
ڌن دؤلت ۾ ڪيڏو وڏين تون،
دکين بکين جي خدمت ۾ تون،
ڌن تہ لٽاءِ! ڌن تہ لٽاءِ! منهنجا پيارا.

٢. مايا مستي پئدا ڪري ٿي،
اصليت پنهنجي وسري وڃي ٿي،
خؤف خدا جو وڃي اُڏامي،
تون ڪنڌ جهڪاءِ! ڪنڌ جهڪاءِ! منهنجا پيارا.

٣. وڏا وڏا پل عهدا تون ماڻين،
پاڻ ڏي تون ٿو سوَڙ کي تاڻين،
طاقت جو آ نشو اَچايو،
تون فيض رساءِ! فيض رساءِ! منهنجا پيارا.

٤. جيڪي تو وٽ آهي امانت،
ڪين امانت ۾ ڪر تون خيانت،
شُڪرت جا ڪم ”آها“ ڪر تون،
ونڊ ورهاءِ! ونڊ ورهاءِ! منهنجا پيارا.

نصيحت نامو

ڪريو نيڪ ڪم جو ڏنو آ خدا،
بديءَ واري ڪم کان ڪيو پاسو سدا.
ڏسو جيڪي جڳہ ۾ سو آهي فنا،
ڌڻي هڪڙو آهي دائم بقا.
ڪيڏا گنج قارُون هٿڙي ڪنا ڪيا،
ڪيائين ڪين ڪوڏي هتي گنج رهيا.
نہ دائما آ دؤلت هجي بيشمار،
نہ رهندا ڪروڙن وارا شاهوڪار.
دنيا جا ديوانا چون سڀ اسانجو،
آيو مؤت سِر تي نہ تنهنجو نہ منهنجو.
نہ ڪو ساٿ ڏيندو پنهنجو ڪو يار،
ڪريو ڪين غفلت ڌڻي ڏيندو مار.
سڦل ڏن آهي تنهن جو جو خرچي ڪارائي،
رهي ڏيندو رب جي نالي لٽائي.
ونڊي ۽ ورهائي اڪيلو نہ کائي،
وڃي سرڳہ سو تو نصيحت هنڊائي.
ڪڏهن ڪين بندا ڌڻيءَ کي وسار،
ڪري سستي مستي تون بازي نہ هار.
گهٽو حرص پيارا! ڪتي سان ڪارائي،
مايا ڪيئن نہ ماڻهوءَ جي ننڊ تي ڦٽائي.

(شري گرو نانڪ ديو مهاراج جي نصيحت نامي جو تت)

پريتم ايندو

پريتم پاڻهي مون وٽ ايندو،
سيگهہ اچي سو درشن ڏيندو.

١. سڪ ۾ تيندي آهي چڪ،
پريمي پريتم جي دل آ هڪ،
چقمق وانگر چڪجي ايندو،
پريتم پاڻهي مون وٽ ايندو.

٢. سڪ سان تي ساجن کي ساريان،
اکيون وڇائي راهہ نهاريان،
پل پل مونکان پري نہ تيندو،
پريتم پاڻهي مون وٽ ايندو.

٣. ڪنهن ڏينهن اچي هوُ لهندو سار،
ڳوڙها اُگهي ڪندو **”آها“** پيار،
وقت وصل جو جو نيٺ تہ ايندو،
پريتم پاڻهي مون وٽ ايندو.

ويچار - ١٤١

سچي سڪ سدائين سائين سان ملائي،
اچي پاڻ پريتم گلي سان لڳائي.

آرتي

جئہ انبي ماتا

اوم جئہ امبي ماتا، امان جئہ امبي ماتا!
ڪشٽ ڪليش ڪٽين ٿي سکن جي تون داتا.

١. دشٽن کي تو ماريو، تو ڀڳتن کي تاريو،
سار لهين ٿي ماتا تن جي، جن توکي ساريو.
اوم جئہ امبي ....

٢. آد شڪتي تون لاٿان والي مهما تنهنجي نياري،
وشڻو ديوي درگا ديوي تون سرسوتي پياري.
اوم جئہ امبي ....

٣. ڪرپا تنهنجي ڪيڏي ماتا، جنهنجو آر نہ پار،
شرڌا جا گل پيٽ ڌريان ٿو، آهيان تنهنجو ٻار.
اوم جئہ امبي ....

٤. ”**آشا**“ درشن جي آ مونکي، اوس ڏيندين ۽ درشن،
جڏهن ماتا تنهنجو درشن ٿيندو، من ٿيندو پرسن.
اوم جئہ امبي ....

دادا جشن آيو

دادا جشن اڄ اڱڻ ۾ آيو!
خوشيون خوب ملهايو!

١. چڻ شبريءَ گهر رام پڌاريو،
رڱ رڱ ۾ تي جهنڪي ساريو،
تنهن پريتم پاڻ پسايو پسايو،
دادا جشن اڄ اڱڻ ۾ آيو!

٢. سار لهڻ لاءِ آيو ساجن،
منهنجي دل جي تخت جو راجن،
صدقي وڃان تنهن سيني لڳايو،
دادا جشن اڄ اڱڻ ۾ آيو!

٣. مهر جو هٿڙو اچي ڏريائين،
داس تي ڪيڏي ڪرپا ڪيائين،
نيڻن نيرُ وهايو وهايو!
دادا جشن اڄ اڱڻ ۾ آيو!

٤. ”آها“ جي اکڙين جو تارو،
لکن دلين جو آهه سهارو،
ٻاجهه ڪري تنهن پنهنجو بڻايو،
دادا جشن اڄ اڱڻ ۾ آيو!

٩. پيار ۾ آهي ڪيڏي شڪتي،
پيار ئي پرڀوءَ جي آ ڀڳتي.

١٠. پسون بہ پيار جي وس ۾ آهن،
پيار واري جي ٿنا ٿا ڳائن.

١١. ”آها“ پيار جي جوت جڳايو،
اوهان پنهنجو جيون سڦل بڻايو.

ستگرن جي ڏن

جئہ جئہ سوامي ٽيئونرام، جئہ جئہ سوامي ٽيئونرام،
پريم جو تو تہ ڏنو پيغام، وارو وار توکي پرڻام.

جئہ جئہ سوامي سروانند، جئہ جئہ سوامي سروانند،
درشن ڪئي دک دور ٿيا من کي مليو آنند.

جئہ جئہ سوامي شانتي پرڪاش، جئہ جئہ سوامي شانتي پرڪاش،
پريم پرڪاش منڊل جو چندرما، پريمين جي ڪئي پوُري آس.

جئہ جئہ سوامي هرداسرام، جئہ جئہ سوامي هرداسرام،
ست نام ساکي جپي جپائي، شيوا ڪئي نشڪام.

پيار ڏيو!

ڪير ۾ پيارا ڪنڊ ٿيو!
سدا سڀن کي پيار ڏيو!

١. امرت جو چشمو آ پيار،
پيار ئي جيون جو آڌار.

٢. پيار ۾ ڪيڏو آنند آهي،
پيار واري کي هرڪو چاهي.

٣. وير وروڌ ڪري بيمار،
پاڻ مان ماڻهو ٿي بيزار.

٤. دويش منشيہ کي هاجي رسائي،
ناحق ماڻهوءَ کي ٿو جلائي.

٥. جلڻ پچڻ ۾ آ نقصان،
پيار واري جو جڳ ۾ شان.

٦. ترڪ ڪيو ناسازي نفرت،
دل ۾ رکو همدردي اُلفت.

٧. رکو نہ ڪنهن لئہ اندر ڪلفت،
ماڻهو معنيٰ محبت محبت.

٨. خلق بہ خوش ۽ رب پڻ راضي،
ڪٽي ويندا دنيا مان بازي.

سنت

سنت ڏين ٿا سڀ کي پيار،
محبت جي مورت منٺار.

۱. سنتن جي جيڪو شرڻ اچي ٿو،
رام جي رنگ ۾ سوئي رچي ٿو.
ديا واري ڪن سي ته نهار،
سنت ڏين ٿا سڀ کي پيار.

۲. پريمين جي پرگهور لهن ٿا،
هڪ هڪ جو ڪيڏو خيال هو ڪن ٿا،
آئي وئي جو ٿا ڪن ستڪار،
سنت ڏين ٿا سڀ کي پيار.

۳. سنتن جو جڏهن ڪجي ٿو درشن،
درشن سان ٿئي من ٿو پرسن،
دلڙي ٿئي ٿي باغ بهار،
سنت ڏين ٿا سڀ کي پيار.

۴. سنت پريوءَ جو يش ٿا ڳائن،
ڏيان ڏٽيءَ جو سي ٿا ڏيائن،
تن جي ڳنڍيل پريوءَ سان تار،
سنت ڏين ٿا سڀ کي پيار.

۵. دنيا جو سنگ آ دکدائي،
سنتن جو سنگ آ سکدائي،
"**آهه**" سنتن تان مان ٻلهار،
سنت ڏين ٿا سڀ کي پيار.

مارئيءَ جي پڪار

منھنجا مارون وسن ملير عمر!
ڪيو قيد مونکي تقدير عمر!

١. منھنجي ڇڳن ۾ آهي ڇيڙ ھہ پيو،
تنھنجي محل ۾ جيئڻ زهر ٿيو،
سواءِ مارُون من آ اڌير عمر!
منھنجا مارون وسن ملير عمر!

٢. منھنجو ساھہ سانگين ڪي ساري ٿو،
پري سڏڪا تن ڪي پڪاري ٿو،
سواءِ مارُون جي مان دلگير عمر!
منھنجا مارون وسن ملير عمر!

٣. تو ڇائي پرائي باندي ڪئي،
ڪري ظلم منھنجي دل ماندي ڪئي،
توسان پڇندو ادا دستگير عمر!
منھنجا مارون وسن ملير عمر!

٤. تنھنجا ڳهٽا ڪين ڪي پائيندس،
پنھنجي سانگين ڪي نہ لڄائيندس،
مان مسڪين ڳوناٽي، تون امير عمر!
منھنجا مارون وسن ملير عمر!

٥. ايڏو ”آھا“ سنائڻ ناهي ڇڱو،
ڪري قيد ڪيو آ ڪم تو لڱو،
تون دوزخ ويندين مير عمر!
منھنجا مارون وسن ملير عمر!

پرينءَ جي پيار جون ڳالهيون

حياتي وئي گهٽي گذري ڇڏيون تڪرار جون ڳالهيون!
ڇڏي ڪلفت ڪيون هاڻي مٺيون ڪي پيار جون ڳالهيون!

١. وساري ورق دنيا جا، ڪريون منٺار جون ڳالهيون،
عنايت رب جي ڪيڏي آ، ڪريون منٺار جون ڳالهيون!

٢. دنيا مان ڪين ڪجهه وٺبو، ڇڏيون وهنوار جون ڳالهيون،
گلن سان پنهنجو دامن ڀر، ڇڏي ڏي خار جون ڳالهيون!

٣. ڇڏي چنتا ڪريون چنتن، ڪريون ڪرتار جون ڳالهيون،
ڪري ڪنڌو جو سوريءَ مان ڪريون تنهن غمٽار جون ڳالهيون!

۴. طلب ”آشا“ ڏٺيءَ جي رک، ڇڏي سنسار جون ڳالهيون،
سچو سائين صرف هڪڙو، ڪريون تنهن يار جون ڳالهيون!

۵. اُڪهي ”انجلي“ لڙڪ منهنجا، ڪري دلدار جون ڳالهيون،
نہ وسرن ٿيون ڪيون مرشد، پرينءَ جي پيار جون ڳالهيون!

ويچار - ١۴٢

عرضدار ”آشا“ قرضدار تنهنجو،
ڪندين جي عنايت تہ ٿيندي ساري سرِ.

سوامي هرداسرام صاحب

سوامي هرداسرام هو گياني،
هو سنت سچو برهمگياني.

١. پريم پرڪاش منڊل جو ستارو،
برهمنيشٺي هو سنت سونهارو،
ويو راهه ڏيکاري روحاني،
سوامي هرداسرام هو گياني،
هو سنت سچو برهمگياني.

٢. ديش وديش ۾ نام جپايو،
ستلن کي هن سنت جڳايو،
سندس صوُرت هئي سبحاني،
سوامي هرداسرام هو گياني،
هو سنت سچو برهمگياني.

٣. ستنام ساکي جپيو جپايو،
پريمين جو ٻيڙو پار لڳايو،
''آهه'' ڪاريه ڪيا لاثاني،
سوامي هرداسرام هو گياني،
هو سنت سچو برهمگياني.

منهنجو منٺار دادا جشن

منهنجو دادا جشن منٺار،
مونکي ڪيڏو ڪري ٿو پيار.

١. سندس نيڻن ۾ نوُر نوراني،
راهہ ڏيکاري هوُ ٿو روحاني،
ڏسي دل ٿئي باغ بهار،
منهنجو دادا جشن منٺار.

٢. سد سد دادا آهي نماڻو،
منهنجي روح جو آهي راڻو،
آهي دادا جشن دلدار،
منهنجو دادا جشن منٺار.

٣. ڇاتيءَ سان ٿو جڏهن لڳائي،
اُڳهندي ڳوڙها ڀاڪر پائي،
ڪري دل جو هلڪو بار،
منهنجو دادا جشن منٺار.

٤. محبت جي آ موُرت دادا،
نوڙت نياز جي صوُرت دادا،
آهي عشق سندو اوتار،
منهنجو دادا جشن منٺار.

سوامي ديو پرڪاش مهاراج

سوامي ديو پرڪاش آ گياني،
منهنجي ستگر جي آهي نشاني.

١. دکين بکين جي سار لهي ٿو،
پکين پسن کي پيار ڏئي ٿو،
آهي صوُرت هوُ سبحاني،
سوامي ديو پرڪاش آ گياني.

٢. پريوُ ملڻ جي راهه بتائي،
ستنام ساکي جپي جپائي،
سدا مشڪي جانب جاني،
سوامي ديو پرڪاش آ گياني.

٣. نياز نوڙت جي آ صوُرت،
آهي محبت جي هوُ موُرت،
آهي سنت سچو لاثاني،
سوامي ديو پرڪاش آ گياني.

٤. گرديوَ جو پيغام پچائي،
ٿو سنتلن کي هوُ جاڳائي،
"**آشا**" راهه ڏيکاري روحاني،
سوامي ديو پرڪاش آ گياني.

سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج

سوامي ڀڳت پرڪاش پيارو،
آهه سنت سچو سونهارو.

١. ستنام ساکي جپي جپائي،
شرڌالن کي پار لڳائي،
آهي ڪامل ڪرٽيءَ وارو،
سوامي ڀڳت پرڪاش پيارو.

٢. سندس نيڻن ۾ نُور نوراني،
چمڪي سدائين سندس پيشاني،
آهه لکن دلين جو سهارو،
سوامي ڀڳت پرڪاش پيارو.

٣. پريم پرڪاش منڊل جو پرمک،
درشن ڪري ملي تن من کي سک،
پريمين جي اکين جو تارو،
سوامي ڀڳت پرڪاش پيارو.

٤. گرديون جي مهما ڳائي،
ديش وديش ۾ يش ڦهلائي،
ٿو واهه جو وڄائي وارو،
سوامي ڀڳت پرڪاش پيارو.

٥. آئي وِئي کي پيار ڪري ٿو،
هڪ هڪ جي هُوَ سار لهي ٿو،
”**آها**“ گيان سندو گلزارو،
سوامي ڀڳت پرڪاش پيارو.

۵. ڍکين بکين جي سار لهي ٿو،
پکين پسن کي پيار ڪري ٿو،
غمگينن جو آ غم ٽار،
منهنجو دادا جشن مننار.

٦. نام جپي ۽ ٻين کي جپائي،
پوَ ساگر مان پار لگائي،
آهي پڳتي ۽ جو تہ ڀنڊار،
منهنجو دادا جشن مننار.

٧. انجلي ۽ جي آ مون تي عنايت،
پنهنجو ڪيائين سندس آ رحمت،
منهنجو حال محرم دلدار،
منهنجو دادا جشن مننار.

٨. نوُري ۽ جو آ انجلي وارث،
لوهہ اسين هوُ آهي پارس،
پايون لڙڪن جو تنهن کي هار،
منهنجو دادا جشن مننار.

٩. ددا جشن جو جنم ملهايون،
سندس جيون مان سکيا هنڊايون،
''آها'' سپ ٿيون باغ بهار،
منهنجو دادا جشن مننار.

عيب نہ ڏس

ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار،
پنهنجا عيب تون پيارا ويچار.

۱. ٻين جا عيب جي ويچاريندين،
پنهنجي من کي تون کاريندين،
اوگڻ تو ۾ ٿيندا اَپار،
ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار.

۲. جهڙو چنتن ڪري ٿو ڪوئي،
تهڙو ئي ٿو بڻجي سوئي،
ناحق پاڻ کي ڪر نہ خوار،
ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار.

۳. مينهن چوي ڳانءِ پڇ ڪاري،
پاڻ تہ آهي ڪاري ساري،
ڪر نہ تون اهڙي ڪا ڪار،
ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار.

۴. کين کي ڪڻ تون آڱر ڪنهن تي،
ٽيا ڪڻندا هٿ پيارا توتي،
پهرين پنهنجو پاڻ سڌار،
ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار.

۵. اوگڻ ڪان ڪو آجو ناهي،
ستو رجو تمو سڀ ۾ آهي،
”آها“ گڻ گراهي ٿي گذار،
ٻين جي عيبن ڏي نہ نهار.

پرڀوءَ کي پيار

پرڀوُ سان ڪر پيارا پيار،
ٻئي ڪنهنجو ڪر ڪين ويچار.

۱. پيار ئي آهي جيون جيوتي،
پيار ئي آهي ماڻڪ موتي،
پاءِ تون پيارا موتين هار،
پرڀوُ سان ڪر پيارا پيار.

۲. پيار سنساري ٿو ڪيرائي،
ترشنڪوُ وانگر ٿو لٽڪائي،
موهه مايا جو آ مهاڄار،
پرڀوُ سان ڪر پيارا پيار.

۳. پرڀوُ پيار سان ملي شانتي،
من جي ساري مٽي ڀرانتي،
منهن ۾ مٺيا جلويدار،
پرڀوُ سان ڪر پيارا پيار.

۴. پيار ئي پرڀوءَ ساڻ ملائي،
منشيه جنم ٿو سڦل بڻائي،
”**آشا**“ من ۾ ملي منٺار،
پرڀوُ سان ڪر پيارا پيار.

سپنن جو سنسار

سپنن جو سنسار هي آهي،
تنهن سان نينهن نہ لڳاءِ بندا!
سپنن کي ساپيا تون سمجهي،
تنهن ۾ دل نہ اڙاءِ بندا!

١. هستيءَ تي ڪر ڪين ڪي مستي،
ڇڏِ ڏينهن جي هتي آ بستي،
بانوَر ڇڏ وٺ راهہ السّتي،
پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ بندا!

٢. مايا جي مهاڄار ۾ اٽڪي،
ترشنڪوءَ وانگر تون لٽڪي،
در دنيا جا ڀٽڪي ڀٽڪي،
سواس نہ پنهنجا وڃاءِ بندا!

٣. من مايا کان تون موڙي،
ڀيائيءَ کي تون ڀوڙي ڀوڙي،
جيءُ جانب سان جوڙي جوڙي،
لنوَ لالڻ سان لاءِ بندا!

٤. سمرڻ ۾ ڪر سواس سجايا،
سيوا ۾ ڪر سڦلي مايا،
پريوءَ تو سان پال پلايا،
”آشا“ گڻ گوبند جا ڳاءِ بندا!

نام سان ورتي جوڙ

ڦرنن کان فارغ ٿي، تون ورتي نام سان جوڙ بندا،
ورتي نام سان جوڙ بندا! تون منهن مايا کان موڙ بندا!

١.ڦرنا من جا ڪيئن نہ ڦيرائن، جنم جنم ۾ ٿا ڀٽڪائن،
ڀٽڪڻ سان ڪڏهن شانتي نہ ملندي، ناحق پاڻ نہ لوڙ بندا!

٢.سڀ سنٻنڌي ساٿ نہ ڏيندءِ، مطلب جا سڀ ماڻهو هتي،
ڪنهن نہ وٺيو، تون ڪين وٺيندين، موهہ اُنهن جو ٽوڙ بندا!

٣.پنهنجي من کي تون سمجهائي، سانت ۾ ويهي وقت گذار،
ٻوڙا ٻڌندءِ ڪين کي تنهنجي، تن سان مٿو نہ ڦوڙ بندا!

٤.ٻوڙي ٻوڙي پاڇن پويان، ڪيڏا ٿاٻا کاڌا تو!
''آهه'' وٺ تون شرڻ پريوءَ جي، پاڻي ڪين ولوڙ بندا!

ويچار - ١٤٢

دنيا جي درياهہ ۾، نام جي ٻيڙي چڙهہ،
ويرون وڪارن جون ٻوڙي ويندءِ مڙهہ،
والي ڪندءِ وڙ، جي وٺندين اوٽ الک جي.

پردو نہ کول

پردو ڪنھنجو ڪين ڪي ڪول!
تنھنجو بہ ھڪ ڏينھن کلندو پول!

۱. عيبن کان ڪو آجو ناھي،
سڀ ۾ ڪو نہ ڪو اوگڻ آھي،
وچن سنتن جو آ انمول،
پردو ڪنھنجو ڪين ڪي ڪول!

۲. تون جي ٻين جا عيب ڏڪيندين،
ھتي ھُتي تون سکيو ٿيندين،
پريوُ ڏيندءِ منڙو ٿول،
پردو ڪنھنجو ڪين ڪي ڪول!

۳. ٻين جا جيکو عيب ويچاري،
پيرن پنھنجن کھاڙي ماري،
پوشيدھہ ٿي تون تہ اڏول،
پردو ڪنھنجو ڪين ڪي ڪول!

۴ مينھن ڳاءِ ڪي سڏي پڇ ڪاري،
ڪاري تہ آھي پاڻھي ساري،
اھڙي خام نہ ٻولي ٻول،
پردو ڪنھنجو ڪين ڪي ڪول!

۵. تون جي ڍڪيندن، پريوُ ڍڪيندءِ،
پريوُ اوت جي موت تہ ڏيندءِ،
''**آھا**'' پاڻ ڪي تون تہ تتول،
پردو ڪنھنجو ڪين ڪي ڪول!

اوسيڙيءَ ۾

اديون روئي گذاريم رات،
اوسيئڙي ۾ پرينءَ جي!

۱. تارا ٻُڏينديِ تنوار آئي مٿان پرڀات،
اوسيئڙي ۾ پرينءَ جي!

۲. اکڙيون وڇايم يار، ملي مونکي سڪ سوغات،
اوسيئڙي ۾ پرينءَ جي!

۳. ملندا ڪڏهن منٺار، تن من جن جي تات،
اوسيئڙي ۾ پرينءَ جي!

۴. وصل تي چاهيان واليءَ جو، ٻي وائي ڪونهي وات،
اوسيئڙي ۾ پرينءَ جي!

۵. ساريندين تن سڄڻن کي، وسي بنا مند برسات،
اوسيئڙي ۾ پرينءَ جي!

۶. ”آشا“تن جي ڪيڏي عنايت، ڏنائون لکڻ ٻائڻ جي ڏات،
اوسيئڙي ۾ پرينءَ جي!

ويچار - ۱۴۴

جڳت ۾ ڪندو رهه سين سان ڀلائي،
ڀلائي نه ڪنهنجي وڃي ٿي اجائي.

پريوءَ جا رنگ

ڏس پريوءَ جا رنگ پيارا!
ڪيئن نہ ڪٽي مان ڪيچ بٽائي!

۱. اُٺندو اُها جا ڪوريءَ من ۾،
جيوَ اَجايا ٿاهہ ٿو ٿاهي!

۲. ماٺهوءَ جو ڪو هلي نہ حيلو،
پريوُ پنهنجي ٿو تہ هلائي!

۳. رٿيون نہ رتِ تون پيارا ڪڏهن،
ٿيندو اُهو جو ڏٽي ٿو چاهي!

۴. جن جي ڪنڌ ۾ آهي ڪلي،
تن کي مالڪ مزو چکائي!

۵. ڪين هلي سياڻن جي سياڻپ،
اللهہ اياڻن کي ٿو اگهائي!

٦. چنتا ڇڏي جو ڪري ٿو چنتن،
پريوُ تنهنکي پنهنجو بٽائي!

۷. اُدم ڪرڻ آ فرض منشيہ جو،
ڦل پريوءَ جي هٿ ۾ آهي!

۸. توڪل جي چڙهہ ترهي ”آها“،
پريوُ پاڻهي پار پڄائي!

توکان سواءِ

آهيان اُباڻکي مان توکان سواءِ پيارا!
توکان سواءِ پيارا! منهنجي جيءَ جا جيئارا!

١. مايوس مان رهان ٿي، غم ۾ سدا گذاريان،
رڳ رڳ ۾ طلب تنهنجي تن ۾ توکي تنواريان،
تنهنجي نه مٽ ملي ڪو تون چنڊ ٻيا ستارا،
آهيان اُباڻکي مان توکان سواءِ پيارا!

٢. لوڪن کي لڪ نه ڏيان ٿي پنهنجي اندر جي ڪائي،
سهي ڪين مان سگهان ٿي ساجن تنهنجي جدائي،
ديدار ڏي تون دلبر، منهنجي دل جا دلارا،
آهيان اُباڻکي مان توکان سواءِ پيارا!

٣. تصور ڪندي تنهنجو مان وينِي ته هنجون هاريان،
جاڳندي به ياد آهين، سپني ۾ توکي ساريان،
”آشا“ پيار جي پياسي، منهنجي اکين جا تارا،
آهيان اُباڻکي مان توکان سواءِ پيارا!

ويچار - ١٤٥

خُدا جو خوف جنهنکي آ، رهي پاپ کان ٿو پري،
اهڙو شخص پنهنجي حياتي ٿو سڦلي ڪري.

مرشد

كلام

مرشد منهنجا! مهر كيو كا،
آهيان اوهانجو غلام سائين!

۱. جهڙو تهڙو اوهان جو آهيان،
در تي اوهانجي لائق ناهيان،
بخشيو بديون، بدنام، سائين!
مرشد منهنجا! مهر كيو كا!

۲. پيار پنهنجي جي چكي پيئاريو،
مهر نظر سان مون ڏي نهاريو،
ڏيئي محبت جو هڪ جام سائين!
مرشد منهنجا! مهر كيو كا!

۳. من مندر ۾ ڏيان ڏيايان،
جاءِ جاءِ رام ريجهايان،
سدا جپيان شل رام سائين!
مرشد منهنجا! مهر كيو كا!

۴. ”**آشا**“ اوهانجي در تي سوالي،
كين اوهان موٽائيندا خالي،
پاڄهه كيو مون مُدام سائين!
مرشد منهنجا! مهر كيو كا!

اي من!

چڱ من جي تون چڪناڻ،
سوچ آئين هتي ڇا ڪاڻ!

۱. هرڻ جيئان تون ڊوڙي ڊوڙي،
هڪ ڏينهن ڏيندين پراڻ، چڱ من ....

۲. ڪيئہ خوشامد ڪيڏن جي تو،
هاڻ ڪڍج نہ ڪنهنجي ڪاڻ، چڱ من ....

۳. پئسو پدارٿ هتي ڇڏيندين،
ويندين خالي هٿين مساڻ، چڱ من ....

۴. تنهنجي اندر ۾ هيرا موتي،
لهہ اندر ۾ هيرن کاڻ، چڱ من ....

۵. پرپو توکان پري نہ آهي،
آهي سائين سدا تو ساڻ، چڱ من ....

٦. نام جو سؤدو سچو سهانگو،
ڪرين ڪوڙا ڌنڌا ڇاڪاڻ! چڱ من ....

۷. سُرتي ”آها“ شبد سان ميلي،
پس پاڻ ۾ پيهي پاڻ، چڱ من ....

ڪين وسرن

مونکان ڪين وسرن ستگر سونهارا،
ستگر سونهارا اکڙين جا تارا!

۱. منا محب مرشد منهنجي روح جا راڻا،
تياڳي تپسوي گياني نماڻا!
هزارن دلين جا هئا سي سهارا،
مونکان ڪين وسرن ستگر سونهارا!

۲. اوديا جي ننڊ مان گهڻن کي اُٿاريو،
پنهنجو نام امرت تن کي پيئاريو،
محبت جي مورت هئا قرب وارا!
مونکان ڪين وسرن ستگر سونهارا!

۳. مان تن جي ورهه ۾ آهيان ويڳاڻي،
جيجل نه جهل تون ٿيندس جوڳياڻي،
منهنجي جيءَ جا جانب دل جا دلارا،
مونکان ڪين وسرن ستگر سونهارا!

۴. ڏنايون پيار ڪيڏو پل پل پڪاريان،
جاڳندي سنپاريان، سپني ۾ ساريان،
ڪري ياد ''**آها**'' هئا جيءَ جا جيئارا،
مونکان ڪين وسرن ستگر سونهارا!

ڪنهن لاءِ!

ڪنهن لئہ تو تون ڪوڙ ڪمائين، ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ!
مڙيئي ماڻهو مطلب جا، هڪ ڏينهن ساڙي ايندءِ!
ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ!

١. ڪي ڪم پرين ڪي چم پرين، ڪن جون اکيون مايا ۾،
اهڙن سان وهنوار نہ ڪر تون، تنهنجا وار پٽيندءِ!
ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ!

٢. بنگلا اڏائين لک ڪمائين، ڪوڏي ڪٽي نہ سگهندين،
هٿ بہ تنهنجا هتي ئي رهندا، ڪايا رکہ ٿي ويندءِ،
ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ!

٣. پريوءَ سان ڳنڍ نينهن جو ناتو، هِت هُت جيڪو سهائي،
نام جي پونجي گڏ ڪر پيارا، ٻي پونجي ڪم نہ ايندءِ،
ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ!

٤. ستڪرمن جي پوڪ تون پوکج، فصل پلو جي چاهين،
داتا جي دربار ڏانهن ، ”**آها**“ سفر سهانو ٿيندءِ!
ڪوئي ساٿ نہ ڏيندءِ!

ڏٽيءَ کي ڏياءِ

صبح جو سويلو ڏٽيءَ کي ڏيائج،
ڏٽيءَ کي ڏيائج، تنهن جو نام ڳائج.

١. سويلي اُٿڻ سان کلي ڀاڳ منش جو،
اُٿي! تون به پيارا پريوءَ کي پڪارج.

٢. سمهي موهه ننڊ ۾ جنم تو وڃايو،
وري هھڙو موقعو نہ هرگز وڃائج.

٣. جڳت جهوٺو سارو اٿي هي پسارو،
هرڻ جيئان تون ڀٽکي عمر نا گنوائج.

٤. وٺج اوٽ ”آها“ الک جي سدائين،
ڪندي ڪار ڪم ڀي نہ والي وسارج.

ويچار - ١۴٦

جنهنکي پوُنجي نام جي سفر تنهنجو سهنجو،
جنهن کي ڌن دؤلت بنگلا سفر تنهنجو اهنجو.

سپ سٽائي

پريوءَ جي ديا سان ٿيندي سپ سٽائي،
پريوءَ جا ٻٽائي، ٿيندي نيٽ سائي.

١. ڏکيا ڏينهن ويندا، سکيا ڏينهن ايندا،
ڪڏهن ٻاٽ ڪاري، ڪڏهن روشنائي.

٢. جڏهن ڪرپا ٿئي ٿي ڪندا پيي ٿين گل،
ڪنڊن ۾ ٻه رحمت آ رب جي سمائي.

٣. ڏسي ڏک ڏولاوا نه دل هار مانجهي،
ڪري جيڪي سائين آ تنهن ۾ چڱائي.

۴. رتون رت نه پيارا رتيون رهجي ويندیون،
رتي رِت رب جا اوس ٿيندي سائي.

۵. نگهبان "آشا" سدا سائين تنهنجو،
عبادت ۽ خدمت نه ويندي اجائي.

اڄ پريتم

لڙڪن جي مالها مان ڦاهيان،
اڄ پريتم مان توکي پايان.

1. تنهنجي اچڻ لئہ اکڙيون وڇايم،
روئندي روئندي راتيون گذاريم،
سپني ۾ پيي ساريان توکي،
تنهنجي ورهہ ۾ گيت ٿي ڳايان،
لڙڪن جي مالها مان ڦاهيان.

2. جانب منهنجي جيءَ جا جيئارا!
منهنجي اکڙين جا اوهين تارا،
مُند بهار جي جڳہ لئہ آهي،
توکان سواءِ مان سرءُ ٿي پانيان،
لڙڪن جي مالها مان ڦاهيان.

3. تنهنجي وصل جي ”آهہ“ آهي،
بي ڪا چاهہ اندر ۾ ناهي،
شبريءَ جي گهر رام اچڄ تون،
گلن ڦلن جي سيڄ وڇايان،
لڙڪن جي مالها مان ڦاهيان.

ازل کان تنهنجي

ڪلام

مٺان ڏاري سمجهي ڏکارين،
تنهنجي ازل کان آهيان.
آهيان درد ۾ ديواني،
جانب منهنجو تون جاني.
گيت ٿي وصل جا ڳايان،
تنهنجي ازل کان آهيان.

رنگ محل ۾ تون راڻا،
آهيان پکن ۾ سياڻا،
لائق تنهنجي مان ناهيان،
تنهنجي ازل کان آهيان.

اميرن ۾ تون آهين امير،
آهيان تنهنجي در اِڪ فقير،
ڪيئن توکي مان پرچايان،
تنهنجي ازل کان آهيان.

تنهنجي در جي ”آها“ گولي،
ٻولي پيار جي مان ٻولي،
حال دل جو ٿي سڻايان،
تنهنجي ازل کان آهيان.

سائينءَ جي ثنا

محبت جو آهي مرڪز محبوب ماهتاب،
چوڏاري نوُر تنهنجو آهي سنڌءِ شباب.

١. جلوو جمال جانب جت ڪٿ تنهنجو پسان،
تنهنجي ئي نوُر سان آ روشن تہ آفتاب.

٢. محدوُد آهي ماڻهو، آهين تون لامحدود،
بي انتها تون آهين، آهين تون لاجواب.

٣. تنهنجي رضا سان رازق چرخو چلي جهان،
ڪوليءَ ڪي ڪڻ، هاٿيءَ ڪي مڻ، ليلا آ بيحساب.

٤. ڏندين آڱريون ڏئي ”آها“ ڏسي ڪرشما تنهنجا،
تنهنجي راز ڪي سلي جو اهڙو نہ ڪو ڪتاب!

ويچار - ١٤٧

چڏي خوشامد تون ڪر خلق جي خدمت،
خدا خلق ۾ تو وسي ڪر خلق سان محبت.

والي ور ور آيو!

ور ور والي تو وٽ آيو،
پر تو ھن کي آ موٽايو!

۱. پياسي ٿي اچي پياس ٻجھائڻ،
ڪڏھن اچي ھوءُ بک تہ مٽائڻ،
نہ پاڻي پيئاريو نہ تو کارايو!
ور ور والي تو وٽ آيو!

۲. منڙا منڙا گيت ھوءُ ڳائي،
تنھنجي در جھولي ڦھلائي،
ڪين تو تنھنکي گلي لڳايو!
ور ور والي تو وٽ آيو!

۴. ٻڍو ۽ ٻڍي تو وٽ آيو،
روئندي روئندي حال ٻڌايو،
تو رُک ڏئي تن سان ڪين ڳالھايو!
ور ور والي تو وٽ آيو!

۵. ''**آھا**'' پرين تنھنجي اڱڻ ۾ آيو،
انحد جو آواز سڻايو،
غفلت مان توکي جاڳايو!
ور ور والي تو وٽ آيو!

هيءَ دنيا

هيءَ دنيا رنگ بہ رنگي!
هت ڪوئي نہ ڪنهنجو سنگي!

١. ڏيان ڏٺيءَ جو هردم ڏيائيج،
گڻ گوبند جا هردم ڳائيج،
تنهنجو ننگ ڪٽندو هڪ ننگي،
هيءَ دنيا رنگ بہ رنگي!

٢. غم ڪائي بہ توڙ نيائيج،
سچ جو سؤدو سدا ڪمائيج،
توکي ٿيندين ڪڏهن نہ تنگي،
هيءَ دنيا رنگ بہ رنگي!

٣. مايا اچي ٿي مستي چڙهي ٿي،
جڏهن وڃي ٿي لتون هٽي ٿي،
''آها'' چال مايا جي اڊنگي،
هيءَ دنيا رنگ بہ رنگي!

خدا حال محرم

حال محرم منهنجو آ پيارو خدا!
سار سيني جي لهڻ وارو خدا!

١. جنهن امولڪ نعمتون آهن ڏنيون،
زر زمين ملڪيتون آهن ڏنيون،
ڳايان هن جي رحمتن جي ٿو ثنا،
حال محرم منهنجو آ پيارو خدا!

٢. حق جو نعرو ٿي هڻي جنهنجي زبان،
اُن تي سائين سدائين مهربان،
جو جڙيل آ جيءَ سان ڪيئن ٿيندو سو جدا،
حال محرم منهنجو آ پيارو خدا!

٣. آ عنايت الله جي سڀ جي مٿان،
هر ضرورت پوُري ٿي هن جي هٿان،
هن جي احسانن تان آ ”**آهيا**“ فدا،
حال محرم منهنجو آ پيارو خدا!

ڀاڳ کليو

پينر منهنجو ڀاڳ کليو،
سچو مونکي ستگر مليو.

١. ست نام ساکي منتر ڏيئي،
منهنجي راهه روشن کئي،
روحاني راز مونکي سليو،
پينر منهنجو ڀاڳ کليو.

٢. ستگر اهڙي آسيس کئي،
اوديا اوندهه منجي وئي،
مايا کان مون پاڻ پليو،
پينر منهنجو ڀاڳ کليو.

٣. ''**آشا**'' گرو در جي گولي،
کندا منهنجا ستگر سؤلي،
روح تن ساڻ منهنجو رليو،
پينر منهنجو ڀاڳ کليو.

سچا فقير

فقيرن جي دنيا تہ آهي نرالي،
پيئن ۽ پيئارن پنهنجي پريم پيالي.

١. نيڻن ۾ نوُراني پيو نوُر چمڪي،
سدائين اندر تن جي آهي اُجالي.

٢. رهن لاطمع ٿا سي دنيا ۾ عاشق،
بنا تاج طائوس والين جا والي.

٣. رضا رب تي راضي سدا هوُ رهن ٿا،
بنا فڪر ڦرني عجب تن جي چالي!

٤. وهي لوڪ اوير، هوُ اولهہ وهن ٿا،
دنيا ڪان سندن چال آهي نرالي!

٥. نہ ڪنهنکي رنجائن، نہ ڪنهن سان ڦٿائن،
ڀلائن سدا ڀال تن سان هوُ ڀالي.

٦. فقير جنهن تي راضي اللهہ ڀي آ راضي،
”آها“ جن تي رحمت آهن ڀاڳيشالي.

ڏاڍيءَ جي عنايت

ڏاڍيءَ جي آ ڪيڏي اسان تي عنايت،
بندو ٻيو شڪر آ ڪري ٿو شڪايت.

١.علم عقل دؤلت سندس سڀ امانت،
امانت ۾ ڪڏهن ڪجي ڪين خيانت.

٢.سوين سڪ سائين سُڻي صحت ڏنائين،
تڏهن ٻيو نہ راضي گُهر جي عادت.

٣.اسين ڀنندا رهون، هو ڏيندو رهي ٿو،
ڪري فضل سائين، سندس آ سخاوت.

٤.ڪيڏا رب جا احسان آهن اسان تي،
انئي پهر جنهنجي جڳائي عبادت.

٥.ڏنو جيڪي ڏاتر سو ڏيندا رهون،
ڏيڻ ۾ آ ”آها“ اسانجي صداقت.

مان خوش آهيان

مان خوش آهيان مان خوش آهيان!
تنهنجي ثنا جا گيت ٿو ڳايان!

١. جيڪي ڪرين ٿو تنهن ۾ ڀلائي،
شڪر جي ٻوليان وائي،
سوُر به سوُغاتون مان ڀانيان،
مان خوش آهيان مان خوش آهيان!

٢. تنهنجي عنايت ڪيڏي آهي،
سوُريءَ مان ٿي ڪنڊو ٻڌائي،
ڪيئن ٿورا تنهنجا لاهيان،
مان خوش آهيان مان خوش آهيان!

٣. سائين تنهنجي در جو سائل،
جانا ڀري ٿو ''**آها**'' قائل،
درشن تنهنجو بس مان چاهيان،
مان خوش آهيان مان خوش آهيان!

جانب

پل پل تنهنجا پوُر پون ٿا،
ياد ڪندي منهنجا نيڻ ٽمن ٿا.

١. جانب من منهنجي جا جيئارا!
جڳ جا نظارا ٻسا لڳن ٿا.

٢. ڪين ٿي ڏاڍي دل ڪنهن مان پيي،
توڙي ڪيئي لوڪ ملن ٿا!

٣. تنهنجي عنايت ڪيڏي مونتي،
سياڻا لوڪ بہ ڪين سهن ٿا.

٤. درد ڪيو آ ڏيرو دل ۾،
درد وارا دل کي سمجهن ٿا.

٥. قدر ڪيو تو ڪيڏو منهنجو،
موُر نہ ٻيا دل منهنجي وڻن ٿا.

٦. غم ڪائي پيي ناهہ ڪريان تو،
ناهہ ڪندي ”آها“ نہ نهن ٿا!

غزل

خلق جي آ خذمت خدا جي عبادت،
اسان جي آ هردم سيني سان محبت.

١. اسان لاءِ ڌاريو نہ ڪوئي دنيا ۾،
سڀن لئہ اُلفت نہ ڪنهن لاءِ ڪلفت.

٢. سائين سڀورو تہ سڀ ۾ وسي ٿو،
سندس نورُ چمڪي سندس ئي نزاڪت.

٣. اسان خير سڀ جو سدائين ٿا چاهيون،
تڏهن پِي ڪي ڪن نا اسان سان عداوت.

٤. لهي سار سڀ جي سڀاجهو ٿو سائين،
اللہ جي اسان تي آ ڪيڏي عنايت.

٥. بندو بيشڪر آ، نہ راضي رضا تي،
”آها“ رب جي ڪيڏي اسان تي آ رحمت!

آهہ متيءَ جو ڍير

هرڪو سمجهي پاڻ کي سير،
پر آهہ متيءَ جو سڀ کو ڍير.

١. اهم وڃائڻ ڏاڍو اؤکو،
رهڻيءَ کهڻيءَ کيڏو ڦير!

٢. گياني ڌياني عالم عاقل،
رکن اُهي پي دل ۾ وير!

٣. حج تي هلي آ کوُئا کائي،
ٻڌي ٻليءَ کي گهنڊڻي کير!

٤. ڪلجڳ جي کا هوا هلي آ،
پاءُ پاءُ جي وچ ۾ ٻہ ڏُفير!

٥. ڪُل جي پلي ۾ تنهنجو پلو آ،
ايڏائي گهرن جو گهر تون خئر!

٦. ڪاک محل آ قدم قدم تي،
تون کڻج سنڀالي ”آها“ پير!

ڏٺيءَ جو سهارو

وساري ڇڏج تون ڏٺئہ جي نظارا،
اٿي خواب سڀ هي دنيا جا پسارا!

١. تون اکڙيون اڙايون ۾ دل پي اڙائي،
ڪري الوداع ويا سي اکڙين جا تارا!

٢. نہ ساعت هئي سرندي سواءِ جن جي،
هليا ويا جي جانب جيءَ جا جيئارا!

٣. حياتيءَ جي هاڻي خزان آئي آهي،
هئا جيڪي ويجهو ڪن پاسو پيارا!

٤. فنا جي مڪان ۾ نہ قائم ڪو دائم،
ويا خالي هٿين سڪندر قارون پارا!

٥. ڏٺيءَ کي وساريئہ پاڇن پويان ڊوڙي،
سواءِ رب جي **”آهه“** ٻيا ڪوڙا سهارا!

تنهنجي تات

تنهنجي تن ۾ تار، من ۾ تار!
ڪڏهن ملندين مٺا مٺڙا!

١. پريتم تو لاءِ اکيون وڇايان،
آهت تي مان جهاتيون پايان،
ٻيو وٽي نہ ڪو ڪم ڪار،
ڪڏهن ملندين مٺا مٺڙا!

٢. ورهہ ۾ آهيان آنءُ ويڳاڻي،
تون منهنجو راڻو مان تنهنجي راڻي،
اچي ساجن لهہ تون سار،
ڪڏهن ملندين مٺا مٺڙا!

٣. تنهنجي عنايت جي آ چاهت،
تصوُر تنهنجو مون لاءِ راحت،
”**آشا**“ پايان حُب جا هار،
ڪڏهن ملندين مٺا مٺڙا!

ويچار - ١٤٨

جيڪو دل جو منڙو آهي،
تنهنکي هر ڪو دل سان چاهي.

اڄ منٺار

کيان هلکو دل جو بار،
اڄ منهنجا منا منٺار!

١. سپني ۾ پيي توکي ساريان،
ننڊ مان اُٿندي توکي پڪاريان،
تو سان دل جي ڳنڍيل آ تار!
اڄ منهنجا منا منٺار!

٢. من ماندو مايوُس رهي ٿو،
ڪوئي نہ منهنجي سار لهي ٿو،
اڇي تون ڪر مونکي پيار،
اڄ منهنجا منا منٺار!

٣. لڙڪن جي مان مالها ناهيان،
اڄ ساجن سان توکي پايان،
آهي تن من تنهنجي تنوار،
اڄ منهنجا منا منٺار!

٤. سک جي سمرٽي تو لئہ سوريان،
آءُ! تہ دل جو حال مان اوريان،
آهين منهنجو تون دلدار،
اڄ منهنجا منا منٺار!

٥. ڪڏهن تون منهنجي اڱڻ ۾ ايندين،
پاڻ سان پريتم مونکي نيندين،
”آشا“ من ۾ ايندي بهار،
اڄ منهنجا منا منٺار!

اجان ڪڏهن

اجان ڪڏهن تو ٿيندين سجاڳ!
سچو ماڻيندين تون سهاڳ.

۱. غفلت ۾ تو سواس گنوائين،
وسري ويو ڪم جنهن لئہ آئين،
سونهري وجھہ ڪين وڃائج،
دنيا مانجهادي جو ماڳ.
اجان ڪڏهن تو ٿيندين سجاڳ!

۲. اتڪل ڪين اللهہ سان ملائي،
پورائيءَ ۾ هوءُ پال پلائي،
شبريءَ وٽ پريوُ پاڻ پڌاريو،
ڪلي پريمين جو تو ڀاڳ!
اجان ڪڏهن تو ٿيندين سجاڳ!

۳. گهڻو لکيو تو گهڻو تو ڳايو،
لوڪن کي تو گهڻو ريجهايو،
ثنا سدا ڪر هڪ صاحب جي،
"آها" ڳاءِ روحاني راڳ.
اجان ڪڏهن تو ٿيندين سجاڳ!

دعا ڪر ڏٽي

دعا ڪر دعا ڪر ڏٽي تون دعا ڪر،
پنهنجي ٻاجھہ سان منهنجي خالي جهولي ڀر.

۱. وڃايم وهي مان نہ وئرت ڪمن ۾،
سڀاجهو تون سائين مان ڀينار تو در،
پنهنجي ٻاجھہ سان منهنجي خالي جهولي ڀر.

۲. مان غفلت ۾ ساري عمر آ گذاري،
ٿيندي ڪيئن پوءِ منهنجي سائين ساري سر،
پنهنجي ٻاجھہ سان منهنجي خالي جهولي ڀرؑ

۳. ڏکيا ڏينهن ڏاتر نہ مونکي ڏيکارج،
عدل ڪين چاهيان فضل جي نظر ڪر،
پنهنجي ٻاجھہ سان منهنجي خالي جهولي ڀر.

۴. گنهگار آهيان سزا وار آهيان،
مهروان مالڪ مونکي ڏي تو معافي پرور،
پنهنجي ٻاجھہ سان منهنجي خالي جهولي ڀر.

۵. تون آهين پوشيدھہ "آشا" کي پناھہ ڏي!
مان سجدو ڪريان ٿو تنهنجي در تي ورور،
پنهنجي ٻاجھہ سان منهنجي خالي جهولي ڀر.

ويچار - ۱۴۹

جنهنجي اندر ۾ عشق آ سو خوش نصيب آ،
اُهو انسان فرشتو آ خدا جي قريب آ.

ٻڍا ماڻھو

ٻڍا ماڻھو! ٻڍا ماڻھو! ٻڍاپي ۾ هلڻ مشڪل،
گھٽيون ٿي ڊوڙون پاتيون سي مگر هاڻي ڊوڙڻ مشڪل.
ٻڍا ماڻھو! ٻڍا ماڻھو!

١. ٻڍا ماڻھو نہ گھر پيارا! ٻڍا ماڻھو نہ پر پيارا،
نہ واھر ڪو وسيلو آ، ٻڍاپي ۾ جيئڻ مشڪل.
ٻڍا ماڻھو! ٻڍا ماڻھو!

٢. بھار ويئي خزان آئي! ڪري پرواز بلبل وئي!
ويا مرجھائجي گل پي، وري تن جو ٽڙڻ مشڪل.
ٻڍا ماڻھو! ٻڍا ماڻھو!

٣. اکين جي جوت گھٽجي وئي ۽ ڪاڄي هوڙ پي وئي،
ڏندن پي موڪلايو آ! ٿيو هاڻ چٻڻ مشڪل.
ٻڍا ماڻھو! ٻڍا ماڻھو!

٤. ڏڪن ٿا هٿ، ٿا ٿڙڪن پير نہ ٽنگن ۾ سُتَ آهي،
سھون ٿا طعنا ۽ مھڻا، مگر ڏاڍا سھڻ مشڪل.
ٻڍا ماڻھو! ٻڍا ماڻھو!

٥. بدن مان خون سڪجي ويو، بدن ڪمزور پي ٿي ويو،
ڪيو حملو بہ بيمارين، آهي تن مان ڇٽڻ مشڪل.
ٻڍا ماڻھو! ٻڍا ماڻھو!

٦. سڀا، ساٿي بہ نفرت ڪن، ڪشالا مون ڪڍيا جن لئہ،
ڪري هرڪو وڃي پاسو، رهان مايوس، کلڻ مشڪل.
ٻڍا ماڻھو! ٻڍا ماڻھو!

٧. سھارو وٺ تون سائينءَ جو، سدا رکپال جو تنھنجو،
"**آھا**" ڪر ياد تون رب کي، ڪري سؤلو جيئڻ مشڪل.
ٻڍا ماڻھو! ٻڍا ماڻھو!

نظم

١. عمر ساري غفلت ۾ تو آ گذاري،
تون جنھن ڪرڻ لئہ آئين سان آ وساري.
٢. عنايت ڏڻيءَ جي توتي ڪيڏي آھي،
تون ھڪڙو بہ احسان سگھندين نہ لاھي.
٣. ريجھي دنيوي رسن ۾ اللھہ کي وساريو،
تون ليلا جيان ھرڪُ هيرن تي ھاريو.
٤. ھي اقبال اسباب ڪم ڪجھہ نہ ايندءِ،
نہ ساٿي سنگي ڪو توکي ساٿ ڏيندءِ.
٥. ڪري بندگي ڪر عمر تون سجائي،
سدائين ڪندو رھہ سڀن سان ڀلائي.
٦. ڪري جو ٻين سان ٿو ھردم ڀلائي،
سدا تنھن سان سائين تہ آھي سھائي.
٧. خدا جو رکي خوف ڪم جو ڪري ٿو،
رھي پاپ کان سو سدائين پري ٿو.
٨. رحم دل سدائين ڪري ٿو ثواب،
سپاھي ڪري رحم بڻيو نواب.
٩. ڏڻيءَ جي ڏني مان سدا ڏيندو رھہ تون،
غريبن سان پيارا! سدائين تہ وھہ تون.
١٠. سدا ”آھا“ شُڪرت جا ڪم جو ڪري ٿو،
اللھہ جي عنايت سان وارو وري ٿو.

کھڙو جواب ڏيندين!

تون ڏک ڏاتار کان يار - کھڙو جواب تون ڏيندين!
آهين ڏاڍو عيبدار - کھڙو جواب تون ڏيندين!
کيئہ نہ پرينءَ جي پچار - کھڙو جواب تون ڏيندين!
ڦاٿين تون مايا ڄار - کھڙو جواب تون ڏيندين!
کر نہ واليءَ جي وسار - کھڙو جواب تون ڏيندين!
کنيئہ بدين جو تو بار - کھڙو جواب تون ڏيندين!
رھہ کين ڏٺيءَ کان ڌار - کھڙو جواب تون ڏيندين!
''**آھا**'' آهين گنھگار - کھڙو جواب تون ڏيندين!
شل کن فضل جي نهار - کھڙو جواب تون ڏيندين!

تو سان ناتو

ازل کان توسان نينھن جو ناتو،
ڇڏي در دنيا جا توسان پيچ پاتو.
کندي تنھنجو تصور ملي تو سڪوُن،
ٻڌي ٻول منڙا وصل گيت ڳاتو.
روحاني تون راڻو مٺا منھنجا مرشد،
تون مونکي سڃاتو مان توکي سڃاتو.
تنھنجي مٽ نہ کوئي تون آهين لاثاني،
کنول جيان رهي تو ڏٺيءَ کي آ ڄاتو.
تنھنجي پيار جو آ ''**آھا**'' پياسي،
کندين پياس پوُري مان تو لاءِ آتو.

پِتِ رکجانءِ

پِتِ پوٽيءَ جي رکجانءِ،
مونکي ڍولڻ تي ڍکجانءِ.

۱. ڪيا پاپ اٿم ڪيئي!
ساري عمر هلي ويئي،
منهنجا ڏوھ نہ تون ڏسجانءِ،
پِتِ پوٽيءَ جي رکجانءِ.

۲. تون ننگپال ننگي آهين،
سدا ساٿي سنگي آهين،
لڄ لوئيءَ جي رکجانءِ،
پِتِ پوٽيءَ جي رکجانءِ.

۳. ڪريان غلطين جو پڇتاءُ،
مان ٻالڪ تون پيءُ ماءُ،
پنهنجي گود ۾ جاءِ ڏجانءِ،
پِتِ پوٽيءَ جي رکجانءِ.

۴. ڪري ”آھا“ توبھ زاري،
ڪري تو در نيزاري،
هٿ مهر جو تون ڏرجانءِ،
پِتِ پوٽيءَ جي رکجانءِ.

اهو عشق جو دستور

اهو عشق جو آ دستوُر،
پوي پل پل پرينءَ جو پوُر.

۱. روئن ٿا منهنجا نيڻ نماڻا،
اڇ تون سوڏل سيگهه سياڻا!
سهي ڪين سگهان مان سوُر،
اهو عشق جو آ دستوُر.

۲. لوڪن جي لڄ مونکي ناهي،
نينهن جو ناتو توسان آهي،
ملي ڪٿو مٺو ته انگور،
اهو عشق جو آ دستوُر.

۳. اؤکي راهه اڻانگي آهي،
ايندس پريتم توڙي ڪاهي،
مان ورندس وات نه موُر،
اهو عشق جو آ دستوُر.

۴. پيار تنهنجي جي پياسي آهيان،
"**آشا**" تو بن ڪجهه به نه چاهيان،
تون جانب رهه نا دوُر،
اهو عشق جو آ دستوُر.

آءُ پريوءَ جي در

کندو سائين سڀ جي ڀلي،
آءُ پريوءَ جي در تون هلي!

١. جيڪو آيو شرڻ ۾ آهي،
داتا دکڙا تو تنهن جا لاهي،
کلي تنهن جي جيون جي ڪلي،
آءُ پريوءَ جي در تون هلي!

٢. رک ڪين تون وير وروڌ،
ڪر ڪين ڪي ڪنهن تي ڪروڌ،
هل تون سڀ سان رلي ۽ ملي،
آءُ پريوءَ جي در تون هلي!

٣. اڳهيا ڏٺيءَ جي در تي نماڻا،
ٻڌيا اُهي روحاني تہ راڻا،
ڪڍ ”**آهِا**“ تون ڪنڌ مان ڪلي،
آءُ پريوءَ جي در تون هلي!

ويچار - ١٥٠

جيڪو اچي دلبر جي در،
ٿي ساري تنهنجي سر!

تون ئي منهنجو سهارو

مان بي سهاري آهيان، تون ئي منهنجو سهارو،
تون ئي منهنجو سهارو، آهين تون جيءَ جيئارو!

۱.سنسار جي ساگر ۾ آهيان ڪُنن ۾ ڦاٿو،
تون ئي ملاح ڪامل، گهرجي تنهنجو ڪنارو.

۲.قدرت جو ڪارخانو، تنهنجو عجيب آهي،
تنهنجي ئي رحم سان سائين، چرخو چلي ٿو سارو.

۳.ڪِوليءَ کي ڪڻ ڏئين ٿو، هاٿيءَ کي مڻ ڏئين ٿو،
لهين سار تون سڀن جي، تنهنجو سچو پسارو!

۴.ظاهر بہ تون ئي آهين، باطن بہ تون ئي آهين،
گلشن ۾ گل ٽڙن ٿا، تنهنجو مڙئي نظارو.

۵.وس وارو والي آهين، بندو تہ آهي بيوس،
حيلا هلائي ڪيڏا، تنهنجو فقط اشارو.

۶.عاقل هجي ڪو عالم، ڪنهنجي نہ هٿ هلي ٿي،
جنهن تي ڪرين عنايت، ”**آهه**“ تي سو سوڀارو!

انمول جيون

هيءُ جيون آ انمول،
تون پتڪڻ ۾ نا رول.

۱. توکي امولہ جنم مليو آ،
پيارا تنهنجو ڀاڳہ کليو آ،
تون لال اندر ۾ ڳول!
هيءُ جيون آ انمول.

۲. ڪنهنجي دل کي ڪين رنجائج،
ڪوڙو ڪنهن سان ڪين ڳالهائج،
سدا تون منڙو منڙو ٻول!
هيءُ جيون آ انمول.

۳. نام سان پيار ا نينهن لڳائج،
ستگر ايش جو ڌيان ڌيائج،
توکي ملندو مڪتي تول!
هيءُ جيون آ انمول.

۴. پيئندو رهہ "آها" پريم جو پيالو،
سواس سواس جپ نام جو نالو،
بندا! هري اوم هري اوم ٻول!
هيءُ جيون آ انمول.

منهنجا ستگر

منهنجا ستگر شانتي پرڪاش،
وڃان تو تان مان ٻلهار!

۱. ستنام ساڪي منتر جپائي،
پريوُءَ جي تو راهه ٻتائي،
ڪيو پريمين جو تو اُڌار!
وڃان تو تان مان ٻلهار!

۲. جيوَ ديا جي جوت جڳائي،
ڳگدامن جي جان ٻچائي،
ڏنو سڀن پراڻين کي پيار!
وڃان تو تان مان ٻلهار!

۳. ڪرم يوگي تون سنت سونهارو،
لکن دلين جو هئين تون سهارو،
منهنجي جيون جو آڌار!
وڃان تو تان مان ٻلهار!

۴. جنم شتابدي تنهنجي ملهايون،
گرديو تنهنجا گيت ٿا ڳايون،
تنهنجي جت ڪت جئہ جئڪار!
وڃان تو تان مان ٻلهار!

۵. ”آها“ جي تون اکين جو تارو،
جيءَ منهنجي جو تون نہ جيئارو،
اکيون روئن ٿيون زارون زار!
وڃان تو تان مان ٻلهار!

روحاني راڳا

ڪي ڪي منهنجي روح جا راڳا،
ساهه منهنجي ۾ سي ته سيباڳا!

۱. ساريان ساريان تن کي سدائين،
جن جي پسڻ لاءِ نيڻ ويڳاڳا!

۲. چاهه مان تن جي چڻي چمان تي،
لفظ اُنهن جا موتيءَ داڳا!

۳. رڏين سڏين جا مالڪ هوندي،
ڪيڏا آهن هوُ ته نماڻا!

۴. خانوند هوندي خادم سمجهن،
سائينءَ جي در سي ته اڳهاڳا!

۵. ڏسي ڏسي دل ڪين تي ڏاپي،
ناتا تن سان چڙ ته پراڻا!

۶. معشوق مِنا، محبوب مِنا،
عاشقن سان ڪنِ ڪين ڪي ماڻا!

۷. منهن ۾ جن جي مشڪ سدائين،
منهن مان ٽپڪن موتين داڳا!

۸. ڪين ڏين ڏيهه کي ڏيکاري،
سياڻن ۾ سي آهن سياڻا!

۹. جڳت ڪان تن جي ريت نرالي،
ڪين تا سمجهن لوڪ اياڻا!

۱۰. ڪيڏو ڏين ٿا پيار سين کي،
”**آڻها**“ تن در لڙڪ اڳهاڻا!

ستگر جا احسان

کيڏا ستگر جا احسان!
وڃان تن تان مان قربان!

١. مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيائون،
نام جو منتر مونکي ڏنائون،
سدا تن جو ڌريان مان ڌيان،
ڪيڏا ستگر جا احسان!

٢. پل پل منهنجي سار لڌائون،
ڳجهه ڳوهه ۾ مونکي ڳنڍيائون،
ڪيائون ڪيڏو منهنجو شان!
ڪيڏا ستگر جا احسان!

٣. ستگر ٻاجهون ڪين سري ٿي،
ور ور دلڙي سڏڪا ڀري ٿي،
ڏنائون سمتي سچي ۽ گيان،
ڪيڏا ستگر جا احسان!

٤. پل پل تن کي پيو پڪاريان،
رڳ رڳ ۾ مان تن کي ساريان،
”آشا“ تن در جو درٻان!
ڪيڏا ستگر جا احسان!

جوڳي آيا

جوڳي جادوگر اڄ آيا،
جن جي خاطر نيڻ وڇايا!

١. اکرن اکڙين عشق جنهين جي،
تن محبت مچ مچايا!
جوڳي جادوگر اڄ آيا!

٢. صوُرت جن جي آ سڀاڳي،
سي اکڙين دل ۾ سمايا!
جوڳي جادوگر اڄ آيا!

٣. برهه جي باهه جي چٽڻگ لڳائي،
تن دونهان درد دکايا!
جوڳي جادوگر اڄ آيا!

٤. تن جوڳين ۾ نوُر نوراني،
تن نوُر دا جلاوا پسايا!
جوڳي جادوگر اڄ آيا!

٥. جن جي وصل لئه ٿيس ويڳاڻي،
تن محبت مينهن وسايا!
جوڳي جادوگر اڄ آيا!

٦. ”آھا“ تي احسان ڪيائون،
تن ڪيڏا پيال پلايا!
جوڳي جادوگر اڄ آيا!

منهنجا ستگر سوامي شانتي پرڪاش!

منهنجا ستگر سوامي شانتي پرڪاش مان دم دم توکي ساريان ٿو،
ڪيڏو پيار ڏنئہ پريتم مونکي، ڪندي ياد توکي هنجون هاريان ٿو.
تون محبت جي مورت مرشد، تون ستيہ جي ستگر صورت هئين،
ڪير ڏڍ ڏي پريتم توکان سواءِ، مان پل پل توکي پڪاريان ٿو.
تنهنجي درد فراق ۾ آهيان اُداس، منهنجي دل ۾ آهي اونهي پياس،
ڪڏهن ايندين اڱڻ ۾ محب منا، تنهنجي واٽ سدا مان نهاريان ٿو.
ڪيڏي سار سڄڻ تون لهندو هئين، دک داس جو سهي نہ سگهندو هئين
ڪير سار لهي سائين منهنجي، آءُ گوندر ۾ تہ گذاريان ٿو.
"آها" تي عنايت آ تنهنجي، پٿر کي گوهر تو ئي ڪيو،
ڪيڏا ستگر تو احسان ڪيا، سي هرگز ڪين وساريان ٿو.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ۽ دادا جشن واسواڻي

هڪ هڪ کي ڪيڏو پيار ڏين ٿا سنڌين جا هي سنت سونهارا،
گياني ڌياني برهمنيشني آهن ڪمل گل جيان نيارا.

اڄو سکيائون سندن هنڌايون، مانش جيون سڦل بڻايون،
روحاني سي آهن راڻا، منهنجي جيءَ جا آهن جيئارا.

دکين بکين جي سار لهن ٿا، دکڙا تن جا دور هوُ ڪن ٿا،
ڪرميوگي تياڳي وئراڳي "آها" جي اکڙين جا تارا!

ستگر سوامي شانتي پرڪاش

منهنجا ستگر شانتي پرڪاش،
ڪريان ور ور توکي ياد!
۱. تون سنت سچو گياني،
تون پوُرن برهم گياني،
انئي پهر جپيو تو نام.
جپي نام ڪريان دل شاد!
ڪريان ور ور توکي ياد!
۲. ڪيڏي سار تون لهندو هئين،
دک سهي نہ سگهندو هئين،
منهنجي من کي تو چاتو.
توسان ناتو آد جڳاد،
ڪريان ور ور توکي ياد!
۳. ڪندي ياد هنجون هاريان،
توکي رڳہ رڳہ ۾ ساريان،
ڪونهي حال محرم ڪوئي.
ڏيان جنهنکي مان فرياد!
ڪريان ور ور توکي ياد!
۴. ڏنئہ پکين پسن کي پيار ،
لڏۓ دکين بکين جي سار،
هئين محبت جي موُرت.
تو نينهن جو وڄايو ناد،
ڪريان ور ور توکي ياد!
۵. منهنجي روح جو تون راڻو،
"**آشا**" تو بن ويڳاڻو،
مايوس آ من منهنجو.
ڪر دل جي بستي شاد!
ڪريان ور ور توکي ياد!

چيٽ جو ميلو

اچو تہ چيٽ جو ميلو ملهايون،
گيت گرن جا گڏجي ڳايون.

۱. امراپور تيرٿ استل آ،
گيان جي گنگا جو هت جل آ،
ست نام ساکي ڀيون لڳايون،
اچو تہ چيٽ جو ميلو ملهايون.

۲. ستگرو ٽيئونرام لاثاني،
راهہ ڏيکاريائو رب جي روحاني،
ست نام ساکي جپيون جپايون،
اچو تہ چيٽ جو ميلو ملهايون.

۳. ستگرو سروانند سونهارا،
گيان ڀڳتيءَ جا هئا ڀنڊارا،
اچو تہ تن جو ڌيان ڌيايون،
اچو تہ چيٽ جو ميلو ملهايون.

۴. ڪرم يوگي سوامي شانتي پرڪاش،
پريمين جي ڪيائون پوري آش،
اچو تہ تن جي سکيا هنڊايون،
اچو تہ چيٽ جو ميلو ملهايون.

۵. سوامي هرداسرام نام جپايو،
ست نام ساکي پاٺ پڙهايو،
اسين بہ نام سان نينهن لڳايون،
اچو تہ چيٽ جو ميلو ملهايون.

۶. سوامي ڀڳت پرڪاش يش ڦهلايو،
پيار ڏئي جن پنهنجو بڻايو،
”**آها**“ نام جي جوت جڳايون،
اچو تہ چيٽ جو ميلو ملهايون.

منهنجو ستگرو

منهنجو ستگرو هيو سونهارو،
جيڪو لکن دلين جو دلارو.

۱. اگيانين کي گيان ڏنائين،
سڀ کي نام جو دان ڏنائين،
سائين ڀڳتيءَ جو ڀنڊارو،
منهنجو ستگرو هيو سونهارو.

۲. دکڙا دکين جا دور ڪيائين،
خاليون جهوليون سڀ جون ڀريائين،
سدا پريمين جو هو سهارو،
منهنجو ستگرو هيو سونهارو.

۳. سنگت ساري تي جنم ملهائي،
''آها'' ٻيي گڻ گيت تو ڳائي،
ويو واهه جو وڄائي وارو،
منهنجو ستگرو هيو سونهارو.

ورهي سورٺو

روئندي گذري رات، ڏينهن جو پور پڇايان،
اکڙين مان برسات، سڄڻ سدا وسندي رهي.

سنت سخي آسودارام

سنت سخي آسودارام،
توکي وار وار پرڻام.

۱) توتي ستگر ٿيا راضي،
تو جڳ مان کٽي بازي،
ڪئي مهر سچي سترام،
سخي سنت آسودارام.

۲) تو پاتي اندر جهاتي،
لڌوَ لعلڻ سان لاتي،
تو جپيو جپايو نام،
سخي سنت آسودارام.

۳) تون سنت سچو منٺار،
ڏنو سيني کي تو پيار،
ڪئي ڪرپا ڀڳت ڪنوررام،
سخي سنت آسودارام.

۴) ڪئي ڳانين جي شيوا،
مليا مهر سندا ميوا،
گياني فرزند چانڊورام،
ڪري ''آها'' شيوا نشڪام،
سخي سنت آسودارام.

٧. ڪٿان ڪٿان جا پريمي آيا،
لايا تن جا ٿيا سڄايا،
''آها'' ڪير ۾ ڪنڊ ملايون،
اچو تہ چيٽ جو ميلو ملهايون.

چيٽي چنڊ

چيٽي چنڊ جو ڏينهن آ آيو،
لعل سائينءَ جو جنم ملهايو.
١. امرلعل جي جوت جڳايو،
جوت جڳائي پنجڙا ڳايو،
من جون مرادون پايو،
چيٽي چنڊ جو ڏينهن آ آيو.
٢. ڌرم رڪشا لاءِ پرگهٽ ٿيو،
مرک بادشاهہ کي سِڌو ڪيو،
لعل جي جئہ جئڪار منايو،
چيٽي چنڊ جو ڏينهن آ آيو.
٣. سنڌي آهيو سنڌي سڏايو،
سنڌي ٻولي کين پلايو،
سنڌيت جي دولت کي وڌايو،
چيٽي چنڊ جو ڏينهن آ آيو.
٤. دولهہ جي در جو ٻہ سوالي،
مور نہ موٽي ''آها'' خالي،
امرلعل جي مهما ڳايو،
چيٽي چنڊ جو ڏينهن آ آيو.

ويچار - ١٥١

دان ڪرڻ سان ڌن آ وڌندو،
کوهہ مان پاڻي ڪڍهن نہ کٽندو.

حسد

کنهن سان حسد نہ کر تون پيارا!
حسد مان تئي نقصان پيارا!

١) باھہ حسد جي کيئن نہ جلائي،
ماڻھوءَ کي بيمار بڻائي،
سندس تئي اپمان پيارا!

٢) حسد ماڻھوءَ جي ننڊ ڦٽائي،
پاڻُ کي پاڻُ سان تو ويڙهائي،
بڻجي تو شيطان پيارا!

٣) حسد واري جي صحت ڊهي تي،
من ۾ اشانتي سدا رهي تي،
آهي پسوءَ سمان پيارا!

٤) گرو ارجن کي پرتوءَ ستايو،
تنھ جي جڳھہ تي زهر لڳايو،
چندو بڻيو چنڊال پيارا!

٥) ''آشا'' حاسد بازي هارائي،
پريم واري جي جئہ جئہ آهي،
پريميءَ جو تي شان پيارا!

ويچار - ١٥٣

جو ٻين کي رنجائي،
ڪڏهن سک نہ پائي.

غزل

برهہ جي بيمار لئہ آهي نہ ٻي ڪائي دوا،
در فقيرن جي تون ويندين ملندءِ مٺا توکي شفا.
۱)نفس کي جن آ نهوڙيو، جيءُ جانب سان تن جوڙيو،
تنُ الله جو آ مڪان، تن کي نہ ڏي ڪائي جفا.
۲) درد واري دل ڪپي، دلبر کي تنهنجي اي مٺا!
نينهن ۾ غم کاءُ پهرين، پوءِ اٿي ڏاڍا نفعا.
۳) ڇڏ ٻيائيءَ کي تون ٻوڙي، ٿي سدائين خود شناس،
سي پرينءَ ڪان ٿيا پري، اندر نہ جن جو آ صفا.
۴) غم گوندر ٿي گُل پرينءَ جا، تون خوشيءَ سان ڪر قبول،
رب رضا تي رهہ تون، راضي مشڪل ڪُشا ٿي خُدا.
۵) بهشت سمجهي هن دنيا کي رُڃ پويان ڊوڙين پيو،
هن بي بقا جي باغ ۾ جيڪي ڏسين ٿو سو فنا.
۶) طلب رک ”آشا“ ڏٺيءَ جي اي وصل جا طالبوُ،
ڪين رک - ياري دنيا سان، يار سڀ ٿي بي وفا.

ويچار - ۱۵۲

ماتا پتا جي ڪري جو ٿو شيوا،
پريو تنهنتي پرسن مٺا ڏئي ٿو ميوا.

تنهنجو پيار

مونکي گهرجي تنهنجو پيار،
حب جو پايان توکي هار.

۱) چت ۾ چوراکوري آهي،
کڏهن ڏيندين ديدار!
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

۲) پل پل پور پچايان ويٺي،
کڏهن تون لهندين سار!
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

۳) کيئي ورهيه ورهه ۾ گذريا،
وصل جي واٽ واجهايان يار،
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

۴) لوڪن مان دل کين تي ڏاڍپي،
تون مل مون سان هکوار،
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

۵) تن جو تنبورو ويٺي وڄايان،
تون سان ڳنڍيل آ دل جي تار،
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

۶) منهنجي روح جو تون ئي راڻو،
”آشا“ در تنهنجي پينار،
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

منا محبوب

ديدار ڪندي منهنجي دل تي نري،
منا توکان سواءِ منهنجي ڪين سري.

١) تون پيار جو ساگر آهين اڇاڳ،
ڪير توکان سواءِ مونکي پيار ڪر.

٢) تنهنجو تصوُر مون لئہ وڏي نعمت،
تصوير تنهنجي اکڙين ۾ تري.

٣) تون ويجهو ونين ڪان آهين منا!
ست سمنڊ توڙي تون آهين پري.

٤) ڪيڏي سار سڄڻ سدا تون ٿو لهين،
احسان ڪڏهن نہ تنهنجو وسري.

٥) جنهن تي نينهن نوازش **انجلي** ڪرين،
تنهن جو "**آشا**" جهٽ ٿو وارو وري.

ويچار - ١٥٤

ستپرشن جو سنگ سکدائي،
مورکن جو سنگ آ دکدائي.

غزل

جي هيڏائين وات هلن ٿا،
تن جا پيارا! پيا ڳ ڪلن ٿا.

١) جن جي ڪنڌ ۾ آهه ڪلي،
آخر ۾ سي ڪري پون ٿا.

٢) سياٽپ سائينءَ وٽ نہ هلي ٿي،
اياڻا الله وٽ جلد اگهن ٿا.

٣) خودغرضيءَ جي ڪيپ ۾ ظالم،
جيري خاطر ٻڪري ڪهن ٿا.

٤) منڙا منڙا ٻول جنين جا،
سيني ڪي سي خوب وڻن ٿا.

٥) توڪل جي تُرهي ۾ چڙهن ٿا،
تن جا ٻيڙا ٻني لڱن ٿا.

٦) ڪنڌن جي وچ ۾ جي ”آها“،
گلاب جي گل جيان ٽڙن ٿا.

ويچار - ١٥٦

ڪيما وارو ڪٿي تو بازي،
ڏٽي بہ تنهن تي ٿئي تو راضي.

لک احسان

پريوءَ جا مهچ لک احسان،
ڳاءِ سدائين سندس گڻ گان.

۱) گهٽي تہ گذري باقي ٿوري،
ڏاتر کي ڏي پنهنجي ڏوري،
داتا ديالو آ دياوان،
پريوءَ جا مهچ لک احسان.

۲) سالم سني صحت ڏنائين،
پنهنجي پنداري مان تہ پريائين،
کيڏو کيائين شان ۽ مان،
پريوءَ جا مهچ لک احسان.

۳) واليءَ کي ''آشا'' نہ وسارج،
پيار ۽ نوُڙت ڏيرج ڌارج،
مهر کندو مالک مهروان،
پريوءَ جا مهچ لک احسان.

ويچار - ۱۵۵

درشنا ٿي تون ڏسندو رهہ،
کنهن کي پي کجھ کين کي چئہ.

سائينءَ کي سرچاءِ


چو نہ ڳڻ گوبند جا ڳائين تو!
پياري پريوءَ کي پرچائين تو!
١) سنساري سرچڻ جا ناهن،
چو نہ سائينءَ کي سرچائين تو!
٢) سواس ڏنا جنهن توکي اموليہ،
تنهن رب کي چو نہ ريجهائين تو!
٣) دنيا مان کجھہ کين وٺيندين،
تون ناحق نينهن اڙائين تو!
٤) لوڀ جي وس ۾ لوڀي منڙا،
چو کوڙا کرم کمائين تو؟
٥) مطلب جي آ دنيا داري،
چو سڀ کي پنهنجو ڀائين تو؟
٦) ڏکي ڏکي تون هرڻ جيان،
چو ويرٿ پاڻ ٿکائين تو!
٧) وات جي چسکي لاءِ تون پيارا،
چو گگدامن کي کھائين تو!
٨) کيئہ خطائون کيڏيون پيارا،
چو نہ خانوند کان بخشائين تو!
٩) قدم قدم تي توبھہ کر تون،
”آھا“ پلو پنهنجو جي چاهين.



پوجنيہ دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي ۽ پوجنيہ دادا جشن واسواڻي پياري ديال اشاکي آسيس ڪري رهيا آهن.



پوجنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ڪمل چرنن ۾ سندن پيارا سوامي ديوپرڪاش مهاراج ۽ پيارو ديال آشا. ستگرو مهاراج کين آسيس ڏيئي رهيا آهن.



پوجنيہ دادا جشن واسواڻي پياري ديال اشاکي آسيس جي پاکر پائيندي.



سوامي ديو پرڪاش مهاراج ديال 'آشا' سندس پتنيلاج کي ٦٠ جنمدن تي آشيرواد ڪري رهيا آهن.



سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج ديال 'آشا'کي پريم جي پاکر پائيندي. آسيس ڪري رهيا آهن.



سنت سخي آسودارام آشرم لکنؤ ۾ سنت سائين چانڊورام صاحب آسيس ڪندي. ڊاڪٽر ديال آشا سنتن جا آيار مڃيندي.



مهان ڪرميوگي سنت هردارام صاحب سان روح رهاڻ ڪندي ديال 'آشا'.